
سچ لھڻ ڪان پوءِ بہ...
ڪهاڻيون
منظور ڪوهيار

# سچ لِھڻ ڪان پوءِ بہ

(ڪھاڻيون)

## منظور ڪوھيار

ڊجيٽل ايڊيشن:

## سنڌ سلامت ڪتاب گھر

# سنڌ سلامت پارن :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر (215) اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب ”**سچ لهڻ ڪانپوءِ بہ** “ نامياري ليکڪ ۽ ڪهاڻيڪار **منظور ڪوهيار** جي ڪهاڻين جو مجموعو آهي.

افساني جي خمير ۾ ذاتي آدم جي حقيقت نگاري بدرجہ اتم موجود ٿئي ٿي.پر ساڳئي وقت حوا واري رومانويت بہ ڪيس حقيقي حسن بخشي ٿي. ڪلاسيڪل افساني جي اها صورت اسان کي منظور ڪوهيار جي افسانن ۾ با ضابطہ طور تي نظر اچي ٿي.

هي ڪتاب 1995ع ۾ نئون نياپو اڪيڊمي ڪراچي پاران ڇپايو ويو. اسان ٿورائتا آهيون انجنيئر عبد الوهاب سهتي صاحب جا جنهن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهہ وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وسان**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**

# فهرست


## ١ پيش لفظ

منظور ڪوهيار جي افسانن جي مجموعي تي هڪ نظر

ڪليم لاشاري

## ٢ ڪهاڻيون/ افسانہ

- عالي جناب جو استقبال
- انصاف
- ساڳ
- سچ لهڻ ڪان پوءِ بہ
- ورجاءُ
- بنيادي غلطي
- ناستڪ
- سياڻن جي شهر ۾ پاڳل ماڻهو
- وٺيل رئو
- ايڪسپلينيشن ڪال
- قصو هڪ بي بها نسخي جو
- زندگي
- نئين راند
- نازڪ ٿلهيءَ سستي ڪل

- ٻاڙ
- اندر جو آواز
- دوزخ جو ترو
- ٽيون سبب
- اسرندڙ زندگي نسرندڙ پيڙا

## ٣ پس لفظ

’سچ لهڻ ڪان پوءِ بہ‘جي ڪلچرل ڪهاڻيءَ جو جائزو

چندر ڪيسواڻي

# منظور ڪوهيار جي افسانن جي مجموعي تي هڪ نظر

## ڪليم لاشاري

افساني ڪي ننڍي ڪهاڻي يا short story سڏيو وڃي ٿو.علم وادب جي دنيا ۾ان جي اها ئي سڃاڻپ آهي. ننڍي ڪهاڻي نالي پوڻ سان ڪيس ڪو فائدو پهچي يا نہ پر هڪ نقصان ضرور پهتو آهي.گهڻا ماڻهو ننڍي ڪهاڻي سمجهي ان صنف جي حيثيت ڪي پڻ گهٽ وقت ڏيڻ جا روادار ٿيا آهن. ناول بيشڪ ادب جي هڪ تابنده صنف آهي، جنهن پنهنجي اندر لڪل سچائين ۽ ان سان لاڳو ٻين سببن ڪري دنيا ۾ لا محدود عزت ماڻي آهي. اڄوڪي دنيا جي معتبر ناول نگارن جي وقار جو مکيہ سبب انهن جي حقيقت نگاري جي بي انتها قوت آهي. هوئي سبب آهي تہ ناول جي ڇڙي هڪڙي خصوصيت ان ڪي حيران ڪندڙ حيثيت ڏياري آهي. ناول جي معجزاتي تاثر سبب اهو داستان ، قصي ۽ ڪٿا کان علحده ۽ ارفع شئي سمجهي وئي. انڪري ئي ان جو نالو نئين ۽ انوکي شئي يعني ناول پئجي ويو. ايئن جديد ادب جو ڏاڏو آدم پيدا ٿي پيو. پر جيئن روايت آهي ،تہ ڏاڏو آدم گهڻو وقت اڪيلو نہ رهيو.ان جي ڪاٻي پاسراٽيءَ مان ڏاڏي حوا افساني جي صورت ۾ پڻ تخليق ٿي. افساني جي خمير ۾ ڏاڏي آدم جي حقيقت نگاري بدرجہ اتم موجود ٿئي ٿي.پر ساڳئي وقت حوا واري رومانويت بہ ڪيس حقيقي حسن بخشي ٿي.

ڪلاسيڪل افساني جي اها صورت اسان ڪي منظور ڪوهيار جي افسانن ۾ با ضابطہ طور تي نظر اچي ٿي. اڄوڪي سنڌي افساني ۾ هونئن تہ منظر نگاري جي حوالي سان معياري نثر جي ڪوت هرگز ناهي. پر اهڙا ڪي چند افسانہ هوندا، جن ۾ بيان ۽ ڪلام نيٺ مقامي ۽ لاڳاپيل محاوري ۾ ادا ٿيل هجي. افساني جي زبان تہ سنئين سڌي سنڌي ڇٽبي، پر هر جڳهہ ۽ هر پاسي جي ٻوليءَ ۾ فرق ملي ٿو. نہ صرف ڳالهائڻ ۽ ادائگي ۾ فرق آهي،پر معنائن ۽ مفهومن جو ڦيرو بہ مزيدار آهي. هر هنر جو وکر پنهنجو،هر ڪرت جو استعارو جداگانہ ۽ هر شريعت ۽ طريقت جو محاورو يگانہ آهي.

جڏهن ڪهاڻي ڪنهن هڪ ماحول مان سرجي ٿي، تہ ان جي ٻولي پڻ ان ماحول مان ئي هئڻ گهرجي آهي.ڪوهيار جي اها قابليت رهي آهي تہ هن هر ماحول ڪي موزون زبان سان ادا ڪيو آهي. جڏهن اوڏن جي وسنديءَ ۾ ڪو واقعو جنم وٺي ٿو، تہ انهن جي سماج جي هڪ مڪمل تصوير آڏو اچي وڃي ٿي. اڳ ۾ بہ اسان وٽ ”اوڏ“ چند افسانن جا موضوع

ٻڌيا آهن. پر لاڳاپيل ٻولي ۽ ماحول جي حقيقي تصويرڪشي نہ هئڻ ڪري سندن سماجي تعلق ۽ اڻاويني مڙيئي اکين کان اوڏو رهي آهي.

”ساڌ“ ڪهاڻي انهن سيني پراڻن مثالن کان جدا هڪ اهڙي ڪوشش آهي ، جنهن جي پڙهڻ سان ان ۾ اهڙي ڪا بہ تشنگي نہ ٿي رهي. اوڏن جو اٺڻ ويهڻ کائڻ پيئڻ،سوئنسا يا وسوسا مطلب تہ سندن سماج جي پوري تصوير افساني جي پسمنظر ۾ رهي ٿي. انهيءَ فريم ورڪ ۾ ڪهاڻي پلجي وڌي ٿئي ٿي ۽ پنهنجو جوين ڏيکاري ٿي. حقيقت نگاري جو اهو اعلي مثال هڪ اعلي افساني ۾ ڪيئن ٿو ڍلجي اهو هڪ جداگانہ ڪمال آهي. هن افساني ۾ رومانيت جو دوآتشہ جذبو بہ سوڍي جي ڪردار ۾موجود آهي.جنهن جي ڪردار کي نهايت گهرائي سان پيش ڪيو ويو آهي.

ڪهاڻي ”سچ لهڻ کان پوءِ بہ“ ،ان درد جو عڪس آهي،جيڪو هر صاحب دل ۽اهل علم دنيا جي ناقدر شناسي تي محسوس ڪندو آهي. هي افسانو سماج جي مختلف حلقن ۽ انهن جي نمائنده ڪردارن جي تصوير پيش ڪندو وڃي پنهنجي مقصد تي پهچي ٿو. ان افساني جو خاتمو ڪنهن روايتي ڪلائيميڪس جيان ڪو cotrast يا تصوراتي ڪيفيت نٿو پيش ڪري، تنهن هوندي بہ ان جو تاثر ان کي هڪ ڪلاسڪ جو درجو ضرور عطا ڪري ٿو. افساني جي پڄاڻي ۾ ڪا نئين ڳالھ تہ ناهي. سائيٽ اٽينڊنٽ جي انهيءَ عادت جو ذڪر تہ اڳ ۾ ئي ٿيل آهي، جنهن ۾ٽينڊڙ بي قدرين تي سندس اندر جون رڙيون تہ هر پيرا گراف ڪانپوءِ ٻڌڻ ۾ اچن ٿيون. ظاهر آهي تہ پڄاڻي ڪنهن نئين ۽ انوکي situation تي ٽيڙ ڪپندي هئي. جيئن افسانويت جي سرڪي ملائڻ سان ئي افساني جي مزاج جو مزو چکي سگهجي ها.افساني نگار جي هنر جو هي رنگ حقيقت ۾ ڏسن وٽان آهي، جتي هو contrast سان نہ بلڪ اثبات / هائوڪار سان پنهنجي مقصد جي تائيد سان بندوبست ڪري ٿوءِ حيرت آهي تہ هو ان ۾ حد درجہ ڪامياب بہ ٿئي ٿو.

ايئن سماج جي مختلف حلقن مان سير ڪرائي ٿانيڪو ڪرڻ جي روش ادب ۾ ڪا نئين ناهي. والٽيئر ،سيمئول جانسن ۽ برناردشا جهڙن اعلي اديبن ۽ مدبرن ان ڏس ۾ دنيا کي شاهڪار ڏنا آهن. سندن تحريرن جو زور سماج جو tour de force رهيو آهي. پر منظورڪوهيار هت افساني جي هڪ ننڍڙي آڳر ۾ هڪ لطيف ڏيرج sublime humality سان، دنياوي طرح هڪ ڪمتر ڪردار ذريعي، بي علمي جهالت ،ارڏائپ شوخي ،بود ۽ تفخر جي ڏاڍ کي ڪلي ڪيڏڻ جو موقعو ڏيندي؛ان معمولي ڪردار جي ڏک ۽ بيوسي جي پيڙا پڙهندڙن تائين پهچائڻ جو ڪمال سرانجام ڏنو آهي. اهو ڏک اسان جي رڳن ۾ ان وقت

پيھجي وجي ٿو.جڏھن اھو معمولي شخص جھل، ضد، وڏائي ۽ طاقت جي اجگرن جي واتن مان نڪرندڙ باھ جي اُلن جي ڄر جو ساڙيل ھوندي بہ پنھنجي سچائيءَ سان سچو رھندي، ٿيل نقصان جي ازالي ۾ جنبجي وجي ٿو.ايتري قدر جو ڊيوٽي پوري ٿيڻ ڪانپوءِ بہ ھو من جي سچائي ڪي عمل جي سچائي ۾ ڊاري ٿو ڇڏي.

اسانجو سياسي نظام جن بنيادن تي ٻڌل آھي.انھن جو اسان جي اصل معاشرتي ڪيفيتن سان ڪو تعلق ناھي ھوندو. ھن فرضي اصولن تي ٺئي ٿيل نظام مان مخصوص طبقو فيضياب ٿي ٿيٺو آھي.اھا ھڪ اھڙي ڪليل حقيقت آھي، جنھن جو ادراڪ سماج جي علم رکندڙن کي ھوندو آھي . باقي سيئي نام نهاد پڙھيا لکيا جاھل سولائي سان گمانن ۽ خوش فھمي جو شڪار تي ويندا آھن ۽ ائين پاڻ کي خود فريبي ۾مبتلا رکڻ جو جوڳو انتظام ڪري ڇڏيندا آھن.

اديب جيئن تہ سماجي نفسيات کي ھڪ علم طور تي پڙھندو آھي.انڪري اڪثر انھيءَ جي نظر آڏو اھا حقيقت پنھنجي مختلف روپن ۾عيان ھوندي آھي. پنھنجي ان مشاھدي کي عام تائين پھچائڻ لاءِ ڪيي گمانن ۽ خوش فھمين جي اصل صورت ڏيکارڻ لاءِ، اھو پنھنجي تخليقي صلاحيتن کي استعمال ڪرڻ تي مجبور ٿيندو آھي. جيئن تہ عوام جي ھيڏي ساري اجتماعي طاقت کي سڌو سنئون غلط قرار يا سندن سياسي جذبن کي خام خيالي ۽ وھم سڏڻ جو ڪم ڏاڍو ڏکيو بلڪ ناممڪن آھي. تنھن ڪري اديب اھڙي ڳالھ ڪرڻ ڪان اڳ مزاج جي تير کي مُڇي ،ظرافت جي ڪمان تي چاڙھي ،پوءِ نشانو وٺندو آھي. اسان ڏٺوآھي تہ اديب ھميشہ سياسي دنيا جي شعبده بازن جي ڪاريگري تان پردو لاھڻ لاءِ satyre جو سھارو ورتو آھي. خاص طور تي مشرق ۾ ان ڪانسواءِ چاڙھو بہ ڪونھي. جتي رواداري ۽ درگذر اسان جي سرشت ۾ شامل ٿي ناھي. جتي علم کي سمجھ وڌائڻ بدران سمجھائڻ جو ھٿيار سمجھيو تو وجي. جت جھالت، ھينائين بجاءِ ھوڏ کي جنم ڏئي ٿي. ات اديب مزاح جي ھٿيار کي استعمال ڪري ٿو. سعادت حسن منٽو ھڪ نھايت بيباڪ اديب ٿي گذريو آھي. جنھن سماج جي ڏاڍ، گناھ، ڪدورت ۽ انساني فطرت جي ڪمزورين کي بيرحمي سان اگھاڙو ڪيو. پر جڏھن ڪيس سياسي عقيدن ، يقينن ۽ طريقن جوذڪرڪرڻو پئجي ويو يا جڏھن ڪيس انھن جي بدڪارين کي ٻڌائڻ لازم ٿيو تہ ھن بہ مزاح جو دڳ ورتو.

ڪھاڻي ” عالي جناب جي استقبال“ ۾، منظور ڪوھيار پڻ ظرافت جي لوئي اوڍي اقتدار جي وڏ ڏٽين ۽ سندن نيچ موقع پرست چيلن جي عمومي نفسيات جو درشن ڪرائڻ لاءِ اچي

موجود ٿئي ٿو. اها ڪهاڻي ان ڳالھ جي شاهد آهي، تہ آخر ۾ ليکڪ جو مزاح زهر خنده ٿيو وڃي. سندس لهجي جي تلخي ان ڳالھ جي شاهد آهي، تہ هاڻي اهو وقت جو گهٽو پري ناهي رهيو،جڏهن عام ماڻهن کان اهي ڏاڍايون وڌيڪ برداشت نہ ٿينديون.

اسان وٽ ڳوناٺو سماج ، ملڪي آبادي جو مکيہ حصو آهي. ان ۾ جاگيردارانہ سماج جا اهي قدر جيڪي ڏاڍ ۽ زبردستي تي ٻڌل آهن، سي اسان جي پوري ۽ معتبر معاشري کي بدبودار ۽ ڌڪيو ڪري ڇڏين ٿا. پوءِ اهڙوسماج ٻڻجي ٿو، جنهن ۾ ڪمزور تي ڏاڍي کي خوش ٿيڻ جو موقعو ملي وڃي ٿو. جنهن ۾ غريبي تي اميري ناچ ڪندي نظر اچي ٿي. جنهن ۾ معصوميت تي درندگي پروان چڙهي ٿي. جنهن ۾ بيوسي تي وس جو اوج هلي ٿو. جنهن ۾ عزت آساني سان پائمال تي پلوان جو ناموس ٻڻجي ٿي. جنهن ۾ حق جي پوئيواري نہ هئڻ ڪري ناحق ڪٿي وڃي ٿو. اهڙي فيوڊل سماج ۾انصاف هڪ جداگانہ شئي ٻڻجي وڃي ٿو .ان معاملي کي سمجهڻ لاءِ اسان کي ”ڪوهيار“ جي ڪچهري ۾ هلڻو پوندو. ڪهاڻي ”انصاف“ هڪ اهڙي مدي خارج سماجي نظام جي قدرن واري ڪردارن جي عڪاسي آهي. جنهن وسيلي اسان کي جاگيردارانہ سماج جي اوڻاين پوڻاين کي سمجهڻ ۾ مدد ملي ٿي.

جنسي حوالي سان روا بندشون ،عام صحتمند رجحانن جي پيداوار ۾ رڪاوٽ آهن. نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ غير معمولي افعالن sexual perversions جو ذڪر ڪيترن افسانن جو موضوع رهيو آهي. منظور ڪوهيار جو افسانو ”ٽيون سبب“ ان موضوع تي هڪ ڀرپور افسانو آهي. جنهن جي بي انتها حقيقي سيٽ set تي جيئري جاڳندي زندگي ۾ اسان جي اکين آڏو ،اها منظر نگاري سامهون اچي ٿي. جنهن مان غير صحتمند جنسي رجحانن جي خمير جي خبر پوي ٿي،بلڪ يقين ٿيڻ لڳي ٿو تہ اِصلاح احوال لاءِ اسان وٽ اڃا تائين ڪو جوڳو انتظام بہ نہ ٿي سگهيوآهي . ان افساني جي ٻولي، ماحول جي ڪيفيت کي وڌي سولائي سان سمجهڻ لائق ٻڻائي ٿي. لڳي ٿو تہ ”جهانِ گم گشتہ“ جي هڪ صورت اکين آڏو اچي بيٺي آهي. اڄوڪن پڙهيلن لاءِ مدرسو هڪ نئين ڳالھ آهي. پر ڪوهيار مدرسي جي ماحول ۽ ان جي شب و روز جو ذڪر نفيسsubtle مزاح ۽ رواني سان ڪري ٿو،جيڪي سندس هنر ۽ علم جو ڏاڪو ويهارڻ لاءِ ڪافي آهي.

تازو شايع ٿيل ڪهاڻين جو مجموعو ”سچ لهڻ ڪانپوءِ“ سنڌي ادب ۾ هڪ قابل قدر اضافو آهي.اهو جيتوڻيڪ ”منظور ڪوهيار“ جو پهريون مجموعو آهي.پر هنري بالغ نظري ۽ مشاهدي جي جامعيت جي لحاظ کان”اڳلن“ کان اڳرو ۽ ”ڏاڍن“ کان ڏاڍو آهي.

منظور ڪوهيار پاڻ تعليم ۾ ڪرت جي لحاظ کان سماجي علم جو ماهر چئجي. هن يونيورسٽي ۽ عام زندگي ۾ هميشہ سماج جو مطالعو جاري رکيو. هن فرد جي عمل کي سماجي روين جي ڪسوٽي تي پرکيو آهي ۽ سماجي چرخي کي فرد جي ٻل تي ڦرندي جاچيو آهي. هو سماجيات جي ماهرن جي نظريئ کي ،ماڻهن جي لوڏ ۽ روين ۾ ڳولي ڪڍي ٿو.اهڙي طرح هن جون ادبي ڪاوشون پڙهندڙن کي گهري نظر عطا ڪن ٿيون.
لکت ۾ محنت جو قائل هي اديب ادب کي امير ۽ ٻولي کي سرهو ڪندو نظر اچي ٿو.اميد تہ ڳوناٽي زندگي سان سندس ويجهڙائپ اسان جي ٻولي کي روايتي رستن کان ٻهراڙي جي انيڪ پيچرن تي وٺي ويندي، جنهن جي نتيجي ۾ ڪرت ۽ احساس جي ترجماني جو هڪ نئون بندوبست ممڪن ٿي ويندو.

(چپيل روزاني عوامي آواز چنچر ٣ فبروري ١٩٩٦ )

# عالي جناب جو استقبال

شهر عجيب ٿرٿلي ۽ ڪهرام ۾ ورتل هيو. شهر جي سرڪردن ۽ نگهبانن جي ننڊ حرام ٿي چڪي هئي. آفيسر اُڻ تُڻ ۽ ڳڻتيءَ وچان بندش پيل شراب ڏوگهي رهيا هيا. چئوطرف افراتفري هئي، تہ خبر ناهي ڪم ڪيئن ٿيندو؟

چو تہ اڄ ملڪ جي عالي مرتبت، عالي جناب، فخرِ جمهوريت، هڏ ڏوکي، همدرد، هردلعزيز، غريب پرور ۽ محبوب اڳواڻ جي آمد هئي. هر قسم جو اڳواٽ ئي اعلي انتظام ٿيل هيو. ٽي ڏيهاڙا اڳ سرڪاري ۽ خانگي بسون ۽ ويگنيون ٿاڻن تي جمع ڪرايون ويون هيون. سرڪاري ملازمن جون موڪلون رد ٿي چڪيون هيون. ايستائين جو اڄ سرڪاري طور تي، ڪنهن کي مرڻ جي اجازت بہ ڪونہ هئي. سيني سرڪاري ملازمن کي سرڪاري عهديدارن طرفان پروانا ملي چڪا هيا، تہ پنهنجن سمورن نمڪ حرام ۽ نمڪ حلال اسٽاف سان گڏ اسٽيڊيم جي وسيع ميدان تي جمع ٿين . شهر جي خوشامدي ۽ برآمدي ماڻهن پنهنجن گوڏن کي تيل هڻي ۽ نڙين کي لوڻ جي گرڙين سان سٺو ۽ صاف ڪري ، پنهنجن کيسن ۾ عرضداشتون ۽ درخواستون رکي ڇڏيون هيون،تہ جيئن بر وقت خدمتِ اقدس ۾ پيش ڪري نوٽ هٽائي ڇڏين . بي رحم ۽ سفاڪ مقامي سردارَ ۽ اڳواڻ پنهنجين ڪرڙين اکين ۾ مصنوعي چمڪ ۽ لبن تي مڪاريءَ سان پريل معصوم مرڪ سجايون آرام ڪرسين تي ٽيڪيل هيا. سندن اشارن تي، جُوءِ جي لانڙين راڄ جي ماڻهن کي صبوح کان اسٽيڊيم ۾ آڻي واڙي ڇڏيو هيو. ٻهراڙيءَ مان آيل ماڻهن بک ۽ بيزاري مان بيني اهڙيون حرڪتون پئي ڪيون، جيڪي شهر جي مهذب ماڻهن کي ناگوار پئي لڳيون . شهري ماڻهو وقت ڪاٽڻ لاءِ گهمندڙ ڦرندڙ گهورڙين کان پڪوڙا ۽ پاپڙ وٺي گذارن ڪري رهي هيا. موت ۾ ٻهراڙيءَ جي مجبور ماڻهن کين حقارت سان پئي ڏٺو ۽ هَڏي پيٽ جي تلاش ۾ هيڏانهن هوڏانهن لوءٽا پئي ڦيرايا. جلسي گاهہ جو پنڊال خصوصي طور شهر جي چالاڪ ۽ حسين عورتن سان سجايو ويو هيو، جيڪي ذهني ۽ جسماني طور تي، معزز مهمانن جي استقبال لاءِ مخصوص صوفن تي آتيون وينيون هيون. بيشمار اجايل ، بکايل نظرون، سندن وارن جي چوٽين ۾ لڳل رنگين ڪاٽن ڪان وٺي چمڪندڙ سينڊلن جي ڇهنبيارين ڪڙين تائين ڪنهن چور جيان ڇهتيل هيون.

ظاهر ۾جلسي گاهہ جو سمورو انتظام مڪمل پئي لڳو، پر پوءِ بہ اسٽيڊيم جو وسيع ميدان جيڪو اندازن ڏهن ايڪڙن جي ايراضي تي مشتمل هيو، نہ پرجي سگهيوهيو. عام ماڻهوءَ

جو رد عمل انتهائي غير متوقع ۽ مايوس ڪندڙ هيو. ايئن محسوس ٿي رهيو هيو، تہ ڄڻ هو سياسي کيل تماشي کان تنگ اچي چڪا هيا. هنن کي ڄڻ احساس ٿي ويو هيو تہ ڪجھہ بہ نہ ٿيندو . هاڻي بہ ايئن ئي ٿيندو، جيئن ٿيندو آيو آهي. شهر جي بلديہ عظمي جو نام نهاد اڳواڻ حد کان وڌيڪ پريشان هيو. پيڙا ۽ نحوست سندس منهن تان بنپ ڏيئي نڪري رهي هئي، چو تہ هن ئي شهر جي وڏي اسٽيڊيم ۾ جلسي جي تجويز ڏني هئي. بهار جي موسم ۽ خوشگوار جُهڙالي ڏينهن جي باوجود، شهر جي منتظم اعلي جي لونڊڙين مان پگھر لار ڪري وهي رهيو هيو. شهر جونگهبانِ اعلي گهٽي پيئڻ ڪري هر هر بيت الخلا ڏانهن پئي ويو. هنگامي ميٽنگ ۾ شهر جا سيپيئي سرڪرده ان ڳالھ تي متفق ٿيا، تہ ايئن ڪرڻ گهرجي جيئن ڪيو ويندو آهي. عوام کي بنان ڪنهن امتياز جي رڍن جي ڌڻ وانگر هڪلي ميدان ۾ واڙجي، چو تہ سندن نظرن ۾ عوام ۽ رڍن ۾ اصولي طور تي ڪوبہ فرق ناهي هوندو.

حاڪمن جو حڪم ٿي ويو. حڪم جا بندا شهر جي چوڌاري پکڙجي ويا ۽ خدا جا بندا ٻُج ٻُج تي ڪنا ٿيڻ لڳا. جنهن کي جتان، جهڙي عمر جو ماڻهو مليو، پڪڙي جڪڙي پهچاياءون. پر ميدان اجا 'هل من مزيد!' چئي رهيو هيو. اسٽيڊيم جو ميدان نہ پرجڻ ڪري حڪم جا بندا هميشہ وانگر خسيس پٽي ۽ چتائپ تي لهي آيا هيا. اخلاق ۽ شهر جون حدون اورانگهيندي هر ڪمي ڪاري ايندڙ ويندڙ واٽهڙوءَ کي جهلي پهچائڻ لڳا.....

ائين هو بہ جهلجي پيو..... سندس گهر شهر جي حدن کان ٻاهر، شاهراہ لڳ ، ڪچي آباديءَ کان بہ وڌيڪ پنتي پيل ڳوٺ ۾ هيو. ان وقت هن پنج هزار سال پراڻي ڊيل ڊوءل واري ڏاند گاڏيءَ جي سرائي پئي مُچي، تہ اوچتو پيٽ ۾ وڪڙ پئجي ويس. وڪڙ جو سبب ڳوٺ جي ڪامن مان ماري ڪاڌل ڄرڪيون يا شاڪرُ هيا . پيٽ جي وڪڙ کي سڌي ڪرڻ لاءِ هن واهولو اڇلي، اندس هاءِ واروشاهي روڊ پار ڪري، اوڏانهن تيزيءَ سان رخ رکيو ، جيڏانهن ڳوٺ جا هڙيئي مرد جهنگ جي خيال سان اَکن ۽ ڪبڙن کي پاڻ ڏيندا آهن. هو هر گز نہ بيهي ها، جيڪڏهن سندس نظر پنيي ڏاڙهي واري پوليس واري تي نہ پوي ها، جنهن ڪيس هلندڙ پوليس ٽرڪ مان بيهڻ لاءِ سختيءَ سان اشارو ڪيو هيو. پوليس وارو هيبت ۽ دهشت ۾ خوفناڪ پئي لڳو. هو جيئن ئي بيٺو ، کيس پوليس ٽرڪ ۾ چڙهڻ لاءِ چيو ويو. ٽرڪ ۾ اَٺ ماڻهو اڳيئي پڪڙي ويهاريا ويا هيا. هن ٻڌائڻ ضروري سمجهيو:

"سائين ، مان جهنگ جي خيال سان ....."

ڪهوءَ جي لٺ هڪدم اُپي تي ۽ سندس پنو سيڪاڄجي ويو. هو خوف وچان ٽرڪ ۾ چڙهي

پيو، ۽ پوءِ ٻڌائيندي پڇڻ لڳو:
سائين، مان غريب سومر واڍو آهيان ..... مون کي ڪيڏانهن تا وٺي وڃو؟"
"توکي جلسي گاهہ ۾ وٺي تا هلئون ، جتي شهر جي غريبن کي هلي وطن دوستيءَ جو ثبوت ڏيڻو آهي، "، هڪ پوليس جمعدار طنزيہ انداز ۾ کيس جواب ڏنو.
"پر سائين مان تہ جهنگ جي خيال سان.... "، کيس پٺي وارو وري زورائتو ڪنداق لڳو ۽ هو ٻين خدا جي ٻندن سان گڏ هيٺ ويهي رهيو. جلسي گاهہ ۾ پهچڻ تائين هن ٻڙڪ بہ نہ ڪڇي . مار جي خوف کان پيٽ جو وڪڙ جڻ سندس هيانءَ تي چڙهي ويو. هاڪي اسٽيڊيم جو وشال ميدان ، نگهبان اعلي جي حڪمت عمليءَ سان مُنوڪن ڀرجي چڪو هيو. شهر جي پيرسن ۽ انتهائي غليظ صورت ۽ سيرت واري مقامي سياستدان، سازشي انداز ۾سس پس ڪري منتظمِ اعلي ۽ بلديہ عظمي جي اڳواڻ کي صلاح ڏني تہ هاڻي عالي مرتبت جي آمد ٿيڻ گهرجي جو اوندهہ ٿيڻ واري آهي. سيٺي ان راءِ کي مناسب قرار ڏنو ۽ عالي مرتبت جي وقتي رهائش گاهہ ڏانهن هڪدم پيغام اماڻيو ويو . عالي مرتبت جي آمد کان اڳ مخصوص روڊرستا سخت چوڪسي هيٺ اچي ويا. ايرو غيرو نٿو خيرو، هر هڪ پنهنجي جاءِ تي پٿر ٿي ويو.ايستائين جو ايمرجنسي ۾ ايندڙ ويندڙ ايمبولنس گاڏيون بہ بيهجي ويون ۽ انهن ۾ اندر پيل مريض آخري ساهہ ڪٽندي ڏکن واري زندگيءَ کان نجات حاصل ڪندا ۽ پر سڪون ٿيندا پئي ويا. عالي مرتبت سائرن جي انتهائي تيز آواز ۽ گاڏين جي زوڪاٽن سان، اجائي شور ۽ نعرن جي غوغاءَ ۾ پنڊال تائين پهچي چڪو هيو. جتي معصوم گلن جهڙن ٻارڙن، پنهنجن ٻگهڙ ۽ لومڙ صفت وڏن جي چوڻ تي عالي مرتبت کي بہ گلدستا پيش ڪيا ۽ ٻارڙا ان ڳالهہ کان قطعي بي خبر رهيا، تہ سندن والدين ڪين مستقبل جو منافق ۽ رياڪار ٻڻائڻ چاهن تا.
اسٽيج تي،مائيڪ ۾ منهن هڻي ملڪ جي بدنام ۽ وقت جي حاڪمن جي منظورِنظر ڪمپيئر پيٽ ڊوائي ۾ پنهنجي رعبدار آواز سان نعرا پئي هڻايا:
"عالي مرتبت! ..... عالي جناب!؟...."
اڳيان ويٺل سرڪاري ۽ غير سرڪاري نمڪ خوارن، سدابهار چمچن ۽ پارٽي جي پگهاردار ڪارڪنن پاڻ ڦاڙي نعرا پئي هنيا:
"زنده آباد!...زنده باد!...."
پر پنيان، بالڪل پنيان عام ماڻهن وٽان مناسب موٽ نہ پئي آئي: جنهن کي ڏسي ڪمپيئر پريشان ٿي ويو:

”هي غريب پرور جو جلسو آ، پنيان زور سان جواب اچڻ گهرجي ، خاص ڪري غريبن طرفان!.....“، ڪمپيئر ڏک ، شڪايت ۽ ڌمڪي آميز لهجي ۾ چيو ۽ پوءِ نعري کي جڻ قتاڪي وانگر هوا ۾ ڦٽو ڪيو:
”عالي مرتبت!؟“
عام ماڻهن جي پنيان بينل سپاهين جون لنيون اُڀيون ٿي ويون ۽ پوءِ زٽڪ !زٽڪ! جي آواز تي دلخراش نعرا بلند ٿيا:
”زنده آباد!..زنده آباد ..زنده آباد!“
سومر واڍي لٺ ڪائيندي به نعرو نه هنيو. ٻيو دفعو جڏهن اهڙو موقعو آيو، ته هن احتياط کان کم وننڊي ڏند پڪوڙي ڇڏيا ، ڇو ته ان مهل ڪيس پيٽ ۾ سخت وڪڙ پئجي چڪو هيو. ڪيس پڻو هيو ته متان ’زنده آباد!‘ چوڻ ڪري، وڪڙ کلي نه پوي ۽ سندس رهي سهي عزت ماڻهن جي وچ ۾ خاڪ نه ٿي وڃي. هو سختي سان پاڻ روڪيو بينو رهيو، پنيان بينل انتهائي فرض شناس پوليس واري سندس ڪوتاهي پڪڙي ورتي هئي. ڪمپيئر نعرا هٽائڻ ڪانپوءِ بلديه عظمي جي اڳواڻ کي نيند ڏني ته هو عالي مرتبت جي خدمتِ اقدس ۾ باادب آجياڻو پيش ڪري. بلديه عظمي جو اڳواڻ پنهنجي لڪيل تقرير پڙهڻ لڳو، جيڪا شهر جي مشهور چاپلوس، چالاڪ ۽ هميشه بيمار رهندڙ اديب کان لڪرائي وئي هئي. هن لفظن جي عجيب ڦير گهير سان عالي مرتبت جي آمد کي شهر جي ايندڙ نسلن تي احسان ڄاڻايو ۽ ان کان پوءِ شهر جي نه کٽندڙ مسئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ هڪ وڏي رقم جو مطالبو ڪيو. ان ۾ اهو خرچ به شامل هيو، جيڪو بلديه عظمي جي اڳواڻ، عالي مرتبت جي آمد تي هر طرح جي ڪاڌ خوراڪ سان ڳڏوگڏ جهنڊين، اشتهارن،وڏين گيٽن،گاڏين جي پيٽرول، رستن تي هاريل اجائي چوني ۽ اهڙين تصويرن يا بينرن تي خرچ ڪيو هيو، جنهن ۾ عالي مرتبت جو گنجو مٿو سياه وارن سان ۽ سياه ڪرتوت سونهري ڪارنامن سان ڍڪيل هيا.
عالي مرتبت خوشامدانه ۽ انتهائي لالچ سان ڀريل حجت واري تقرير ٻڌڻ کان پوءِ اندازو ڪري چڪو هيو، ته هن پنهنجي حيثيت کان تمام وڏي صدا هنئي آهي. جنهن جو حق صرف رياست جي مخصوص اداري جي سربراه کي هوندو آهي، جنهن جي ٽيڪ ۽ سهاري ڪانسواءِ حڪومت نه هلي سگهندي آهي.
جڏهن ڪمپيئر، عالي مرتبت کي لازوال،لاريب، لافاني ۽ لاجواب خطابن سان نوازي، سمونڊ وانگر ڇوليون هڻندڙ بي قرار عوام کي خطاب ڪرڻ لاءِ چيو، ته ڪيترو وقت عالي مرتبت نعرن ، تاڙين ۽ هُوڪرن جي ڪري لڪيل تقرير جي شروعات نه ڪري سگهيو. ۽

اھو سوچي مرڪندو رھيو، تہ سندس ملڪ جا ماڻھو ڪيترا نہ ويسارا، ويچارا ۽ درگذر ڪرڻ وارا آھن. عالي مرتبت پھريائين تہ لکيل تقرير تحت ماڻھن جي پاران مرادي اچڻ جو شڪريو ادا ڪيو. سندن صبر، انتظار، حب الوطني ۽ ايمان، شرافت ۽ ساڻس دل لڳيءَ جو داد ڏنو .پوءِ پنھنجي مخالفن کي ڏاڍي مھذب انداز ۾ ست سريون ٻڌايون ۽ جيڪي پريس جي سنجيده ۽ شرارتي صحافين پوري ايمانداريءَ يا بي ايماني سان نوٽ پئي ڪيون. جڏھن لکيل تقرير کي ڇڏي، في البديھ انداز ۾ ھن ملڪ جي موجوده اقتصادي صورت حال جي باري ۾ ٻڌايو، تہ مقامي اڳواڻن ۽ سردارن جا مايوسيءَوچان منھن جا پنا لھي ويا. پر جڏھن خوش آئنده اقتصادي صورت حال جي تصوير ڪشي ڪيائين، تہ سڀن جي وات مان خيالي گگ ڳڙڻ شروع ٿي وئي. اھو رد عمل ڏسي عالي مرتبت کي نھايت خوشي ٿي. ھن کي اعتماد ٿيڻ لڳو، تہ ملڪ جي سياسي جھنگ جو، ھو ھڪ بھترين جوڳي آھي، جيڪو تقرير جي مرليءَ تي سماج جي عام جيت جڻين ڪان ونئي، مخصوص نانگن ۽ بلائن کي بہ رُلائي يا ريجھائي سگھي ٿو.

پوءِ عالي مرتبت ۽ بلديہ عظمي جي اڳواڻ کي تقريري جواب ۾دم دلاسا ڏنئي، سندس مڙني مطالبن کي رد ڪري ڇڏيو، سواءِ ھڪ اڌ مطالبي جي. بلديہ عظمي جي اڳواڻ کي ايئن لڳو ۽ جڻ سوءِ رپئي جي صدا ھڻڻ واري فقير جي جھوليءَ ۾ کوٽو پئسو اڇلايو ويو ھجي. ان جو اندازو عام ماڻھن کي تہ نہ ٿيو، تہ بلديہ عظمي جي اڳواڻ جو چھرو بي رونق ۽ بي رخو ٿي ويو آھي. البت بلديہ عظمي جي مڙني ملازمن کي احساس ٿي چڪو ھيو، تہ ھاڻي کين ٽي مھينا پگھار نہ ملندي ۽ ان عرصي دوران ھنن کي ترِن يعني عام ماڻھن مان تيل ڪڍڻو پوندو. مصيبت جي ماريل پنگين کي نسل در نسل ٿيندڙ زيادتين جي مشاھدي مان اندازو ٿي چڪو ھيو، تہ کين گھٽ ۾ گھٽ ڇھ مھينا پگھارون نہ ملنديون. پيٽ جي دوزخ پرڻ لاءِ کين ۽ سندن عورتن کي ڪيترين ئي ذلتن واري مرحلي مان گذرڻو پوندو.

ھاڻي عالي مرتبت ۽ ھوش ۽ ڏيرج مان نڪري پوري جوش ۾ اچي چڪو ھيو، جو تہ سندس تقرير جو اھو آخري حصو غريبن لاءِ مخصوص ھيو:

”آءُ ھاڻي غريبن کي صاف لفظن ۾ ٻڌائڻ ٿو چاھيان، تہ ھن ملڪ جا غريب ھر طرح جي ظلم کان آزاد آھن، اُھو .. اھو وقت گذري ويو، جڏھن غريبن تي ظلم ٿيندو ھيو ۽ غريب سھندو ھيو. ھاڻي، جنھن بہ ظالم ڪنھن غريب تي آڱر اُيي ڪئي، تہ اھا آڱر وڍي ويندي. جنھن ھٿ کنيو، اھو ھٿ ڪپيو ويندو ... جو تہ ھاڻي آءُ توھان جو خادم ھن ملڪ جو سربراہ آھيان ...... توھان جودوست آھيان .....بس اوھان جي سڏڻ جي دير آھي.....ايئن سمجھو تہ ھر

وقت توهان سان ساڻ آهيان!“ ، عالي مرتبت هڪ ساهي ۾ تقرير جو آخري حصو پورو ڪندي ڳاڙهو ٿي ويو.

اهڙا جوشيلا ۽ هوش خطا ڪندڙ جملا ٻڌي ، سومر بہ جذباتي ٿي ويو. پنڊال مان زوردار نعرا لڳڻ شروع ٿيا:

”قدم وڌايو دوستو!..... همدرد توهان سان ساڻ آ..... غريب پرور، عالي وقار ۽ عالي مرتبت!!!.....“

”زنده آباد!..... زنده آباد...“، هاڻي سومر واڌي ، ظالم ڪان ٿڌي تي پلئہ ڪرڻ جي جذبي تحت، پنيان بيٺل سپاهي کي حقارت سان گهوريندي نعرن جا دل کولي جواب ڏيڻ شروع ڪيا. جيتوڻيڪ سندس پيٽ ۾ سخت احتجاجي مروڙ شروع ٿي چڪا هيا ۽ ڳالهہ سندس وس کان ٻاهر ٿيندي پئي وئي .هو تڪليف سهندي بہ نعرن ۾شريڪ هيو.اڄ هن کي پهريون دفعو ظلم کان نجات جو احساس ٿيو هيو. وڏي ڳالهہ تہ نجات ڏيندڙ ملڪ جوسربراه ۽ غريبن جو دوست هيو .....

جيئن ئي عالي مرتبت نعرن جي گونج ۾ اسٽيج تان لٿو، تہ پنيان سپاهيءَ جو هٿ سومر واڌي جي گريبان ۾ پئجي ويو،”تون ، اڙي! مون کي ٻلي وانگر گهوريندي نعرا ڇو پئي هنيا؟“

”هٽندس!..... تون ڇا ڪندين!؟“ ،سومر همت ڪري سپاهيءَ کي هُڏي ڏني ۽ سٽ ڏئي گريبان ڇڏايو.

”ڇا ڪندس؟..... ڇگو ٻڌايانءِ تو !.....“ ، ائين چئي هن ٻين سپاهين کي سومر ڏانهن اشارو ڪندي ٻچ ڏني ، ”اڙي ، هي لوگهو! وري مون کي اکيون ٿو ڏيکاري !..... ونوس تہ.....“

مڃريل سپاهين جون لنيون هڪ ئي وقت اُپيون ٿيون، سومرواڌي کي ورائي ويون . انهيءَ دوران هن عالي مرتبت کي ڏاڍا سڏ ڪيا ۽ نجات لاءِ ٻاڏايو. جڏهن ڪا موٽ نہ ملي، تہ ڪيس پڪ ٿي وئي تہ هاڻي داد رسي نہ ٿيندي. تڏهن هن بي وسيءَ ۾ سختيءَ سان جهليل پيٽ جو وڪڙو ڍرو ڪري ڇڏيو......

# انصاف

وڏڙا ڳالهہ ڪندا آهن تہ اڳي راجوٽا فيصلا تيندا هئا. فيصلا ائين تيندا هئا جڻ مکڻ مان وار نڪري ويو. وڏيرا وڏ ڏٽي ڪنهن ڊر جي ماني نہ ڪائيندا هئا. ٻنهي ڌرين جون ڳالهيون ڪن ڏئي ٻڌندا هئا. پڪڙ پڇاڙ ۽ آڏا سوال اهڙا ڪندا هئا، جو ڪير جو ڪيرءَ پاڻيءَ جو پاڻي ٿي ويندو هو. سچ وارو نچندو هو، ڪوڙ جي منهن ۾ ڌوڙ هوندي هئي.
سچ ڪوڙ وڏن جي ڪاتي ۾، پاڻ بہ پوٽارن جا انصاف اکين ڏٺاسين، ڪنين سئاسين.....
هرو پرو ننڍا نيٺا پاڻ بہ ناهيون ۽ نہ وري واتان ڪير ٿو ڳڙي..... مرحيات پوٽار ڪي الله جنت نصيب ڪري، نالو نہ ڪٽبو، پنهنجو مٺ پاڻ هو. هن کي قدرت ڏات اهڙي ڏني هئي جو چوريءَ ڪان اڳ چور پڪڙيندو هو، ڏاڙي ڪان اڳ ڏاڙيل سُڪ ۾ زيان ڪرڻ ڪان اڳ، زيان خور سوگهو .... مون بہ جڏهن سندس اهڙو انصاف ڏٺو هو تہ مرحيات جي ان وقت عمر سانيڪو سال ڪن هئي، پر دل جوان هيس. هيشہ تر مارينده هو، پَرَ جي اوڏو ئي ڪو نہ .....
اوچتو ڪنهن ٿُنگر ٻڌايس تہ ميري ڪنير جي گهر ۾ چوري ناهي، پر جهڙو پبڻ جي ڏوڏيءَ جو ڪچو گورو. پوٽار جيڪو سجو ڏينهن مصلي تي پيو عاقبت سنواريندو هو، تنهن هڪدم حڪيم علي مراد کي گهرائي چيو، ”وارو ڪر، ڪا درد جي دوا ڪر، جو وات پاڻي پاڻي ٿو ٿئي!“
حڪيم علي مراد پنهنجي منهن تي ٻئي چنبا هڻندي چيو، ”مان سائين، ڪهڙو منهن ڪارو ڪيان! اهڙي دوا ڪاڏهن آڻيان، جو جوانيءَ جا جوهر ڏيکاريو..... هڪ عمر اها ڪونہ، ٻيو ڊيابيطس جي بيماري، ٽيون اختلاج القلب!..ٻڌايو تہ ڇا ڪيان؟....“
پر پوٽار هڪ نہ ٻڌس، پيار ۽ ڌمڪي گاڏڙ لهجي ۾ چيائينس، ”استادي استاد جي، استادي لقمان حڪيم جي چئي متو ڪٿو ڏي!.. پر جي ڪاميابي نہ ٿي ،تہ پاڻ کي جيئري گڏه جي پيٽ ۾ سمجهہ!“
حڪيم پنهنجي ڪم سان لڳو، پوٽار پنهنجي ڪم سان .....ميري ڪنير جو گهر ، مسجد شريف جي پر ۾هيو....پوٽار جي بہ مسجد شريف ۾ پنجئي وقت نماز سانگي اچ وڃ ٿيڻ لڳي. گهڻن سادن سودن ماڻهن ائين پئي سمجهيو تہ پوٽار جي پڇاڙيءَ جو پهر آهي، متان گناهہ بخشرائيندو هجي . پر ڳوٺ جون زائفون ان معاملي ۾ تيز هيون، تن

سمجهي ورتو هو تہ اهو ڳڙو ميري ڪنير جي گهر ڪرندو.
هڪ ڏينهن پوتار ٽيهري نماز لاءِ لانگهائو ٿيو. ڏٺائين تہ ميري ڪنير جي گهر ۾ ڪاريءَ وارا ڪڪ . البت، گهر ۾ هڪ گڏهہ وڏي بي حيائيءَ ۽ بي شرمي سان پسار پئي ڪيا....اها بدشگوني ڏسي پوتارڪي ڪاوڙ ڪر ڪنيو.....نماز ئي نہ پڙهيائين، اُتائين موٽ ڪاڏائين... پنهي نوڪرن سوني ۽ صابوءَ کي هڪدم حڪم ٿيو، تہ ميرو ڪنير حاضر ٿئي ..... سومهڻيءَ ڪانپوءِ، ميرو ڪنير اوطاق ۾ حاضر ٿيو .....ويڙهن جا چڱا مڙس وينا.... پوتارڪي عدالت لڳي ..... سوال جواب شروع ٿي ويا:
”اڙي احوال ڪر معتبر ڪاٿي هئين؟“
”سائين جي بادشاهيءَ جو خير! ..... پوتار ! اڄ هئي ڏيئڙيءَ جي شادي، وڏي ياءُ جي پٽ سان. سو الله توهان کي نيڪي ڏئي، ويا هياسي اباڻي ڳوٺ پيري ديري .....مٺ مائٽ ۽ سين جو خيال هيو تہ گهر ۾ ڪڏ هجي تہ ٻُوهر ٻاهر ئي نہ ڪيجي ..... اجا نڪاح پڙهائي بس ڪئي سي، تہ توهان جا همراه سونو ۽ صابو اچي پهتا .... پيري ديري مان انهيءَ پير تي نڪتاسين...هتي پهتاسين.... سائين سان ملياسين، ٻيو مڙئي خير!“، ميري ڪنير سربستو احوال ڏنو. پوتار جي پيرن هينان زمين نڪري وئي، پر انصاف بہ ڪا شيءِ ٿيندي آهي.... سوال ڪيائين:
”ڏيءَ جو تہ منهن ڪارو ڪيئي، پر تو کي ڪنهن ڳوٺ جي وڏي سَڏي جي عزت جو بہ خيال آهي يا نہ!؟“
”سائين الله اڪيون ڏنيون ٿم..... ڪهڙي اربع خطا؟“، ميري ڪنير گهبرائجي پڇيو.
”اڪيون نہ ٿي، متيرا ٿي ..... جي اڪيون هجني ها تہ ائين گڏهہ کي گهر ۾ ڇڙواڳ نہ ڇڏين ها! ..... جي اهو حرامي گڏهہ پڇي اچي مون کي اِٽ هڻي ها تہ پوءِ؟“، پوتار ٿيندڙ وڏي نقصان جي انديشي کان آگاهہ ڪندي پڇيس.
”پر سائين گهر جي ڳلي ڊنگرن سان بند هئي، هرو ڀرو گڏهہ جو اِٽ هڻي ها، ڪو چريو .....“، هن اجا جواب ئي پورو نہ ڏنو، تہ سوني ڳٽڙ جهليس ۽ صابو چنبن سان ڪپي ويس:
”اڙي وري، هودرا پوتار کي!... تنهنجي تہ ڪري .....“
ميرو ڪنير اوطاق جي وچ ۾ آسرنهہ جي ٽڙ سان ٻڌجي ويو... ماڪوڙن جي ٻرن ۾ پاٽي هارجي ويو، ميري ڪنير رکي رکي دانهون پئي ڪيون ۽ چئنَ چڱن پئي چيو:
”جائي تہ چوي ٿو پوتار!..... نمازي ماڻهو ..... هر هر لنگهي بہ اٿئون ..... جي پوتار کي ڪجهہ ٿي پوي ها، تہ پڇهنس پورو پوي ها!؟“..................

# ساڏُ

دادن جي ٽڪريءَ تي پينگ جو پيالو هٽي، ڪچيون گاريون ڏينديءَ ۽ وننديءَ جڏهن جوا ڪيڏي رهيو هيو تہ اوچتو نارو پئنچ آيو ۽ اوڏڪي ۾ٻڌايائينس، "ادا سوڍا! تڏا ٻا مرتي گيلاهي!" پيءَ جي مرڻ جو ٻڌي ، هٽ مان تاس جا پتا ڇڏائي وجي پٽ پيس. مٺ جيترا ڪٽيل روپئي روپئي جا مروڙيل سروڙيل نوٽ بہ ڪٽڻ وسري ويس. تيزيءَ سان ڪانهن جي نهيل اوڏڪن پکن ڏانهن ٻرانگهون هنيائين ، سرڪي (پکي) ۾ گهڙيو تہ پيٽس ۽ جوٽس ، ٻين عورتن جي پاڪرن ۾ پار ڪڍي روئي رهيون هيون. پٽهنس رامن خوف وچان ڪروندڙو ٿيو سُسيو وينو هيو. مکي هرچند پئنچن سان گڏ ڪچ ۾ ڪيسري پٽڪو ڪيون ٻينو هيو. ٻتيءَ جي جهيٽي روشنيءَ ۾ مکي ۽ پئنچن جون تاندي جهڙيون اکيون ۽ ڪنن جون سونيون ڪيوٽيون پئي چمڪيون. ڪاوڙ ۾ مکيءَ جو هڪ هٿ وڏي اچي سندس پگڙيءَ ۾ پيو."هائوڙي سويا! تنهنجي ڪا ادا!... پٽهين تہ ايترو بہ ناهي سکيو، تہ جنهن جا پيئر مردا آهن ، اهي پگا ناهن پائيندا ". مکي سندس پگڙي لاهي سرڪيءَ جي هڪ ڪنڊ ۾ اچلي ۽ پوءِ پنهنجي پگ ان جي متان رکيائين . آهستي آهتي ڪنڊ ۾ پگن، پٽڪين ۽ انگوچن جو ڍير لڳي ويو.

"واڏڻ ڪٽي لاش ڪچي ڇڏيو بابا، نہ تہ صبح سان وڏو ٿي ويندو!" ، مکي اوڏڪو سونسو ڪندي رڙ ڪئي. وزيري پئنچ نئين واڻ جي نوڙي ڪڍي لاش ڪچي، اهو ٽڪرو ڪوڏر سان ڪپي لاش جي سرانديءَ ڪري رکيو.

"نارو! ڪاڏي ڪاڏي ماڻهو مڪا تو؟"، مکيءَنارو پئنچ کان پڇيو.

"مکي ، باڊه وارن جيپڙوتن ڏي ، مديجي وارن گڏاهين ڏي ،ٻيريلي وارن گڙگٽن ڏي "،ناروءَ وراڻيو.

"اڙي لاڙڪاڻي وارن ڪروڙن ڏي بہ ماڻهو ڪيو، ڏوڪريءَ وارن ڏيواتن کي بہ ٻڌايو، ڪنڊياري وارن ڪليهن ڏي بہ مُنجو .... پيڻان سويو ساڏ هو ، ڪو جهڙو تهڙو هو چا؟"

"جي مکي!" ،ائين چئي نارو سرڪي مان ٻاهر نڪري ويو.

"هائو مکي! چئين سچ تو، سويو مور هو مور، وڏي مجتا هئي سويي جي بابا!....اوڏ تہ ڇڏيو، گوچا (مسلمان ) بہ فيصلن ۾امين واريندا هيس!"، ائين چئي هڪ همراه روئڻ ۾ اچي ڇٽڪيو.

”يائي! ڪو جهڙو تهڙو ساڏ هو چا؟ پيڙهياتو هو پيڙها تو !.....اڙي ادا اج هرچند اڪيلو ٿي پيو.“ ،مڪي هرچند جو هيانءُ پرچي آيو ، نڙيءَ ۾ ڪانگهارو اٽڪي پيس. هن زور سان ڪيڊي ٻاهر اڇليو ، ڪانگهارو نڙيءَ مان نڪتو تہ ڪنڌيءَ جي ڪانن کي چنبڙي پيو.
”بس يائي، جنهن جو هتي بہ گپ تہ، اُتي بہ!“، ٻي ڪراڙي اوڏ تڏو ساهہ ڪٽي گوڏ جي پلئہ سان نڪ جو ريشو اُگهندي چيو.
”ڪهڙي بات ڪجي، سوپي ساڏ جي يائي! ... آنڌي مانجهي ، ٽڏي ڪوسي، مَرُ جيءُ ۾ جاڏي هڪليس تہ گوهي نہ ڪندو هو... ڪچهري ۾ چوندو بہ اڪر، پر نبيري وارا... اوڏڪي ڪَل جو لال هو يائي!.... تڏهن تہ پڳوان گهر پري چڏيس، اهڙا پلا گڏه جو ڪنهن جي سرڪي ۾ نہ، اهڙي سيبتي ننهن جو ويڙها ڳولھ تہ نہ لپي ... پر پٽنهس ۾ اها مٽيا ڪونہ ... بس ڏٽي اڳنان مت ڏيندس!“، وزيري پئنچ جي اها ديگهہ، سوڍي کي ائين لڳي چڻ لوسي گڏهہ ٻي مهلي هينگ ڪئي هجي. هن اندر ۾ ڪَٽ ڪائيندي چيو، ”وزيرا! جي پيءُ مئل نہ هجي ها، تہ اج پٽڪو ڏوڙ ۾ روليانءِ ها، پوءِ جيڪي ٿئي ها ڏٺو وجي ها“.
رڪي رکي هوا جي جهوٽي تي اچي چادر جو پلئہ لاش مٿان ڪجي پئي ويو، جنهن کي ماڻهن هر هر ناهي پئي وڌو . سوڍي پيءَ جي لاش کي اچرج وچان پئي ڏٺو، چڻ ڪيس يقين ئي نہ پئي آيو، تہ واقعي سندس پيءُ مري ويو آهي يا ڏرتيءَ تي نئون سنئون ٿيو چهند ڪيون ستو پيو آهي. هن پڪ ڪرڻ خاطر، جيئن ئي پيءَ جي لاش مٿان چادر هٽائي تہ پٺهس جون پوتيل اکيون ۽ بند ٿيل ساهہ ڪيس جهنجهوڙي وڌو . بي اختيار ”بابا!... بابا!.....“چوندي سندس ٻي رخين اکين مان پاٽي ائين بنبي ڏئي ٻاهر آيو، چڻ ڪوهہ ڪوٽيندي، ڳر ۾ ڪوڙر جو لپو لڳي ويو هجي.
”بس منهنجا لال بس!... اڙي بس!“، مڪي هر چند ڪٽي سيني سان لاتس، هڏڪين ۽ سڏڪن ۾ مڪي کي نٽيڙي ٻار جيان چنبڙي پيو.
”هين پيٽان گاڙا(گڏهہ) رنن وانگر تو روئين ... اڙي مڙس ٿيءُ!... اڳتي زندگيءَ جو ٻار ڪيئن ڍوئيندي؟“، آرام سان سمجهائيندي ، مڪي تڏي تي ويهاريس.
رات جي پيٽ ۾ الائي ڪتان ڪتان اوڏڪو راڄ ’جام پور‘ ۾ ڪهي آيو هيو، جن سوپي جون ڳالهيون ۽ ڳڻ ڳائيندي ساري رات اکين ۾ ڪاٽي چڏي.
ماڻهو بيهي هٿ مٽي ڪري، ايڏي گهري، بہ هٿ موڪري، پنج هٿ ڊگهي قبر تيار ٿي وئي هئي. ڪچڙي منجهند جو سوپو سينگارجي گهران ٽٽري (ارٿي) تي ڍونديڪارن ۽ اوچنگارن ۾ ڪجيو تہ مڪي ماڻهن کي جهليو، ”يائي نہ روئو!..... پنهنجي ڏرتي ماتا ڏي

تووجي ، متان ماتا ڪاوڙجي ڪيس پيڙي نہ!“
سوڍي جو لاش ڏاڍي ڏيرج ۽ آهستگيءَ سان قبر ۾ رکيل نئين رلهيءَ تي لاتو ويو. متان چادر جهلي متي آهستي آهستي ريڙهي وئي ۽ پوءِ ڌرتي ڪيس ائين ڍڪي ڇڏيو، جيئن ماءُ پنهنجي ٻار کي ڪپڙي جي پلئہ سان ڍڪي ڇڏيندي آهي.
امر لٽ ڪانپوءِ ڪانڌين ڪانڌپو ڪائي بس ڪيو، تہ سوڍي کي متن وهنجاري سنهجاري، ناهي نڪي ونې وچ تڏي تي ويهاريو. مکي پئنچن ۽ چڱن مڙسن ڪيس راڄ اڳيان ور ڏئي نئين پڳ ٻڌائي . هرچند مکيءَ جي حيثيت سان ڪيس نصيحت ڪئي ، ”پُٽ سوڍا! تونجو پيءُ اوڏان ويو، جاڏي سڀ ڪو ويندو آ.. اڄ گهر جو وڏو تون آ... راڄ ۾ اُتي وينئي توکي ڪرڻي آ ... هاڻي تون اهو ناهين جو ٻاراٽيون ڪرين ۽ راڄ سهي!“
سوڍي کي مکيءَ جي نصيحت ائين پئي لڳي، جڻ راڄ اڳيان ڪيس هٿ ونې ٻڇڙو ڪندو هجي. پيٽيوي راول ، جڏهن اوڏڪي رسم مطابق گڏهہ جا آتر آڻي هٿن تي رکيس، تہ هن کي ائين لڳو جڻ سنئون سڌو چيوهجائينس، تہ هاڻي هو ننڍڙو ڪوتڙو ناهي، جيڪو زماني جي بارن ڪان آجو پستيءَ تي پستي ڏيندو وتي. هاڻي هن کي پڙ گڏه جيان زماني جا ٻورا ڍوئڻا آهن. ان سمئہ، پيءُ جي هڪ هڪ ڳالهہ ياد پوندي ويس، تہ پڇهنس هوندي ڪيس ڪنهن ڳالهہ جي ڳڻتي ئي ڪونہ هئي. هن تہ ماءُ مئي بہ پاڻ کي چورو نہ سمجهيو هيو، پر هاڻ پاڻ کي ٻي واهو تي سمجهيائين . جنهن کي هر ڪنهن واڏائي چيو هو، تہ هاڻي ڪوئي بہ ڪونهي جيڪو سندس ڪَئي جا ڏنڊ ڀري يا ڇَل ڪپٽ اکين تي رکي. اهڙيون ڳالهيون ذهن تي رکندو ويو تہ اکيون ڀنل لئي جون ٽاريون تي ٽمڻ شروع تي ويس، جن کي انگوڇي جي پلئہ سان هر هر پئي اُگهيائين.
مکي، پئنچ ۽ راڄ جا ماٺهو ، پنهنجا لٽل پٽڪا، پٽڪيون ، انگوڇا چندي ڦوڪي متن سان ٻڌي چڪا هيا . سڄي رات ۽ ڏينهن جي اوجاڳي ۽ ٿڪ ڪري گهر آرام ڪرڻ واسطي موڪلائڻ لاءِ آتا هيا. هن اُتي ، وينل نڙيءَ سان سڄي راڄ کي ڪرٽين جو ٻڌايو، ”پائي !ڏهن ڏينهن ڪانپوءِ ڪرٽين جو ٻڌو هجيوَ! “ راڄ وارا ڪرٽين واري ايندڙ وار جو حساب آڱرين تي ڪندا اُتي ويا.
ڪرٽين واري ڏينهن تي، جڏهن نياڻين سياڻين ڏاڳي ٻدل ڪوري دڪيءَ متان رکيل ماني ڪائي، ٻچايل ٽڪر ۽ جل دان ڪري سوڍي جي قبر طرف اڇلايا، تہ براهمڻ شنکر لال سوڍي کي ٻڌايو، ”پائي، هاڻي تنهنجو برت پورو ٿيو!“
هن اڄا مانيءَ جو گره پيچي گيهہ ۽ منائي ۾ ٻوڙي وات ۾ پئي وڌو تہ مکي

پڇيس،”پائي! ڪرٽيون تہ خير سان تي ويون، هاڻي سڪو ڏاڙ ڪڏهن ڪندين؟“ هن کي لڳو جڻ مکي ڪيس ساهي پٽڻ نہ ڏيندو. هو اجا ويچارن ۾ هيو تہ ڪهڙو جواب ڏي، تہ مکي لفظن جون وري ٻيون سوٽيون وهائي ڪڍيس، ”سوڍا! هتي گهٽا پٺين جي وهي وارا وينا تي، جنهن کان وٺئي، تنهن کان پڇ تہ ڏاڏهن جيئل جي ڪرٽين جي ٻي ڏينهن تي سوپو جيءَ چڙهيو تہ متان پتا جي آتما کي ان ۾ جل جو دان نہ ملي . تون ٻڌاءِ، پنهنجي پيءُ جي آتما کي گهٽا ڏينهن ترسائيندي...مهينو اڌ، سال يا سدائين لاءِ؟...“

سوڍو سمجهي ويو تہ مکي سندس اندر جي گدڙ کي سجاڳي ورتو آهي، هاڻي ڪيس سڄي راڄ ۾ ڏِنو پئي ڪيائين. سوڍي جنهن سڄي عمر رڏيءَ ۾ گذاري هئي،تنهن مکيءَ کي مند جي ٻڌائڻ ۾ دير ئي نہ ڪئي:

”هونهہ!..... بار گڏهہ تي چنگهي ڪوتي.... مکي، ساڏن جا پٽ ساڌ ٿيندا ڪو تنهنجا يا چورن جا تہ نہ ٿيندا.... هفتي ڪانپوءِ پلي مهاراج گهرائي سڪو ڏاڙ ڪريو.“

مکي اهو سوچي ڪيس ڪا ورندي نہ ڏني تہ گپ گپ سان نہ ڏوٺبي آ. جي وارو ڏنو ٿئين، تہ لٽ وهائي ڪيجيس تہ پاڻهين سڌو تي ويندو. هن مهاراج شنڪر لال سان سس پس ڪري هڪدم صلاح ڪري ورتي. پوءِ مکي هرچند وڏي واڪي وينل راڄ کي ٻڌايو ،”ٻڌو هجيو پائي!... آرتوار آتوار اٺ، نائون سوموار، ڏهون منگل وار ... منگل وار تي سڪو ڏاڙ ٿيندي.“

سڪو ڏاڙي واري ڏينهن تي سوڍي جي سَرڪي ۾ تر چٽڻ جيتري جاءِ بہ ڪونہ هئي. جنهن ٻڌو هيو، سو آيو هيو، ڪو سڏ تي ڪو بي سڏيو رونشي خاطر. سرڪيءَ جي اڱڻ تي پپر جي وڻ هيٺان بالڪل وچتي مکي هرچند ، سوڍو ، مهاراج شنڪر لال ۽ڪجهہ پئنچ پلٿيون هنيون وينا هيا. مهاراج شنڪر لال اوڏن جي ڌرمي ڏاڏي ’پاڳيرٿ‘ جي ڪٿائن سان راڄ ريجهايون وينو هيو.

”سائين ڪانن جي نئين مڙهي تيار آ“، وزيري پئنچ سرڪي ۾ گهرندي مهاراج شنڪرلال جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪايو.

”هر شيءِ تيار ڪري رکي اٿو؟ ... ڪانن جو پڇرو ، جل پريل دلو، پرساد ۽ چئومکي واري ٿالهي ؟“، مهاراج پڇيو.

”هر شئين تيار آ!“، وزيري پئنچ وراڻيو.

” بس تہ پوءِ اُٿو!“، مهاراج شنڪر لال سين کي اُٿڻ جو اشارو ڪيو. مڙهيءَ ۾ گهرڻ کان اڳ، سوڍي ۽ شنڪر لال جدا جدا اشنان ڪري، پنهنجي پنهنجي ڏنگ جا ڪپڙا پهريا.

ڪانن جي مڙهيءَ اندر مهاراج شنڪر لال ۽ سوڍو گهريا، باقي سجوراڄ، مکي ۽ پئنچن سان گڏ ٻاهر ويٺو رهيو.
سوڍو انگوڇي جو گهونگهٽ هنيون ، مهاراج شنڪر لال اڳيان، نئين نويلي ڪنوار جيان ڪنڌ جهڪايون ويٺو هيو. مهاراج منتر ۽ اشلوڪ پئي پڙهيا. سوڍي ائين پئي ڀاسيو ڄڻ مهاراج ڪيس هڪ نہ سمجهندڙ دنيا ۾ پٽيون ڪنيون پئي ويو. انهيءَ ڪري ڪيس هڪ عجيب قسم جي آسيس ۽ آنند پئي آيو. جڏهن مهاراج منتر پڙهي پورا ڪيا، تہ هن ٻن پتل وارين ٿالهين کي جيڪي مڙهيءَ جي ڪنڌ ۾ رکيل هيون، سوري وچ تي ڪيو. هڪ ٿالهيءَ ۾ ڪوپرو ، چونهارا ۽ پرساد پيل هيو. ٻي ٿالهيءَ جي وچ تي اٽي جو چومکو ٻري رهيو هيو. پاسن کان اٽي جا بہ چاٽا پيا هيا. هن هڪڙو ٻوٽو ڪٽڪ جي اٽي مان ۽ ٻيومگڻ جي اٽي مان ٺاهيو. ٻنهي ٻوٽن جي نرڙ تي سندور جو ڳاڙهو ٽڪو ڪڍي، پوءِ سوڍي کان پڇڻ لڳو:
”يائي سوڍا مل! تون مري ويل ساڌ سويي جي جيءَ چڙهين ٿو؟“
”جي مهراج!“ ، سوڍي آهستگيءَ سان وراڻيو.
”ڪام ، ڪروڌ ، لوڀ، موہ ۽ اهنڪار کان پاسو ڪندين؟“
”ها ، مهراج!“
”آسري ڳڻن، پاکنڊ ، گهمنڊ ، ايمان ، ڪروڌ، ڪنورتا ۽ اڳيان جي اوڏو نہ ويندين؟“
”نہ!“
”هميشہ سچ کي پنهنجو ڌرم سمجهندين؟“
”ها، مهراج!“
”سوڍا جي تون پنهنجي وچن جو پالن نہ ڪيو، تہ پوءِ توکي ڪشٽ ڀوڳڻا پوندا. تنهجي پوجيہ پتا جي آتما رلي ويندي. تنهجي ڪئي جي ڀوڳنا، تنهجو ابهم ڀوڳيندو. تنهجو پريڻام اهو ٿيندو جو تون اڳلي جنم ۾ ڪتي جي پيٽ ۾ ڪينئين جي صورت ۾ پيدا ٿيندي!“
مهاراج شنڪر لال جون ٻي سريون ڳالهيون ٻڌي سوڍي کي هيڪر جوجڪي آئي، تہ چئي ڏيس،” ڪڻ پنهنجو ساڏپو، مان هي ٿو وڃانءِ!.. اهڙو سون ئي ٻَن ، جوڪن چني“، پر چئي نہ سگهيو جو اهو بہ سوچيائين پئي، تہ جيڪو ٻڌندو سو کلندو ۽ سڄي عمر ماڻهن کي منهن ڏيکارڻ جهڙو نہ رهندو.
مهاراج شنڪرلال ديوين ۽ ديوتائن جون ڪٿائون ٻڌائيندي آخر ۾ سُر سان نصيحت

ڪندي چيس،”سوڍا اڄ ڪانوني طور سچ جي ٻيڙي تي سوار آن. سچ جي ٻيڙي لڏندي آ ، پر ٻڏندي ڪونهي . ڀڳوان جي پيارن کي ڪننائيون پيون اينديون آهن؛ جيڪو ان مان پار پيو ،تنهن کٽيو.“

مهاراج جون اهڙيون سياويڪ ۽ وٽندڙ ڳالهيون ٻڌي ، سوڍي جو اندر مانار ۾ اچي ويو. هن پڪو پهه ڪري ڇڏيو تہ جي ڪلهو ڏنو آ تہ توڙ نڀائبي، پر پيءُ جي آتما نہ رولبي. نہ پاڻ اڳلي جنم ۾ ڪتي جو ڪينئون ٿيندو ۽ نہ وري پنهنجي ڪرمن جو ڪڙو ڦل رامن کي ڪارائيندو.

مهاراج وري اشلوڪ ۽ منتر پڙهندي ٿالهيءَ مان ٻہ ٻوٽا ڪٽي مڙهيءَ جي ڪنڌ ۾ رکيل ڪانن جي پڃري ۾ وڌا. پوءِ جڏهن پرساد جي ٿالهيءَ سان گڏ سوڍي کي وني مڙهيءَ مان ٻاهر نڪتو تہ پرساد ورهائڻ وقت مهاراج کي اوڏکي راڄ جي هٽن جو گهيرو ٿي ويو، جيڪي ڪانئس پرساد وٺي نہ جڻ ڦري رهيا هيا؛ گڏوگڏ سوڍي کي واڌايون بہ ڏئي رهيا هيا:

”واڌايون سوڍا!..... واڌايون پائي!..... وا.... ڌا..... يون!.....“

واڌاين جي مٺڙ آوازن تي سوڍو اندران ئي اندران ٻلوان ٿيندو پئي ويو . ڪيس وشواس ايندو پئي ويو، تہ هاڻي هو اڳيون پاڪندڙ ، نڱ ۽ چور ناهي رهيو. هاڻي سندس اندر مان هڪ نئين سوڍي جنم ورتو آهي، جيڪو سچو، ڌرمي ۽ ديوتائن جو ماڻهو آهي. هن جو پاڻمرادو ڪنڌ جهڪي ويو هيو. نظرون هيٺ زمين ۾ کپي ويس . ڪميا ۽ ڌيرج سان پئي هليو، هر ننڍي وڏي اڳيان پئي جهڪيو. هن کي ڏسندي مکي هرچند کي تہ جڻ يقين ئي نہ پئي آيو، تہ ڪڏهن پاپي شخص جي بہ ڪا ائين ڪايا پلٽبي آهي.

هفي اندر نہ صرف مکي، پر پئنچ بہ اچرج ۾ اچي ويا هيا. جڏهن وزيري پئنچ جهڙي مخالف ، جنهن کي اڳ سوڍو ڏني نہ وٽندو هيو، تنهن بہ پئنچن جي ڪچهريءَ ۾ سوڍي جي ساراه پئي ڪئي، ”مان کي هاڻي لڳي ٿو تہ سوڍو ، سوڍي جو پٽ آ، نہ تہ ڀڳوان ٿو ڄاڻي اڳي شڪ هو.“

نارو پئنچ جنهن ويني چلم پئي ڇڪي،اوچتو نڙ هٿ مان ڇڏائجي هيٺ ڪري پيس. ”اهو وري ڪيئن؟“، نارو پئنچ پٽ تان نڙ کڻندي وزيري کان حيرت مان پڇيو.

”ڪلهه ڪو سوڍي سان وڏيري خان محمد جو ڪمدار خيرو وات تي گڏيو ، تہ چيائينس هزار سوا ڪانو ڪڙ ڪڍائڻي آ، تنهان اوڏن ۾ ڪهڙو هوشيار آ، جو ڪم جوڳ ۾ ڪرائي ڏي، تہ مانجو نالو ڪنيائين... اچئي ٿي پت!؟“

”تون چوين ٿو تہ پٽ اڇي ٿي، نہ تہ تنھنجو نالو وٺندي تہ ڪُتڙيون چڙھنديون ھيس. اڳي تہ تنھنجا نھيل ڪم بہ ڏاھيندو ھيو“، نارو پئنچ عجب مان وراڻيو.

”چڱو ٿيو پائي، پلي پلي پاڻ آئي ، سا بہ نہ چئبو پلي!“، مکي سک جو گهرو ساھ کڻندي چيو .

”پر اجا تہ پاتي بہ ناھي پيني، مکي!... اڳتي ڏسجي تہ ڪهڙا ٿو ڪلياڻ ڪري؟“، نارو ڪي اجا بہ ڳڻتي ھئي، تہ سوڍو ڪهڙي مھل بہ بلٽ ڪائي سگهي ٿو.

اھو چئوبول نہ صرف چئن چڱن جي ڪچهريءَ ۾، پرڳوٺ ۾ ممدي عارباڻيءَ جي چانهہ جي ماندڙيءَ تي بہ لڳو پيو ھيو. سندس سيئي ڏنل وائنل ۾ جهُٽ حيران ھيا، تہ سوڍو جيڪو پهرئين درجي جو ڪوڙو، قسمي، جواري، چور، ٺڳ ۽ اوڙي پاڙي جي ننگن جو دشمن ھيو، سو ڪيئن ساڌ ٿي ويو؟..... جيترا وات اوتريون ڳالهيون ھيون، تہ اھو ڪيئن ٿي سگهي ٿو تہ ’جوَ ڍيري گڏھ رکپال‘ جڻ ڪنهن ڪان بہ صحيح نموني جوڪوڙو ئي نہ پئي لڳو. سيتل جيڪو اِيرڪا جي آنچ ۾ جلي رھيو ھيو، تنهن پڙڪو ڪاڏو، ”ماڻهو ڪجهہ بہ چون ، پر مان ڪي ڳالهہ دل سان لڳي ئي نٿي تہ سوڍو ۽ ساڌ؟.... ساڌ ٿيڻ ڪو يوڳ يا مشڪري آ چا؟... مکڻ سيخ پچائٽو آ، مکڻ سيخ ! ... مڙيئي مکي سکوڏاڙ جي رشم ڪرائي ، گڏھ جي مٿان گهوڙي جا سنج رکايا ھن! “

”تون چو ٿو اَرھو ٿئين ؟.. جنهن ڪي ڏٺي سمک ڏي تہ دير ئي ڪانهي.“، شهزادو اوڏ جيڪو سوڍي جي ساڌ ٿيڻ تي سرھو ۽ سنتوش ٿيو وينو ھيو، تنهن ورندي ڏنس .

”مان ارھو نٿو ٿيان، پر سچ ٿو چوان .... سڄي جڳ ڪي خبر آ تہ ٿيون ورھيہ ، مانجو گڏھ لغڙي چوري ٿي وڃي پار واري قرآني حاجي ڪوڙي ڪي پهتو . خبر پاڻ ڪي ٿي تہ حاجي ڪوڙي وٽ گڏھ پهتو تہ جڻ واڳو جي ور چڙھي ويو. گڏھ تہ نہ موٽيو پر اھا خبر پئي، تہ چور سوڍو آ.... غلامو دايو ۽ ممو ڪنير جهڙا حرامي ڪاٽڪو رُوبڪا بيهاريا مانس تہ بہ نہ باسيائين. اڙي! ديوي جي ٿانَ جو قسم پئچائٽ اڳيان ڏنو مانس، تہ بہ ڏڙڪ ئي نہ ٿيس... تون الائي چا ٿو ڳالهائين؟“، سيتل سگريٽ دکائي مُٺ تي ڪچ ھٽي وري نڙيءَ تي زور ڏنو، ”ھيڏي شهزادا!..... ھي سيئي ٻڌني ٿا!.. ٻہ ٿي ڏينهن ٻيا گذرڻ ڏي، جي سوڍو اجا بہ ھٽ وڏيڪ حرامي نہ نڪري تہ مانجا شهپر مُٺ سان ڪوڙجانءِ!“... ماندڙيءَ تي وينل سيئي ڪلڻ لڳا، تہ شهزادي جو ماتا وارو چچريل چهرو ويتر پوائتو ٿي ويو. سيتل جي ڳالهہ نرڙ تي گهنڊ وجهي چڏيس ۽ ھو سوچڻ لڳو، تہ ’جي سوڍو اجا حرامي نڪتو تہ پوءِ ھن جي ننڊ تہ جائي حرام ٿي وئي. ھن ڪي وري پنهنجي جوءِ لاڏڪي پنيان

لکي لکي ڪڍ لڳڻو پوندو‘ . ھن دل ئي دل ۾ فيصلو ڪيو تہ ’ھاڻي جي ڪيس ٻئي ڪنھن واھ جي گھير ۾ ٻڻ ھٿ اچي ياءِ تہ اوڏڪي رسم پڄ (طلاق) جو نہ سوچيندو ، سنئون سڌو ٻروچن وانگر ٻنهي کي ڳيا ڳيا ڪري ڪھاڙي لوڏيندو وجي ٽاڻي تي پيش پوندو.‘ اھڙو تصور ڪيائين تہ ڏڪي ويو. تڙ تڪڙ ۾ ڪوسي چانھہ جو ڍُڪ ھنيائين تہ خيال مٽ ٿي ويس ،تہ ٻي رُخ سان سوچڻ لڳو، ’لاڏڪي ڪجھہ بہ صَحي، پر سندس سرڪيءَ جي سونھن آ: سڄي راڄ ۾ ڪو سندس پير جي ٻُنيءَ مَٽُ بہ ڪونھي، تڏھن تہ ھر ڪو سڙي . سيتل تہ اڳ ۾پنھنجي قِنجھي جوءِ سنيالي ۽ پوءِ ٻين ڏي اُڃل ڏي.‘
ھن جڪون ڪائيندي سيتل کي آخرڪار ناھوڪي موٽ ڏني، ”سچ آ اداءِ تہ ڪتو ڪتي کي ناھي سھندو ، ھاڻ سوڍو ٿيو آ ساڌ، تہ توکي ھيانءَ ۾ ڦٽ ٿي پيا آھن !“
”پوءِ رک پلا شرط سياڻي آزمايونس ، جي ھوندو ساڌ تہ اڳيون پويون سچيون ڪندو . نہ تہ اڳي وانگر قسم ائين رھڙي ويندو ، جيئن ٻَرو ٻڪر سگر ڪائي وجي... ڪيئن ممدا؟“.... ممدو جيڪو چانھہ کي ململ جي ميرانجھڙي ڪپڙي سان ڇاڻي ڪوپن ۾ وجھي رھيو ھيو، سيتل تنھنجو ڌيان ڇڪائيندي چيو.
”تي وجي شھزادا!“، ممدي ٻين وينلن گراھڪن کي اک ھڻندي، شرارتي انداز سان شھزادي کي ٽيڪر ڏني. شھزادي ٽيڪرن کي سمجھندي بہ سيتل سان سئو روپين جي شرط لڳائي ڇڏي. چو تہ ڪيس اھا پڪ ڪرڻي ھئي، تہ سوڍو واقعي ساڌ ٿي ويو آھي يا اڃا قند ڦيراٿس .جي اٿس تہ پوءِ لاڏڪي سان وري اونئن ئي وھنوار رکي.
صبوح جو سج نہ اُڀريو تہ سوڍي کي سَرڪي ٻاھران سڏ ٿيو . سوڍو ، ”رام نام ست ھئي!“، چوندو ٻاھر نڪتو: ڏٺائين تہ سيتل ، شھزادو ۽ ممدو بيٺا آھن. ھن سيني کي وڏي وجي نوڙت سان ھٿ ڏيندي چيو، ”يائي، حڪم!؟“
”حڪم خيرا چاءِ حوال پوڇ! “، سيتل اوڏڪي ۾وراڻيو . سوڍو سمجھي ويو تہ ڳالھہ ڪا ڏکيرڙي آھي. ھن سين کي سڏي اڱڻ ۾ کٽ تي ويھاري پڇيو، ”ڏي ادا! حوال.... جيءُ!؟“
”حوال خيراءِ چي سوڍا !.... توکي ياد آ تہ مانجو لغڙي گڏھہ چوري ٿي ويو ھو ؛ توکي شڪ ۾ ساک بہ ڏني ھيم ، پر پڳوان تو جاڻي مانجو دلئون شڪ نہ ويو ھو. ھاڻي جڏھن ڪان تون ٿيو آ ساڌ ، تہ تنھنجي زبان تي ايتبار آ. رڳو ھڪڙو دفعو ساڌڪي زبان سان چئہ تہ تونجو چوري ۾ ھٿ نہ ھو تہ ھي ٻئي ڇٽا ٻڌن ٿاءِ تہ مان پوري جندگاني شڪ جو لئوظ بہ نہ آڻيندس... توسان گڏياسي، ٻيو مڙيئي خير!“

سوڍي کي ڊِکر چڙهي ويا. ڪي گهڙيون تہ اندر جي ساڻ ۽ چور جي ڪشمڪش هلي، پر پوءِ مهاراج شنڪرلال جي نصيحت ياد آيس، تہ سچ واري جي بيڙي لڏندي آهي پر ٻڏندي ڪونهي. نيٺ ڪُوڙ جي پيئنور ۾ قاتل سندس اندر جو ساڌ ٽاڦوڙا هڻندو اچي سچ جي ساحل تي رسيو.

”گهرجي بہ خير پائي!.... مان ڏوهي !“، سوڍي شرمساري منجهان ڪنڌ جهڪائي پنهنجو ڏوهہ مڃيندي وراڻيو .

”ساڌ، پاڻ نبيريندي يا پئنچائت؟“،سيتل هڪدم سوال ڪيس.

”واڙ مان جيڪو گڏهہ وٺئي، سو وجي ڪاهہ!“، سوڍي اتي جو اتي پاڻ فيصلو ڪندي چيو تہ متان ڳالهہ وائرجي ۽ بدنامي ٿئي.

سيتل دير ئي نہ ڪئي، اهو سوچي تہ زبان آ آلو لڪڻ متان پوءِ سوڍو ڦري وڃي. ٻڪي وڃي واڙ مان پلوڙ گڏه ڪڍي آيو ۽ سوڍي جي هيانو تي مڱ ڏريندوهليو ويو. سوڍي جي زال لَکان، سرڪيءَ جي وٿين مان سڄو تماشو پئي ڏٺو ۽ ٻڌو. جڏهن سوڍو سرڪي ۾ اندر آيو تہ پڪ خاطر پڇيائينس ، ”ڳالهہ ڇا هئي؟“....سوڍي ٺڏو ساهہ ڪٽي سڄي ڳالهہ، سچي ڪري ٻڌايس. لکان ڪي پهريون دفعو ويساهہ آيو ، تہ سوڍو سچ بہ ڳالهائي سگهي ٿو.

ممدي عارباڻيءَ جي مانڊڙيءَ تي جڻ ميلو لڳي ويو . جنهن ٻڌو هو، تنهن کي ڏندين آڱريون هيون. سيتل ۽ شهزادو خوشيءَ ۾ ڪٽي نٽي ماپيا. اهڙي ڳالهہ جو ٻنهي پائرن درشن ۽ ٻيلي ٻڌي تہ دير ئي نہ ڪيائون، ڊگ پڄندا اچي سوڍي جي سرڪيءَ ۾ پهتا . هنن کي ڏسندي سوڍي جو هيانءَ ڪاڇي ويو. پر دل ٻڌي مُک تي ساڌڪي مرڪ سجائيندي کين ڪيڪاريائين، ”پائي! جي ڪيائو!؟“

”اسان کي خبر پئي آ، تہ هاڻي تون سڄو ساڌ ٿي ويو آن؟“ ، ٻيلي اٿندي سوال ڪيس تہ پاڙس درشن وري ٽيڪر وارو جواب ڏنس ،” جو نہ ٿيندو سڄو ساڌ ٻيلا! پت تہ نيٺ ٻٽيات تي ويندي آهي يا نہ!؟“

”جيئن سمجهو پائي!“ ، سوڍي نهنائيءَ سان جواب ڏنو.

”اسان تڏهن سمجهئون جڏهن اسان کي بہ پنهنجو حق ڏين!“، ٻيلي هاڻي سنئين سڌي بہ هٿياڙي ڪري لفظن جي منهائين هنيس.

”ڪهڙو حق پائي!؟“، سوڍي سمجهندي بہ، نہ سمجهڻ واري انداز ۾ پڇيس.

”ياد ڪر اُتر، جيڪو دينا داستي ڪائي ويو هئين، ٻيو ڪهڙو؟“، ٻيلي ٺورو ٽِڪو ٿيندي ياد

ڏياريس . هونئن ته هن کي سڀ ڪجهه ياد هيو، ته ڳڌهن جي سودي ۾ هن اُتر ڏيڻو ڪيو هيو. پر پوءِ اڳتي هلي اتر ڪان آڱونو ڪڍي ڏنو هيائين. هن کي سمجهه ۾ نه پئي آيو ته پري ڏي يا انڪار ڪري. انڪار ڪرڻ لاءِ گنجائش ڪونه هئي، جو مهاراج سان ٽيل وچن جو پالن پئي ياد آيس. پري ڏيڻ لاءِ اندر جو گهمنڊي سوڊو پٽ لڳو بيٺو هيو، جنهن کي اورانگهڻ ڏکيو پئي لڳس. هن همت ڪري گهمنڊ ۾ اهنڪار واري پٽ اورانگهي ته زبان ڏوهه باسي ويني، ”ها، پائي ...ياد آيو!“، ائين چئي سرڪيءَ ڏانهن ڀڳو، ڀيءَ جي ڪاٺ واري صندوق کولي به هزار روپيا ڳڻي اچي ٻيلي جي هٿ تي رکيائين . گهر وريو ته وري به لکان پُڇ پُڇ ڪيس، جواب ۾ هن پنهنجي چل ڪپٽ جي ڳالهه پيرائتي ڪري ٻڌايس. لَکان کي هاڻي سوڍي تي روپئي جو روپيو ويساه تي ويو، ته سوڍو اهو ناهي رهيو، جيڪو ڪوڙن جو گهڙيل هوندو هيو. هاڻ جيڪو به پڇبس ته ڏڏڙ ۾ پير نه هٽندو، سنئون سڌو سچ ڳالهائيندو. لَکان اها ڳالهه دل ۾ رکي خاموش تي وئي.

رات جو لکان گهر جا اوکا پوکا لاهي پنهنجي پٽ رامن کي ٻي کٽ تي سمهاري، سوڍي جي گوڏن ڪان ويهي ڪيس زور ڏيڻ لڳي ته سوڍي جي ڏڪندڙ لُونءَ لُونءَ ڻرڻ لڳي .

”رامن جا پيءُ توکان هڪڙي ڳالهه پڇان؟“ ، لکان جي اندر ۾ سانڊيل سوال ٻاهر نڪتو.

”پڇ!؟“

”سچ ته ڳالهائيندي نه؟“

”اڳي توسان ڪوڙ ڳالهايو ٿم ڇا؟“

”اڳي ڪوڙي سوڍي کان پڇندي هيس، هاڻي سچي ساڌ کان ٿي پڇان“، سوڍي کان ستي چرڪ نڪري ويو. هن کي اندر ۾ هُٽ ڪُٽ ٿيڻ لڳي، ته هاڻي وري الائي ڪهڙي ڳالهه مُنهن ڪيندي ؛ مجبوريءَ مان چئي وينو، ”پلي پڇ!“

”رڳو اهو ٿي پڇانءِ ته لاڏڪي تنهنجي پيڻ جان هئي يا سنگتياڻي؟“

سوڍو کي گهڙيون ته گهوماٽن ۾ اچي ويو. هن ته ائين سمجهيو هيو ته هن وقت تائين لکان سندس ڪوڙن کي سچ سمجهندي رهي آهي. پر اڄ ڪيس لڳو ته عورت ذات هروپرو بيوقوف به ناهي، جيئن هو سمجهندو آيو آهي.

”لکان! مان پاپي هيس، اڳ مان توسان ڪوڙ ڳالهايو هيو. “، سوڍو هاڻ لکان آڏو پاڻ لڪائي نه سگهيو.

”تون ته مان سان مها پرشَ ڏاڏي مَنشي جي قبر تي هٿ رکي ساک ڪنئي هئي، ته لکان تنهنجي ڀيڻ سمان آهي؟“

”ان ڳالھ کي ڇڏ لکان، جيڪا تي سا گذري!“، سوڍي سندس ڪانڇڙيءَ ڪان ڇڪي پر ۾ سمهارڻ پئي چاهيو، پر لکان کي جڻ باھ جي جر وکوڙي وئي. پڙڪو ڪائي کٽ تان لهي بيٺي،”مان بہ ڏاڍي مَنشي جي قبر تي دل ئي دل ۾ قسم کنيو هيو، ۽ وچن ڪيو هيو تہ جي اها ڳالھ سچ نڪتي تہ مان بہ ٻچ ڪرائڻ ۾ دير نہ ڪيندس!“
سوڍو جيئن سمجهائڻ لڳس، تيئن لکان ڪاڪڙي تي زور ڏيڻ لڳي. سوڍو خاموش تي ويو تہ متان  خواري وڌي يا ڪو نئون بنبال ڪڙو تئي، سو خاموش تي کٽ تي اڪيلو ليٽي پيو. اهو سوچي تہ امرت ويلا تائين لکان ڪجھ ٿڌي تي ويندي، تہ هو ڪيس ڌيرج ۽ پيار سان سمجهائي ڇڏيندو .
امرت ويلا جو ٻئي اُتي ڪڙا تيا هئا، پر امرت ويلا زهر ويلا تي وئي. لکان ڏاج واري پيتي ۽ رامن کي ڪٽي باهر نڪتي، تہ ٻنهي جي وچ ۾ چڪ چڪان تي وئي.اوڙي پاڙي ۾ جنهن نہ ٻڌو هيو، تنهن کي بہ خبر پئجي وئي، تہ لکان چو تي رني وجي. ويندي ويندي ڪيس ڌمڪيون بہ ڏيندي وئي تہ سياڻڪي سچ ۾ پئنچائت ڏانهن پيڪا موڪلي هوءَ ساک تي ٻچ ڪرائيندي . هن کي ڪجھ سمجھ ۾ نہ پئي آيو، تہ چاتيندو، جڏهن پئنچائت ڪانئس ساک پت گهرندي؟....هو سوچڻ لڳو، جي سچ ڳالهائيندو تہ سندس هڙ هلي ويندي، جي ڪوڙ ڳالهائيندو تہ جنم جنم جو پاپي ٿيندو . پٺهنس رامن سندس ڪيل ڇَل ۽ ڪپٽ جا ڪشٽ ڀوڳيندو . هن کي هاٽي ساڏپي ڪان نفرت تيڻ لڳي. پر ڏڌو ڪير ٽٽي ڪيئن وجهي؟.... ڪيئن اهو ساڳيو چور ۽ نڳ سوڍو تئي، جنهن سان سپ ڪو سڌو هيو. هن پنهنجي ذهن کي ائين ولوڙيو جيئن ڪير ۾ سيباڻ وجهي چاڏيءَ ۾ ولوڙبو آهي. ٿوري دير ڪانپوءِ سٽپ جي ڦٽين جيان ذهن تي ڳالھ تري آيس، تہ جنهن ڪيس ساڏپي جو سنگهر وڌو هيو، سو ئي لاهي سگهي ٿو. هن پڪو پهہ ڪيو تہ ڪيئن بہ ڪري ان جنجال مان جان آجي ڪرائيندو . پوءِ ڪٽي مهاراج آڏو گهرتان ۽ گيسيون ڪرٽيون پونس يا ڏن جي جهجهي دان سان رام ڪرٽو پويس، تہ بہ ڪندو. ان ڪان اڳ جو اوڙي پاڙي ۾ گهٽي  هُو هواءِ تي، ماٺهو گڏ تي ٻچ ٻچ ڪنس، سوڍو اُتي ڪڙو تيو.....
لاڙڪاٽو شهر، ڳوٺ ڪان پرتي ڪونہ هيو، ڪلاڪ سوا جو پنڌ هيو . مهاديو جو مندر ڏٺل هيس، پيءُ سان ڪيئي ڀيرا آيو ويو هيو. مندر ۾ پهتو تہ مهاراج شنڪر لال منهن سامهون تي ويس . سوڍو مهاراج اڳيان پاڻ ڇڏيندي ائين رنيڻ لڳو، جيئن سوئا ڏڳي ڪير ڪان وڇڙي وئي هجي.
” ڇا تيو ساڏ؟“، مهاراج شنڪر لال حيرت وچان پڇيس.

”مهراج سائين ! تو چيو هو، ته سچ جي ٻيڙي لڏندي آ، پر ٻڏندي ڪونهي.... پر مانجي ته سچ هڪڙي ڏيهن ۾ ٻيڙي ٻوڙي ڇڏي! “، سوڍو ڊنيڪار ڏئي روئي پيو.

”ڪهڙي ويڌن تي وري توسان؟“

”ساڏن جو زمانوناهي مهراج!.... مان چور هيس، ننگ هيس ته سيڪو سڌو هيو . جڏهن کان ساڏ ٿيو آن ته هر ڪو ڪڍ پئجي ويو آ. هڪڙو سچ ڳالهايم ته پلو ڳنڍ واڙ مان نڪري ويو....ٻيو ڳالهايم ته پورا ٻه هزار هليا ويا......ٽيون ڳالهايم ته جوءِ پڃ ڪرائڻ جو وچن ڪري گهر ڇڏي وئي آهي. سپاڻڪي سچ ۾ پئنچائت ۾ساک ٻه ڪٽائيندي ته منهنجو لاڏڪي سان ڪهڙو وهنوار هيو .هاڻي خبر ناهي ته اڳتي ڇا ٿيندو؟..“، سوڍي روئيندي روئيندي مهاراج کي پنهنجا سمورا سور سڻايا.

برهمڻ شنڪر لال سندس اوڏڪي لانڍ مان تنگ تي چڪو هيو، تنهن ڪاوڙ وچان چيس،”پائي ، مان ته ڪونه چيو هيومانءِ ته پنهنجي پِتا جي جيءَ چڙه!..... پر جيڪي اُڪرين ۾ متو وجهندا آهن، اهي مُهرين کان ته ناهن ڊجندا ....پاڻ ۾ شڪتي نه پئي سمجهئي، ته ساڌ جو پيو ٿئين؟“

سوڍي کي يقين ٿي ويو ته هاڻي روئڻ ۽ دانهن ڪرڻ سان ڪم نه هلندو، ته هن گوڏ جي پلئه مان پئسا ڇوڙي مهاراج شنڪر لال جي اڳيان رکيا، ”مهاراج! هي ٻه هزار روپيا دان جا ٿي! .... مانجو ڪو ٽِڪو پنجو ڪر... مان گريب جي جان آجي ڪراءِ ساڌپي مان!“

برهمڻ شنڪر لال دان جا پئسا گوڏي هينان ڪري ڪنهن ڳوڙهي سوچ ۾ هليو ويو. ڇڱي جهت ڪانپوءِ سوڍي کي چوڻ لڳو، ”سوڍا! توکي اها اتڪل تو ٻڌايانءِ، جيڪا ڀڳوان ڪرشن مهاڀارت جي يڌ ۾، دروڻ آچاريه کان جيتڻ لاءِ ارجن ۽ يڌشٽر کي ٻڌائي هئي“. سوڍو وات ڦاڙي ۽ ڪن سرلا ڪري مهاراج کي غور سان ٻڌو ڻ لڳو:

”تون ٻه ائين ڪر، جيئن يڌ شٽر دروڻ آچاريه اڳيان زور سان رڙ ڪندي چيو هيو، ”اشوتوما!“ پوءِ صفا آهستي چيو هئائين، ”هاٿي!“ ۽ پوءِ وري ٻوڪٽ ڪري چيو هئائين، ”مري ويو!“.... وير دروڻ آچاريه ائين سمجهيو، ته سندس پيارو پٽ اشوتوما مري ويوآهي. پوءِ ان وير دک وچان هٿيار ڦٽا ڪيا ۽ يڌ هارائي.... ڳالهه سمجهه ۾ آيئه؟“

سوڍي ڪنڌ ڌوڻي، ڳنڪ ۾ نهڪر ڪئي.

”اڙي پوڪ! تون ٻه لڪان کي جيتڻ لاءِ پئنچائت ۾ ساک ڪٽي ڏاڍيان چئه ، ’منهنجو لاڏڪي سان پيڻ جهڙو!‘ ۽ دل ۾ چئه ’نه!‘ ۽ پوءِ وري ڏاڍيان چئه،’وهنوار هيو.‘ سچي پئنچائت سمجهندي ته تنهنجو لاڏڪي سان پيڻ جهڙو وهنوار هيو. ائين لال ٻه ليندو،

پريت بہ رهجي ايندي. .... پيٽو! هاڻي تہ سمجهہ ۾ آيئہ نہ ڏرمي اٽڪل!؟“،مها راج شنڪر لال مشڪندي سمجهايس.

”اي مهراج!..... ڪاٿي ڀڳوان ۽ مهاويرن جو ديماڪ، ڪاٿي مان غريب اوڏ جو .... اتي وري ڪو تو جهڙو پڙهيل هجي ، جيڪو سچ ۾ ڪوڙ ملائي ۽ ڪوڙ ۾ سچ ، تہ خبر ئي نہ پوي .... مهراج سائين! مان تہ سنئون سڌو سچ ڳالهائڻ ڄاڻان يا سنئون سڌو ڪوڙ . مان سان ڪو اهڙو جڳاڙ ڪر جو اهو ساڌپي جو ڳنڱڻ لهي وڃي، پوءِ سڄي هند سنڌ جي اوڏڪي راڄ ڪي موڪل آ، جو مان ڪي پڇن. باقي مان ان اٽڪي ڀٽڪي مان نہ ڄاڻان!...“، مهاراج شنڪر لال ڪي سندس ڄٽڪي جواب تي ڏاڍي منيان لڳي . هن خار مان پيپڪي پٽيس، ”نڪري وڃ چوانءِ ٿو ڄٽ ڄٽ ڄا پٽ !..... ڳڏہ هڪليندڙن ڪي ڳڏہ وارو عقل هوندو نہ!؟..... جيئن وڻئي تيئن وڃي ڪارو منهن ڪر!.... پنهجي پتا جي آتما رول يا جنم جنم جو پاپي ٿي، منهنجو ڇا!“

مهاراج شنڪر لال ، پئسا مٺ ۾ ڪري اُٿيو ۽ مندر ۾ اندر گهري ڀڳوان شو جي مورتي اڳيان مٿو ٽيڪي پرارٿنا ۾ لڳي ويو. سوڍو بہ سندس پنيان ڪڍ لڳو آيو ۽ ڪيس چڱي مهل تائين نماڻن نيڻن سان نهاريندو رهيو. ٻي رخي مهاراج پنتي لئوٽو نہ هنيو، تہ هن ڪي ائين لڳو ڄڻ شو ڀڳوان ڪي سندس خلاف ڀڙڪائيندو هجي. هن شِوَ جي مورتي ڏانهن بہ نماڻو ٿي ڏٺو، تہ ائين محسوس ڪيائين ، ڄڻ ڀڳوان بہ ڪاوڙ ۾ترشول کنيون ڪيس گهوري رهيو آهي. هن ڪنڌ ڦيرائي مندر جي ڀتين تي ٽنگيل ديوين جي چترن ڏانهن بہ نهاريو، تہ اهي بہ ڪيس دياوان نہ لڳيون. هن ڪي لڳو تہ سيئي ڪائنس چڙيا ۽ ڏمرياوينا آهن. جڏن بہ سندس ڪاوڙ چوٽ چڙهي تہ ڳڏجي سندس ساہ نپوڙي ڇڏيندا . هن جو شرير ڏڪڻ لڳو ،ڪنبٽي وڏي ويس. هو مايوسيءَ وچان ٿڙڪندي پوئين پير مندر مان ٻاهر نڪري آيو.

سج لهي ٻڏي رهيو هيو تہ بس مان لهي ڳوٺ جي لاڙي تي رسيو .مايوسيءَ وچان گهلبو گهلبو گهر پهتو. هن ڏڪندي ٻتي ٻاري سرڪيءَ جي ٽوٽيءَ ۾ ٽنگي، کٽ تي آهليو تہ ڄڻ لڱن مان ساهہ ڇڏائڻ لڳس.

ٻتيءَ جي روشنيءَ تي اوڙي پاڙي ۾ چئوپچوءَ ٿي وئي، تہ سوڍو ساڌ گهر پهچي ويو آهي. مکي هرچند ۽ پئنچن کي اڳيئي ڳڻتي هئي، جو ڪين لَکان ۽ سوڍي جي جهيڙي جي خبر پئجي چڪي هئي ، تن جو ٻڌو تہ سرڪي ۾ ڏوڪي آيا. سوڍي، مکي ۽ پئنچن کي ڏسي اُٿڻ جي ڪئي تہ اُٿي نہ سگهيو.

”هئي ڀڳوان!..... سک شانت تہ آهي سوڍا ساڻ؟“، مکي سندس ويجهو ايندي رڙ ڪئي.
”ها ، بس مکي!.... “، سوڍو صرف ايترو چئي سگهيو.
”بس ڇا ؟ .... ٻڌاءِ تہ سهي ٿيو ڇاهي توکي؟“ ، مکي هرچند زور ڀريندي چيس ۽ پوءِ سوڍي جي پيشاني تي هٿ رکيائين تہ ڪيس ايئن لڳو، ڄڻ جنسي ٽاندا پئي ٻريا.
”مکي!..... مان منهن متايان ..... تہ رامن کي .... ساڻ نہ ڪجو .... پل مانجي آتما کي .... اَن ۽ جَلَ جو .... دان نہ ملي!..... “، سوڍي وڏي مشڪل سان، ساهيون ڪٽندي مکي ۽ پئنچن کي وصيت ڪئي.
”خير جي وائي ڪڍ ساڻ!..... ائين ڇو ٿو چئين؟.... ڏٽي خير ڪندو!“ ،پئنچن هڪ ٻئي ڏانهن ڏسندي چيو.
”خير جي وائي ڪڍ ساڻ!..... ائين ڇو ٿو چئين؟.... ڏٽي خير ڪندو!“ ،پئنچن هڪ ٻئي پٺيان زور سان رڙ ڪندي چيس، ڄڻ ڪنهن ٻوڙي سان ڳالهائيندا هجن.
”آڄ.... ساڻان ڇا... و... ڪ... ت ڪو ...نهي.... ادا!.... آ....ڄ... سا... ڻا.... ن... ڇا...“، سوڍو اوڏکي ٻولي ۾ وڌيڪ نہ چئي سگهيو، تيز بخار جي ڪري متائنس غش ڇڙهي ويو.

# سچ لھڻ ڪانپوءِ بہ ...

هو حد درجي جو سودائي ۽ عجيب قسم جو تصوراتي ماڻهو هيو. هن کي ڪڏهن ڪڏهن تصور جي اک اهڙي ڏِک بہ ڏيندي هئي. جڻ ”موهن جي دڙي“ جا آثار پنهنجين پتين چتين سميت جُڙي پيا آهن ۽ زندگي هر گهر جي اڱڻ تي ڪر موڙي اُٿي آهي.

هو ’پوڄاري بادشاه‘ جيان، اوچين پتين تان شهر جو جائزو وٺندي، رتابندي ۽ بچاءَ جي اوني ۾ غرق آهي. سندس سرمي ۾ تپ تيل اکين ۾ جڻ پورالي سنڌوءَ جي ادائن ۽ جفائن کي هٿ ڪرڻ جي حسرت سمايل آهي. پر اهڙي تصوراتي مانداڻ ۾ تڏهن مانڌاڻ پوندو هو.جڏهن ڏسڻ وارن جا ٽولا هلان ڪري سندس حد ۾ داخل ٿيندا هيا. تڏهن سندس چهري تي فڪر جي ريکائن ۾اجا اضافو ٿي ويندو هيو ۽ هوپنهنجي ويران شهر جي باقي آثارن کي بچائڻ ۾ ائين جنبي ويندو هيو ، جيئن شايد ’پوڄاري بادشاه‘ هن وسنديءَ کي ويران ٿيڻ کان اڳ ، آخري ڪوشش ڪندي بچايو هجي.

هيءَ ڪهڙي قسم جو سائيٽ اٽينڊنٽ هيو!؟..... اها ڳالهہ ’ڪيوريٽر‘ کان وٺي ’اسسٽنٽ ڪيوريٽر‘ تائين ڪنهن کي بہ سمجهہ نہ آئي هئي. البت، انهن پنهنجي سمجهہ مطابق اهو نتيجو ڪڍيو هيو تہ هن جو ڊيوٽيءَ کان اڌ ڪلاڪ اڳ اچڻ ۽ وقت پوري ٿيڻ کان پوءِ وڃڻ ۾ ضرور ڪو مقصد آهي . پلا ٻيو ڪهڙو مقصد ٿي سگهي ٿو، سواءِ ان لالچ جي تہ ڪنهن دير سوير اينڊڙ پرڏيهي کان بخشش ڳنهجي. پر اهو الزام باوجود ڪوشش جي بہ هو مٿانئس ثابت نہ ڪري سگهيا هيا.

اڄ بہ هميشہ وانگر وقت کان اڳ، ’ايس ڊي ايريا‘ ۾ پهچي چڪو هيو. هر هڪ پٽ کي جاچڻ ۽ هر هڪ ٽڙيل سر کي ناهڻ واري اجائي جُوفي ۾ جنبيل هيو . جنهن مان ڪيس ڪابہ هڙ حاصل ٿيڻي نہ هئي. اهو طعنو، سندس ساٿي سائيٽ اٽينڊنٽ اڪثر ڪري ڪيس سمجهائيندي هڻندا هيا ، ”سچيڏنا، اجايا هڏ ٿو هٽين،ورنڌ ڪجهہ بہ نہ!..... “ پر پوءِ بہ اهو طعنو سندس پِتي تي نہ پوندو هيو.

هن هيشہ وانگر ’استوپا‘ ڏانهن ويندڙ ڏاڪڻين تي چڙهندي،اوپارئين طرف منهن ڦيرائيندي وهندڙ سنڌوءَ کي حسرت سان ڏٺو . سچ جا سونهري ڪرڻا، سنڌوءَ جي جهرين کي جرڪائي رهيا هيا. هن هميشہ وانگر من ۾ سمايل ان آڪاٽيءَ کي ياد ڪيو، جيڪا ڏاڏنهس ڪيس هنج ۾ ويهاري، سامهون نظر ايندڙ سنڌوءَ جي ٻيٺهري ۾ ٻڌائي هئي:

”ابا، جڳن جي ڳالھہ آھي.... “، پوءِ ڏاڏنھس ڏڪندڙ ھٿن سان قتل آثارن ڏانھن اشارو ڪندي چوندي ھئي، ”ابا، وڏڙا ٻڌائيندا ھيا تہ اتي مونھين جو شھر ھيو“..... تنھن ڪانپوءِ سيني ۾ ان سانديل قصي کي ڪڏھن ٻڌائيندي ھئي، ” جيڏو ھيو شھر سھڻو، تھڙا ھيا ماڻھو منھن مھاندي وارا... مٿان وري ھيو راج ڪوڏيو ۽ بختاور ... مونھين جي ھاڪ ھئي .... ڏيھن ڪان ماڻھو مونھين کي ڏسڻ ايندا ھيا.... سڌون پيا ڪندا ھيا، تہ ان شھر ۾رھجي .... شھر ۾ رھڻ لاءِ منٿ ميڙ ٿيندي ھئي... جي سندس چڱي ھلت چلت ڏسي راءِ راضي ٿيس، تہ پوءِ جيئن چئبو آھي تہ جنھن تي راءِ راضي ،ان جي جھوليءَ چنڊ جُھليو......... ڏسندي ڏسندي اھو بہ مونھين جو ٿي ويندو ھيو ۽ مُونھون ان جو ..... “

”پوءِ ڏاڏي ڇا ٿيو؟“، ھو اڪثر پڇي ويھندو ھيو.

”ٻچڙا، ڪو تہ ڪلُور ٿيو ھوندو، جو سڪيو ستابو مونھون اُجڙي ويو ۽ مونھين وارن الائي ڪاڏي بر منھن ڪيو“، ھوءَ ناس جي دٻلي مان چھنڊي پري، نڪ ۾ سٽڪندي ، ٿڌو ساھہ پري چوندي ھئي.

ان ڪلور واري قصي جي ڪڏھن بہ ھن کي سڌ نہ پئجي سگھي ھئي ،جڻ ھن جي نظر ۾ اھو قصو درياھ جي پيٽ ۾ اچي ويو ھيو. جنھن کي وقت جي وير اھڙو تہ لٽي ۽ دٻائي ڇڏيو ھيو، جنھن جي پوري خبر ھن جي وڏڙن کي بہ نہ پئجي سگھي ھئي.....

”ڪھڙو ڪلور ٿيو ھوندو؟“، ھن پنھنجو پاڻ ڪان سوال ڪيو .

پوءِ پنھنجي اندر مان جواب ڳولڻ جي ڪوشش ڪندي ڪيائين، ”ايئن تہ نہ ٿيو ھيو، جيئن ھاڻي ٿئي پيو!؟.. پاڻ جيئن ڌاڙيلن جي اُرہ زورائي ۽ پوليس جي ڏاڍ ڪري، ڪچي جا پڪا ڇڏي پڪي تي اوڪڙو وينا آھيون“... ھن مونھين جي کُڪِ ۾، اولھائين پاسي ڪان پنھجن اڏيل پونگن ۽ لانڍين تي نظر وجھندي، ڏڪارو ٿي سوچيو،” متان ائين ٿيو ھجي، انھيءَ وقت بہ ڏاڍن ڏاڍ ڪيا ھجن ۽ زورآورن زورآوريون!؟..... “

ھن کي ائين پھہ پچائيندي ڳچ وقت ٿي چڪو ھيو. ھن چوڌاري نظرون ڦيرائيندي ڏٺو ھيو، تہ ’ايل، ايچ آر، وي ايس، ڊي ڪي ۽ منيرا ايريا‘ تي سيئي سائيٽ اٽينڊنٽ رکوالي لاءِ پھچي چڪا ھيا. ھاڻي ھو پٺ ورائي استوپا جي باقي بچيل ڪچي پڳوڙي جي سامھون اچي ويٺو ھيو. ڪچي پڳوڙي کي جاچيندي ، ڪجھہ ساعتون تہ ڪنھن گھري فڪر ۽ ويچار ۾ غرق ٿي ويو. جڻ ڪچو پڳوڙو ساڻس مخاطب ھيو يا ھوان سان.

استوپا جي اھو ئي پڳوڙو، جيڪا ھر ايندڙ جي پري ڪان آجيان ڪندو ھيو ۽ ھر ڏسندڙ کي سڏي پنھنجي اندر جا ھزارين داستان ٻڌائيندو ھيو، بشرطيڪ ڪو ڏسڻ ۽ ٻڌڻ وارو

هجي. هن ڏنو تہ جنهن ڪي صدين جو بي درد وقت بہ نہ جهڪائي سگهيو هيو، هاڻي انهيءَ ڪي ماڻهو پنهنجن پيرن هينان بيدردي سان لتاڙي رهيا هيا. شايد ڏينهون ڏينهن ڏسڻ ۽ سمجهڻ وارا گهٽبا پئي ويا ۽ رونشي ڪوڏيا وڌندا پئي ويا.

هو اسٽوپا جي ڪچي پڳوڙي سان اندر اوري، هاڻي اوڏيهہ ڏاڪن واري ڏاڪڻ جي منڍ تي، اتر منهن ڪيون، اجوڪي ڏينهن تي اچڻ وارن جي آجيان لاءِ اچي بيٺو هيو.اها سڌ ڪندي تہ من! مونهين ڪي ماڻهو انهيءَ اک سان ڏسن، جنهن اک سان هن ڏٺو آهي يا وري اهڙي ئي حيرت واري انداز ۾ ڏسن، جيئن پرڏيهين جا ٽولا پيار ۽ پاٻوهہ ۾ هن اجڙيل نگرکي ڏسي، عجب ڪائيندا ويندا آهن. هن ڪيترائي دفعا ڏٺو هو تہ پرڏيهين جا ٽولا، گائيڊ جي اڳواڻي ۾ هتي پهچي ، اڪثر شوق ۽ ذوق ۾ گائيڊ ڪي اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيندا هيا. سواءِ انهن پوڙهن ۽ پوڙهين جي، جيڪي پنهنجي سست رفتاري جي ڪري ان ڪي ٻڌڻ لاءِ مجبورهوندا هيا. اها ڳالهہ تہ وري سندس دل وٽان ٿيندي هئي، جڏهن پرڏيهي گهمندڙ ، مونهين جي هڪ هڪ گهٽي ۽ گهيڙ ڪي پنهنجي ڪئميرا جي اک سان محفوظ ڪندا هيا. ان وقت هن ڪي ائين لڳندو هيو، ڄڻ مونهين جي هڪ هڪ سِر ڪين پراڻي ڪال جا قصا ٻڌائيندي ويندي هئي ۽ پاڻ ئي مونهون سندن سونهون ٿي ويندو هيو.

هن اُيين پيرين اهڙائي دل ڪي ڏڍ پئي ڏنا تہ اجوڪن پانڌيڙن مان ڪو اهڙو نہ هوندو، جيڪو بي ٻٽيادن يا ڌرتي ڌڪاڻن جيان مونهين ڪي نفرت ۽ ڌڪار مان نهاري چوندو ، ”سپ بڪواس آ!... سپ فضول آ يا هيءَڪافرن جي تهذيب آ...“ هن هيشہ وانگر اڄ بہ ساڳي سڌ رکي هئي تہ اجوڪو ڏينهن سرت ۽ ساڃاهوندن جو هوندو، ڏسڻ ۽ سوچڻ وارن جو هوندو. ائين اندر اوريندي اوريندي سندس انتظار جون گهڙيون پوريون ٿي چڪيون هيون. بہ بسون زوڪات ڪنديون ، ’ايس ڊي ايريا‘ جي لوهي گيٽ جي سامهون اچي بيٺيون هيون. اندازن سئو سوا گلن جهڙا ٻارڙا هيٺ لهي چڪا هيا. مالهين جهڙا ڇهہ برجستا استاد ڇهبڪن ۽ چپاٽن جي زور تي ڪين چپ ڪرائي رهيا هيا. بندرو ۽ گهاٽي ڏاڙهي وارو استاد، جيڪو بين ڪان عمر ۽ عهدي ۾ ڪجهہ سرس پئي لڳو، تنهن ٻارڙن ڪي خالص لاڙڪاڻي واري لهجي ۾ سمجهائڻ شروع ڪيو:

”اڙي شورئو! ... هي توءَ مو ... هن جو ... دڙو!... هتي .... اڻ... آريا .... رهندا .... هيا!.... ڪچي، .... مشي... ۽ ڪچو گوشت ... ڪائيندا هيا ... ٻڌئو!؟“.

ٻارڙن ٿهڪڙا ڏيندي ڪورس واري انداز ۾ جواب ڏنو، ”جي سائين!!!“

”ھاٿي ھي .... سامھون ٿـو ... اسٽوپو! ... گھمڻ گھتڻ لاءِ ... متان پوءِ گھر وجي پھنجي وڏن کي دانھن ڏيو تہ سائين وڏو يا استاد چندو ونـي ڪائي ويا ۽ ڏيکاريائون ڪجھ بہ نہ!“
”جي سائين!!!“، پارڙن زور سان بيزاريءَ مِ جواب ڏنو.
”ھاٿي متي ھلو، شاباس!“، استاد ڏِسٽي آڱر سان اسٽوپا طرف اشارو ڪندي، ڪنھن فوجي آفيسر وانگر چڙھائيءَ جو حڪم ڏنو. پارڙا حڪم جي تعميل ڪندي جنگي سپاھين وانگر اسٽوپا کي وڪوڙي ويا.
’استاد وڏي‘ جي انوکي چاڻ ، ھن کي سڪتي ۾ آڻي ڇڏيو. ھاڻ ھن ٻي سڌ ڪئي ھئي تہ جيڪر متي ۽ واريءَ جو وڏو طوفان لڳي ۽ ھن قتل شھر جي آثارن کي مڻ متين ۾ ملائي ڇڏي . پر ھن کي اھا بہ خبر ھئي تہ اندر جون سڌون صرف سڌون ئي ھونديون آھن، ساڀيا نہ ٿينديون آھن.
پارڙا ھاٿي اڃاتري ڏڻ وانگر بي قابو ٿي چڪا ھيا. اھو ئي ٿيو، جنھن جو ڪيس پئو ھيو. ھن ڏٺو تہ پارڙا اسٽوپا جي ڪچي پڳوڙي تي چڙھي رھيا ھيا. ھن پارن کي ڪاڪڙي تي زور ڏيندي گھٽيون ھڪلون ڏنيون ، پر بي چَين پارن تي بي اثر ثابت ٿيون . پاڻ کي بيوس سمجھندي ھن بينل تماشائي استادن کي التجا واري انداز ۾ چيو:
”سائين ، مھرباني ڪري پارڙن کي ھيٺ لاھيو، زيان ٿو ٿئي“.
اسٽوپا ڪان ھيٺ ڊنل مڙھين يا حجرن وارن آثارن تي بينـل ’سائين وڏي‘ جي دل کي جھُبو اچي ويو. تنھن ڪيس آٿت ڏيندي ، ”حاضر بابا!“ چئي، پنھنجي پرسان بينـل ننڍڙي چوڪري جو ھٿ پڪڙيندي، اسٽوپا تي چڙھي پوري طاقت سان چنبو ڪنديريندي،اتي بينل پارن کي ھڪ زوردار پوندو ۽ ڪڙڪيدار دڙڪو ڏنو:
”لخ جي لعنت ٿو شورئو!.... ڪتي جا پٽئو، لھو ھيٺ!“
ان زوردار پوندي ۽ دڙڪي جو اثر پارن تي وقتائتو ٿيو. پارڙن پڳوڙي جي ڏاڪٽي ڪنڌ کي پنھنجن ننڍڙن بوتن سان ضربون ڏيندا ، ”ٽپ!..... ٽپ!..... ڪندا، متيءَ جا پور ڪيرائيندا ھيٺ لھي ويا. ھن دل ئي دل ۾ استاد وڏي جو شڪريو ادا پئي ڪيو تہ استاد وڏي جي نينگرڙي سباجھي انداز ۾ انگل ڪري وڏو:
”بابا، مان کي بہ متي!؟....“
استاد وڏي معصوم پارڙي جي انگل کي پوري ڪرڻ ۾ دير ئي نہ ڪئي. پڳوڙي تي ڏاڪٽي پاسي ڪان پنھنجي پير ۾ پيل ڪاري بوٽ کي قبائيندي چڙھي پيو. سچيڏني ڪان

رڙ نڪري وئي:

”اڙي سائين!..... تون پنهنجي سِر بہ!؟“

”چاچا ، چو تو هيانءُ لاهين ، مڙيئي پُٽڙي ڪي ريجهايان تو“، سائين وڏي سمجهائڻ واري انداز ۾ جواب ڏنس.

”پر ابا، آفيسرن جي جهل آ ۽ اهو قانوني ڏوهہ بہ آ“

”چاچا، ماستر سمجهي دڙڪا نہ ڏي قانون جا، اسان کي بہ قانون جي خبر آهي. هن پت تي چڙهندي ، جيڪا ٻين کي ڦاهي ڏني اَٿو، سا سپاٽي اسان کي بہ ڏيارجو، بس نہ!؟“

”ابا، دڙڪا تہ ڪونہ ٿو ڏيانءِ ، پر چڱائي پئي چيم!“، سچيڏني هينيائين وننڌي وراڻيو.

”چاچا ، پت سرڪاري آ، جي پڇي پوندي تہ ٻي نهندي، تون اجايو پچڙيون نہ هڻ!“

سچيڏني ، سندس ڳالهائڻ مان اندازو هنيو تہ استاد وڏو پاڻيانو ۽ ڦڏئي آهي. ان ڪري خاموشي سان استاد کي رڳو حيرت مان ۽ پڳوڙي جي پور پور تي ڪرنڌڙ متيءَ کي حسرت سان ڏٺو، جنهن تي لهڻ چڙهڻ ڪري ،هاٽي چڻ تہ ڏاڪا نهي ويا هيا.

استاد وڏو، وڏي ڊنائپ سان پنهنجي ۽ پنهنجي ٻارڙي جي حسرت ماري هيٺ لهي استادن ۽ ٻارن جي ٽَلي ۾ شامل ٿي چڪو هيو. جيڪو وڏي حوض کي لتاڙي، ”ايل ايريا“ ۾ ڊومان هٽي رهيو هيو. هن جون نظرون اجا استاد ن ۽ ٻارن جي جو پيڇو ڪري رهيون هيون ،تہ هن اترئين پاسي کان ايندڙ مرد ۽ عورت جي مليل جليل ٿهڪن تي پنهنجو منهن ڦيرائي اوٽنيهہ ڏاڪڻ واري ڏاڪڻ ڏانهن ڪري ڇڏيو. جنهن تان هڪ ٻي جوڙ جوڙو آهستي آهستي مٿي اچي رهيو هيو. گول مٿول مرد جو پيٽ، ڊگهي ۽ ايپي ڏاڪڻ چڙهڻ ڪري هلچل ۾ اچي ويو هيو ۽ پگهر سندس خضاب ٿيل وارن مان ڳڙي، سندس ٿلهي گردن تان لڪيرون ناهي پئي هليو . پر پوءِ بہ هو انهيءَ اذيت واري حالت ۾، ميڪ اپ سان پرپور نخريلي جوانڙيءَ جي اکين ۽ هٿن جي ادائن سهاري چڙهڻ ۾ ڪامياب ٿي چڪو هيو . هن چڙهندي ٿڪاوٽ وچان هڪ وڏو ساهہ ڪٽندي چيو، ”اُف!“ ۽ پوءِ نوجوانڙي سان مخاطب ٿيندي چيائين:

”اڙي اهو ٿئي راجا موهن مل جو بنگلو!“

”هو..اون!“، نوجوانڙي حيران ٿيندي ۽ پوءِ استوپا جي چوڌاري مڙهين جي آثارن ڏانهن اشارو ڪندي پڇيس، ”ءُ اُتي؟“

” اتي راجا جو سپاهہ رهندو هو“.

”ڪهڙي ڪمائي هوندن، بنگلي تي ڊيوٽي ڪندي!“، نوجوانڙيءَ نخري سان چپارو

ڪيندي اندازو لڳايو.
”بس سمجھ تہ لائن ۾“، گول متول مرد سندس ڳالھ کي ٽيڪو ڏيندي چيو.
”مون کي بہ تہ بنگلو وٺي ڏي نہ، واعدو جو ڪيو ھيئي؟ “ ،نوجوانڙي کي بنگلي واري ڳالھ تان سندس ڪيل واعدو ياد اچي ويو.
”اڙي وٺي ڏيندو ماڻ ... رڳو بہ تي ڏينھن ڇڏ ... ٽاٽي تي آئي ڪھڙا ڏينھن ٿيا آھن،ٻڌاءِ؟..“
”“چڱو واعدو ڪر ڪڏھن ؟“
”ڏاڙھي آ، اڳلي مھيني“، مرد پنھنجي ڪوڙيل ڏاڙھي تي ڪابو ھٿ ڦيرائيندي وراڻيو.
”اڙي اھو تہ ٻڌاءِ تہ ھن بنگلي جي ڪچي پٽ تي ويھي راجا ڇا ڪندو ھو؟“، نوجوانڙي اسٽوپا جي ڪچي پڳوڙي جي اڏاوت کي نہ سمجھندي پڇيس.
”راجا ڇا ڪندا ھيا؟!“، مرد ساڳيو ئي سوال ڦيرائي نوجوانڙي کان ڪيو.
”مون کي ڪھڙي خبر تہ ڇا ڪندا ھيا؟“، نوجوانڙي سمجھندي بہ ڪانئس وضاحت گھري.
”پري کان نظرن سان گھرن جي جھرتي وٺندا ھيا، تہ ڪھڙي ڪھڙي گھر جون ڇوريون تير ڪمان لڳيون پيون آھن“، مرد اک ھٽندي ٻڌايس.
”ھون..اون!..ڇئبو تہ وڏو نظروت ھيو“، نوجوانڙي سمجھندي مشڪي پئي.
”اونئين ، جوٽھنس تہ وري ٻيٽي شوقين ھئي“ ،گول متول مرد وڌيڪ انڪشاف ڪندي ٻڌايس.
”نہ ، نہ!“، نوجوانڙي کان شوق ۽ جستجو مان رڙ نڪري وئي.
”جوٽھنس وري اھڙي سُرنگھ نھرائي ھئي ، جتان پنھنجي يار سان وڃي ملندي ھئي. توکي بہ ھاٽي ڪا اھڙي سرنگھ نھرائي ڏيان ، باقي ھڪ اڌ نياپي کي تہ ليکي ئين نٿي“، مرد ميار ڏيندي چيس.
”مان ڪو مڙس کان ڊڄڻ واري آھيان ڇا!؟ ... ھي سينڊ آ، تون ھيڪر بنگلو وٺي ڏي، دنيا کي ڏيکاري توسان نہ وينس، تہ اچي متو ڪوڙجانءِ!.....“
”اڙي اھا سرنگھ ھتان اولھائين پاسي کان ٿي!“،گول متول مرد بنگلي واري ڳالھ تان ڌيان ھٽائڻ لاءِ نئين ڳالھ ٻڌايس.
”ائي، ڪاٿي آ سرنگھ ڏيکار ؟“،نوجوانڙي جستجو وچان پڇيس.
”چڱو ھن پٽ تي چڙھي ، اولھائين پاسي ڏي ڏس!“
”تون بہ تہ چڙھ نہ ؟“، نوجوانڙي ضد ڪندي چيس.

”اڙي اسان هاڻي ڪائي ڪائي تي پيا هون سائهر!، ڪاتي تا چڙهي سگهون“، مرد پنهنجي ٿوتريل جسم تي ناز ڪندي چڙهڻ ڪان صاف لنوائي ويو ۽ پوءِ نوجوانڙيءَ کي چيائين،”اڙي، هلي آ تہ ٽيڪ ڏيئي چاڙهيانءِ “، گول مٿول مرد نوجوانڙي کي سڏ ڪندي ،اجا چيلهہ ۾ هٿ وجهي ڏاڪڻي پاسي کان پٽ تي چاڙهڻ لڳو تہ سچيڏنو جيڪو پريرو بٽ بٽيو کين حيرت مان تڪي رهيو هيو، تنهن کان رڙ نڪري وئي:

”اڙي ابا!... تون پڙهيل ڪيل!... عملدار!.... تون بہ جو ائين ڪرين تہ باقي؟.....“

گول مٿول سندس ظاهري شڪل کي ڏسندي بي پرواهي سان نوجوانڙيءَ کي پڳوڙي جي ڪچي پٽ تي چاڙهڻ ۾ مشغول رهيو. نوجوانڙي ڪوشش جي باوجود بہ نہ پئي چڙهي سگهي، رڳو ٽڙ ڦٽڙ ۾ سينڊل جي ڪڙين سان پڳوڙي کي رهڙا پئي ڏنا.

”او، ابا!.... ٻيلي ... ڪيڏا نہ ايلاز تو ڪيانءِ ... ٻڌي ئي نٿو؟“، سچيڏنو چوندو رهيو.

”ڊِڪ لڳي تي وجئي ڪراڙا، هاڻُ تو ڦاٽئي پٽ لاءِ... پٽ نہ هوندي تہ ملڪ نہ هلندو. اسان ماڻهو ڊاهي چڏيندا آهيون تہ ڪو چوڻ وارو ناهي هوندو. باقي هيءَ پٽ اچي موتبر تي آ... ڪير آ ڙي؟“،گول مٿول مرد پنهنجي پوليسڪي رڳ ڏيکاريندي پڇيس.

”سائين، مان سائيٽ اٽيندنٽ!“، سچيڏني هيسجي جواب ڏنس.

”ماڪي تہ منهن مهانڊي ۾ ڏاڙيل تو لڳين“، هن سندس اچي پڳ ۽ نپيل ڏاڙهيءَ ڏانهن اشارو ڪندي چيو.

”نہ سائين، مان تہ غريب ماڻهو آهيان“.

”هجي ها ٽاڻي تي، تہ دونهان ڪڍي چڏيانءِ ها.... پر ڪاڏي ويندي !“، گول مٿول مرد ڪاوڙ ۾ سندس سوا پنجن فوٽن جي قد کي گهوريندي ڌمڪي ڏني ۽ پوءِ سرنگهہ ڏيکارڻ لاءِ اسٽوپا جي ڏاڪڻي، ڏاڪڻ تان نوجوانڙي سان گڏ لهي ويو.

سچيڏني پنهنجي موڪري مُنهن تان آيل پگهر کي ، اچي قميص جي پلوءَ سان اگهي ، منهن اوپارين پاسي ’ڊي کي ايريا‘ ڏانهن ڪري چڏيو . هن کي ائين محسوس ٿي رهيو هيو جڻ هو مونهين جي ڪنهن وڏي ۽ گهري کوهہ ۾ اُجلايل ماڻهوءَ جيان آهي، جتان ڪو بہ سندس آواز کي ٻڌي يا سمجهي نٿو سگهي.

هو وساڻل وساڻل اسٽوپا جي اترئين پاسي هڪ پڪ سري پٽ تي اچي ويهي رهيو هيو. هن جون نظرون مونهين جو طواف ڪنديون جڏهن ’ايس ڊي ايريا‘ جي گيٽ مان داخل ٿيندڙ پنج عدد عالم سڳورن تي پيون . جيڪي دستار مبارڪ ۽ لنڊين سٽڻ سان نرڙ تي عالماڻو گهنڊ سجايون تيزيءَ سان اسٽوپا ڏانهن اچي رهيا هيا. سندن سونهارين ۽

اڄ اجرن ڪپڙن ڪي ڏسي سچيڏني جي دل ۾ سندن لاءِ عزت ۽ احترام وڌي ويو هيو. هن سوچيو، جيترا هو ٻاهران اڇا اجرا ۽ نيڪ ٿا لڳن ، اوترا اندر جا بہ ضرور هوندا. من! هنن جي گفتگو، سندس هياءَ تي چنبو وجهي وجي . هن دل ئي دل ۾ پڪ ڪيو تہ انهن جي پٺ ونبي ، سندن ڳالهائڻ ٻڌبو ۽ هيئين سان هنڊائبو.

هاڻي عالم سڳورا استوپا تي پهچي چڪا هيا. عمر رسيده عالم سڳوري گوڏن جي سور جي دانهن ڪندي ۽ گهروساه ڪڍندي چيو ، "ابئول! گوڏا ئي ونجي ويا ، ڪافر ڪيڏو نہ مٿي رهندا هيا".

"توهان بجا فرمايو ، استاد محترم!"، نئين ريهہ لٿل عالم سڳوري ڪنڌ ڌوڻي سندس تائيد ڪئي.

"اڙي عبرت حاصل ڪيو، عبرت! ... هن منڪرن جي شهر مان..."،عالم سڳوري ٺاهوڪي اوٻاسي ڏيندي اوپارين ۽ ڏاکڻي پاسي آثارن طرف اشارا ڪندي انڪشاف ڪيو:

"ڪتابن ۾ آيو آهي تہ بادشاهہ ڏاڍو ظالم، زاني، شرابي ۽ رب جو وڏو نافرمان هيو... چوندو هيو، مان رب آهيان!"

"لخ لعنت جا پها ٻڌانس!"، فرط جذبات ۾ ڏند ڪرٽيندي، هڪ اڌوهي مولانا خار مان رايو ڏنو.

"هي سڄو شهر سمجهہ تہ شيطاني چرخو هو، مولانا محمد صادق!.... رنا ڇيڪ چڙيون وتنديون هيون... گهر گهر ۾ چير پئي چمڪندي هئي. اڳيان رن تہ پٺيان مرد ... محبت موڪلائي وئي، مرد کي مرد کان نفرت ٿي وئي .... پوءِ تہ خدا جي رحمت کي اهڙو جوش آيو، جو ملائڪ سڳورا موڪلي مٿائن اهڙوتہ قهر نازل ڪيائين، جو هي سڄو ڪفرستان قبرستان ٿي ويو".

"چڱو ڪيائينِ!"، مولانا محمد صادق ڪافرن جي انجام تي خوش ٿيندي وراڻيو.

"پوءِ جڏهن هتي انگريز بي دين آيا. تن کوٽائي ، بت ڪڍي ، ڪجهہ پنهنجي ملڪ کڻي ويا. ڪجهہ هتي ڇڏي ويا. هاڻي هتان جا منافق ۽ مشرڪ ڪين پنهنجن ابن ڏاڏن جون نشانيون سمجهي پيا سانڍين ۽ رڙيون ڪن تہ هتان جا ماڻهو وڏا سڌريل هيا".

"ڪو دانگي سان مهڪارو ٿين!"، مولانا محمد صادق، جذباتي انداز ۾ وراڻيو.

"يلا، استاد عزت ماب !... هي ڪچي يٽ جو ٻنوڙو. ڇا لئہ ڪافرن اڏايو هيو؟" ننڍي نيٽي عالم سڳوري استوپا واري پڳوڙي ڏانهن اشارو ڪندي پڇيو.

"ان تي چڙهي پراوا ننگ ڏسندو هيو، ٻي ڇا ڪندو هو، ڪُني مهٽيو!"

”استاد محترم، ان تي چڙهي ڏسان!؟“، نندي نيٽي عالم ، وڏي عالم سڳوري سان حجت ڪندي پڇيو.
”چڙهہ ، چڙهہ!... ڪير تو جهلئي!“، وڏي عالم سڳوري خوشيءَ مان اجازت ڏيندي وراڻيس.
”او نندڙا ، مولانا... نہ چڙهہ!... نہ چڙهہ پڳوڙي جا چاپڙ ڪري پوندا قبلا!....“، پويان بيٺل سچيڏني عاجزي ۽ انڪساري ڪندي منع ڪيس.
”اهي ڪفر جا نشان ڍهن تہ چڱو نہ!“، وڏي عالم سڳوري نخوت سان جواب ڏنس.
”قبلا سائين انهن کي بچائڻ لاءِ تہ سرڪار اسان کي پگهار ڏي ٿي.. وري سرڪار نامدار کي، دنيا جا ٻيا ملڪ بہ انهيءَ ڪري امداد ڏين ٿا، تہ اهي آثارڙا بچن.“، سچيڏني وڏي عالم سڳوري جي اڳيان ڏاڍي ادب سان وضاحت ڪئي.
”اڙي، جنهن کي خدا تباهہ ڪيو آ، ان کي تون ڇا بچائيندين؟... تنهنجي سرڪار ڇا بچائيندي ۽ ٻي دنيا وارا ڇا بچائيندا ؟... ڦٽ آ توکي، تنهنجي سرڪار کي ۽ ٻي دنيا وارن ملڪن کي... هونهہ ! ... اهي تہ مشرڪ! .... پر خدا تنهنجو بہ اڇي ڏاڙهي ۾ خانو خراب ڪيو آ.... جي اها پگهار ان ڪري ٿو وٺين تہ ڪافرن جا نيشان بچن، تہ پنهنجي قيامت ڪاري ٿو ڪرين!!“
انهيءَ تقرير دوران، ننڍو نيٽو عالم سٽڻ جي ٻچي سڏي ڪري، ور ڪنجهي صفائي سان ملتاني گهيتلي سوڏو پٽ تي چڙهي ، ڪجهہ چاپڙ ڪيرائي ثوابِ دارين حاصل ڪري چڪو هيو. چوڏاري نظرون ڦيرائيندي، حيرت مان ڪانئس رڙ نڪري وئي هئي:
”جهَلِ استاد!... ڇئين سچ ٿو !.... وڏو ڪفر ستان هو، ڇئبو!“
”هل ، هل! .. تہ دوزخي حوض بہ ڏيکاريانو، جتي ڪافر وهنجندي ،اِغلام بازي بہ ڪندا هيا“، وڏي عالم سڳوري انڪشاف ڪندي سيني جي جستجو وڌائي ڇڏي هئي. پوءِ عالم سڳورا شوق ۽ ذوق ۾ ڊُرليون لوڏيندا، دوزخي حوض طرف وڃڻ لڳا. پر سچيڏنو سندن وڃڻ ڪانپوءِ بہ ڪافي دير تائين، نظرن سان سندن پيڇو ڪندو رهيو. جيستائين عالم سڳورا ان حوض ڪان ٿيندا ’ايل ايريا‘ جي گهٽين ۾گم نہ ٿي ويا . هو سوچڻ لڳو، موهين جا اڏيندڙ ۽ هاڻي آثار بچائيندڙ گناهگار آهن؟... شهر کي تباهہ ڪرڻ ۽ آثارن کي ميسارڻ وارا ثواب ڪمائيندڙ آهن يعني ناهڻ گناهہ ۽ ڊاهڻ ثواب آهي. سندس اندر ڪٽڪ جي داٽن جيان، جڻ جنڊ جي ٻن پڙن وچ ۾ ڏرجندي پئي ويو. اندرئين ڪشمڪش جي ڪري هن جا ويڪرا ۽ سڌا پنا هيٺ لڙڪي پيا هيا. ڪيس محسوس ٿي

رھيو ھيو جڻ ھو صدين جو گناھگار آھي.
ھو پاڻ گھليندو اترئين پاسي واري ڊاڪڻ تان ھيٺ لھي'ايس ڊي ايريا' جي گيٽ پرسان ڪنڊيءَ جي وڻ ھيٺان بيھي گناھن ۽ ثوابن جي ڳڻ ڳوت ۾ لڳي ويو..........اوچتو "ڊز!... ڊز!...ڊزڪ، ڊز!..." جي ڌماڪيدار آوازن تي سچيڏني ڪان ڇرڪ نڪري ويو. ھن ڏٺو تہ پنجاھيڪو ڪن نوجوان ھڪ مِني بس تان ھيٺ لھي، گيٽ طرف ڊوڪيندا اچي رھيا ھيا. ڪجھ نوجوانن ڪي ھٿن ۾ ٽيپ رڪارڊر ھيا، جيڪي فل آواز سان وڄي وايو منڊل ۾ ترٿلو پيدا ڪري رھيا ھيا. ھن سندن افعالن مان اندازو ڪري ورتو ھيو، تہ پڪ سان اھي ڪاليجي شاگرد ھوندا. ھن ڏٺو تہ گھڻن نوجوانن اسٽوپا ڏانھن ويندڙ ڏاڪڻ تان چڙھڻ مناسب نہ ڄاتو، نھيل نڪيل پيچرن تي ھلڻ بجاءِ پنھنجا نوان گس ۽ پيچرا جوڙڻ لڳا . جنھن ڪري ڪيترين ئي سرون جيڪي رڳو اٽڪاءَ تي بيٺيون ھيون ، پنھنجين جاين تي ٿڙندي ھيٺ ڪري چڪيو ھيون. نہ چاھيندي بہ ھو ھيانءَ جي ڏڍ تي سندن پٺيان ھلڻ لڳو. سمورا نوجوان 'ايس ڊي ايريا' ڪي ائين ورائي ويا ھيا ،جڻ ڪنھن وڏي ياچ ڪانپوءِ خالي شھر غنيمن جي ور چڙھي ويو ھجي. حوض وارو پاسو جڻ ميدانِ جنگ بڻجي چڪو ھيو، جتي نوراڪشتي ڪان وٺي مارشل آرٽ جو مظاھرو ٿي رھيو ھيو. مضبوط سرون بہ پنھنجين جاين تان ٿڙڪي ۽ پٽجي ڪين داد ڏيئي رھيون ھيون. انھن مان ڪجھ نوجوان جيڪي فنڪارانہ طبعيت جا مالڪ ۽ ويڙھ ڪي انسان جي بري جبلت سمجھند ھئا، تن اسٽوپا جي ڪچي پڳوڙي تي وڃي ديرو دمايو ھو. انھن مان ھڪ جوڙي فنڪارن جي اسٽوپا جي پڳوڙي تي بريڪ ڊانس ڪندي فوٽو ڪيرائي رھي ھئي. سچيڏني اھو سمجھندي بہ تہ سندس ميڙ منٿون بي اثر ثابت ٿينديون ، پر پوءِ بہ عادت ڪان مجبور ٿي اڳتي وڌيو ھو. ھن انھن شوخ ۽ چنچل ڇوڪرن ڪي جيڪي پٽ تي ڦيراٽيون پائيندي ۽ بدن جي ھڪ ھڪ انگ ڪي ڦڙڪائيندي پڳوڙي جا چاپڙ لاھي رھيا ھا، تن ڪي ايلاز ڪرڻ شروع ڪيا:
"او پُٽ!... ٻيلي، الله جو نالو ٿو، ..... ھي! ..... ھي تہ ڏسو ڪيئن نہ پڳوڙو پورپور پيوٽئي!؟"
"چاچا!... اسان، توکي موئن جي دڙي جي نچڻيءَ وانگر نٽا لڳئون؟..."، نوجوانن نچڻيءَ جو پوز ناھيندي پڇيس.
"ھا، ابا!... ان ڪان بہ وڌيڪ پر....."
"باءِ گاڊ!... تو بہ ڪنگ پريسٽ ڪان گھٽ ڪونھين ..... ھلي آ تہ گڏجي ڊانس ڪيون".

هڪڙي نوجوان فنڪار رقص جي دعوت ڏيندي چيس.
”ابا، مان ڇا ڄاڻان،انهن ڳالهين مان...“
”چاچا، سون جو پٽُ ڪاڏي ڪيئه؟“، ٻئي نوجوان خوامخواه چيڙائڻ لاءِ سوال ڪيس.
سچيڏني خاموشي ۾ عافيت سمجهندي، ڪين ڪوبه جواب نه ڏنو. فنڪار نوجوانن جهمريون پائيندي، سچيڏني کي چيڙائڻ واري انداز ۾ ڳائڻ شروع ڪيو.
سچيڏنو مٿين ڪان نا اُميد ٿي هيٺ حوض واري پاسي لهي آيو هيو. هڪ نوجوان جنهن کي گهيريدار سفيد سٿڻ ۽ بوسڪي جي قميص پهريل هئي. هو نيپولين بونا پارٽ جيان ٻئي هٿ پنتي ڪيون ،انهيءَ ويڙهه واري مظاهري مان لطف وٺي رهيو هيو، تنهن کي پاسو ڏيندي چيائين، ”پٽ، تون سياڻو سيبتو ٿو لڳين، هنن کي جهلين نٿو!“
”چاچا، اهي چريا پٽ هن، نه مڙندا!“، ان ڪيس ٺپ جواب ڏنو.
”ابا، پڳوڙو ڍهي پوندو ته ڄڻ مونهين جو موڙ ٽٽي پوندو ... اهو سڀ ڪجهه توهان جو ته ورثو آ، توهان پاڻ خيال نه ڪندءُ ته ٻيو ڪير ڪندو؟...“
”تون دل نه لاهه چاچا!... جي پڇي پيو ته سڄو اسٽوپا، سيمينٽ يا سنگ مرمر سان نهرائڻ جو حڪومت ڪان مطالبو ڪبو... اڄڪلهه پنهنجي حڪومت آ، سڄي سنڌ کي موئن جو دڙو ٻڻائي سگهون ٿا، تون خوامخواه پريشان نه ٿي!“
”پر ابا، اهي آٿا... رڙا.. ته نه رهندا نه؟...“، هن نهايت عاجزيءَ سان ڪيس عرض ڪندي چيو.
”پيٽان، مٿو ئي چٽي ويو آن!... پنهنجي ورثي جي حفاظت ڪرڻ اسان جو ڪم آ يا تنهنجو؟ ..... اسان تي هتي اچي مئلن جي شهر کي زندگي بخشيون ٿا، تنهنجي آ جو ٽر!ٽر! لڳي تي وڃي!“، نوجوان سچيڏني تي چڙي پيو.
”وڏا ڇا هي؟“، ٻيو نوجوان جيڪو پريرو زور زور سان ٺهڪ ڏيئي رهيو هو، تنهن ڪنڌ ڦيرائي پڇيس.
ڪجهه ناهي، مڙيئي ڪُراڙي کي ازل ڪنيو آ!“
”لاهيونس يلا چنچري!؟“، ٻي نوجوان ڄڻ اجازت گهرندي وراڻيس.
سچيڏني چنچري لهرائڻ ڪان اڳ ئي ڪڙين تي زور ڏنو ۽ اسٽوپا جي اترئين پاسي واري ڏاڪڻ تان لهي، ”ايس ڊي ايريا“ جي سامهون واري باغيچي ۾ اچي ساهي پٽي هئي. هو ڪنهن ڍنل سهي جيان سهڪي رهيو هو. هن جي دل وري هڪ انوکي سڏ ڪئي هئي ته ڪاش! هن کي ديون جيڏي طاقت هجي ها، ته مونهين کي ڪنهن چڪيءَ جيان پٽي

ڪنهن سانتيڪي جوءِ تي رکي اچي ها. جڏهن سڌن جي تصور مان نڪتو تہ ٻانهن ۾ پاتل سستي گهڙيءَ تي نظر وڌائين. پورا ٻہ وڳا هيا. هو ماني ڪائڻ لاءِ باغيچي ۾ رکيل ڪاٺ جي بئنچ تي اچي وينو. پاسي واري ڪيسي مان، رومال ۾ ويڙهيل چانورن جا ٻہ سنها چِلا ۽ ڳڙ ڪڍي ڪائڻ لڳو. هن ماني ڪائيندي ٻہرن جي پاڙ ۾ رکيل مٽ مان پاڻيءَ جا ٻہ ٽي گلاس هڪ ٻئي مٿان ڏوگهي ورتا هيا، جڻ اڌ ڏينهن ۾ مليل توائين جي تاس اجهائڻ پئي چاهيائين. اچوڪي اباڻڪائي ۽ نراسائي ڪيس ڪٿان جو ڪٿان نيو پئي ويئي. هن ڪي ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ چا ڪري؟... هن پنهنجي منهن پٽڪڻ شروع ڪري ڏنو جڻ پاڻ کي مٿيون ڏيندو هجي:

”ڪنهن ڪنهن کي سمجهائيندي سچيڏنا!..... ڪنهن ڪنهن اڳيان ليلائيندي؟..... هتي جو هڙيئي ڪفن چور... وڏڙن جي وٽ لوٺڻ ۽ لٽڻ وارا ... خبر بہ اتئي تہ مٿان ڪان هيٺ ائين ڪم پيو هلي... تون بہ ٻين وانگر هاهڙ هوهڙ ۽ ليڙ سپڙ ڪري ڪم ٽپاءِ ... ڪنهن لاءِ جهوراٽو؟..... چا لئہ اُسڙڪڻ؟.... اجايو لالانگهرو تہ اڪن مان انب ملندا ۽ ٻہرن مان ٻير؟... هي لڪيل پڙهيل جاهلن جو ملڪ آ...“، هن پاڻ جهيڙيندي گهرو ساهہ ڪنيو ، پوءِ وڏي پيڙا ۽ اذيت پسنديءَ سان آخري فيصلو ڪري ڇڏيائين:

”اڳتي ڪڪ پيجي بہ ٻيٺو نہ ڪبو... هاڻي جاڙي بہ جڳ سان !.... “

اهڙي فيصلي ڪانپوءِ ڪيس ائين لڳو جڻ سندس سالن جي پيڙا ۽ پريشاني ختم ٿي وئي هئي ۽ ڪيس تڙپائڻ ۽ ترسائڻ لاءِ ڪجهہ بہ نہ رهيو هيو. ڪاٺ جي بئنچ کي ٽيڪ ڏيئي اڦرو ٽيو پئي اوجهريو، تہ سيلنسر ڦاٽل سوزوڪي وين بوهيارا ڪندي، ’ايس ڊي ايريا‘ جي گيٽ تي اچي بيني. هن جون ٻوٽيل اکيون وري پٽجي ويون. هن ڏٺو تہ ڳاڙهي رنگ جي ڪليل سوزوڪي وين مان پنج ڇهہ همراہ ڏوڙ هنيا ڪپڙا چنڊيندي گيٽ وٽ لهي چڪا هيا . هن سندن ڪارين الفين ، رنگين چتين وارين ٽوپين، ساون ڳاڙهن ڳانن ۽ ٻانهن پهريل ڪولابن مان اندازو لڳائي ورتو هو، تہ همراہ فقيري خيال جا آهن .شايد ڪنهن درگاہ يا ميلي تان موٽ ڪئي هيائون . اهي سڀيئي سٻيليا ٿيا، ڪرڙوڊ فقير جي اڳواڻي هيٺ مست هاٿين جي ٽولي وانگر جهومندا، اسٽوپا ڏانهن ويندڙ ڏاڪڻ تي چڙهڻ لڳا.

ڪين ڏسندي سچيڏني جو من وري ٻي چين ٿي ويو. هو دليون هٽڻ لڳو، سندن پنيان وڃڻ گهرجي يا نہ؟... سندس هڪ دل چيو، ”نہ اجايو ڪهڙو فائدو پنيان لڳڻ ۾ ..... رهندو سهندو دل ڏکائي وڃهن تہ پوءِ؟....“ٻي دل چيس، ”ڪهڙي خبر مٿان اهي گهر گنيير ۽

دلدير هجن ..... ڪک هينان لک پيو آهي. من انهن وٽ ڪا ٻڌ سڌ هجي، تہ مونهون پاپ نگر نہ پر پريم نگر هيو.
سچيڏنو اندر ۾ ڦٿڪندو، ڏجهندو، ڪُرڪندو، پنهنجي عادت کان مجبور ٿي سندن پنيان رڙهڪڻ لڳو. ڪرڙوڊ فقير، آخري ڏاڪڻ تي رسندي هڦجي پيو هيو، ”يا حسين، نانگا! ڏاڍي چڙهائي آ!؟“
”هائو باغ علي فقير!“، نانگو جنهن کي صرف ڪاري الفي اوڍيل هئي، تنهن سهڪندي جواب ڏنس.
ڪجهہ ساهي پٽڻ ڪانپوءِ فقيري لڏي ، استوپا جي مٿانهين حصي تي چڙهندي خوشيءَ مان نعرو هنيو، ”حق، حق!.. نور شاه !... ڪچي ۾ بہ باه!.... تہ پڪي ۾ بہ باه !... “
نانگي فقير ڪلهي ۾ لڙڪيل نفيل جي سورخدار چوٽيءَ کي چپن تي چاڙهي ڦڦڙن جي پوري طاقت سان ڦوڪ ڏني تہ نفيل جو آواز گونجڻ لڳو، ”اون .... اون... او...ن ... ترڙوت!... ترڙوت... ترڙوت!“
”صدقاڙي، صدقا نانگا!“ ، سيني فقيرن ڪيس دل سان داد ڏنو.
”ابا، هاٽي هيءَ ٿو راجا موهين جي نگري“، وڏي فقير ڪاري ڏندي سان اشارو ڪندي سيني فقيرن کي ٻڌايو.
”هائو ، باغ علي فقير!؟“، سيني حالين موالين عجب ڪائيندي پڇيس.
”وڏا فقير، هن نگريءَ کي ڪنهن اونڌو ڪيو هيو؟“، هڪ ٻئي فقير آثارن کي پنهنجي پر ۾ اونڌو سمجهندي سوال ڪيس.
”پنهنجي مرشد، پيو ڪنهن!“
”ڪيئن؟“
”اهو هيئن تہ راجا هيو، وڏو آڙيڪاپ. جڏهن بہ ڪنهن نئين نويل ڪجري تي عاشق ٿيندو هيو، تہ ان کي اصلي هتي، جتي اسان بيٺا آهيون گهرڙي گهوٽي پي چڙهيندو هيو“.
”يلا، چ ..... چ..... چوڪرو وڏا فقير؟“، هَڪڙ ۽ قديلي ملنگ جنهن کي ڪٻي ڪن ۾والو پيو هيو، تنهن کان ازخود نڪري ويو.
”ملنگ ، توکي تہ رڳو پنهنجي!“، وڏي فقير ٿوري پيار واري خار ڪائيندي چيس، ”تي سگهي ٿو، اهو تو وارو شوق بہ ڪندو هجي... شوق جي تہ ڪا ٻها ئي ناهي نہ بابا!“
ٻين فقيرن انهيءَ ملنگ کي نظر انداز ڪندي وڏي فقير کي لاڳ ڏيندي چيو، ”چڏ،

انهيءَ کي وڏا فقير.... جيءَ بابي کي چوان!.. توهان راجا آڙيڪاپ جي ڳالھ پئي ڪئي؟“ وڏي فقير وري قصي کي اتان کنيو، جتي ڇڏيو هيائين، ”پوءِ چا ٿيو جو، هڪڙي ’آنگيلي‘ نالي ڪڄري هئي پنهنجي مرشدنور شاه جي، تڙ ڏاڏي سائين مور شاه جي مريدياڻي. اهڙي جهمريل هئي، جو جهمر هڻي ته مئلن ۾ به ساه پئجي وڃي. ناز نخرا ۽ انگل ڪري ته چڱي ڀلي ماڻهوءَ کي چِتو ڪري ڇڏي!“

”اها مولائڻ... وڏي مرشد سائين جي مريدياڻي ڪيئن ٿي؟“، سوزڪي جي لسڙاٽ ڊرائيور، جيڪو باغ علي فقير جو نئون چڱ وڏيو مريد ٿيو هيو، تنهن پڇيس.

”اهو وڏو قصو آ، محبوب سائين!“، وڏي فقير نئين مريد کي اک هڻندي، حال في الحال راز کي راز ۾ رهڻ اجو اشارو ڪيو ۽ پوءِ قصي کي اڳتي وڌائيندي ٻڌايائين، ”جڏهن ان آڙيِڪاپ راجا آنگيليءَ جو ناچ ڏٺو ته صفا ڳگ ڳڙي پيس. پوءِ چت-ڪتائي ۾ اچي ان مولائڻ جا سمورا ڪپڙا ڦاڙي ڇڏيئين“

”اها نه جنهن جو بت ٻاهر باغيچي ۾ به لڳل آ، اُگهاڙي لڳي هٿ ۾ وٺو جهليون بيٺي آ“، نانگي فقير پڪ ڪرڻ خاطر پڇيس.

”او اِها ، واه جو سچاتو تسين!“، باغ علي وراڻيو.

”پ...پوءِ؟“، هڪڙ ملنگ تجسس وچان پڇيس.

”پوءِ ته وٺو گوڏي تي رکي ڪرئين تي سائين کي سڏ، ته آءُ منهجا مور ،تنهنجي گهر ۾ گهڙني تا چور!.... سائين مور شاه ته واقعي چورن مٿان مور هيو، ڪا گهٽ ڳالھ ته ڪونه هئي نه؟.. جلال ۾ اچي، هيئن جو ڏندو ڪٽي ڦيرايائين ته سچو ملڪ ئي اونڌو!“، وڏي فقير جو ڏندو استوپا جي پڳوڙي جي ڏاڪڻي پاسي اٽڪاءَ تي بيٺل چاپوڙي کي نڪاءُ تي ويو. سچيڏني ڪان لاشعوري طور تي رڙ نڪري وئي،”ابا، فقير! خيال سان!“

”پت ۾ ڪير، تون وري ڪير آن؟“، باغ علي فقير کي هن جي اوچتي وچ ۾ ٽپي پوڻ تي بڇان لڳي.

”فقير سائين مان سرڪار طرفان هن هنڌ جي رکوالي ڪندو آهيان“، سچيڏني ڪيس ٻڌايو.

”رکوالي ڪبي آ ميخانن ۽ مکانن جي ... هيءَ ڪهڙي رکوالي تو ڪرين؟..... هڻ نعرو، تيءَ مريد ته ناهيون ميخانو هتي... پوءِ ڏس رنگ مولا جا... چا تي مرضي؟“، باغ علي فقير ڪائنس عجيب قسم جو سوال ڪري ششدر ڪري ڇڏيو.

سيئي فقير ”برحَق!“ چوندي سچيڏني تي ڪلڻ لڳا . سچيڏني باغ علي فقير جي ڏنل

صلاح جو ڪوبہ جواب نہ ڏنو، خاموشيءَ مان رڳو سندس منهن تڪيندو رهجي ويو.ڪيس اها خبر هئي تہ اڄڪلهہ اهي مجاور چورن ۽ ڌاڙيلن جون نانيون ۽ چاڙتا آهن ، ان ڪري انهن سان ڏيگهہ ڪرڻ اجائي آهي.

”پوءِ چا ٿيو مولائڻ جو؟“، هَڪڙ ملنگ، جنهن غور سان قصو پئي ٻڌو، تنهن باغ علي فقير کان تجسس منجهان پڇيو.

”شينهن فقير!... مرشد رڳو ان مولائڻ کي سرنگهہ ٺاهي جيئدان ڏنو، باقي ٻيا منڪر راجا آڙيڪاپ سميت اصلي ڪٽو ٿي ويا.“

”ح...حق، ح...حق مور ش..شاه بادشاه!...ه..هِتي بہ و..وه واه !..تہ..تہ هُتي بہ وه واه !“، شينهن فقير هبڪي هبڪي نعره هڻندي وراڻيو.

”يلا ان سرنگهہ جو ديدار وٺندءِ؟“، باغ علي فقير سيني فقيرن کان پڇيو.

”ها نہ ، بابا!... مرشدي سرنگهہ ڪيئن نہ ڏسبي“، سيني فقيرن هڪ آواز ٿي وراڻيو.

پوءِ اهو فقيراڻو ٽولو ٿاڪ منجهند جو، مرشدي سرنگهہ جي ديدار لاءِ استوپا تان هيٺ لهي حوض طرف هليو ويو، جتي قديمي حوض جي پر ۾ پڪ سري ڏڪيل وڏي نالي ٺهيل هئي.

سچيڏنو سندن گفتگو ٻڌڻ ڪانپوءِ خيالن جي ٻوڏار ۾ اچي ويو. مايوسي وچان وَرن وَرن ٽيل ڇهري سان هن اجا لهڻ جي پئي ڪئي، تہ استوپا جي ڏاڪڻي پاسي ايل ايريا کان ٻهراڙيءَ جا ڇهہ ڳڀرو ٺهڪ ڏيندا ۽ ٽاڙا ملائيندا اچي رهيا هئا. مٿن تي ڳاڙها ٽوپ، ڪلهن تي ڪارا رومال، نيون گوڏيون پهريل، ڌُرڪَ هڻندا اچي استوپا تي پهتا. سچيڏني کي هميشہ وانگر اُميدن جا اجايا ونگ پيرن ۾پئجي ويا. ٻيهي رهيو انهيءَ خواهش ۾، تہ من انهن وٽان ڪو اهڙو قصو ٻڌي، جنهن کي ٻڌي سندس دل باغ و بهار ٿي وڃي.

مساڳ لڳل، ڪاري قميص ۽ ريشمي گوڏ پهريل نوجوان جنهن جي عمر ويهن پنجويهن جي وچ ۾ هئي. تنهن استوپا جي چوٽيءَ تي چڙهندي هڪ وٽر سٽر جوان کي ٻڌايو، ”قادو ڪمينا، هي ٿئي مونهون!“

”يلا، هي جنهن تي بينا هون، اهو چاهي، جانو پڙوا؟“ قادو جيڪو هن جُوءِ کان ڪجهہ اڻ واقف پئي لڳو، تنهن گار جو جواب گار سان ڏيندي پڇيس.

”هي بادشاهي ڪونو آ، قادو!“، جانوءَ جواب ڏنس.

”بادشاهہ چا ڪندو هو، ڪوني تي؟“

”شام جو بادشاهہ ڪوني تي ٻيهي تاڙ ڪندو هو“.

”چا جي؟“
ٻي ڳيرو چٽر ڪندي ٻڌايس، ”اڙي چريا! تاڙو ھو رنن جو، ٻيو چا!؟....“
”ھا ائين چئہ نہ خيرا... ھاٽي ڳوٺ پڳي“، قادو سمجھندي پوءِ پڳوڙي جي اولھائين ٽنگڙي ۾ منهن ھٽندي پڇي وينو، ”اڙي، ھي ڪلڳو چا جو آ؟“
”اتان وري ھود (حوض) ڏي تاڙ ڪندو ھو“، ٽين ھمراہ جواب ڏنس.
”ھود ۾ چا ٿيندو ھو؟“، ھو سوالن مٿان سوال ڪندو ويو.
”ائين سمجھ جڻ پار وارو رامي جو تڙ ۽ پيلياٽيون.... “، خدوءَ مام ۾ سمجھايس.
”الا!...“،نوجوان ڪان رڙ نڪري وئي، ڳالھہ سمجھ ۾ آيس تہ چيائين، ”چئبو تہ اسان واري چڱي مڙس گهرام جھڙو ٽِسينگ حرامي ھو نہ!....“
”گهرام جي بات آ“، جانوءَ سندس مثال کي اجا ڪٽل سمجھندي وراڻيو.
”پوءِ تہ بادشاھہ جا لانڙيا مزي ۾ ھوندا“، قادو ٽنگا ٽيڙي، چڏا ڪنهندي رايو ڏنو ۽ پوءِ جانوءَ کان پڇيائين، ”اڙي جانو، ھن پٽ تي چڙھان تہ پار نظر ايندو؟“
”چڙھي ڏس، ادا!.... متان پنهنجوڳوٺ نظر اچئي، مھينا ٿيا تي ڳوٺان نڪتي“، جانوءَ ساٽس يوڳ ڪندي، ٻين کي کلائي وڌو.
سچيڏني نوجوان کي زور سان رڙ ڪندي منع ڪئي، ”اڙي ابا نہ چڙھجانءِ ان تي!“
”اڙي چاچا، چو ٿو روڪينس، عمر پٽن تي چڙھندي گذري ٿس، ڪونہ ڪرندو“، جانوءَ پٽين تي چڙھڻ جو تجربو ٻڌائيندي چيس.
”پر ابا، ھيءَ اھا پٽ تي ڪونهي .... ھيءَ تہ .....“
”چاچا، خبر آ باشاہ جي گهر جي پٽ ھوندي. پر ڪي جوان تہ اتان بہ نہ مڙيا ھوندا“، جانوءَ مساڳ لڳل چپن مان اجا ڏند ڏيکاريندي وراڻيس. قادو چال ڏئي پڳوڙي تي چڙھي بوٽ سان ڪچي گاري ۽ سِر جو چڱو پلو ٽڪر لاھي وڌو ھو.
”اڙي پار تہ ظاھر ڪونہ ٿو ٿئي، رڳو ٻيٺھرو ٿو نظر اچي!“، قادوءَ پرنئن تي ساڄي ھٿ جو ڇاڄو ناھيندي اوڀر طرف جھُوھ ھٽندي چيو.
”اڙي، لھہ تہ ھٽنئي نہ شمون ڳولي!.. اڳيئي آھيو ڏورٽي، اجکلھہ نبن وارن سان انهيءَ ٻيٺهري ۾ وينو ٿي!“، جانو چيڙائيندي چيس.
”اڙي تنھجي دعا ڪپي ... شمون ٿو ڳولي ھٽي!... بہ ٿي ڪچيون پنديون ميمڻ، شيخ ۽ واڻيا ڪٽي مڙس ماڻھو ٿي ويو آ... ائين ڪڏھن اچي ويو نہ، پنهنجي ور ۾، تہ بشت ئي ھڪڙو ھٽندو مانس!“، قادو گجندو ھيٺ لهي پيو. پوءِ ھڙيئي ڳيرو جوان جيئن تيزيءَ

سان آيا هيا، تيئن دڙڪ هڻندا واپس هليا ويا.
سچيڏنو سمجهي چڪو هو تہ هڙيئي همراه، پهريائين ڪچي جا ڪاٽڪو ۽ هاڻي ڀاڳيلا آهن. سندن ڪرتوتن جي ڪري ڪيترا بيگناهہ گولين جو ٻَڪ ٿيا. ڪيترن ڪي پنهنجا پراڻا پڪا چڙٽا پيا ۽ هاڻي پڪي تي در در جون نوڪرون پيا ڪائين. سچيڏني ڪي پنهنجا سور ياد اچي ويا، تہ ڪيئن نہ پوليس آپريشن دوران سندن گهر ٻهارجي ويا، ڍور ڍڳا ڪاهجي ويا. آخر گهرن ڪي باهيون ڏيئي ڏيکاريو ويو، تہ انهن ڌاڙيلن جا ٿاڪ ساڙيا آهن. نہ ڪٿڻ وارا سور ياد ڪندي ڪيس وقت گذرڻ جو احساس ئي نہ رهيو هيو.
هن جڏهن پنهنجي گهڙي تي نظر وڌي تہ شام جو ساڍا چار ٿي رهيا هيا. باقي سندس سرڪاري ڊيوٽي ختم ٿيڻ ۾ اڌ ڪلاڪ هيو. هو اجوڪي ڏينهن تي ايندڙن ڪان گهڻو مايوس ٿي چڪو هيو. ڇو تہ هن اڄ ڀڏي هئي تہ رڳونئول ۽ چٽر، جي محسوس ڪئي هئي تہ بي حسي ۽ بيوسي. پر پوءِ بہ آس جي ڏياٽي اجا سندس دل ۾ جهمڪا ڏيئي رهي هئي. اوپارين پاسي ڪان اسٽوپا جي ڇانو ۾ ويٺي جڻ آخري ٽولي جو انتظار پئي ڪيائين ، انهيءَ آسري ۾ تہ من ڪو سچ لهڻ ڪان اڳ سندس آس جي ڏياٽي ۾ ڪو اُميدن جو تيل وجهي وڃي.
آخر ڪار هن کي ’ايس ڊي ايريا‘ جي سامهون روڊ تي بہ گاڏيون بيهندي نظر آيون. هڪ ڊبل ڪيبن گاڏيءَ مان رعب تاب سان فل سوٽ پهريل مرد، ميڪ اپ سان ڀرپورساڙهي پهريل اڌيڙ عورت ۽ پينٽ شرٽ پهريل سمارٽ ڇوڪري لٿي . ٻي گاڏيءَ مان هڪ عام شلوار قميص پهريل همراه، جنهن جي هڪ هٿ ۾ پاڻيءَ جو ڪولر ۽ ٻي هٿ ۾فروٽ جي ٿيلهي هئي ۽ بہ ڪلاشنڪوف بردار باڊي گارڊ لٿا، جيڪي سندن پنيان پنيان وڌي عزت ۽ احترام سان اچي رهيا هيا. هن پنهنجي تجربي مان اندازو لڳائي ورتو هيو، تہ اسٽوپا تي ايندڙ هي آخر ٽولو، سياسي يا آفيسر گهراڻي سان تعلق رکي ٿو. جڏهن اهو ٽولو آهستي آهستي اسٽوپا ويجهو ٿيو، تہ ساڙهي پهريل عورت کي اُڃ لڳي چڪي هئي. هن دانهن ڪئي، ”اڙي گلو! پاڻي تہ پيار!“ گلو ڪولر هيٺ رکي ”حاضر بيگم صاحبہ !“، چئي باادب ٿي گلاس ڀري ڏنو .
تنهن ڪانپوءِ فل سوٽ پهريل همراه گلوءَ کي حڪم ڏنو، ”گلو! ٿيلهيءَ مان فروٽ ڪڍ!“ ”حاضر صاحب!“ چوندي، گلو ٿيلهيءَ جو منهن کولي فروٽ ڪڍي سين کي ڏنو. سڄي اسٽوپا تي ڪيلن ۽ نارنگين جون کلون وکري ويون . انهن جي انهيءَ روش تي سچيڏنو بيٺي بيٺي حيران ٿي رهيو هيو، تہ هي اسٽوپا ڏسڻ آيا آهن يا پڪنڪ ملهائڻ!؟..... ڪائڻ

پيئڻ ڪان فارغ ٿي اھو گھراڻو اسٽوپا جي مٿانھين ھنڌ تي اچي بيٺو ھيو ۽ آٽوميٽڪ ڪيميرا سان فوٽو گرافي ۾ مشغول ٿي ويو. بيگم صاحبہ ۽ سمارٽ ڇوڪري مختلف پوز ناھي پئي فوٽو ڪيرايا.

”پاپا !... ھڪ فوٽو، ھن ديوار تي ٿي وڃي!“، سمارٽ ڇوڪري، پڳوڙي تي بيھي فوٽو ڪيڻ جي خواھش ڏيکاري.

”نو بي بي!... چوٽ لڳندي“، صاحب، ڇوڪريءَ کي منع ڪندي چيو..

”پاپا پليز!؟... “، ڇوڪري زور ڀريندي چيس.

”ڇڏيس ، ڀلي چڙھي فوٽو ڪيرائي!.. ان ۾ ڇاھي!“، بيگم صاحبہ، صاحب جي منع واري حڪم کي رد ڪندي چيو.

”اوڪي بي بي !... بٽ ڊونٽ بي ڪيئرليس!“،صاحب، ڇوڪري کي اجازت ڏيندي تاڪيد ڪئي .

”ٿينڪ يو پاپا!“، ائين چئي نوجوان ڇوڪري پڳوڙي تي، پيرن ۾ پيل فِليٽ کي ڪپائيندي چڙھڻ لڳي.

”امان، او امان !.... تون سياڻي سيبتي ، الله ياڳ پلو ڪرئي، نہ چڙھہ پڳوڙي تي.... نقصان ٿيندو منھنجي ماءُ!...“، سچيڏني جي بيٺل زبان ڄڻ ازخود اُٿلي پئي.

”پاپا، ھي ڏسو!... ھي پائي جھلي ٿو!“، نوجوان ڇوڪري، صاحب کي دانھن ڏيندي چيو،تہ باڊي گارڊ بہ اڳتي وڌي آيا ۽ صاحب جي حڪم جو شدت سان انتظار ڪرڻ لڳا.

صاحب پٽ ورائي، غيض ۽ غضب ۾ سچيڏني کي ڏنو ۽ پوءِ آڏي پڇا ڪرڻ شروع ڪيائينس،”اڙي ڪير آ، تون ڄٽ! ... ھيڏي آءُ!“

سچيڏنو باادب ٿي سندس سامھون آيو ۽ جواب ڏنائين،”سائين، مان سائيٽ اٽيندنٽ!“

”ڊريس ڪٿي آ تنھنجي؟“، صاحب سوال ڪيس.

”سائين چئن سالن ڪان نہ ملي آ، صاحب چون ٿا تہ ھاڻي ڊريس جا پيسا بجيٽ ۾ نٿا اچن“.

”اچي ڏاڙھي ۾ ڪوڙ ڳالھائيندي شرم نٿو اچئي .. ڪائو پاڻ ھٽو آفيسرن تي!“، صاحب، آفيسر شاھي جو بچاءُ ڪندي ڇڙٻ ڏنس. ھن ڪيس ڪوبہ جواب نہ ڏنو، اھو سوچيندي تہ واقعي صاحبن جو ڪوڙ بہ سچ ھوندو آھي ۽ ننڍن ملازمن جو سچ بہ ڪُوڙ.

”سروس ڪارڊ ڪٿي ٿئي؟“، صاحب ڪائنس ٻيو سوال ڪيو.

سچيڏني سروس ڪارڊ ڪيسي مان ڪيندي، ڏڪندڙ ھٿن سان صاحب کي ڏنو. صاحب

سندس ڪارڊ تي سرسري نظر ڦيرائيندي پڙهيو:
”نالو، سچيڏنو ولد پليڏنو، ذات درياڻي... عمر ٥٧ سال... سائيٽ اٽيندنٽ .... گريڊ پهريون... ائڊريس ، گهر پنهنجا، لڳ موهن جو دڙو.“
صاحب سندس ڪارڊ ، نفرت سان اُڇلائڻ واري انداز ۾ موٽائيندي چيس، ”اڙي پهرين گريڊ جو ملازم ۽ ايڏو مٿو خراب!... توکي ڪنهن وڏي ماڻهوءَ جي عزت جو خيال ئي ڪونهي. توکي اهو ڪنهن سيڪاريو آهي، تہ تون اسان جي ٻارن تي حڪم هلائين ۽ کين ڊپريس ڪرين .... هان!؟....“
”مان تہ ايمانداري سان ڊيوٽي تو ڪيان، صاحب!“، سچيڏني هٿ ٻڌندي جڻ تہ معافي گهرڻ واري انداز ۾ جواب ڏنو.
”ڊيوٽي جا پُٽ!...... هليو وڃ هتان، نہ تہ اتي جو اتي اهڙا پادر هڻائيندوسانءِ، جو مالڪ بہ نہ سڃاڻيندئي!“، سچيڏني کي سندس ڪُڙڪي ۽ رعب تاب مان هاڻ پڪ تي چڪي هئي، تہ هو ڪو وڏو ماڻهو آهي، تڏهن ايڏو بدتميز آهي. هن ”حاضر سائين!“ چئي پويان پير ڪري اچي اترئين ڏاڪڻ جي منڊي تي تي بيٺو . هن پري کان نوجوان ڇوڪريءَ کي اسٽوپا جي پڳوڙي تي بيهي فوٽو ڪڍائيندي پئي ڏٺو ۽ ٻڌو، جيڪا چئي رهي هئي:
”پاپا، هتان جا پائي بيوقوف هيا نہ؟... جو بنا ڇتين وارين جاين ۾ رهندا هيا؟“ سمارٽ ڇوڪريءَ جي انهيءَ معصوم ۽ وٽندڙ اٽڪاٽائپ تي صاحب ۽ بيگم صاحبہ کان بي ساختہ ٽهڪ نڪري ويا هيا. اهڙيون ڪيئي وٽندڙ ۽ اٽڪاٽائپ واريون ڳالهيون سچيڏنو نہ ٻڌي سگهيو هيو، جيڪي ان گهراڻي سندس ايريا ۾ گهمندي ڪيون هيون. ٿوريءَ دير ڪانپوءِ اهو آفيسر گهراڻو بہ سندس ايريا کي ڇڏي ، گاڏين ۾ چڙهي، سندس اکين اڳيان الوپ ٿي چڪو هيو.
ڊيوٽي جو ٽائيم ختم ٿي چڪو هيو. ان ڪري سڀ سائيٽ اٽيندنٽ پنهنجيون پنهجيون جڳهون ڇڏي چڪا هيا. ڪيوريٽر ۽ اسسٽنٽ ڪيوريٽر پنهنجي روزي حلال ڪرڻ خاطر، پهريون ۽ آخري چڪر ”ايس ڊي ايريا“ جي گيٽ تائين ڏئي هلياويا هيا. آهستي آهستي سج جا سونهري ڪرڻا اسٽوپا جي جهرندڙ پڳوڙي ۽ وڏي حوض جي پرندڙ پٽين کي چميون ڏيندي موڪلائيندي پئي ويا. پر سچيڏنو سج لهڻ کان پوءِ بہ انهيءَ اجائي جُوفي ۾ جنبي ويو هيو، جنهن مان ڪيس ڪا بہ هڙ حاصل نہ ٿيڻي هئي.

# ورجاءُ

پاڻ کي ٻين جي اڳيان آڇيندي آڇيندي تنگ اچي چڪي هئي، ليڪن حياتي هئي، جنهن ڪتڻ جو نالو ئي نہ پئي ورتو. وارن ۾ پيل چانديءَ جي تارن کي تہ ڪارو ڪري پئي وئي، پر اکين جي هيٺان وڏندڙ ڪارن داغن کي ڇا ڪري؟..... ڦڪن ڳلن کي پئوڊر هٽي اچو تہ پئي ڪيائين، پر ڳلي ۾ پوندڙ گهنجن جو ٻلو ڪيئن ڪري؟ جيڪي چوري چوريءَ وڌندڙ عمر جا نشان ناهيندا ۽ جواني کي ڪاٽ هٽندا پئي ويا. ڪريم، پائوڊر ۽ لاليءَ جي باوجود بہ رات جي وڳڙي ۾ چالاڪ گراهڪن ڪيس سڃاڻي پئي ورتو. ڪڏهن ڪڏهن ائين بہ ٿيندو هيو، تہ هوءَ سونيءَ جي اڏي تان سگريٽ ڦوڪي اُٿي ايندي هئي. ڪڏهن تہ سوني خفي ٿي نِڙڪ بہ هٽي ڪيندي هيس،”ادي شاهدان! تون اسان آهيون هاٽي رستي جو مال.... هلي ڪو پاڻ کي رستي ۾ وڪڻئون، باقي بازار ۾ هر ڪنهن کي تازي ڀاڄي کپي!... “
هوءَ سمجهندي بہ زهر جو ڍڪ پريندي، منهن جي ڦڪائي سان چوندي هئي، ”ادي، رستي جي مال ٿيڻ کان بهتر آهي، تہ ماڻهو بڏي مري!“
اڄ شام، هن جي دل تہ بنهہ نہ پئي چاهيو، تہ گهر جي چائنٽ کان ڪا ڳيري جيتري وڪ بہ ٻاهر ڪڍي، پر هن جڏهن نڪمي ۽ پانديءَ پٽ جا اهڙا ئي بڇڙا تارا ڏٺا، جيڪي هن جوانيءَ ۾ پهريائين پيءُ ۽ پوءِ مڙس جا ڏٺا هيا، تہ ڇرڪجي وئي هئي.
”مان تو چوانءِ، تہ اڄ ڪاڏنهن بہ ڪري ماڪي پئسا آڻي ڏي!“، پٽهنس هڪ هڪاڻيءَ واري انداز ۾ تارا ڦيرائيندي چيو هيس.
”اڄ، ڪاڏنهئون اوڌر سوڌر وني وڃي ڏوڙ پاءِ!“، هن  خفي ٿيندي ۽ سمجهائيندي چيو هيس.
”ٻڍاياڻءِ تہ اها وري پٺهين يا مڙسهين جي قبر کوٽي اوڌر وٺان ڇا؟“، پٽهنس توائي ٿي وراڻيو هيو.
”تہ وڃيا، ايڏا پئسا ڪاڏنهن آڻيان جو گهر بہ هلايان ۽ توکي روز جوا ۽ چرس لاءِ بہ ڏيان!“
”روز تا خدو ۽ شاهو وارا ٽِڪريءَ تي ڦوري لاهن ۽ طعنا تا هڻن تہ، جي ماڻهين ڪانگهاري ٿي وئي ٿي، تہ پيٽين تہ ويني ٿئي!..... مان ٻڍاياڻءِ تو جي اڄ نہ مليا تہ !......“

”تہ!؟“، ھن سمجھندي بہ پٽ جا ارادا ڪنن سان ٻڌڻ پئي چاھيا.
”تہ زُبيءَ کي مان پاڻ اڏي تي ڇڏي ايندس، ھاڻي ڏندي ڏوتي آ پاڻ بہ ڪمائي، اسان کي بہ ڪارائي!“، پٽھنس ڪچ بالغ پيٽ ڏنهن اشارو ڪندي چيو. جنھن جو ڪنڌ، پوءَ ڪان فريم ۾ قاتل ڪپڙي تي آر ھٽندي ويتر جھڪي ويو.
اھو ٻڌندي شاھده جي ڪپڙن کي بہ ڄڻ باھ لڳي وئي :
”خبردار! پانديءَ جا پٽ، جي ھن جيتامِڙيءَ جو نالو ورتو تئي. مان اڃا جيئري آھيان. جيسين دم ۾ دم آھي، منھن ڏيندي رھندس، نانگڻ ناھيان جو ٻچا ڪائيندس!“
ھن ھڪدم پراڻي شو ڪيس جي آئيني سامھون پاڻ سنوارڻ شروع ڪيو. پر ھن کي اڄ بہ آئيني ڄڻ احساس ڏياريو ھيو، تہ وقت جي آڏو حُسن ڏاڍو ويچارو ۽ بي وس آھي. جيترو وقت آئيني اڳيان ويني رھي، پاڻ کي پريشانيءَ وچان سنواريندي رھي. پاڻ زوري پُٽ جي اڃوڪي دڙڪي سندس ڪن ڪڙڪائي ڇڏيا ھيا. ھن کي پٽ جي اکين مان ان بي حيا ۽ بي غيرت مرد جو عڪس صاف نظر اچي رھيو ھيو؛جيڪو لاھي پائي جڏھن پنھنجيءَ تي ايندو آھي تہ اھو سڀ ڪجھ ڪندو آھي، جنھن جو تصور ايندي ئي ھن جا ڏوھہ ڏڪي تي ويا. ھن پنھنجي حياتيءَ جو ورجاءُ ڌيءَ ۾بالڪل ڏسڻ نہ پئي چاھيو. ھن اٽل ارادي سان رڍ جھڙي معصوم ڌيءَ تي آخري نظرون وجھي گھر کي پٺ ڏني ھئي، تہ ڪنھن بہ قيمت تي پنھنجي ڌيءَ کي انھيءَ ذلل ۾ نہ وجھندي، جنھن ۾ ھوءَ پاڻ پيل آھي.
سونيءَ جي اڏي تي پير سوريندي پھتي ھئي. پر ھن ڏٺو تہ اڳيئي اٺ ڄڻيون پنھنجي پنھنجي نصيب جي انتظار ۾ ويني،سگريٽ ۽ ٻيڙيون ڦوڪي رھيون ھيون. ھن کي ائين محسوس پئي ٿيو ،تہ جيئن پوءِ تيئن شھر ۾ بيروزگاري ۽ بک جو راڪاس ڪاھيندو پيو اچي يا وري ھاڻي جسم وڪڻڻ فيشن ٿي پيو آھي.
گراھڪ ايندا ويا، پنج ڄڻيون پنھنجي پنھنجي نصيب جو داڻو پاڻي چڳڻ ھلي ويون ھيون . ليڪن اڃا ھن سوڏو بہ ڄڻيون پنھنجي نصيب جي داڻي پاڻي جي انتظار ۾وينيون رھيون. ڪين ويني ذري گھٽ تي ڪلاڪ ٿي چڪا ھيا. سندن چھرن مان ھڪ عجيب قسم جي بي وسي ۽ بي قراريءَ جا آثار بکي رھيا ھيا. جن سندن ميڪ اپ ٿقيل چھري ۾ ڏار وجھي ڪين پوائنتو بٽائي ڇڏيو ھيو. ليڪن سين ڪا وڏيڪ شاھده بي چيني ۽ بي قراري ۾ پاسا پئي ورايا. ڪيس معصوم ڌيءَ جي ڳٽتي ۽ اُگھليل پٽ جي الڪي اندر ۾ آنڌ مانڌ مچائي ڇڏي ھئي. ھوءَ سوچي رھي ھئي، تہ سندس زُبيده ڪيئن ھلي

سگهندي، هن ذلالت ۽ رزالت واري ڏنتي ۾ ؟... هوءَ تہ جيئري ئي مري ويندي !....هن ڪي ڪنهن شريف گهراڻي ۾ پرڻائي ڏيان تہ جيئڻ عزت جي زندگي گذاري...پر ڪيئن؟.... چا هڏ حرام پٽ منهنجي مجيندو ۽ ڇڏي سگهندو، پيءُ ڏاڏي جي پڙوت واري ڏنتي ڪي؟.....
هُوءَ اهڙي اندر جي وسوسن ۾ لڳي پئي هئي، تہ سوني اوڙاپي تي سين ڪي چيو، ”اديون، ويهو منهنجين اکين تي ... باقي هاڻي اجا ڪهڙو آسرو ٿيون ڪيو!؟ ...رات جا يارنهن ٿيا آهن..... ڏسو پاڻ ٿيون تہ اجڪلهہ هرڪو شوقين آ ننڍي گوشت جو، وڏي جي تہ ڄڻ سيني ڪي رک آ“. ٻيون تہ نڪ پڪو ڪري ويهي رهيون، پر هن ڪان سنو نہ ٿيو. هن ڪي هيڪر تہ دل ۾آيو تہ سونيءَ ڪي سڌيون ٻڌائي ۽ ڪيس اهو وقت ياد ڏياري، جڏهن سونيءَ جي اَڏو سندس نالي تي هلندو هيو. ٻہ ڏينهن نہ ويندي هئي، تہ نياپا موڪليندي ۽ ميارون ڏيندي هئي. پر پوءِ اهو سوچي چپ ٿي وئي تہ، ڪير ٿو ياد ڪري پراڻي وقت ڪي. هونئن بہ هي ڏنتو ئي اهڙو آهي، جتي صرف تازي گوشت جو ملهہ هوندو آهي.
سوني جي اڏي تان، هوءَ اهو پڪو پهہ ڪري اٿي هئي, تہ زُبيده جي ڪري ڪيس رستي جو مال ٿيٽو پيو تہ بہ ٿيندي . پر پنهنجي ڏيءَ ڪي انهيءَ رستي تي نہ لائيندي، جنهن ۾ رڳو ڪاريءَ وارا ڪک ۽ ڏوڙ وارا ڏڳ آهن. هوءَ ميرالي بازار ڏانهن هلڻ لڳي. هن دل ئي دل ۾ خاڪي شاه تي پنهنجي جان جي صدقي ڏيڻ جا پنجاه روپيا باسي ڇڏيا هيا. چو تہ ميرالي بازارمان تنهي طرفن ڏانهن اهي سنهيون گهٽيون نڪرنديون هيون، جتان هلندي هلندي جسمن جو بہ واڪ لڳي ويندوهيو.
هن ڪي اتان هلندي ڏاڍو عجيب محسوس ٿي رهيو هيو. چو تہ ان ڪان اڳ گراهڪن هميشہ ڪيس جسم جي دوڪان تي اچي ڳولهيو هيو. پر هي پهريون دفعو هيو، جڏهن هو جسم جو وکر ڪٽي گهورارڻ تي گهٽين ۾ هوڪو ڏئي رهي هئي. گهٽين ۾ هلندي خوف وچان هن جي دل تيزيءَ سان ڌڙڪڻ شروع ڪري ڏنو هيو. هوءَ سوچيندي هلي رهي هئي تہ، ’جي اڄ هتي بہ نہ ڪٽي تہ چا ٿيندو؟.....‘ اهو سوال سندس اندر ۾ مسلسل هيانوَ پٽ ڪندو پئي هليو.
پر هن اندر جي وسوسن ۽ ڊپ ڪي دبائي، آڙيڪاپ چيڪ عورت جيان خوامخواه هيڏانهن هوڏانهن شڪ هڻڻ شروع ڪري ڏنا. سندس اندازو هيو تہ اهڙو انداز شوقينن ڪي ايئن ڇڪيندو جيئن چقمق لوهہ جي ذرن ڪي ڇڪيندو آهي. ان جو اثر اهو ٿيو ، تہ گهٽين مان لنگهندڙ ماڻهن ڪيس مڙي مڙي ۽ گهوري ڏسڻ لڳا. مخصوص گهٽين

منجهان هلندي ،هن ائين محسوس ڪيو، تہ اهي گهٽيون ڪچن چرچن، اُجلن ۽ چٽرن جي ڪندن ۽ سُين سان سٽيل آهن. ڪنهن ڪيس اُچل ڏني هئي، ”سهٽا ڪل تہ سهي!.... ڪلڻ ۾ گسي تہ نہ ويندئو!“... ڪنهن ساٿس ڪچو پوڳ ڪيو هيوتہ ڪنهن چٽر ڪئي هيس، ”چمڙي جا جهاز، ڪاڏي چڙهائي آ، ها تہ ڪر، پوءِ بہ سودو رضائي آ!“.......... ڪنهن گهٽيءَ ۾ مخصوص هوٽل جي مانڊڙيءَ ۾ وينل بسيءَ ۾ چانهہ پيئندي صلاح هنئي هيس، ”چانهہ ٻانهہ پي وجو!..... ڪو بسڪوٽ ڏسڪوٽ ڪائو!“

هن جو بہ سڄي عمر ماڻهن سان وهنوار رهيو هيو، هن بہ ڪي ڊور تہ ڪونہ چاريا هيا. هن کي اندازو هيو، تہ اهي سيئي نڙڪائو عاشق آهن. جيڪي گهران ڪيسي ۾ چانهن جي ڪوپ جيترا پئسا کڻي ٻاهر اچي هوٽلن تي ويهندا آهن، ڊاڙان ڊشان هٽي وات جو چشڪو وني وري گهر موٽي ويندا آهن. هن هلندي ترڇين نگاهن سان ڏسي ورتو هيو تہ هڪ اوفتو شخص هوٽل جي مانڊڙيءَ مان نڪري پاڇي جيان سندس ڪڍ لڳي پيو آهي. ڳپل پنڌ هلڻ ڪانپوءِ ، اهو ساٿس ٻي حد حجائتو ٿيندو پئي ويو. سندس پنيان ڪنهن وهريل ڊور جيان ريندو پئي آيو، ”ڪنهن جي تلاش ۾ آن؟“......... اسان بہ نوڪري واهہ جي ڏيندا سي.... آزمائي ڏس !....... مولا تو چاٽي تہ اڳيان وسري ويندئي! ....... ڇا تي مرضي؟....... ها يا نہ؟“. آس پاس لنگهندڙ ماڻهن سندس فحش جملن تي ڏند ڪڍي، ڪک! ڪک! ڪندا گذرندا پئي ويا. هيڪر هن جي دل ۾ آيو، تہ موت ۾ ڪيس ڪچيون گاريون ڏي. هن سان گڏ ٻين ماڻهن کي بہ ٻڌائي، تہ هوءَ مردانگي طاقت جي تلاش ۾ ناهي نڪتي. پر هوءَ انهيءَ پئسي جي تلاش ۾ نڪتي آهي، جنهن جي طاقت اڳيان مردانگي طاقت بہ پٺ هٽائيندي آهي. پر ان ڪري ڪُڇي نہ سگهي، جو پهريون پيرو رستي جو مال تي آئي هئي. تنهن ڪري ڪيس هر مرد جو واڪ ڪن ڪولي ٻڌڻو هيو ۽ پاڻ وڪڻڻو هيو. ٿورو اڳتي هلڻ ڪانپوءِ ان اوفتو ماڻهوءَ آسرو نہ سمجهي پويان پير ڪيا هيا. هن دل ئي دل ۾ شڪر ڪيو هيو تہ ايتري ۾ سندس جان ڇُٽي هئي، نہ تہ خبر ناهي تہ ڪيس انهيءَ ڇچڙ مان جان آجي ڪرڻ لاءِ ڪهڙو جتن ڪرڻو پوي ها؟

هوءَ هاڻي هڪ اهڙي گهٽيءَ ۾ اچي پهتي هئي، جتي ڇدا ڀاڌا ماڻهو گذري رهيا هيا. هن کي سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ هاڻي ڇا ڪري، ڇا نہ ڪري؟..... هوءَ انهيءَ ڪشمڪش ۾ پاڻ سان ڏي وٺ ڪندي پئي هلي، تہ هن اهڙين گهمندڙ عورتن واتان ڪيئي دفعا ٻڌو هيو، تہ ٻي ڳاهہ وقت ڪنهن سنسان گهٽيءَ مان ڇڳڙي عورت جو اڪيلو گهمڻ ائين هوندو آهي، جيئن ڳوهہ جو شڪارين جا گهر ڳولڻ. تہ پوءِ اهي شڪاري ڪيڏانهن مري ڪپي

ويا؟.... هوءَ ٻڌتر جي حالت ۾ دليون هٽندي هڪ ويڪري روڊ تي اچي پهتي هئي، جنهن تان ڪافي ماڻهو ٽولن جي صورت ۾ هلي رهيا هيا. ڳپل پنڌ هلڻ ڪانپوءِ هن رڪشا جي ”ڊرر! ڊرر!“ جي آواز تي پنتي لئوٽو هٽي ڏنو، تہ هڪ رڪشا سندس پيچو ڪندو اچي رهيو هيو. هن کي ياد اچي ويو تہ هڪ اهڙي عورت کيس ٻڌايو هيو تہ وڏن روڊن تي ڪار، رڪشا يا ٽانگو ڪڍ لائينڊڙ باز مثل هوندا آهن، جيڪي جهپٽ هٽي هنيون ڪنيون ويندا آهن،پوءِ جيڪو نصيب. هن سوچيو، تي سگهي ٿو اُهي هجن. جهٽ ڪان پوءِ رڪشا جي پنئين سيٽ تي وينل هڪ بي ڊئولي شخص، بغير ڪنهن جهجهڪ جي ساڻس ڳالهائڻ شروع ڪري ڏنو:

”هلي هلي ٿڪجي پئي هونديئين!..... اچي ويهہ!......... حساب ڪتاب ۾ نهي پونداسي!“، هن کي ان شخص جو اهو پنهنجائپ وارو انداز ڏاڍو وڻيو. هن کي ائين لڳو هيو، چڻ سندس ڪنن ڪنهن جوڳيءَ جي سوز ڀري مرلي ٻڌي هئي. هوءَ بغير ڪنهن اڳ ڳُڻتيءَ جي ڪنهن مست نانگڻ جيان ٽپو ڏيئي، رڪشا ۾ چڙهي ويني ۽ پوءِ رڪشا هڪ وڏو رانياٽ ڪندي روڊ تي ڊوڙڻ لڳو. ان وقت ڪاميابي جي احساس، سندس اندر جي چنتا واري آڳ تي ڪجهہ چندو هنيو هيو.

ٿوريءَ دير ڪانپوءِ رڪشا وروڪڙ هٽندو، هڪ ڪچي آباديءَ جي سوڙهين گهٽين مان ٽيندو، هڪ بند گهٽيءَ جي سامهون اچي بيهي رهيو. هن رڪشا تان لهڻ ڪان اڳ ۾ ان شخص ڪان صرف ايترو پڇيو هيو، ”تون مون کي ڪيڏانهن ٿو وني وڃي؟“

”پنهنجي گهر!“، ان شخص مختصر جواب ڏنو هيو ۽ پوءِ هوءَ ڪنهن رڍ جيان سندس پٺيان هلڻ لڳي هئي. ان شخص اڳتي هلي هڪ پراڻي جاءِ جو دروازو ڪڙڪايو. دروازو کلڻ ڪانپوءِ اهو شخص کيس اندرئين ڪمري ڏانهن وني آيو هيو. جتي ٽي مرد اڳيئي چڻ سندس انتظار ۾ وينا هيا. هن حيرانگيءَ مان پڇيو:

”هي ڇا آهي؟“، هن پنجن مردن کي پريشانيءَ وچان ڳُٽيندي پڇيو.

”پنجني سان منهن ڏيٺو پوندئي!“، ان شخص مشڪندي وراڻيو.

”پر مان تہ هڪ سمجهيو هيو“.

”نئين آ ڇا؟.. چئہ، گهٽو؟“، ان شخص بي رخي انداز مان ڪانئس پڇيو. گهڙيون اڳ منهن جو منٺو شخص هاڻي کيس وِهہ جهڙو ڪوڙو پئي لڳو. هن جي دل ۾ آيو، تہ سنئون سڌو انڪار ڪري، پر ٻي دل ۾ زبيده جو خيال آيس تہ سوچڻ لڳي، گپ ۾ گهڙڻ ڪانپوءِ ڦينگن جو کهڙو پڇ.

”ٻه هزار!“، هن پنهنجو ريٽ ٻڌائيندي چيو.
”پنج سؤ!“، ان شخص هن جو ملهه ڪيرائيندي وراڻيو.
”نه اصلي نه!“، هن فيصلي واري انداز ۾ نهڪر ڪئي.
”ته پوءِ آخري ڳالهه، هزار!“
”نه پندرنهن سَو!“
”وڏيڪ تنهن جي آ، مرضي!“، ان شخص نپ جواب ڏنس.
هڪ دفعو زبيده جو معصوم چهرو وري اکين اڳيان ڦري ويس، ”چڱو نيڪ آ!“، هن بي دلئي انداز سان ائين هاٺوڪار ڪئي هئي، جيئن ڪو چوندو هجي، ٻڏيءَ ٻيڙيءَ جون هريڙون ٻه پليون. پوءِ هوءَ رات جو ٻي وڳي تائين بازن جي چنبن ۾ پٽ ڦيريءَ جيان ڦٿڪندي رهي ۽ منهن ڏيندي رهي. جڏهن جان آجي ڪرائي، رڪشا تي موٽ ڪري رهي هئي، ته رکي رکي سندس اندر مان ڪا اڳئين ياد ۽ ڪو پراڻو سور سٽ ڏيئي پئي اڀريو. ماءُ جي اها نصيحت ڪيس ياد اچڻ لڳي، جڏهن ماڻهنس جو آخري وقت پرجي آيو هيو، ”چوري! پڇاڙيءَ لاءِ ڪا پاڇي بچائجانءِ، نه ته ڏاڍا ڏکيا ڏينهن ڏسڻا پوندءِ!“ پر ڪيئن بچائي ها؟...... جواني ۾ ڪمايائين ته پهريان پٽهس اُڏايو ۽ پوءِ مڙسنهس. رهيل سهيل ميڙي چوندي، ڳهه ڳنا مڙسهنس جي ڊگهي ۽ ڇيڙهالي سلهه ۾ ڳري پاڻي ٿي ويا. ماڻهو سچ چوندا آهن، ته هن ڏنڌي ۾ ڦيٽي جي ڪمائي ڪنهن ڪنهن کي ڦرندي آهي. جي اها ڦرڻ جهڙي هجي ها ته سيئي ان ڏنڌي وارا سونيون جايون نه جوڙائين ها؟.. ماريءَ جي گهر ۾ هڏن جو ڍير. هوءَ ماءُ جي نصيحت جي جواب ۾ پاڻ وٽ رکيل دليل ۽ ڳالهيون ڊوڙائيندي رهي. ماءُ جي ياد ايندي، سندس اکين جي تنرن ۾ پاڻي پرجي آيو. هوءَ رڪشا واري کي پنهنجي گهر جو رستو ٻڌائيندي، وري پنهنجي معصوم زبيده بابت سوچڻ لڳي، ’چوريءَ جو ڪو الله پاڳ پلو ڪري نه ته!؟‘.... هن جون اهڙين سوچون تڏهن ختم ٿيون، جڏهن رڪشا گهر پرسان پهچي چڪو هيو. رڪشا مان لهڻ وقت سندس چهري مان ڪاميابي ۽ اطمينان جو احساس جهلڪيون پئي ڏنيون. هن گهر جي دروازو کڙڪايو مس، ته پٺهنس پڄندي اچي تاڪ کوليا. پٽ کي هميشه وانگر بي صبرو ٿي ڪانئس پئسا نه گهرڻ ۽ مٺ تي سگريٽ جا ڪش آرام سان هڻندي ڏسي، ڪيس حيرت ٿي. هن اندر جي هُٽ-ڳُٽي کي مارڻ لاءِ وري ٻه پٽ کان پڇي ورتو:
”اَکو، زبي ته ڪمري ۾ ننڊ پئي آ نه؟!“
”امان، تو دير ڪئي ته مان سمجهيو ته اڄ ٻه جهونيءَ کي گراهڪ نه مليو...... امان، زُبي

چوريءَ جا ياڳ تہ ڏس، اُتندي ئي پندرهن هزارن جو گراهڪ مليس... پئسا ڪپنئي امان؟“
”بي ديدا!... بي غيرت !.... پيڻ ڪي ڪاتي چڏي آئين!؟“، شاهده ڪي جڻ وچونءَ ڏنگ هڻي ڪڍيو هجي.
”ماسي سونيءَ جي اَڏي تي!... پر تون ڪاتي هُئينءَ!؟“، پٽنهنس متانئس هلڪي ڪاوڙ ڪندي پڇيو.
شاهده پٽ ڪي جواب ڏيڻ بجاءِ بي وسيءَ ۾ زور سان چنبو پنهنجي منهن تي هڻي ڪڍيو ۽ پوءِ رات جي پيٽ ۾ ڳيرو پٽ ڪي هٿ ڪٽي پاراتو ڏنائين:
”الله ڪندو سڙيا!.. ڪو پيءُ وانگر سلھ ۾ لوڙي چوڙي مرندي!؟“
پٽنهس چرس پريل سگريٽ جو ڊگهو ڪش هڻندي ڪِلَ ۽ ڪنگھہ ۾ ٻتجي ويو. شاهده ائين محسوس ڪيو جڻ ڪلهوڪو ڏينهن هيو: جڏهن ماڻهنس بہ پٽهنس ڪي رات جي پيٽ ۾ ائين هٿ ڪٽي پاراتا ڏنا هيا ۽ پٽهنس بہ اهڙي شيطاني ڪِلَ ۾ ٻتجي ويو هو.

# بنيادي غلطي

هو ڪلاس ۾ وڏائي چوندو هيو، ”بابا جنهن ڪي ٻارن جي نفسيات يعني child psychology تي ليڪچر سمجهہ ۾ نہ آيو هجي، اهو اتي سوال ڪري!“ پر هن جي پورن ڏهن سالن جو تجربو هيو تہ سواءِ هيڪڙ ٻيڪڙ شاگرد جي، هن ڪان ڪنهن بہ سوال نہ ڪيو هيو. هن کي شاگردن اڳيان ليڪچر ڏيندي ائين محسوس ٿيندو هيو، تہ ڄڻ ٻي جان پٿرن اڳيان جهڳي هٽندو هجي ۽ پنهنجو متو ڪپائيندوهجي. اهو احساس تہ ايندڙ نسل جو ڇا ٿيندو، اڪثر ڪيس ستائيندو رهندو هيو. انهيءَ ڪري ئي هو ڪڏهن ليڪچر دوران شاگردن تي ڇڙي جُلهَہ بہ ڪندو هيو، ”مان مڃان ٿو تہ child is father of man، پر توهان موڳن مترن کي ڏسي احساس ٿيندو آهي، تہ جيڪڏهن توهان جهڙا آئينده جا ابا ٿيا تہ پنهنجي معاشري جو حشر ڇا ٿيندو؟.. ان معاشري جو اهو ڪيڏو نہ الميوآهي، تہ سندس ايندڙ نسل عقل ۽ علم جو دشمن هوندو.“ ليڪن انهن چڙ ۽ جوش ڏياريندڙ جملن جو بہ سندس شاگردن تي اثر ڪونہ ٿيندو هيو. هن کي ان وقت ايئن محسوس ٿيندوهيو، تہ هو ڄڻ ٻي جان ٿنين ۽ پٿين سان مخاطب آهي. جن جي ذهنن ۾ انساني شعور کي وڌائيندڙ ڇو، ڪيئن، ڪٿي، ڪهڙو، ڇاڪاڻ ۽ ڇالاءِ جهڙن بنيادي سوالن اڃا جنم ئي ناهي ورتو . ان ڪري هو شاگردن لاءِ اها راءِ ڏيندي ٻنهہ نہ هبڪندو هو تہ، ”اهي عام ٻاراڻي اوستا کان بہ گهٽ باشعور آهن“.

هميشہ وانگر جڏهن اڄ بہ ڪلاس مان ايئن جهڳي هٽي نڪتو هيو، تہ انهيءَ مونجهاري سان سندس ليڪچر، جيڪو سوين ڪتابن جو نچوڙ ۽ مشاهدي جي عرق ريزي هيو: تنهن مان سندن شاگردن لاپ پرايو هوندو بہ يا نہ ؟....

عام ڏينهن وانگر اڄ ڪلاس ونڻ کان پوءِ ڪيس ايتري فرصت ڪو نہ هئي، جو ٽيچرس ڪامن روم ۾ ٻين استادن سان گڏ ويهي شاگردن جي حالت زار تي اهو تجزيو ڪري، تہ شاگردن جي نہ پڙهڻ ۽ سمجهڻ جو وڏو سبب سندن ڪٽنبن جي ٻي توجهي آهي. ڇو تہ هو انهيءَ نظريي سا متفق هيو تہ ، بنيادي طور تي ڪٽنب ئي ٻار جو پهريون درسگاهہ آهي، جتان ڪيس سوچڻ ، سمجهڻ جي صلاحيت ملي ٿي ۽ انساني فڪر ۽ شعور کي وڌائڻ وارن بنيادي سوالن جا جواب ملن ٿا. ان ڪري هو شاگردن کي delinquent childrenيا ”ڪريل ٻارن“ جي اصطلاح سان سڏيندو هيو. سندس خيال م اهڙن نوجوانن کي

ڪاليجن ۾ هئڻ جي بجاءِ اصلاح لاءِ ڪنهن بورسٽيل جيل ۾ موڪلڻ ڪپندو هيو. گهڻو ڪري سيئي استاد سندس ان پيچده مگر پر مغز چند چاڻ سان اتفاق ڪندا هيا ۽ حمايت ۾ پنهنجو رايو بہ ڏئي ڇڏيندا هئا.
جيئن تہ سندس ڪيسي ۾ جوڻهس جي سودي سلف لاءِ ڏنل لسٽ ۽ صبح سان ورتل تازي پگهار پئي هئي. تنهن ڪري هن جو ساه ٽنگ تي پيو هيو، خريداريءَ جي لاءِ ....
ڪيس ڪچڙي منجهند تہ ڪاليج ۾ ئي تي وئي هئي، ڏينهن تپندو پئي ويو. وقت ۽ قوت کي بچائڻ خاطر رڪشا جو سهارو ونيو، شاهي بازار پهچي چڪو هيو. بازار ۾، گهر واريءَ جي ڏنل لسٽ ۽ سرڪار جي ڏنل پگهار جي جڏهن پاڻ ۾ پيٽ ڪيائين ، تڏهن اهو احساس ڪائي ويس تہ طلب تمام گهڻي ۽ قوتِ خريد تمام گهٽ آهي. ڪافي شيون ڪٽيون پيس يا گهٽ تعدا ۽ مقدار۾ وٽيون پيس. ايئن سڄي بازار ۾ اگهہ پڇائيندي، شين تان لاهہ گاهہ ڪرائيندي شام تي ويس. جڏهن سچ لٽي گهر پهتو، تہ جوڻهس مرچ لوڻ ڪان وني ڪپڙي لٽي تائين اهڙي آڏي پڇا ڪيس، جيئن ڪو ابوجهہ ماڻهو پوليس چوڪي  وارن جي ور چڙهي ويو هجي. صبر ۽ ضبط سان هر سوال جو جواب ڏيڻ ڪان پوءِ بہ اهو ساڳيو رايو مليس تہ، ”پاڻ قرائي آيو آ!“
وهنجڻ سهنجڻ ڪان پوءِ پاڻ کي هلڪو ڦلڪو محسوس ڪيائين. ڊائننگ ٽيبل تي رکيل منجهند واري ماني اطمينان سان ويهي ڪائڻ لڳو. ان سان گڏوگڏ سندس نظرون ننيڙي پٽ جو پيڇو ڪري رهيو هيون. جيڪو جوڻهس جي پنيان پنيان سندس چولي جي دامن ڪان ڇڪيندي ڪجهہ پڇي رهيو هيو ۽ هوءَ بيزاريءَ مان چولي جو دامن ڇڏائيندي ڪيس ڇڙٻون ڏيئي رهي هئي.
”اڙي چاهي!؟.... چاتو پڇئي؟“، هن رڙ ڪندي زال ڪان پڇيو.
جوڻهس، جيڪا رات جي ماني جي تياريءَ لاءِ رڌڻي ۾ واچ وچ ڪري رهي هئي. تنهن پٽهنس کي ٻانهن ڪان گهليندي سندس سامهون آڻي ٻيهاريو:
”هاڻي هي پٽهين تہ منهنجي لاءِ مصيبت تي پيو آ، اهڙا اهڙا تو سوال ڪري جو، هجي ڪو واندو جو هن کي ويهي جواب ڏي!“
”آخر پڇي چا تو؟“،هن ماني جو آخري گره ڪائيندي پڇيو.
”ڪڏهن پيٽ ڏانهن اشارو ڪندي پڇي تو تہ هن پيٽ ۾ چا آهي؟..ڏيس جواب تہ ادڙو اندر سمهيو پيو آهي.... تہ چئي تو، اندر چو ويو آ... ڏيکار!؟..... چا لاءِ ايڏي ننڊ ڪري تو؟..... ڪلهہ تہ پاڙي وارين ماين جي اڳيان اهڙو اچي تنگ ڪيائين، جو تڦ هٽي بس

ڪرائڻي پئي.... هاڻي هن کي اسڪول ۾ داخل ڪراءِ تہ منهنجي جان ڇٽي!“، هن مڙس کي پٽ جي عجيب ۽ غريب سوالن ڏانهن ڌيان ڇڪائيندي بيزاري وچان ٻڌايو.
”ان ڳالهہ تي ٻار کي هيسائين ۽ مارين ٿي!؟“، هن زال تي هلڪو غصو ڏيکاريندي چيو.
”تہ پوءِ سنڀال پنهنجي کي!... ڏيس سوالن جا جواب تہ پوئي خبر!...“، جوڙهس خفي ٿيندي، وري رڌڻي ۾ گهري وئي. ڳورهاري زال جي اپريل پيٽ کي ڏسي سوچڻ لڳو، جيڪڏهن هيءَ هڪ ٻار کي سنڀالي نہ ٿي سگهي تہ پوءِ ايندڙ مهمان سان ڪيئن منهن ڏيندي؟..... ان وقت هن کي احساس ٿيو جڻ هن شادي ڪري وڏي غلطي ڪئي هجي. ماني کائڻ کان پوءِ هن جلدي ۾ هٿ ڌوئي ورتا تہ جيئن ڪجهہ جهٽن لاءِ پٽ کي ريجهائي سگهي. هن پيار مان پٽ کي ڪڇندي چيو، ”بابا!..... پاڻ متي ڇت تي هلي ٿا چنڊ ڏسئون... نيڪ آ نہ بابا؟“.
”نيڪ آ!“، پٽهنس خوش ٿيندي جواب ڏنو.
ڇت تان چنڊ چٽو پٽو صاف آسمان ۾ نظر اچي رهيو هيو. هن جي اندازي مطابق چوڏهين يا پندرهين تاريخ جو هيو. سندس ٿڌي ٿڌي روشني پيءُ ۽ پٽ ٻنهي کي فرحت پئي ڏني. چانڊوڪيءَ جو سحر ٻنهي تي طاري ٿي ويو. ليڪن ننڍڙي ٻار جي جستجو ۽ سوال ڪرڻ واري فطرت ان سحر کي ٽوڙي وڌو:
”بابا،چنڊ چو ٿو چمڪي؟“
”چنڊ ۾ روشني آ بابا!“، هن پٽ کي پيار ۾ ڳلن تي ٿڦڪي ڏيندي جواب ڏنو.
”ڪيئن؟“
”جيئن بلب ۾!“، هن پٽ کي مثال سان سمجهائيندي چيو.
”بلب ۾ تہ تار هوندي آهي!“، پٽهنس مشاهدي تحت آڏي پڇا ڪيس. اهڙي آڏي پڇا احساس ڏياريس تہ سندس پٽ هاڻي ڪافي ذهين ٿي چڪو آهي، جتوڻيڪ اجا پورن پنجن سالن جو بہ نہ ٿيو آهي. هن پهرين ڪوڙ کي ثابت ڪرڻ لاءِ ٻيو ڪوڙ هنيو، ”چنڊواري تارلڪيل آهي، بابا!“
”ڪنهن لڪائي آ؟“، پٽهنس جڻ لڪائيندڙ واري جي چوري پڪڙڻ وار خواهش جي تحت سوال ڪري وڌس.
”الله سائين!“، هن اهو الزام انهيءَ تي ئي مڙهي ڇڏيو ، جنهن تي هر ٻي دليل ماڻهو مڙهي ڇڏيندو آهي.
”الله سائين، ڪٿي آ؟“، پٽهنس قديم پر ڏکيو سوال ڪري وڌس.

”الله سائين پ...ري......پ......ري!....... آسمان ۾ رهندو آهي.“، هن هٿ کي آسمان ڏانهن تي فوٽ ڪن مٿي چڪيندي پٽ کي خدا ڪا ن گهٽو پري ڪندي سمجهايو.

”بابا، الله سائين،اسان ڪان ڇا لاءِ پري آهي؟“، پٽهنس معصوميت مان حيران ٿيندي پڇيس.

هاڻي هن جي ڪوڙن جوابن جو پيمانو خالي ۽ ڪاوڙ جو پيمانو لبريز ٿي چڪو هيو:

”ڇيم، جو پري آ!“،هن رڙ ڪندي پٽ کي جواب ڏنو.

”ڇو؟.....“، پٽهنس به ضد واري انداز ۾ پڇيس.

”ان ڪان ڪير پڇي، سندس مرضي آ.“

”ڇا لئه ان جي مرضي آ؟“

”ڇو ۽ ڇا لاءِ جا پٽ! يڪو مٿو ئي ڪائي ويو آ!“

ٻارن جي نفسيات جي استاد اهو ئي طريقو اختيار ڪيو، جيڪو هر وڏي جو ننڍي کي خاموش ڪرائڻ لاءِ هوندو آهي. هن ڪاوڙ ۾ اچي پٽ کي ٿڦ وهائي ڪڍي ۽ اهو وساري وينو ته ڪائنس به ڪا بنيادي غلطي ٿي رهي آهي.

# ناستڪ

جيئن ٻڌبو هو، تہ ڪو اهڙو وقت ايندو جو ٽڙن وارا ٽڙجي ويندا، ٻي ٽڙا ٽڙيا ٿيندا. اصلي ٽڙ ڍهندا، نوان ٽڙ نهندا. پاڳين جي پينگ ٿيندي، چورن جا ورا ٿيندا، ائين ئي ٿيو هيو، مکي محلي سان. جو خبر ئي نہ پئي، تہ ٽڙن وارا ڪيئن ٽڙجي ويا. باقي رهيا ها، ڪاڪڙ ڪوڪڙ ملائي سلائي سڄي محلي ۾ سندن ويهہ گهر بہ نہ هيا. جيڪي هيا تن ۾ بہ ناه ڪو نہ. هميشہ ڊنل ڪبوترن جيان، ساه مٺ ۾. تنهن هوندي بہ اَنڌي منڊي پئنچائت ڪين گهلي پئي هلائيندي هئي.

مکي چندن مل جي اوطاق تي چلم آخر پساهہ پئي ڏنا. آڳر تي مکي، اَٽ سلي تي ڪاڏي کي هٿ ڏيون الائي ڪهڙي سوچ ۾ گم وينو هيو. پئنچن ويني زماني جو پِٽڻو پئي پٽيو، سور پئي سليا. اوچتو شيوڪ رام ڏرا ڏنل اکين سان اوطاق جي در مان داخل ٿي هٿ جوڙي، اکيون ڊاري ”رامست!“ چئي سندن اڳيان اچي بيٺو. ڪيس وائڙو ڏسي مکي چندن مل حيرانگيءَ مان پڇيس، ”سک تہ آهي شيوڪ؟“

”مکي، سک هجي ها تہ ڇو اچان هان.... دادا کي ڦڦڙن جو ڪينسر ٿي پيو آ، ٽن مهينن کان اسپتال داخل هيو، اڄ اسپتال وارن بہ جواب ڏنو ... گهر کڻائي آيو آهيانس!“، شيوڪ رام اکين جي ڳوڙهن کي روڪيندي،سڏڪن کي نڙ گهٽ م دٻائيندي وري چيو،”گهڙين جو مهمان آ مکي.... انتم سنسڪار جي چنتا ۾ آهيان ... ڪيئن ٿيندو ڪم؟..... مهاراج چڙيل آ.... اوهان بہ رٺل آهيو دادا کان !“

”جهليندو هو مانس تہ ائين ديوين ۽ ديوتائن لاءِ شبد نہ ڪڍ، تہ ڪندو هو چوڻ!؟“، پئنچ پمن داس وچ ۾ ڳالهائيندي اکيون ڦوٽاريندي پنهنجي پراڻي ڪاوڙ ڪڍي.

”چوندو هو، نہ مينجو هندن جي ڌرم سان واسطو، نہ مسلمانن جي مهذب سان!“، ديالي پئنچ بہ جوڳيءَ جي پڪڙيل ڪاريهر وانگر پڳل ڏندن مان ڦوڪان ڏيندي ،پنهنجي دٻايل ڪاوڙ جو اظهار ڪيو.

”مان، دادا جي بدران اوهان ڪان معافي ٿو وٺان!“، شيوڪ ٽڏو ساهہ پريندي سيني جي اڳيان هٿ جوڙيا.

”پانهنجو نہ وڃي!“، دوراڪي پئنچ جنهن جو ڪنڌ هونئن ئي بيماري ڪري ننهن! ننهن! ڪندي هلندو هيو. تنهن ڪنڌ کي مکني هاٿيءَ وانگر ڌوڻيندي ننهن جا نوَ ڪوٽ ڏئي

ڇڏيا. مکي چندن مل شيوڪ کي گهوريندي پڇيو:
”مهاراج، پوجي مل کي پرچايو ٿئي؟“
”نہ مکي، اهو بہ اوهان جي چوڻ ڪانسواءِ ڪيئن هلندو؟“، شيوڪ وراڻيو.
”پوءِ ڪيئل تون ڇا ٿو چئين؟“، مکي ڪيئل پئنچ ڏانهن منهن ڪندي چيو. جيڪو ورِي ڪنهن وڏي ٿپ ۾ آيل هيو. تنهن وڏو گهرو ساهہ کڻندي، ڪاري بج واري مخملي ٽوپيءَ کي پنهنجي گنجي مٿي تي ڦبائيندي، ڪنڌ مٿي ڪري مکيءَ کي پنهنجي صاف آواز ۾ راءِ ڏني:
”مکي، هنن سان حساب ڪنداسين تہ نہ هي پڇندو ،نہ پاڙس نول!.. مهل نيائٽي آ تہ پوءِ کهڙا ليکا چوکا!... در آئي جو آدر آ.....مهاراج کي ڪنيي ڪٽي ٽا هلئون.“
مکي چندن مل کي، ڪيئل پئنچ جي ٽيڪ گهربل هئي. پر پوءِ بہ هن شيوڪ تي ٻاهريون ڌمان ڪندي، ناراض پئنچن جي رڪٽي رکندي پڇيو، ”اڙي شيوڪ !..... مڙيئي ائين ٿو چئين يا جائي ڳالهہ اتي وڃي پهتي آ!؟“
”ها مکي، آخري پراڻ!“، شيوڪ جون اکيون ڳوڙهن سان وهي هليون.
مکي چندن مل، هونئن ئي دل جو ڪونئرو هيو.: ويتر جو شيوڪ کي روئيندي ڏٺائين تہ صفا رجي ميڻ ٿي ويو:
”هاءِ!..... هاءِ!....نول جا ننيڙا ٻچڙا .... مرڻ جي وهي تہ ڪونهي ... هتن جو ٻار! ..... کهڙا ليکا چئوکا ڪيون، پمن داس؟..... کهڙا حساب ديال داس!؟ .... اتو تہ هلئون دوارڪا!“، مکي سيني پئنچن کي مخاطب ٿيندي پنهنجي اِڇا ظاهر ڪندي اٿي پيو. مکي چندن مل جي اٿڻ سان ٻيا پئنچ بہ پاڻ کي ٽيڪان سيڪان ڏئي اٿي پيا.
ٿوريءَ دير ڪانپوءِ سيئي ٽنپ جهڙي براهمڻ پوجي مل اڳيان مڙيا سڙيا وينا هيا. مکي چندن مل، براهمڻ کي ٽڏو پئي ڪيو، ”جيڪو ٿيو سو ٿيو... هاڻ ڪٽي معاف ڪرينس... سندن سڄو پريوار پريشان آ!“
”ڪرٽو هيو، سونا ڪيو، پڙيو لوپ کي سنگ.... نانڪ سمئہ رم گيو، اب ڪيون روت اَنڌ؟.... جڌهن سمئہ گذري ويو، هاٿي ڪين لڳي آ، ڌرمي ڪريا ڪرم جي!“، مهاراج پوجي مل گرونانڪ جي واٽي ٻڌائيندي خار وچان وراڻيو.
”هر ڪو پنهنجا ڪرم پاڻ سان کڻي ويندو، تون اپٽي توڙ نياءِ!“، ڪيئل پئنچ ڪيس سمجهائيندي چيو.
”مان هڪڙي ڳالهہ چوانءِ “، پوجي مل، ڪيئل کان سوال ڪندي پڇيو.

”چئہ!“، ڪيئل وراڻيو.
”چڙندي تہ، نہ!؟“
”نہ، تون هزار دفعا چئو!“
”هن سڄي هندو برادريءَ جو اڄو منهن ئي تو ڪيو آ.... ڌرمي پستڪن ۾ آيو آ تہ شتروءَ تي ڪڏهن بہ ديا نہ ڪجي. اهڙين کي شام دام ، دنڊ ۽ ڀيد سان متائي ڇڏجي. جي اڄ هنن کي سزا ملندي تہ ٻيا بہ ڪئہ ڪائيندا ۽ ڪَن هٽندا...“، پوڄي مل، ڪيئل کي دوشي ٺهرائيندي چيو.
”هوڏانهن چئو تہ ديا ڌرم جو مول آ، ناسمجهن کي سمجهائڻ گهرجي. هاڻي وري ڪو شرڻ آيو آ تہ نياڳي مگٽهار وانگر گهور تي تورو.... انهيءَ تيسي تہ تيلو ڪيو تي!... نيت صاف هجئي تہ اسان وانگر تلهو ٽنيرو نہ هجين!؟“، ڪيئل پئنچ ڪلندي پوڳ جو پوڳ ڪيس، سچ جو سچ چيس. رهندو سهندو براهمڻ پوڄي مل کي ڪُتڙيون چڙهي ويون:
”اڳ ۾ ڳالهائڻ جي خبر پوندي تي... خبر ئي ڪانهي نوَل جي ... ٻالو پولو آن.... ڪٽر ڪمونشٽن جو چيلو ... جيڪي چون جڳت استيہ بنا آڌار، بنا ايشور جي آهي. ٽتون جي هڪ ٻي سا ميلاپ ڪري اتپن ٿيو آ.... اهڙن ماڻهن کي ڪهڙو آڌار پوترتا جو، آچار جو، سچ جو، مينجي تہ اها انتم پرتگيا آ تہ نہ نوَل جي اگني سنسڪار ۾ هٿ وجهندس، نہ سندس نياڻين جي ويڏي پڙهندس.“، پوجومل پئنچ ڪيئل سان ڳالهين ئي ڳالهين ۾ چيٽ پئجي ويو.
”ها، باقي جڏهن ڪنهن هندوءَ جو پٽ مسلمان ٿئي يا ڪنهن جي ڌيءُ، تہ ان وقت هنگ ترڪڻ تي! ياد ٿئي ڌرمداس جو پٽ مسلمان ٿيو، سيني کي خبر هئي تہ ڪجهہ نہ ٿيندو. پر تون چا پئي چيو، ننهن چوٽيءَ جو زور لايو، متان موٽي پئي!“، ڪيئل پئنچ بہ ڪيس ٺاهوڪي موٽ ڏني.
”ها مان چيو هو، ڪونہ چيو هو چا:پراهو سپ ڪجهہ ڌرم خاطر!“، پوڄي مل وراڻيو.
”پوءِ اڙي، هاڻي بہ ڪيون ٽا ڪوشش جي ناستڪ آيو ڌرم تي، تہ نيڪ آ، نہ تہ شيوڪ ڪٽي پوريس يا ڳند جي ڍير تي اڇليس ، ڪيئن مکي؟“، ڪيئل پئنچ جي دليل پوڄي مل کي لاجواب ڪري ڇڏيو، پر پوءِ بہ پوڄي مل پنهنجي ڳالهہ تي ڳت ڏيندي ڪيئل کي خبردار ڪيو:
”جيڪڏهن اسان کي نوَل مهت نہ ڏنو، تہ هي سڄي پنچائت ٻڌئي تي، تومان پائيندا سين“

”ھا، ھا!.... مون مان پائنجو... مھت نہ ڏيندو، جو بس پئي آ.... پڙھس ليلارام بجاج بہ جيئرو ھجي ھا، تہ اھو بہ مھت ڏئي ھا... مينجو ذموآ، اوھان رڳو ھلو!“، ڪيئل پوجي مل جون ھڙيئي راھون بند ڪري ڪيس ھلڻ لاءِ مجبور ڪري ڇڏيو.
ڏاڙھي وڌيل چاليھن سالن جو نول راءِ، ڪڏھن جنھن جي ڳڻن مان چڻ رت ٽمندي ھئي، تنھن ھيڊي چھري سان اڏوراڻي پلنگ ي لڪشمي سمان سندر سشيل پتني نرملا جي ٻانھن ۾ اڪثريل اڪثريل ساھ پئي کيا. نرملا ٻانھن ۾ جھليو ڪيس وات ۾ ’ان ھيلر‘ پئي ڪيو. نول جا ساھ جڏھن ڪجھ سڌير ٿيا تہ ھن پنھنجي سامھون مڙني پئنچن ۽ براھمڻ کي وينل ڏٺو.ھن آھستگيءَ سان مگر مشڪندي ڪين ڪيڪاريو:
”اسان جا وڏا ڀاڳ جو اسان جو براھمڻ ۽ پئنچ پنھنجي گھر لڙيا آھن“.
پوجو مل جيڪو سند پرسان مٿن واري پاسي کان صوفي تي ٿي وينو ھيو، تنھن سينو تاڻيندي وراڻيو، ”نول اَوس اسان کي ئي اچڻو ھو، اوھان اسان جي واڙي آھيو ۽ اسان پوک سنڀاليندڙ!“
نول پاڻ سنڀاليندي، لفظن کي پوري ريت ادا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي جواب ڏنو، ”پوک سنڀاليندڙ يا پوک ڪائيندڙ، جيڪي مرڻو بہ ڪائن تہ پرڻو بہ!“
”اسان آيا آھيون تنھنجو ڀلو ڪرڻ، تون وري ھُڏيون ٿو ڏين!.. سچ چيو اَٿئون: عادت نہ مٽي عادتي، علت مور نہ جاءِ، اُٺ پوي ڪٽڪ ۾، چُڻ چُڻ ڪندا کاءِ!“، جواب ڏيندي براھمڻ پوجو مل جا ڪاوڙ ۾ ڏيا ڪن ڳاڙھا ٿي ويا.
”مھاراج، ڪاوڙجين چو ٿو؟.... مڙئي چرچو ٿو ڪيانءِ!..... شيوڪ!.... مھاراج کي ڪي بسڪوٽ ڪاراءِ، چانھن پيار، تہ ڪاوڙ لھيس!“، نول پنھنجي پاءُ شيوڪ کي سڏيندي چيو.
”تنھنجي چانھ بسڪوٽ کان بس ڀلي آ. مان توکي ڳيتا جا اڏياءَ ٻڌائڻ آيو ھيس، تہ ڪو جنم سڦل ٿيئي!“
نول سھڪندي سھڪندي وراڻيو، ”سوامي، ڪجھ آتما ۾ پئي تہ پرماتما لاءِ بہ سوچجي، اوھان نہ ڪائيندئو تہ پوءِ پئنچ مکي ۽ اسان ڪيئن ڪائينداسين... ڪٽي آءُ ، شيوڪ!... تون چو منجھيو بينو آ!..“، شيوڪ جيڪو پنھنجي پاءُ جو ضد ڏسي منجھيو بينو ھيو: تنھن گھرجي اندرئين ڪمري ڏانھن ڊوڙ پاتي، جتي سندس پتني سائوتري پنھجن ۽ ڏيرياڻيءَ جي ٻارن کي دم دلاسا پئي ڏنا ۽ پرچايو تہ متان ٻار دل لاھي، روج راڙو شروع ڪن. شيوڪ بہ ٽي دفعا آيو ويو ۽ ڪائڻ پيئڻ جو سامان ڪٽي اچي سيني آڏو رکيو. پئنچن ۽

مکي مڙيئي نالي ماتر پئي ڪاڏو، پر مهاراج پوڄو مل بسکوٽن ۽ پاپڙن سان مهاپاري يڌ ۾ مشغول ٿي ويو. چانهن جي آخري ڍڪ هڻڻ کان پوءِ پوڄي مل کي سُرت آئي تہ ڪيس نول راءِ کي ڌرمي اُپديش بہ ڏيڻو آ، تہ هن ڪيس سمجهائڻ شروع ڪيو:

”نول! سوامي هر ديال جي مهاراج چيو آهي تہ، ’ايندو بن جون مندنيش، مند ڪنج بن تال، جو مند تيون بن تاتي، ڌرم نہ تال‘. ان جو ارٿ اهو آهي، تہ چندرما ڪانسواءِ رات سهڻي نٿي لڳي، جنهن تلاءَ ۾ ڪمل جو گل هوندو آهي، اهو تلاءُ سهڻو لڳندو آهي. ڌرم ڪانسواءِ جِيوڻ بيڪار آهي. ڌرم کي نہ ڇڏڻ گهرجي، ان ڪري هر دم ايشور کي سمرڻ ڪرڻ گهرجي“.

نول جو ساهہ ڇڪجڻ لڳو تہ نرملا، پتيءَ جي وات ۾ وري ’ان هيلر‘ ڪري ڇڏيو. نول ڪجهہ سامت ۾ آيو تہ براهمڻ کان سوال ڪيائين:

”مهاراج، ايشور ڇاهي؟“

براهمڻ کي ائين لڳو جڻ ناستڪ، هاٿيءَ کي هندوستان ڏيکاري ڇڏيو. تڪڙ تڪڙ ۾ چوڻ لڳو ”ايشور؟.... ايشور سو روپ، سرب سگتيمان، سرو انتر يامي، ديالو، اجنمان، انت، انادي، انوپم، اجر، امر، ابيتہ نيتا ۽ سرشٽي ڪندڙ آهي“

”پلا ڌرم ڇا هي؟“

”نول، ڏاڍو سنو سوال ڪيو ٿي“، براهمڻ پوڄو مل خوش ٿيندي وراڻيو. پوءِ جڻ ڪيس چابي اچي وئي، ”ويدن ۾ آيو آ، ستيو پرائمو ڌرما، مطلب سچ وڏو ڌرم آهي .... ... اهينو پرائمو ڌرما، ارٿ اهو آهي تہ ڌرم ۾ ڪا دوئي ڪونهي“.

”مهاراج ، پوءِ تہ ان جو مطلب اهو ٿو نڪري تہ سچ وڏو ڌرم آهي، نہ ڪي ڌرم وڏو سچ آهي... هر سچار ماڻهو ڌرمي ۽ هر ڪوڙو اَڌرمي آهي... ائين نہ؟“، نول، سوالن جي سرڪڻ ڦاهي ناهي، برهمڻ جي ڳچيءَ ۾ وجهي ڇڏي. اتي برهمڻ پوڄو مل اندر ۾ ڦٿڪندي، ڏند پڪوڙي، پاڻ تي ضابطو رکندي چوڻ لڳو:

”ڌرمي ماڻهو ايستائين تہ نہ ٿيندو، جيستائين ماڻهو ڌرماتمائن کي نہ مڃيندو. بنا ست پرشن جي سنگ ڪانسوءِ گيان ويچار پراپت ناهي ٿيندو ۽ رام جي ڪرپا ڪانسواءِ ست پرش ناهن ملندا“

”مهاراج، اهو بہ تہ ٻڌو ٿي نہ، تہ ’رام!رام! ڪهي هر ڪو نگ ناڪر اور چور...‘ ڌرم رڳو تپ جَتا، گيڙو ڪپڙا پائڻ ، ڌوتي دڪائڻ يا مندر ۾ مٿي ٽيڪڻ سان تہ ناهي نہ!؟“، نول جڻ ڪيس سوالن جي سنگهرن ۾ ويڙهي ڇڏيو. نرملا ۽ شيوڪ کي سمجهہ ۾ نہ

پئي آيو تہ اها شڪتي نولَ کي ڪاڏنهن تي اچي، جو آخري گهڙين ۾ بہ سوالن جوابن ڪان نٽنو مڙي. پر براهمڻ پوڄو مل بہ ايترو سئولو ڪونہ هو جو وٺ ڏئي، چوڻ لڳو:

”پائي، جيڪو ايشور ۽ ڌرم کي ئي نہ مڃيندو، ان ۾ ايشوري گڻ ڪاڏنهن پيدا ٿيندا؟.... ان ۾ ڪاڏنهن سنجم، سرلتا، اهنسا، سچ، اڪروڌ، شانتي، تيج، ڪميا، ڌيرج، اندرين باهرين پوترتا، ماتا پتا، پيڻ ياءُ ۽ پتني جي ساڃاهہ پيدا ٿيندي.“

”پوءِ سوال ٿو پيدا ٿئي تہ مون ۾ اها ساڃاهہ ڪيئن پيدا ٿي؟... هتان جي سڄي هندو جاتي ۽ پريوار شاڪسي آهي، تہ مان پنهنجي ماتا پتا جي آخري دم تائين شيوا ڪئي. پنهنجي ننڍي ياءُ کي پنهنجي شرير جو اڌ سمجهي پالنا ڪئي. پنهنجي پتني ڪانسواءِ ، ٻي ڪنهن عورت جو انگ ناهي ڏٺو. سڄي شهر جي جاڻ سڃاڻ وارا شاهد آهن تہ مان اڄ تائين ڏيتي ليتي ۾ ڪپٽ ڪونهي ڪئي.... ساهن جي ڏور ڍري ٿيڻ تائين بہ مان سنتوش آهيان. اوهان جي ئي ڌرمي پستڪن ۾ لکيل آ، سنتوش هئڻ سرڳ کان بہ وڌيڪ آهي. پل ڪٽي ايشور کي نہ مڃان پر اهي گڻ اوهان مونکان ڪسي نٽا سگهو... ڪيئن ڪاڪا ڪيئل ۽ مکي، ڪن مان غلط ٿو چوان؟....“، نول، ڪيئل ۽ چندن مل ڏانهن سواليہ نظرن سان گهوريندي ڪائن پڇيو. پئنچن ۽ مکي، جن نول کي ٽِڪ هنيون پئي تڪيو، ڪين سمجهہ ۾ نہ پئي آيو، تہ هي ڪهڙي مٽيءَ جو نهيل آهي: جو مرڻ ڪنڌيءَ تي بہ ايڏو نرپئہ ۽ اهنڪاري آهي!؟... مکيءَ کان ازخود نڪري ويو:

”ها، اها ڳالهہ تہ مڃبي، تہ تو اڄ تائين ڪوپاپَ جو ڪم ناهي ڪيو... نيتِ پٽ ۾ سر جي ڪاني جيان سڌو رهيو آهين!“

براهمڻ پوڄي مل کي مکيءَ جو اقرار ۽ پئنچن جي خاموشي ائين لڳي، ڄڻ پئنچن ۾ پرميشور نہ پرناستڪ واسو ڪري ويو هجي. مکي ۽ پئنچن ڏانهن منهن خراب ڪندي چيائين:

”منو سمرتي ۾ لکيل آ، ’آچار هينو نہ پونتي ويدا‘ ان جوارٿ اهو آهي تہ جنهن جا آچار هِين آهن، ويچار هِين آهن، انهيءَ کي چارئي ويد پوتر نٽا ڪري سگهن... توهان چاٽو ۽ هي ناستڪ، مان اٽان ٿو.“

براهمڻ پوڄو مل ڄڻ شڪست کائي اٿيو تہ پئنچن ۽ مکي بہ اٿڻ جي ڪئي. شيوڪ جي منهن جو پنو لهي ويو، تہ سندس وڏي ياءُ ، سندس سڄي ڪئي ڪرتي تي پاڻي ڦيري ڇڏيو. ڪيئل پئنچ جنهن پنهنجي پراڻي ٻج ٻج ٿيل مخملي ٽوپي، هر هر پريشاني ۾ پئي ٺاهي تنهن براهمڻ ۽ ٻين کي روڪيندي چيو، ”ڌيرج رکو!... شانت ٿيو!.... هي ڪير

ٽيندو آ، جو پنچائت جي آڏو اچي... تهان رگو ٻي ڪمري ۾ هلي ويهو، مون کي هن سا نويڪلو ٿي ڳالهائڻو آ.... شيوڪ تون بہ! ... مائي نرملا، تون بہ اٿ!“
سيني کي سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ ڪيئل ساڻس ڇا ڳالهائيندو. پر سين کي سندس دردنا جي خبر هئي. آهستي آهستي سيئي پرسان واري ڪمري ۾ ٿي ٻينا. جتان ڪين ڪيئل جو دڙڪي دهمان وارو ۽ نول جو جهيڻو آواز صاف ٻڌڻ ۾ پئي آيو:
”مينجي، ڪا توسان بيٺ (بحث) جي پيٽي آ.... مان کي خبر آ، سچو جڳ هڪ پاسي، اوهان ناستڪ هڪ پاسي... پر ڇئن ڇگن کي موٽائڻ ڇگو ناهي ... ننهن ڪان ها ڇگي آ... اهنڪار ڇگو ناهي!.....“
”جيستائين ڪاڪا، ست است جو پيد پلئہ نہ پوندو .ٻي جي چوڻ تي ست کي است يا است کي ست چو چئجي؟“، نول جي وراڻي هئي.
”ست است جا پٽ!... مان کو توسان بيٺ (بحث) ٿو ڪيان ڇا، جو مان کي بہ گڏھ واري لت ٿو هٽين. ڏسان تہ هاڻي ڪيئن نہ ٿو ها ڪرين؟.... ڪر ايمان!... هڻ گڏھ واري لت پنهنجي پُرکن جي عزت کي!.. ڪر پنهنجي پريوار ۽ اسان کي ڏُکي!.... ڪلاءِ خلق!.... “، ڪيئل پئنچ جي گهوگهہ ٻڌڻ ۾ پئي آئي.
”ڪاڪا، دل نہ مجي، پوءِ بہ !“، نول جو سوال هيو.
”ها، پوءِ بہ !“، ڪيئل جو جواب هيو.
ڪي گهڙيون تہ خاموشي ٿي وئي. ٻي ڪمري ۾ ٻينلن پنهنجا پنهنجا انومان پئي ڪديا. نرملا جو ساهہ پئي سڪو. شيوڪ جا لڱ پئي ڏڪيا تہ جيڪڏهن نول، ڪاڪي ڪيئل کي بہ مهت نہ ڏنو تہ ڇاٿيندو؟
رام، رام ڪندي خاموشي ٽٽي، نول جو جهيڻو آواز ٻڌڻ ۾ آيو: ”ڪاڪا، اوها پتا سان آهيو... مان ها ڪئي... “،
سين کي ائين لڳو ڄڻ نول جي بحث وارا هڙيئي استر شستر ٽٽي پيا هجن ۽ هن ٻي وسي ۾ آڻ مجي ورتي هجي. تنهن ڪانپوءِ سيني کي ڪيئل جو سڏ ٽيو ”مکي چندن، مهاراج! شيوڪ!... او مائي نرملا!... هليا اچو هاڻي....“
سيئي برانگهون هٽندا، هڪ ٻئي پنيان ڪمري ۾حيرانگي سان داخل ٿيا تہ ڪيئل مٿانس کهڙو منتر پڙهيو، جو اهڙو چمتڪار ٿي ويو. پر سيئي اهو سوچي پرسن پئي ٿيا تہ ڀڳوان چيتنا ڏي تہ دير ئي ڪونهي.
ٿوريءَ دير ڪانپوءِ براهمڻ پوڄي مل گيتا جو ارڙهون اَڌياءُ پئي پڙهيو، نول اکڙيل اکڙيل

ساهن سان گيتا جا شبد پئي اچاريا:
”مچ چتتهہ... سَرو .... دُرگاٽي.... مت پرسادات تر شبيسي اُٿ چيت تومَ اهنڪاران .... نہ ش ......رو شب .......يسي....... ون......ن ......... ڪ .... ش....ي....س ......ي.!.....“
مکي محلي مان صبوح جو نوَل جي ارتي ڪجي تہ ڪنهن ڏرمي پرش جيان. وڏي عرصي ڪانپوءِ شهر جي سموري ڪٽي ٽيل هندو جاتي پاڻ کي ٻلوان ۽ سمرٿ محسوس ڪندي زور زور سان ”رام رام سنگ هئي، رامست سنگ هئي!“ جا نعرا پئي هنيا، انهيءَ ڀاونا سان تہ انهن کو تہ موٽائي پنهنجو ڪيو هو. پر اها خبر تہ رڳو ڪيئل پئنچ کي هئي، تہ هڪ ناستڪ پيرن ۾ رکيل پراڻي ٽوپي جي لڄ ڪيئن رکي؟......

# سياٽن جي شھر ۾ پاڳل ماڻھو

پراڻي الماري ۾ فائل اُتلائيندي پتلائيندي خطن جي ھڪ فائل تي نظر پئجي ويس. ھن فائل کي چڱيءَ ريت چنڊيو ۽ پوءِ فائل کي کولي خطن جي متان سرسري نظر وجھڻ لڳو. ڪن خطن جا پنا رنگ مٽائي ويا ھئا. پر لفظن ۾ اجا سحر ساڳيو ھو. ھو آھستي آھستي فائل ۾ گم ٿي ويو. ھڪ خط پڙھندي تہ پاڻ وڃائي وينو ھو. ورائي ورائي پڙھڻ لڳو:

منصور ڀائي،

اسلام عليڪم!

خيريت طرفين مطلوب

احوال ھن ريت آھي تہ ڪجھہ ڏينھن کان وٽي پنھنجي پاڙي ۾ لساني ۽ نسلي پرچار وڌي ويو آھي. ائين لڳي رھيو آھي، جڻ محبت جون حدون محدود ۽ نفرت جون حدون لامحدود ٿيندو ٿيون وڃن . ماڻھو ڪوہ مان نڪري ڪڌ ۾ ڪرڻ لاءِ آتا آھن. زندگي جي ھر شعبي ۾ جڻ اجتماعي خودڪشي پئي ٿئي.

مون کي تہ ھاڻي ائين لڳي ٿو، تہ جڻ ٻين شوقن جيان خودڪشي بہ ھڪ شوق ٿي ويو آھي. محبت کي اڪسير سمجھڻ وارو ماڻھو ڪنھن پاڳل جيان آھي، جڏھن تہ نفرت کي آبِ حيات جو بي بھا نسخو سمجھي واپرايو وڃي ٿو. سماج جا قدر ايترا ڪري پيا آھن، جو پاڳل ڪتي کان وڌيڪ بدترين انسان کي ھيرو سڏيو ٿو وڃي. جڏھن تہ پاڳل ڪتو ڪھڙي بہ نسل يا رنگ جو ھجي، پاڳل ڪتو ئي سمجھيو ويندو آھي. جنھن جو ڪم آھي، ھر آئي وئي کي بلا امتياز چڪ پائڻ. اھا ڪيڏي نہ ستم ظريفي ۽ سماجي ناانصافي آھي، جو دھشتگرد ۽ قاتل کي سندس ڪرتوتن جي بنياد تي نہ، پر نسلي ۽ لساني بنيادن تي پرکيو ۽ تحفظ ڏنووڃي ٿو. ان ڪري سندس ڪيل ڏوہ بہ ڪارنامو ٻڌجي وڃي ٿو. اھڙي صورتحال جي ڪري نوجوان نسل جڻ سائنائيڊ زھر جو اسير ٿي چڪو آھي. جنھن کي موت سان ايڏي محبت آھي، جيڏي ڪنھن کي زندگي سان ھجي.

سماج ۾ تو جھڙا ۽ مون جھڙا ماڻھو ڪوڙ آھن، جن جا ڏک ۽ غم ساڳيا آھن. پر اھي گڏجي ڏک ونڊي نٿا سگھن. خبر ناھي ڇو، اھي ماڻھو ڀڳي رھيا آھن، پر ڪچن نہ ٿا؟

منھنجا پيارا دوست،

مون پنهنجي عادت کان مجبور ٿي، شهر جي، حد کان وڌيڪ سياڻن ماڻهن کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ چيم تہ، اوهان ڪنهن بہ تنگي ڪانو جيان ڦاسي پوندئو، تہ پهريائين دڙڪا دهمان مليا ۽ هاڻي آخري الٽيميٽم .... پنهنجي ۽ پنهنجن ٻارن جي سر بچاءَ خاطر، اڄڪلهہ ٻي ايريا ڏانهن منتقل ٿي رهيو آهيان. پنهنجي ننڍي شهر جي ڳلين ، سرسبزڪيتن ۽ فضائن کي ياد ڪري ٽڏا ساھ پري رهيو آهيان. خبر ناهي جنم ڀومي جي ايڏي ڇڪ ڇو ٿي ٿئي؟

مهرباني ڪري، هن سال اوهان اسان جي نئين آشياني کي ڏسي وڃو. آئينده سال اسان ايڏانهن ايندا سي.

اوهان جي خط جو انتظار رهندو. سلام منهنجا ۽ سلمي جا، سيني گهر ڀاتين کي ڏجو.

اوهان جو اهو ئي دوست،

سيد محمد رضا

هن خط جي لکيل تاريخ تي هڪ ڀيرو ٻهر نظر وڌي:

چوويهہ جولاءِ ١٩٩٣ع

هن ذهن تي زرو ڏنو ۽ اهو ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، تہ هن ڪيس ڪهڙو جواب ڏنو هو؟ پر هن کي ڪجهہ بہ ياد نہ آيو. هن ٿڌو ۽ گهرو ساھ ڪنيو ۽ ويچاريو تہ ڪيئن نہ نفسا نفسي جي ڪري، هڪ دوست ٻي دوست کي وساري ويهي ٿو ۽ پوءِ اجايا عذر ڏيئي، ضمير جي لعنت ملامت کان بچڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. هن پهريائين سوچيو تہ هڪ خط لکي ڪانئس معافي گهري ۽ ڪيس اچڻ جو ٻڌائي ڇڏي. پر پوءِ اهو ويچاري فيصلو ڪيائين تہ اونهاري جي موڪلن ۾ وڃي پنهنجي وساريل دوست سان ملندو ۽ ڪيس پرچائي ڇڏيندو. هونءَ بہ ننڍپڻ جي دوستي جي پاڙ دل ۾ ڪتل هوندي آهي ۽ محمد رضا سان تہ سندس اهو رشتو رهيو آهي، جنهن کي زماني جي متعصب هوائن بہ نہ ڌوڏيو ۽ نہ لوڏيو. توڙي جو ٻنهي جي وڏن ٻنهي کي ائين تعصب پئي سيکاريو، جيئن ڪنهن کي اٿڻ ويهڻ جي تميز سيکاري وڃي.

هُنَ جي وڏن پنهجي ايندڙ نسل کي وڏي رياڪاري سان اهو پئي سيکاريو،"انهن سنڌين کي اسان هندن کان آزادي ڏياري ۽ تهذيب سيکاري، نہ تہ اهي هندن جا غلام ۽ جهنگلي هئا".

اسان جي وڏن وري وڏي مڪاري سان اهو پئي سيکاريو، "اهي مهاجر جڏهن هجرت ڪري هتي پهتا هئا، تہ ڏيڏر نالين مان ڪڍي ڪائيندا هئا .ڪين ڪاڪوس خاني ۽ رنڌٽي

جي بہ خبر ڪونہ هوندي هئي.!...“
وڏن جون اهڙيون متضاد ڳالهيون ٻڌي ٻئي هڪ ٻئي ڪان پڇندا هئا، تہ سندن وڏا ائين چو تا چون؟ ....ائين تہ ناهي تہ انهن وٽ آزاديءَ جو مطلب ٻيو هيو ۽ ڪتابن ۾ لکيل ڪجهہ ٻيو آهي!؟... سندن خيال هو تہ شايد اڳتي هلي، جڏهن سندن وڏن بہ رائيس ڪئنال جي ڪپرن تي ويهي ڪچهري ڪرڻ شروع ڪئي، موهن جو دڙو ڳڌجي گهمڻ شروع ڪيو، تہ سندن هڙئي شڪوہ شڪايتون دور تي ويندين. پر ائين نہ تي سگهيو. سندن سڀئي ڳالهيون ۽ ويچار غلط ثابت تيا. وڏن جون اندر ۾رويهاريل ڪپر ۽ لنديون اجگر بلائون تي ويون.
١٩٧٣ع ۾ جڏهن رضا جي پيءُ لاڙڪاڻي مان لڏڻ جو فيصلو ڪيو، تہ هن ڪائنس پڇيو هيو، تہ آخر ڪهڙي ڏک ڪارڻ هو لڏيو تا وڃن؟.... رضا روئيندي ڪيس ٻڌايو هو تہ اسان کي نہ صرف شهر وارا ماڻهو، پر گهر ۾ بيٺل سرنهن جا پيلا پاپڙ بہ ڪڙڪندي ۽ لڏندي ننهن! ننهن! ڪندي روڪين تا. پر بابا بضد آهي، تہ هتي اسان جو مستقبل روشن ناهي.
توڻي جو محمد رضا ڪراچي جا وڻ وسايا هئا، پر پنهنجي شهر جي ڪندن ڪرڙن کي نہ وساري سگهيوهو. هي وري رضا جي يادگيرن کي، جيڪي لاهوري محلي کان وٺي انترميڊيٽ ڪاليج تائين وڪريل هيون. ان ڪري ٻئي ڏور هوندي بہ ويجها هئا. هڪ ٻئي جي مَرُ جيءُ، شادي غميءَ ۾ شريڪ ٿيندا رهندا هئا. ڪو اهڙو سال نہ هيو، جنهن ۾ اچ وڃ نہ تي هجي. پر خبر ناهي چو، ٻنهي جي وچ ۾ ائين ذري گهٽ ٻن سالن جي وٿي اچي وئي هئي؟ هن خط جي حاشيءَ تي ڏنل نئين ائڊريس نوٽ ڪري ورتي:
سيد محمد رضا، فليٽ نمبر ١٩، رضوان اپارٽمنٽ ملير سٽي ڪراچي.
موڪلن ۾ بيگ ناهي، نهي نڪي گهران نڪتو هو. محمد رضا سان ملڻ، بيگ ۾ وڌل بہ جوڙا ڪپڙن جا، هڪ اڌ ڪتاب، ڪِر تي پڪل مني ماني وارو خاص تحفو ۽ ٻي زناني رش پش، جيڪا جوڙس محمد رضا جي گهرواريءَ لاءِ ڏني هئي.
صبح جو ڳونان نڪتل، جڏهن شام جو ڪراچي ۾ پهتو هو، تہ بس سندس هڏ ڳڏ ۽ پاسراٽيون پيچي چڏيون هيون. سهراب ڳوٺ مان، ملير ڏانهن ويدڙ هڪ مني بس تي چڙهيو. جنهن تي اڳيئي ڪمن ڪارن کان موٽندڙ ٿڪل ٽٽل بيزار ماڻهو چڙهيل هئا. ڪنڊيڪٽر زور زور سان بس جي ٻادي کي وڄائيندي چڻ مني بس ۾ سٽيل مسافرن کي چيڙائي رهيو هيو.
”نيپا گلشن!دِرگ روڊ... ملير! قائد آباد! لانڍي ئي لانڍي !“

”اري اب چلو ڀي!.... ڀر گئي هئي!“، پئسينجر چڙوچان رڙيون ڪري رهيا هئا. پر هو گونگو ۽ ٻوڙو لڳو پنهنجي خيالن ۾ گم سم ويٺو هو ۽ تصور ئي تصور ۾ انهيءَ منظر کي پئي ڏنائين، جڏهن اوچتو محمد رضا ۽ سندس جوءِ سلمي، ڪيس پنهنجي در تي بيٺل ڏسندا. پهريائين تہ خوشيءَ مان ڪانئن رڙيون نڪري وينديون ۽ پوءِ شروع ٿينديون حڪايتون ۽ شڪايتون. جيڪي ٿوري دير ڪان پوءِ ائين غائب ٿي وينديون، جيئن جر جا فوٽا قسي پاٽي سان گڏ پاٽي ٿي ويندا آهن.
اوچتو هاڪرن جي دل دهڪائيندڙ هوڪن ڪيس ڌوڏي ڇڏيو:
”آگيا آج ڪا تازا اخبار .... اورنگي ۾ ايڪ بچي اور پانچ آدمي هلاڪ!..... بوريون ۾ سي پانچ لاشين بر آمد... گلبهار ۾ نامعلوم افراد اور پوليس ۾ زبردست مقابلا!... اب يہ آخري الٽيميٽم هئي!“
هو اخبار وٺي پڙهڻ لڳو. ڪيس ائين لڳو ڄڻ اخبار جي هڪ هڪ سٽ ۾ موت رقص ڪري رهيو آهي. هڪ هڪ سٽ ۾ سسپينس، دهشت ۽ لونءَ ڪانداريندڙ منظر نگاري هئي. هن کي ائين لڳو ڄڻ اخبار وارا رومن ايمفيٿيٽرس جا اهي بدذوق تماشائي هجن، جيڪي هن وشال شهر ۾ وهندڙ انساني خون کي ڏسي خوشي وچان، خون جي پياسن کي هُشيون ڏيندا هئا. هو وڌيڪ نہ پڙهي سگهيو، سندس مٿي کي ڦيري اچي وئي، هو دريءَ کان ٻاهر ڏسڻ لڳو ۽ هن سوچيو،ملڪ ۾ محبت جو فصل سڳداسي چانورن جيان ڪيڏو نہ ٿورو ۽ اٽلپ ٿي ويو آهي ۽ نفرت ائين اُڏي آهي، جيئن ايري چانورن جو فصل لٿو هجي. هڪڙو هٿ اوچتو وڌيو، ڪانئس اخبار ڪسي پڙهڻ لڳو. هن ڪنڌ ورائي، صرف هڪ نگاهہ ۾ ان همراهہ جو جائزو ورتو. هن ڏٺو اهو سرخين کي ڄڻ پنهنجين حريص نگاهن سان هڙپ ڪندو پئي ويو. آخر ۾ ان ڏند ڪڍي تبصري سا گڏ اخبار واپس ڪئي:
”آدمي ڪل اور پرسون سي ڪم مرين هين“
”اڇا!؟“، ٻئي پرسان ويٺل شخص کي ڄڻ عجب لڳو، هن وچ ۾ ئي اخبار،”ايڪ منٽ!“ ڇنئي جهٽي ورتي. ائين هٿ ڪس واري انداز ۾ اخبار گاڏيءَ جي پنين سيٽن تي ڦِرڻ لڳي. هن کي ائين محسوس ٿيو، ڄڻ ماڻهن کي ماڻهن جي مرڻ گهڻ مزو آيو هو. هن دل ۾ سوچيو، عام ماڻهو بہ ڪيڏو نہ اذيت پسند ٿي ويو آهي، جوهاڻي اذيت پسندي سندس عادت ٻڻجي چڪي آهي.
مِني بس، بريڪن جي جهٽڪن سان روڊ تي ور وڪڙ هٽندي، ڪڏهن تمام تيز ڪڏهن

تمام آهستي ڊوڙي رهي هئي. هن کي ائين پئي لڳو، ڄڻ ڊرائيور بہ اذيت پسندي جو عادي ٿي چڪو آهي. جنهن کي زندگين سان کيڏڻ ۾ لطف پئي آيو.
ملير سٽيءَ جو اسٽاپ آيو، تہ هو لهي پيو. عام ماڻهو تيزيءَ سان پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن پئي ويا، ڄڻ کين خوف جي بلا بچايل هئي. روڊ جي ڪاٻي پاسي پوليس جي چوکي هئي. جنهن ۾ سپاهي مارڻ يا مارائڻ جي انتظار۾ الرٽ لڳا بيٺا هئا. هوپڇائيندو پڇائيندو رضوان اپارٽمينٽ جي وائٽ واش ٿيل بلڊنگ تائين رسيو، جيڪا کيس تصوراتي ڊراڪولا جي سفيد تابوت جيان پئي لڳي.
ڏاکڻ جي هڪ هڪ ڏاکي تي پير رکندو ۽ فليٽن جي نمبر ڳڻيندو پئي ويو. فليٽ نمبر١٩ جي ڪال بيل جي بٽڻ تي هٿ رکي ، پر پرو تي ڪشمڪش جي حالت ۾ ڪجهہ سوچيندو رهيو. ٿوري دير ڪان پوءِ در جي ٻيڪڙ مان هڪ منديءِ نڪتي، جنهن تي سجدن جي سياه داڳن نمازي هئڻ جي چغلي پئي هنئي:
”جي!... فرمائين ؟“ اُن تيزيءَ ۽ ڪرختگيءَ وچان پڇيو
”جي، اڌر ڪو ئي سيد محمد رضا صاحب رهتي هين؟“
”نهين!“
منديءِ اندر وئي ۽ ٺڙاڪ سان در جا تاڪ بند ٿي ويا. هن ڪجهہ پڇڻ گهريو پئي، پر هَکو ٻکو ٿي بيهي رهيو. هن جي مک تي اميدن جا پرندڙ ڏيئا، هڪ هڪ تي وسامڻ لڳا. هو وسامجي ويو تہ ڪٿان ڳولي، هيڏي ساري شهر مان انهيءَ دوست جو پتو، جيڪو ڪانئس وڃائجي ويو آهي.
هو موٽڻ تي هيو تہ هڪ ٻيو شخص، جيڪو مٿان ڪان هيٺ لٿو پئي آيو، تنهن کيس اوپرو ڏسي پڇيو:
”آپ اڌر ڪيون کڙي هين؟“
”دوست ڪا پتا پوڇني آيا تا!“
”ڪون هئي!؟“
”سيد محمد رضا!“
”ڪيا ڪرتا تا؟“
”اسڪول ۾ ٽيچر تا!“
”آپ ڪا نام؟“
”منصور احمد!“

”ڪيا ڪرتي هين؟“
”ٽيچر هون!“
”ڪهان سي آئي هين؟“
”لاڙڪانہ سي!“
اهو شخص ٿورو ٽڪيو، ”سنڌ سي!“، پوءِ، چوڻ لڳو، ”آئو، تمهين تيري دوست سي ملاتا هون!“
هو هلڻ ۾ڪجهہ عجيب پئي لڳو، هن کي رکي رکي وسوسا پئي ٿيا. هن پنهنجي دل جي ڌڪ، ڌڪ صاف پئي ٻڌي ۽ سوچيو، ’ائين نہ ناهي تہ اهو شخص ڪيس ڪنهن ڪنڊ پاسي ۾ وٺي گولي هٽي ڇڏيندو‘. ان وقت کيس پنهنجي زال جا اهي لفظ ياد پئي آيا تہ، ”نہ وڃ، ڪراچي!... ٻڌئون تا تہ اوڏنهن گوڙ لڳاپيا آهن.“ پر هن زال کي دلجاءِ ڏني هئي تہ اجڪلهہ ناپر ٿي وئي آهي. هونءَ بہ اهو سنڌس ايمان هو تہ موت ڪٿي بہ اچي سگهي ٿو، ان ڪري ڊڄڻ ۽ ڀڄڻ اجايو آهي.
هو کيس اپارٽمينٽ جي پر ۾هڪ چانهن جي هوٽل تي وٺي آيو، جتي ڪجهہ جوان چانهن پي رهيا هئا، هن هڪڙي کي سڏ ڪيو، ”تقي مرزا، اڌر تو آئو!“
هڪ نوجوان ٿيلار ڪندو، سنڌس پرسان آيو. هن کيس رازداريءَ واري انداز ۾ مشڪندي چيو، ”اس صاحب کو محمد رضا کا فليٽ تو دکائو!“
هن کيس معني خيز انداز ۾ ڏٺو ۽ پوءِ مرڪي ڏٺو. هن جي اندر جو پڪي خوف وچان ڦٿڪڻ لڳو. پر هن ان کي دم دلاسا پئي ڏنا تہ اهو سنڌس اجايو وهم ۽ پئو آهي. هرويرو ايڏو بہ انڌ بہ ناهي، جو هڪ انهيءَ شخص کي خوامخواه ماريو وڃي، جيڪو ڪنهن جو بہ مندو ناهي.
سنڌس دوست جو نئون گهر ڊيڪارينڊڙ سونهون همراه، ٻنهہ نوجوان هيو. سنڌس ڳلن تي نئين ريهہ لٿل هئي. هن ڪانئس محمد رضا جي باري ۾ ڪجهہ اهڙي قسم جا عجيب و غريب سوال پئي ڪيا تہ  محمد رضا هن بلڊنگ مان شفٽ چو ٿي ويو آهي؟... توهان ان جا ڇا ٿيو؟ وغيره. پر انهيءَ همراه، هن جي ڪنهن بہ سوال جو جواب نہ پئي ڏنو، جنهن تي هن کي حيرانگي پئي ٿئي. سنڌس ٻانهن لوڏ ۽ هلڻ ۾عجيب قسم جي ارڏائي هئي.
منصور هلندي سوچي رهيو هيو تہ ’هي نوجوان ايڏو ٻي رخو ڇو آهي؟...... هن کي تہ پنهنجي وهيءَ جي حساب سان معصوم ۽ لڄارو هئڻ گهرجي‘. پرپوءِ کيس ٻيو خيال بہ اچڻ لڳو، تہ ’جنهن نسل نفرت ۾ جنم ورتو هجي، نفرت ڪاڏي هجي ۽ نفرت اوڙهي

هجي. ان نسل ۾ سادگي ۽ معصوميت ڪٿان ايندي؛ جيڪا اعلي انساني قدرن جو مَرڪُ هوندي آهي. شهر جيڪي گهڻن ماڻهن سان ڀڙل ۽ انساني تهذيب جو مرڪز هوندا آهن. انهن جو حال اهو آهي، جو اتان جي ماڻهن مان ماڻهپو نڪرندو ٿو وڃي. ائين لڳي ٿو تہ جتي گهڻا ماڻهو آهن اتي ئي عقل جي ڪل ٿڙيل آهي.‘هودل ئي دل ۾ پنهنجن ئي اڻاريل سوالن جا جواب ڏيندو،ان نوجوان جي پويان ور وڪڙ هٽندي پئي هليو.

”محمد رضا، اوپر فليٽ نمبر ١٥ ۾ رهتي هين، آپ ان سي جا ڪر مل سڪتي هين“، ان نوجوان هڪ پيلي بلڊنگ جي طرف اشارو ڪندي چيو؛ جنهن تان رنگ لهڻ ڪري تجريدي انداز۾ ڊڙڳ ڊڙڳ ٿي پيا هئا.

هن ڪي ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ پئي آيو، تہ محمد رضا ان پراڻي ۽ ڪجهہ ڪجهہ ويران بلڊنگ ۾ ڇو اچي وينو آهي؟.... هو اضطراب ۽ پيڙا واري ڪيفيت سان هڪ هڪ ڏاڪي تي چڙهڻ لڳو. هيڪر هن جي دل ۾ آيو تہ موٽي وڃي، پر موٽي نہ سگهيو. هٿ غيرارادي طور تي ڪڇي وڃي، ڪال بيل جي بٽڻ تي پيس.

ٿوري دير ڪان پوءِ دروازي جي ٻيڪڙ مان هڪ ٿلهو ٿنيرو شخص ٻاهر نڪتو. هن اکين تي زور ڏيندي ڪيس سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪئي. هتان جي ڪيس اها ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ ايندي هئي تہ روشنين واري شهر ۾ اونداهين ڏاڪڻين جو رواج ڇو آهي؟ ....آخر جڏهن اونداهيءَ ۾ اکين جو پتليون ڦهلجي، ٻنهي کي ڏسڻ جي لائق ڪيو، تہ هن ڏٺو تہ اهو شخص ڪلاشنڪوف سان گڏ سندس استقبال ۾ بيٺو مشڪي رهيو هو. هن ڳيتان ڏيندي ٻڌايس:

”سيد محمد رضا صاحب سي ملنا هي!؟“

”يائي، اس ڪو پاڳل ماشٽر محمد رضا سي ملائو! جو امن، محبت اور سڪون کي باتين ڪرتا ٿا.“، ان همراه ڪيس ڳلي ڪانوني اندر ڇڪيندي، اتي ٻئي بيٺل همراه جي حوالي ڪندي چيو.

ٿوريءَ دير ڪان پوءِ هو هڪ ڪمري ۾ هٿ پير ٻڌل، سامهون سرڪڻ ڦاهي، هٿوڙن ۽ ڊرل مشين کي ڏسندي سوچي رهيو هو، تہ حد ڪان وڌيڪ سياڻن جي شهر ۾، سندس پاڳل دوست کي، ان راه تان گذري، خبر ناهي ڪيترو عرصو ٿيو هوندو؟

# وٺيل رئو

صبح جو ڪڪڙن آرام سان سڄي پٽر تي وٺيون پئي لاٿيون، ڪين اها ڪل ئي ڪونہ هئي، تہ اوچتو ڪا ڪاتي سندن ڪنڌ تي اچي پوندي......................

امان حاجاڻي ڪي جڏهن ڳوٺ جي مولوي، حڪيم ۽ بنا ڊگر واري ڊاڪٽر لا علاج ڪيو تہ هاڻي ڦيٽن، ڦڪين ۽ دوائن کان ڪم چڙهي ويو آهي. باقي رڳو گهڙين جي ڪسررهيل آهي، تہ پوءِ ٺنهي نڪمن پٽن پاڻ ۾ صلاح ڪئي تہ ڏيٺ وائٺ، مٽن مائٽن ۾ اڳواٽ ٻڌائي ڇڏجي، تہ جيئن ميارن کان بچي سگهجي ۽ مرڻ وقت ٿڌي تي پاهت وني ڇڏجي.

اها خبر، تر ۾ باه وانگر پکڙجي وئي. مايون ۽ مرد مٽي ۾ ميٽ هئڻ جي باوجود بہ ٽانگن ، گڏه گاڏن، ٽريڪٽرن ، سوزڪين ۽ ڏاند گاڏين ۾ سندس منهن ڏسڻ لاءِ نڪري پيا هيا.

امان حاجاڻي جڳ جي دائي، لال وڏائي هئي. ڪيترين عورتن ۽ مردن لاءِ ڇپر ڇانو هئي. راڄن جي عورتن ۽ مردن تي سندس احسانن جا نپا لڳل هيا. هن کي خبر هئي تہ الله بخش جو پٽ سائينداد جي گهر ۾ آهي ۽ سائينداد جي ڌيءَ رب رکئي جي گهر ۾ پلجي ٿي. سندس سيني ۾ ايترا تہ راز دفن هيا جو ڪيترن مهمانن کي سڪون پئي محسوس ٿيو، تہ سندس رازن کي فاش ڪرڻ واري هاڻي دفن ٿيڻ واري آهي ۽ ڪيترن کي بي چينيءَ، تہ هاڻي سندن اڳ پوءِ ڪير ڪندو؟

مهمانن اچڻ سان، امان حاجاڻي جي منهن جي تختي ڏسڻ ڪانپوءِ ڪائڻ پيئڻ، سمهڻ ۽ حاجت فراغت جي ڳڻتيءَ ۾ لڳي ويا هيا. جن مهمانن اڳ ڳڻتي ڪئي هئي، تن کي گهرجي ڪا چڱي چوکي ڪنڊ، بسترو ۽ ماني نصيب ٿي هئي. جيڪي منهن جا ڪوئنرا هيا، سي سراسر نقصان ۾ ويا. پر انهن اهو سوچي صبر ڪيو تہ ڏکي سکي رات آ گذري ويندي.

ٻئي ڏينهن تي، ڪچڙي منجهند تائين امان حاجاڻي جو سڄو گهر مهمانن سان پرجي چڪو هيو. پر امان حاجاڻي جو ساه لُڪي ۾ هلي رهيو هيو. مهمانن جي خاطر مدارت لاءِ ٺنهي ننهرن ڪا ڪسر ڪونہ ڇڏي هئي. امان حاجاڻي جي باقي بچيل ڪڪڙن کي گهرجي ٻارن ڊوڙائي ڊوڙائي پئي جهليو. جيڪي ڪڪڙ موت جي خوف کان ڪٽن هينان لڪيا پئي، تن کي ٻارن پچن کان پڪڙي ڪهڻ وارن کي ڪدي پئي ڏنا.

ٻيو ڏينهن بہ انتظار ۾ گذري ويو. جڏهن تہ ننهرن غلاف جو ٽڪرو، جافر، زم زم جو پاڻي، عطر، ڪافور ويندي ستر پوشي، نقابو، ڪفني ۽ ٻُٺن تائين هر شيءِ تيار ڪري رکي هئي، رڳو امان حاجاڻي جي مرڻ جي دير هئي.

ورندو ٽيون ڏينهن خدا جو ٿيو. هاڻي امان حاجاڻي جي گهر ۾ نم واري اگڻ تي، نئين ڦٽل ٻور جي خوشبوءِ جي باوجود ، مهمانن جي ٻارن جي ٻي وقت حاجت فراغت، هڪ ساڙيندڙ بانس ڦهلائي ڇڏي هئي. ڪافي مهمانن تي بيزاري جا آثار نمايان ٿيڻ شروع ٿي چڪا هيا. خاص ڪري وڏين عمرين وارن مڙسن کي، جن کي پنهنجين نوجوان زالن تي شڪ ٿيڻ شروع ٿيو هيو، تہ انهن پنهنجي جوانيءَ جا رنگ روغن ڏيکارڻ شروع ڪيا آهن. سندن عورتن جي ٻي ٻاڪ مرڪن ۽ لوڏ کين پريشان ڪري وڌو هيو.هو سوچڻ لڳا، تہ ائين نہ ٿئي جو کين ڪارو ڪاري جي ڪيسَ ۾جيل ۾وڳڻو پئجي وڃي ۽ هو زندگي جي آخري لذتن کان بہ محروم ٿي وڃن.

چوٿين ڏهاڙي گهر جا سيبئي ڪڪڙ، ٻڪاٽا ۽ بصر ختم ٿي چڪا هيا. گهرجي مالڪن ۽ مهمانن دل ئي دل ۾جڻ هڪ آواز ٿي پئي چيو، امان حاجاڻي رضا ڪرڻ ۾حد ڪري ڇڏي آهي. جڏهن تہ سندس ٽنگيل ساه کي هيڏي هوڏي ڪرڻ لاءِ سياڻين سيبتن عورتن ٽڪا پنجا ڪندي ڪيس ڪن ۾، نہ آيل متن مائٽن جا سلام ڏنا هيا. ڳوٺ جي مُلياڻي جي چوڻ تي، پنج پنج روپيہ ڏيئي ڪيس جيئري قرآن بخشرايو ۽ ياسين سڳوري جو دم ڪرايو ويو هيو. پر امان حاجاڻي جو ساه جڏهن ساڳي ٽِڪ هنيو بيٺو رهيو، تہ پٽن ۽ ننهرن مولوي عبدالقادر کي گهرايو. مولوي عبدالقادر ڏاڙهي کي مُٺ ۾ ڪندي پاڻ حيرانگي جو اظهار ڪيو، تہ رسول جي چاڻٺ چمندڙ ٻانهي جي سڪرات ۾ سختي ڪيس سمجهہ ۾ نٿي اچي. هن سڪرات سولي ڪرڻ لاءِ مالڪن کي آسان نسخو ٻڌايو، تہ مال جو صدقو ڪييو وڃي. گهر جو سوڪو ڪونهون ڪسجي پيو تہ دليون هٽندڙ مهمان بہ ٽڪي پيا.

صدقي ڪيڻ ڪانپوءِ، پنجين ڏهاڙي تي هر ڪنهن کي اهو آسرو هيو، تہ اهو ڏينهن امان حاجاڻي جو آخري هوندو.انهيءَ ڪري هرننهن پنهنجي پنهنجي حساب سان مڪمل تياري ڪري ڇڏي هئي، تہ ڪنهن کي پار ڪدي روئڻو، ڪنهن کي منهن ۾ چنبو هڻڻو ۽ ڪنهن کي ڏندڻ پوڻا آهن . ليڪن ائين نہ ٿي سگهيو، امان حاجاڻي جو ساه اڪڙجندو رهيو، پر نڪرڻ کان نابري واري وينو. سندس ننهرن جن پنجن ڏينهن ڪانوني صبر جو مظاهرو ان آسري تي ڪيو هيو، تہ سس جي جمعاڻي ڪانپوءِ گلا شروع ڪنديون، تن ان

انداز سان گلا ڪرڻ شروع ڪري ڏني هئي، تہ ”مائي ڪرند پسند آ ..... ڪنوارين جا ڪچا ٻار ڪيرائي پراوا ساه وننديءَ هئي.... اچ پنهنجوساه قذرت واري ڪٽي ٽنگيو اٿس“.
ڇهين ڏينهن تي گھر ۾ عجيب مامرو ٿي ويو. جڏهن امان حاجاڻي صبح جو اڪيون پٽي، هٿ جي اشاري سان پاٽي گھريو. پاٽي پيئڻ ڪانپوءِ جڏهن ڪَنن تي هٿ هٽي، مٿان بيٺل نندي پٽ ڪان اشارن سان سونين والين جو پڇيائين، تہ سندس نندي پٽ زور سان رڙ ڪندي پڇيو:
”امان جون واليون ڪنهن لاٿيون آهن؟“
سڄي گھر ۾ ان آواز جو پڙاڏو گونججي ويو، ”واليون ڪنهن لاٿيون آهن؟“
”پوئين اَسر تائين تہ واليون هيون، پوءِ ادي جنان سيرانديءَ ڪان ويني هئي“، نندي ننهن تڪڙ ۾ پنهنجي مڙس جي سوال جو جواب ڏيئي پنهنجي جان آجي ڪرائي.
”جنان ڪاڏي مري وئي؟“، گھر ۾ وڏي پٽ جو سوال گونجيو.
وڏي ننهن پڇندي آئي،”مان وٽ آهن مان وٽ!..... امان رات هر هر پئي ڪَن ڪنهيان، تہ مون سمجھيو تہ واليون ٿيون تنگ ڪنس الائي چا؟...سو لاهي ڪٽي پاڻ وٽ رکيم ..... ٻيو تہ خير آهي!؟“، جنان سياڻپ سان ڳالھہ ڪٽي وئي . چوويھہ سونيون واليون رومال جي ڳنڍڙيءَ مان نڪتيون ۽ هڪ هڪ ٿي، امان حاجاڻي جي ڪنن ۾ وري پئجي ويون.
ٿنهي ڏيراڻين جي منهن جا پنا لهي ويا هيا، تہ جيڪڏهن امان حاجاڻي جي زبان ڪلي پئي تہ انهن جيڪو رات جي وڳڙي ۾ چيو آڪيو هيو، ان جو چا ٿيندو؟..... ٿوري دير ڪانپوءِ، جڏهن امان حاجاڻي جون اکيون وري وڃي ڇت ۾ لڳيون ۽ نڙيءَ ۾ ڪرڪرو ٿيڻ شروع ٿيس تہ انهن کي ڪجھہ دلجاءِ ٿي.
ستين ڏينهن، ٿي مايوسي پهنجي انتها تائين پهچي چڪي هئي. آيل مهمان پاڻ ۾ ٿوري گھٽي ٿي، نڪرن جيان نهڪڻ لڳا هيا. گھر ڀاتين ۾ بيزاري عروج تي پهچي چڪي هئي. گھر جا ٻار خواه مخواه ڪنجڻ ستجڻ لڳا هيا. ننهرن مسلسل ڪم ڪار ۽ مٿي جي سور ڪري پنهنجن مٿن سان پيندبيون ٻڌيون هيون. پٽن ۾ چتڪتائي اچي وئي هئي. ڪُجي نہ پئي سگھيا جو ماءُ ماتا هئي، چٽي ڏيھہ ڏيکاريو هيائين.
”آخر چا ٿيندو ؟“، سمورن گھر ڀاتين مسجد ۾ وڃي، مولوي عبدالقادر ڪان پڇيو.
”هڪ ٻيو ڪونهون صدقي ۾ ڏجي.“، مولوي پڇيل سوال جو ترت جواب ڏنو.
”ٻيون ڪونهون!؟“، سيني حيرانگي ۾ گڏيل رڙ ڪئي.
” ان ڪانسواءِ ٻيو حل ڪونهي!جيئن ڪتابن ۾ لکيل آهي، اوئين تو ٻڌايانوَ.“، مولوي

سنئون سڌو جواب ڏيندي چيو.

وچين پٽ پنھنجو ڪونھون ڪسندي ڪسندي، ماءُ جي سڪرات سولي ڪرڻ يا جڳ ڪي ڏيکارڻ لاءِ ڏنو، تہ مھمان ويندي ويندي، اھو سوچي رھي پيا تہ ھڪ منو خفو ڇڏائي گھر پيڙو ٿجي تہ بھتر آھي.

انين ڏينھن تي، امان حاجاڻي جي مرڻ جي شدت سان انتظار ٿيڻ لڳو. نہ صرف گھر وارا بيزار ٿي چڪا ھيا، پر ڳوٺ وارا ماڻھون پڻ. جيڪي ڏنل وائنل مھمانن جا ويلا جھلي جھلي ٿڪجي پيا ھيا. ڏکھي مھمان نوازي ڪين ڳچيءَ ۾ پئجي وئي ھئي. سواءِ ڳوٺ جي دوڪاندارن جي، جن امان حاجاڻي جي سڪرات واري حالت جي وڌڻ جون دعائون پئي گھريون .

امان حاجاڻي انين ڏينھن بہ ھِڏڪيون ڏيندي رھي ۽ سيبئي ويچارا تي ڪيس ڏسند ا رھيا.

ڪنھن کي سمجھ ۾ نہ پئي آيو تہ انھيءَ ۾ آخر قدرت جو ڪھڙو راز آ!؟"

مولوي عبدالقادر وٽ، گھر جا ياتي جڻ آخري فيصلي لاءِ پھتا ھيا، "تو چيو ھيو، امان جي سڪرات سولي ٿيندي: ٻن ڪونھن جي قربانيءَ ڪاٺپوءِ بہ، ڇوٽڪارو نہ ٿو ٿئي، آخر ڇو؟"، اھو سمورو گھر ياتين جو گڏيل سوال ھيو.

"جڏھن الله جو اَمر ٿئي ،باقي اوھان مال جي قرباني ڪندا رھو!"، اھو مولويءَ جو جواب ھيو.

"ادا مولوي! تون قرآن جو پڙھيل آ، توسان ڪوڙ ڪھڙو. ھاڻي رڳو منھنجي وچ بچي آ، سا بہ پيران پير جي باسيل آ.... مينھون پٺاريون تہ اڳيئي ڏڪيون آھن!"، جنان، مولوي کي جڻ گھرجي باقي بچيل ڏور ڏڳين جي صورتحال ٻڌائيندي پارٽ ڪري ڇڏي.

"ان ڪان سواءِ ٻيو چارو ڪونھي، مائي!"، مولوي بہ مجبوري ڏيکاري .

مولويءَ جي انھيءَ اٽيي جواب تي امان حاجاڻي جو وڏو پٽ چڙي چيو:

"باقي ، تون نوٽ جيڏي ڏاڙھي رکائي، مولوي چا تي ٿيو آ؟.... گھر جون ڳُنديون وجي تري سان لڳيون آھن ۽ تون آ جو سڌو ڏڳ ٻڌائين ئي نٿو!....."

مولوي عبدالقادر پراڻي رستي، گراھڪي ۽ ٻين ڳالھين جو لحاظ ڪري خفي نہ ٿيو. ڪائئن ڪجھ گھڙين جي مھلت گھري حُجري ۾ ويو. ھن ورق ورق ٿيل پارسي، عربي ۽ سنڌي ڪتاب اٿلايا. ڪا جھٽ ڪن اکيون ٻوٽي استغراق ۾ ھليو ويو ۽ جڏھن اُٿيو تہ مشڪندي اچي مالڪن کي ٻڌايائين:

"مبارڪون ھُجنو!..... سچي خبر پئجي وئي!".

”جائي ادا، اڄ امان حاجاڻي گذاري ويندي؟“، وڏي ننهن اندر جي خوشي لڪائي نہ سگهي.
”نہ!“، مولويءَ جواب ڏنو.
”تہ پوءِ!؟ “، سيني ياتين حيرت ۾ وراڻيندي پڇيو.
”چڪ چڪان لڳي پئي آ، ملائڪ سڳورن ۽ پيرن فقيرن ۾ ..... ٻئيءَ ڏريون امان حاجاڻيءَ کي چڪيون ٻينيون آهن“.
”ادا، امان حاجاڻي جي پاسي پير الائي ڪهڙا؟“، جنان وري وچ ۾ ٽنبڪو هڻندي ڳٽيءَ منجهان پڇيو.
”مائي ڊنب هيو ملائڪن ۽ پيرن جو، مان هڪ هڪ کي چتائي تہ نہ ڏنو!“، مولوي خفي ٿي ويو.
”ڏيکاري ائين ٿيندي آ، تون بس ڪر!“، مڙسنهنس جنان کي چيڀيو.
”چاتو سمجهين چاڙهو ٿيندو يا؟“، ننڍي پٽ ڳٽيءَ ۾ڪياڙي ڪنهندي پڇيو.
”انشاءَ الله!.....لڳي تو تہ امان حاجاڻيءَ جا پير زور ٿيندا!“، مولوي وراڻيو.
گهر جا ياتي مسجد مان موٽي آيا تہ گهر ۽ ڳوٺ ۾ چؤٻول ٿي ويو. هر ڪنهن مولوي عبدالقادر جي ڳالھ تي ويساھ ڪيو، ڇو تہ ڪين يقين هو تہ ڪيس پراڻن ۽ شهيد ٿيل ڪتابن جو وڏو علم آهي.
ٽنهي ننهرن کي ڊکر چڙهي ويا هيا. پاڻ ۾سس پُس پئي ڪيائون تہ ان ڪاٺ جي پيتيءَ جو ڇا ٿيندو، جيڪا انهن وڏي مشڪل سان امان حاجاڻي جي ڪٽ هينان صفائيءَ سان ڪڍي: هُريءَ ۾ لڪائي، اجا ڪولي بہ نہ ڏٺي آهي، تہ منجهنس ڇاڇا پيل آهي.
سڪرات جي نائين رات هئي. امان حاجاڻي جي نڙ گهٽ مان ڪرڪرو ڪڏهن تيز ڪڏهن آهستي هلي رهيو هيو. جنهن مان ظاهري طور تي ڪو بہ اندازو نہ پئي ٿي سگهيو تہ امان حاجاڻي ڪهڙي پر ٿيندي. پر مهمانن ۽ گهر جي ياتين کي مولوي عبدالقادر تي اعتبار هيو. ان ڪري ڪيترن مهمانن سمهڻ کان اڳ اهو پڪو فيصلو ڪيو هيو، تہ ڇا بہ ٿئي، هو سياڻڪي سڄ ۾ ڪڪ پن ٿي ويندا. ٽنهي پٽن، ماءُ تي آخري صلوات شوڪاري ۽ پوءِ چيلھ سڌي ڪرڻ لاءِ، زالن کي ماءُ وٽ ڇڏي، پاڻ ٻاهر وڃي آرامي ٿيا.
سڄي عمر ماءُ جي ميڙي چوندي ڪائيندڙ پٽن، جن ڪڏهن ڪڪ پيچي ٻيٺو نہ ڪيو هيو.
اڄ ٻيلچي هٽڻ ۽ ڪاتي ڪٽڻ جهڙن پوائتن خوابن ڪانسواءِ مني ننڊ پئي ڪئي. ڪين اطمينان ٿي چڪو هيو تہ ماءُ جي پورهئي مان اجا سندن داڻو پاڻي لڪيل آهي.

مڙسن جي هدايت مطابق تنهي ڏيرياڻين کي ويهي ڏينهن ڪرڻو هيو. انهيءَ ڪري نہ تہ، امان حاجاڻي جي رضا ڪرڻ جي صورت ۾، ڪين اکيون وڻيون يا وات بند ڪرڻو هيو. پر تاڪيد سان چيل هين تہ ڪيس سرت ايندي ئي پڙهايل ڪير جو هڪدم ڏُک پرايو وڃي. تنهي ڏيرياڻين جون وسوسي ۽ هُٻ ڪتي ۾ گهڙيون پئي گذريون ۽ دل پئي هلي. انهن کي رڳو ان ڳالهہ پئي ماريو تہ امان حاجاڻي سرت ۾ اچڻ ڪانپوءِ جي ڪٿ جي هيئان ليئو پائي ڏٺو تہ چا ٿيندو؟......... هر ڏيرياڻي کي ٻي جي ساٿ ۽ سچائي تي گهٽ اعتبار هيو، توڙي جو قسما قسمي ٿيل هئي. رکي رکي هٿن ۽ اکين جي عجيب وغريب اشارن ۾ هڪ ٻئي سان ڪو مخفي انداز ۾ اظهار بہ پئي ڪيائون.

هئو مئو ٽري چڪو هيو. گدڙن جون اوناڙيون ڪڏهن تيز، ڪڏهن آهستي ٿيڻ لڳيون هيون. جواب ۾ ڪنهن ڪُتي جي ڀوءِنڪ يا رُوڙ ٻڌڻ ۾ پئي آئي. رکي رکي ٽيٽهر جي ’ٽر! ٽر!‘ رات جي سانت کي پئي چيريو.... رات پنهنجا بہ پهر ٽپائي، ٽئين پهر ۾ داخل ٿي چڪي هئي. هر ڪو گهُگهَہ ننڊ ۾ هيو، سواءِ بي چين عاشقن ۽ بيمارن جي، جن بي چينيءَ وچان پاسا ورائيندي پئي ڪنگهيو ۽ ٿُڪيو. ڪڪڙن آهستي آهستي هڪ ٻئي پنيان دَس هڻڻ شروع ڪري ڏنا هيا. خير سان وڏو اَسرُ ٿي چڪو هيو. پر اوچتو ئي اوچتو ناخيري ڏکوئيندڙ آوازن، سڻل مهمانن ۽ گهر جي ڀاتين ۾ ڦڙڦوٽ وجهي ڇڏي. سيني امان حاجاڻي جي ڪمري ڏانهن وني ڊوڙ پاتي ۽ اندر گهريا. بتي جي جهيڻي روشني ۾ ڏٺائون تہ امان حاجاڻي جو وات ڪليل ۽ اکيون ڦوٽاريل هيون. گهٽن ڏينهن جا روڪيل سيني مردن ۽ عورتن جا ڊنڊڪار، وڇئين ننهن جي اوسارن ۽ ننڍي ننهن جي پِٽڪي سان شروع ٿي ويا. اُپ ڏاريندڙ روج ۽ راڙي ۾ ڪنهن سار ئي نہ لڌي: تہ بيهوش ٿيل وڏي ننهن کي ڪو پاڻيءَ جا چندا هڻي اُٿاري ۽ سندس پڪوڙيل هٿن مان وٺيل رئي کي ڇڏائي.

# ايڪسپلينيشن ڪال

جڏهن مليل ايڪسپلينيشن ڪال ۾لکيل هڪ هڪ الزام کي پڙهي پورو ڪيائين، تہ هن ائين محسوس ڪيو، ڄڻ زهر جو هڪ هڪ ڍڪ تي سيئي الزام سندس نڙي ۾لٿا هجن. سندس وات خشڪيون هٽي ويو هيو. هن ويسٽ پيپر باسڪيٽ ۾ ٿڪ اڇلائڻ چاهي، نہ نڪتي. هن ڳيت ڏيڻ چاهي تہ نہ ڳهي سگهيو. پوءِ هن ڪيسي مان پَنَ جي بيڙي ڪڍي، چڪ ۾ ڪري دکائڻ جي ڪوشش ڪئي. تيلي ماچيس جي گندرف واري پاسي تي بہ تي دفعا گسڻ کان پوءِ ، هڪ دفعو اتفاق سان صحيح هنڌ تي لڳي،پوءِ ٻري پئي . ٻريل تيليءَ جيئن ئي سندس پَن جي بيڙيءَ کي دکايو تہ ان سان ڄڻ هن جو اندر بہ دکندي ٻري پيو ۽ پوءِ هڪدم توائي ڪائي ڪرسيءَ تان اٿيو. لفظ سندس وات مان ڇيبون ٿي نڪرڻ لڳا:

”ظلم جي بہ ڪا حد ٿيندي آ.... تيرنهون سال رنگائيندي ٿيو آهي، هتي!..... اهڙي زيادتي ڪڏهن نہ ٿي.... هيءَ ٻي ايڪسپلينيشن ڪال ڪهڙا ڙي ڏاڙا هنيا اٿم، جو مون تي الزام ٿا مڙهينِ؟.... پاڻ ڄڻ مسيت جا ڪک آهن ..... رڳو نڌڪو مون کي لڌو ٿئون، ڄڻ ڪو مان لولو مل جو ڪڙمي آهيان. آءُ بہ سينئر آهيان ، لکڻ پڙهڻ ايندو آ. اهو جواب ڏيندو مانِ جو ڪنن مان دونهان نڪري ويندن!“

”اڙي ! هاٽي بس ڪر، گهوگهہ نہ هڻ. خوامخواه، وڏيڪ پنهنجي لاءِ آزار ڪندين!“، پرسان وينل ڊسپيچر ڪيس اڌ ۾ ڪٽيندي سمجهايو.

”تون تہ بس ڪر ڇمڇا! جمعو جمعو اٺ ڏينهن ٿيا ٿئي، مون کي تو پڙهائين!“، هن جي ڇڙٻ تي ڊسپيچر اسٽئمپ رجسٽر ۾ منهن هٽي، ڪتل ٽڪلين کي پوري ڪرڻ جي حساب ۾ لڳي ويو.

هن جي اهڙين اجاين دانهن ڪوڪن تي، ڪنهن ڪنڌ ورائي ڪيس ڇَکي بہ نہ ڪيو. ڄڻ سڄي ورڪس برانچ ۾ وينل اسٽاف جي واتن تي ڪنهن اسڪاچ ٽيپ هٽي چڏي هئي. هو دبرندي دبرندي ساٽو تي ڪرسيءَ تي ڪري پيو هيو. سندس ڪرڻ سان ڪرسيءَ جون ڪجهہ واٽيل پراٽيون پلاسٽڪ جون تندون ٽڙڪي هيٺ لڙڪي پيون هيون. وڏا ڪچ هٽندي، نڪ مان دونهان ڪڍندي، تيز نگاهن سان سامهون وينل سپرنٽيڊنٽ کي ڪاوڙ مان جهوت پائي گهورڻ لڳو. سندس ٽڪڙن ساهن مان ائين محسوس ٿي رهيو

هيو، تہ هو پنهجي سنهڙي سيپڪڙي جسم اندر واڳونءَ جهڙي سپرنٽينڊنٽ کي ڳڙڪائي ڇڏيندو. جڏهن تہ سپرنٽينڊنٽ ٽيبل تي پيل ڪاغذن کي اٿلائيندي، سرد مهر چهري سان بظاهر پر سڪون نظر اچي رهيو هيو، ڄڻ تہ ارباب جهڙن تي سندس اک ئي نہ پئجندي هئي.
خبر ناهي ڇو، هن کي خاموشيءَ کان نفرت هئي. ڪيترا ئي اهڙائي راز جيڪي ڊيولپمينٽ اٿارٽي جي رڪارڊ روم واري قبرستان ۾ دفن ٿي ڳري سڙي ويا هيا. اهي هن پنهنجي اندر جي ڪمپيوٽر جي هارڊ ڊسڪ تي محفوظ ڪري رکيا هيا ۽ انهن کي ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي ڪمپيوٽراسڪرين تي پيش ڪري ڇڏيندو هيو. تہ فلاڻو پراجيڪٽ، جيڪو فلاڻي آرڪيٽيڪٽ ۽ انجنيئرنگ ڪمپني کي ٺيڪي تي مليو هيو؛ ان ۾هرهڪ صاحب ڪيتري پرسنٽيج ورتي هئي. ڪنهن پراڻي فائيل جي پڪڙ پڇاڙ تي پڌائڻ ۾ دير ئي نہ ڪندو هو، تہ اهو فائيل پنهنجي ڳاڙهي ڪفن سوڌو رڪارڊ روم مان ڪيئن چوري ٿيو۽ ڪنهن ڪرايو.
سندس اهڙين حرڪتن جي ڪري ڪيترا دفعا سندس پيشي وڏن صاحبن وٽ ٿي چڪي هئي. جيڪي ڪيس زباني داٻ دڙڪا ڏيئي معاف ڪري ڇڏيندا هيا. پر اهڙين حرڪتن جو هو تيرنهن سالن کان عادي هيو ۽ اڳين سپرنٽينڊنٽن سندس اهڙين حرڪتن جي باوجود بہ ڪيس بي ضرر واتوڙي سمجهي هلائيندا آيا هيا. پر جڏهن ڪانوني سپرنٽينڊنٽ صالح بيگ سياسي سفارش تي ٻي ڪاتي مان بدلي ٿي هن ڪاتي ۾ آيو هيو، تہ هو هنجي اهڙين حرڪتن تي ڪاوڙجي پيو هيو. صالح بيگ وڏو زماني شناس ۽ چالاڪ شخص هيو. هو ڪيترن ئي ڪاتن کي ڪائي ڪپائي هتي پهتو هيو. هُن اها ڳالهہ هر آفيسر جي ڪَن ۾ وجهي ڇڏي هئي تہ ڪندو ڪٽي ڪيترو بہ ننڊو هجي، پر پير مان ڪڍڻ گهرجي؛ نہ تہ ان جي چُپ چُپ ڪڏهن بہ پڪريز ڪري سگهي ٿي. هو خاموشيءَ سان پنهنجي هيڊ ڪلارڪ جي ٽيبل تي شارٽ لِيو رکي، آفيس مان ڳرن قدمن سان نڪتو هو. پوءِ اندر ۾ لڇندي، خيالن ئي خيالن ۾ جوڄڪيون ڪائيندي، سڀني آفيسرن کي سپرنٽينڊنٽ سميت ويٽ پيپرن سان سنگسار ۽ ڪٽرن سان رتو ڇاڻ ڪندي دامن علي فقير جي اوتاري تي پهچي چڪو هيو.
هن کي دامن علي فقير جي اوتاري تي، ڪجھ وقت تائين استاد چٽل اڳيان تڏي تي ويهڻو پئجي ويو. استاد چٽل پنهنجي زماني ۾ روينيو ڊپارٽمينٽ جو جهيڙيڪار ۽ بغاغي-باز هيڊ ڪلارڪ ٿي گذريو هيو. انگريزي لکڻ جو وڏو پڙ هيو، تنهنڪري پاڙيوارن جي لاءِ

فرسٽ ايڊ جي مثال هيو. پاڙيوارا نوڪرين ڪانوٺي، ٻارن جي جهيڙن تائين درخواستون لکرائي ويندا هيس ۽ پوءِ سڄي عمر پوليس ۽ ڪورٽن جي چڪرن ۾ ڌڪا کائيندا رهيا. پر ان وقت استاد چٽل خلافت ۽ امامت جي چوڏنهن سئو سالن واري پراڻي ڳنڍ کي کولڻ ۾ مصروف هيو. جنهن تي دامن علي فقير ۽ ٻيا حالي موالي رکي رکي ڪيس "بر حق! بر حق!" چئي داد ڏئي رهيا هيا. ارباب، استاد چٽل جي ڳالهه کي نه کُٽندي ڏسي، پنهنجي صبر جو پئمانو چلڪائي وڌو :

"استاد وڏا، چوڏنهن سئو سالن جو پراڻو ۽ پيچيده مسئلو ته حل ڪري ڏنو، پر اجوڪو حق ۽ ناحق جو مسئلو جيڪو ڪلارڪن ۽ صاحبن جي وچ ۾ آهي، اهو به حل ڪري ڏيکاريو ته مڃانوَ!".

استاد چٽل، پاڙيسري ارباب جي اها سنئين سڌي چئلينج برداشت نه ڪري سگهيو. پنهنجو قصو اڌ ۾ ڇڏي ڪانئس هڪدم رو داد پڇي ورتي ۽ پوءِ چٽل هن کي هڪ ڊگهو ۽ سربستو جواب لکرايو. جنهن ۾ هن پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪيل سرڪاري ڦڏن ۽ تجربن جو نچوڙ وڌو ۽ انگريزي جا اهڙا ڏکيا لفظ ئوکيا هيا، جو آخر ۾ پاڻ ئي گيرنٽي ڏيندي چيائينس:

"ارباب! منهنجي انگريزي کي تنهنجو ڊائريڪٽرجنرل ته ڇا، پر تنهنجي ڊپارٽمينٽ جو سيڪريٽري به نه سمجهي سگهندو".

ٽيو به ائين جڏهن هن ٻئي ڏينهن تي اهو جواب ٽائپ ڪري پيش ڪيو ته، سندس ڏنل جواب کي ڪو به سمجهي نه سگهيو هيو. اهوئي ٽيو، جنهن جو ڪيس پئو هيو، يعني شوڪاز نوٽيس.....

هو ايڪسپلينيشن ڪال وٺڻ جو ته عادي هيو. پر شوڪاز نوٽيس ڪيس تيرنهن سالن جي نوڪري ۾ پهريون دفعو مليو هيو. هن غور سان پڙهڻ ڪانپوءِ ان جو هي مطلب ڪڍيو هيو ته ڊائريڪٽرجنرل اِفيشنسي ۽ ڊسيپلينري قانون تحت هڪ فيصلي ڪندڙ اٿارٽي آهي. ان ڪري مٿانئس لڳل الزامن، جنهن ۾ آفيس جي ڪمن ۾ دلچسپي نه وٺڻ، آفيس ۾ افراتفري پيدا ڪرڻ ۽ پنهنجي صاحبن سان بدسلوڪي سان پيش اچڻ وغيره جي بنياد تي، ڪيس نوڪريءَ مان ڪڍي سگهجي ٿو. جيڪڏهن هو ١۴ ڏينهن جي اندر انڪوائري ڪميٽي کي لکت واري جواب يا روبرو بيان ۾ مطمئن نه ڪري سگهيو.

شوڪاز نوٽيس وٺڻ ڪانپوءِ تيرنهن ڏينهن هو مسلسل سوچيندو رهيو ته، هن ايڏي وڏي ڪوڙ جو هو ڪهڙو جواب لکي. هن کي شدت سان اهو محسوس ٿي رهيو هيو ته هن

آفيس ۾ جيڪي ننڍڙا ننڍڙا سچ ڳالهايا هيا. اڄ انهن جي ڪيس ڪيڏي نہ وڏي قيمت ادا ڪرڻي پوي ٿي.

’جيستائين ڪوڙ، ڪوڙ ثابت ٿئي، تيستائين ڪوڙ هڪ وڏو سچ آهي‘، اها ڳالهہ آفيس جي ٻن ٽن همدرد ڪلارڪ دوستن ڪيس ڪيترا دفعا سمجهائيندي ٻڌائي ۽ پوءِ صلاح ڏني هئي، تہ هو پنهنجا ٻار ٻچا وٺي سپرنٽينڊنٽ ۽ صاحبن جي درن تي وڃي، آزيون نيزاريون ڪندي معافي وٺي ۽ پنهنجي جان ڇڏائي.

پر هن جي مٿي ۾خود داريءَ جو الائي ڪهڙو اُٺ وينل هيو، جو پنجن ٻارن جي پيءُ هوندي بہ هن ايئن نہ ڪيو. جيتوڻيڪ هو ڪڏهن ڪڏهن نوڪريءَ تان لهي وڃڻ جو سوچي پريشان ٿي ويندو هيو، تہ سندس زال ۽ ٻار جيڪي حال في الحال انهيءَ مامري کان بي خبر آهن، پر جڏهن فاقن ذريعي باخبر ٿيندا تہ سندن حال ڇا ٿيندو؟.... ان ڪيفيت جو اندازو لڳائيندي، ڪيس سخت ڳڻتي وٺي ويندي هئي.

شوڪاز نوٽيس جي تياريءَ لاءِ خبر ناهي سڄي رات ڇا سوچيندو ۽ پنن تي لکندو رهيو. هن ڪهڙيون ڪهڙيون حڪايتون ۽ شڪايتون لکيون هيون. ان جو اندازو پاڻ کان سواءِ ڪٽ تي ٻي ڇينيءَ سان پاسا ورائيندڙ جوڻهس ڪي بہ نہ ٿي سگهيو هيو. جيتوڻيڪ ٻہ ٽي دفعا پڇڻ جي ڪوشش بہ ڪئي هيائينس، پر هڪ ٺي دڙڪي ملڻ تي خاموش ٿي وئي هئي. پر پوءِ بہ جوڻهس سندس چڙ مان اندازو لڳائي ورتو هو، تہ هو ڪنهن وڏي مصيبت ۾ آيل آهي، ان ڪري هوءَ بہ ڄڻ ڪنهن اڻڄاتل خوف وچان سراپجي وئي هئي.

هن اها رات ويهي ڏينهن ڪري ڇڏي هئي. هن پنهنجي پَرِ ۾ اهي سڀ حقيقتون لکي ورتيون هيون جيڪي پنهنجي جڳهہ تي سئو فيصد صحيح هيون.صبح جو گهران بغير ڪنهن ناشتي جي نڪري چڪو هيو. ليڪن هن اها تياري مڪمل ڪري ڇڏي هئي، جنهن ۾ هن ڪي انڪوائري ڪاميٽيءَ اڳيان بنان ڪنهن رک رکاءَ جي حقيقتون پيش ڪرڻيون هيون.

ڏهن ۾ ڏهہ منٽ هيا تہ هو آفيس جي وڏي گيٽ مان اندر داخل ٿي چڪو هيو. ڪيس ڪجهہ پنا هٿن ۾هيا، جيڪي هوڏي اعتماد سان لوڏيندي، نيڪ ڏهين وڳي مقرر وقت تي ڊائريڪٽر جنرل جي ڪمري ۾ داخل ٿيو. هن پهريائين ڏٺو تہ انڪوائري ڪاميٽيءَ جا سڀئي ميمبر پنهنجين ڪرسين تي سنگ مرمر جي ويٽ پيپرن جيان بي جان لڳا وينا هيا. هن جي اندر اچڻ سان ڄڻ انهن ۾ چر پر اچي وئي هئي.

هن جو غور سان جائزو وٺندي ڊائريڪٽر جنرل مصنوعي ڪنگهڪر ڪندي، انڪوائري

ڪاميٽيءَ جي چيئرمين جي حيثيت سان ڳالهائڻ شروع ڪيو:
”ها تہ، پنهنجي بچاءَ لاءِ تو لکت ۾ ڇا آندو آهي، مسٽر ارباب؟“
ارباب پنهنجي ارڏائپ کي برقرار رکندي ڳالهائڻ شروع ڪيو:
”اڄ آءُ لکت ۾ اوهان صاحبن جي ايڪسپلينيشن ڪال ڪڍي آيو آهيان. مهرباني ڪري الزامن کي پڙهو ۽ پوءِ سوچي سمجهي پنهنجي ذهنءِ ضمير تحت جواب ڏيو، نہ تہ بہ صورت ۾ الله جي عذاب کان نہ بچي سگهندءُ!“، هن ايئن چئي هٿ ۾ جهليل پنا مٿي ڪري پڙهڻ شروع ڪيا:
”يو آر هيئر باءِ ڊائريڪٽيڊ ٽو ايڪسپلين دي فالونگ چارجز ....فرسٽ دئٽ يو آر......“
ڊپٽي ڊائريڪٽر کي ايئن محسوس ٿيو ڄڻ ايڪسپلينيشن ڪال جو هڪڙو هڪڙو الزام سندس پن ڪشن جهڙي جسم ۾ ڪنهن تيز تاڃٽيءَ جيان گهرندو پئي ويو.جنهن ۾سياسي سفارشن جي بنياد تي نوڪريون ۽ پروموشن ڏيڻ، ڪرپشن جا عجيب وغريب مثال قائم ڪرڻ، فنڊز جو غلط استعمال ڪرڻ، اقربا پروري ڪرڻ وغيره هيا. انهن سيني چاٽايل الزامن کي هن مڪمل ثبوتن سان پئي پيش ڪيو .
”سر ڀڏو ڏا، تہ هي ٽڪي جو ڪلارڪ ڇا پيو بڪي!؟“، ڊپٽي ڊائريڪٽر ڄڻ خوفَ وچان رڙ ڪري ڊائريڪٽر جنرل جو ڌيان ڇڪايو.
پر هو ڪاريهر نانگ جيان ڦڻ ڪڍيو بيٺو رهيو، ڄڻ اڄ سيئي صاحب ڪائنس عهدن ۾روڏا هوندي بہ ننڍا هيا. ڊائريڪٽر ايڊمنسٽريشن جيڪو رومال سان بہ ٽي دفعا نرڙ تان پگهر اگهي چڪو هيو، تنهن پريشانيءَ منجهان راءِ ڏني، ”سر! قانون ۾ اهو ڪٿي آهي، تہ هڪ ڪلارڪ صاحبن جي ايڪسپلينيشن ڪال ڪڍي ! .... سر، هي پاڳل ٿي چڪو آهي!....“
ڊائريڪٽر جنرل ڳالهہ کي هڪدم سمجهندي، جوالا مکيءَ وانگر ڦاٽي پيو، لفظن جو لاٽو رڙ جي صورت ۾ ٻاهرنڪتو:
”نائب قاصد !....نائب قاصد! اڙي هن چريي کي ٻاهر ڪڍو!....گيٽ هم آئوٽ!.... گيٽ هم!“، ڊائريڪٽر جنرل جو آڱونواليڪٽرڪ ڪال بيل جي بٽڻ تي مسلسل پٽيوالن کي سڏيندي هيٺ مٿي پئي ٿيو. ايستائين جيستائين هو پٽيوالن جي هٿان ڪنيجي نہ ويو.
ٿوري ديرڪانپوءِ انڪوائري ڪاميٽي مڪمل اتفاق سان ڪلارڪ ارباب علي کي پنهنجي بالا آفيسرن سان غير اخلاقي ورتاءُ ۽ ڌمڪين سان پيش اچڻ جو مرتڪب قرار ڏئي، برطرف ڪري ڇڏيو.

# قصو هڪ بي بها نسخي جو

”اڳتي جو ڇا ٿيندو؟“

اهو سوال عمومن توهان کان گهر ۾، اسڪول ۾، ريل ۾، بس تي، آفيس ۾، نجي ڪچهريءَ ۾، جيل ۾ (جيڪڏهن توهان جيل جا عملدار يا قيدي آهيو تہ) اڪثر ماڻهن پڇيو هوندو. پر ٿي سگهي ٿو تہ توهان پنهنجي علمي بصارت ۽ سياسي سمجهہ تحت ڪين مطمئن ڪندا هجو. پر پنهنجا تہ پگهر ئي نڪري پوند آهن، جيڪڏهن ڪو پڇي ويهندو آهي. ان وقت مان سوچڻ لڳندو آهيان تہ، ڪاش! مان ڪو خدا جو خاص ماڻهو هجان ها. جي خاص الخاص نہ سهي، پر هلڪو سلڪو قطب، ڪو ولي، ڪو پير ، ڪو فقير، ڪو انجم شناس، ڪو پيرا سائيڪالاجسٽ ئي سهي. ڪجهہ تہ ايندڙ مستقبل لاءِ هام هڻان ها .دانيال پيغمبر وانگر ڪنهن وقت جي بخت نصر کي خوابن جي تعبير ٻڌائي خوش ڪري سگهان ها... ڪنهن ولي يا قطب وانگر سنڌ واسين کي ڏيچاري سگهان ها، تہ سنڌ چاليهہ سال اڳ غرق ٿيندي. ڪنهن انجم شناس وانگر ستارن جي گردش تحت ثابت ڪري سگهان ها، تہ ايندڙ جنگ ۾ پنهنجو جهنڊو دهليءَ جي لال قلعي تي جهولندو ۽ جڳ ڏسندو. ناسٽر ڊامس وانگر ڪي اڻ ڪٿ اڳڪٿيون لکان ها يا ماموئي فقيرن وانگر بيتن ۾ پيش گوئي ڪري سگهان ها تہ ”جڏهن راجا ٿيندو راڪاس، تہ مندين نہ وسندا مينهن ، ڦري ڦري شينهن ڪندا سلامي سيهڙ ڪي!“. ماڻهو ٻيو نہ تہ، ائين ئي رڳو چون ها تہ ”واه ڙي واه فقير، واه جي ڳالهہ ڪئي اٿئي!“، تہ بہ جڻ لک ڪٿيان ها. پر ڇا ڪجي نہ اهڙي ذات ملي، نہ عقل جي ذات ئي ڇائي . بس پنهنجي قسمت ۾ اهو لکيل ئي ڪونہ هو، تہ ڪا اڳڪٿي ڪري عزت ۽ شهرت ماڻجي......

پر ان ڏينهن انهيءَ احساس ڪمتري مان آجو ٿي ويس. جڏهن هڪ همراهہ ڳالهہ ٻڌائي. ڳالهہ ڇا هئي، بس بي بها نسخو... جيڪڏهن توها بہ انجم شناس ناهيو، گياني ڌياني پير فقير ناهيو، صرف عام ماڻهو آهيو تہ پوءِ هي نسخو اوهان کي بہ نذرِ الله نيازِ حسين مفت ۾ ڏجي ٿو. بس نسخي ڏيڻ واري جي حق ۾ دعا گهرجو، تہ هن جهان ۾ سندس عزت ۽ خير جي گذري، باقي اڳلي جهان ۾ پاڻ ڄاڻي ۽ اهو ڄاڻي........

ها! تہ نسخي وارو قصو هيئن آهي تہ، ٿر جي ڪنهن نگر ۾، رات جي اونداهي ۾، ڪنهن پراڻي مندر ۾. مهاراج هيرا لال بغير ڏيئي ۽ بصر جي، ويني مالها پئي جپي يا

ڦيٽو پئي پڙهيو تہ اوچتو مهاراج کي ڪک سنگهي وڌو. مهاراج هانءُ ڦاڙ رڙ ڪئي، ”اي مونکي الائي ڪهڙي بلا ڪائي وئي!؟“

اهو ٻڌي چيلا ٻتيءَ ڪٺي ٻجندا آيا، ”هاءِ رام!“ جي دهائي ڏيندا آيا. ٻتيءَ جي روشنيءَ ۾ ڏنائون تہ مهاراج پگهر ۾ شل، آخري پساهن وارا ڊگها ساه پئي کنيا. مرڻ کان اڳ اهو آديش ڏنائين ،”ماهجي مرتيہ کان پوءِ...... ماهجي آسڻ تي........، ماهجي سئوٽ بنسي لال کي...... گهوٽکي مان گهرائي ويهارجو!... .“ مهاراج جو هو ڏانهن ڪِريا ڪرم پئي ٿيو. هيڏانهن چيلن ٽريلن جي صلاح پئي هلي، ”اڳيئي گهوٽڪي جي سرڳواسي مهاراج نڪ ۾ دم ڪيو هو. وري مٿان مهاراج جي سئوتر کي گهرين آٿين جهڙوڪر پيئڻ کي پاهجي وات تي ويهاريون. نہ ڀائي نہ، اتراڏين کان پڳوان بچائي!“

سائن سنئوٽن کان پوءِ نگر جي مکي ۽ سر پئنچن کي چيلن گهرائي چيو، ”پئنچائت ٻڌي ڇڏي تہ سرڳواسي مهاراج چيلي چيتن داس کي سيوئي پُستڪ پڙهايا هئا. پاڻ پراڻ ڇڏڻ کان اڳ ائين آديش ڏنائون تہ، سندس ديهانت کان پوءِ  سندس پيارو شِش چيتن داس مهاراج ٿيندو!“

مکي ۽ سر پئنچن ڳالهہ ٻڌي ڪٺي اڪين تي رکي ۽ چيائون، ”جيڪا سرڳواسي مهاراج جي اِڇا سا پاهنجي بہ!.....“

جڏهن تاڙو تنوارڻ لڳو. اڪيو ابر آسري لڳيون . تڏهن مکي موتڻ داس سرپئنچن سوڌو مهاراج چيتن داس جي چرنن ۾ اچي وينو ،هميشہ وانگر هٿ ٻڌي وينتي ڪيائين: ”ڀيو خير ڪين، مهاراج! ڪرپا ڪري اهو تہ ٽپٽو ڪڏي ٻڌايو تہ هيلوڪي ورساري ۾ وس ٿاهوڪي ٿيندي يا نہ؟“

چيتن داس جون وايون ٻتال تي ويون. چيلا پنهنجي ليکي پريشان ٿي ويا. پراڻن پستڪن ۾ منهن هٽندي ، ڪورن ڪاغذن تي لڪندي مهاراج چيتن داس پريشانيءَ ۾ ڏوتيءَ جي پلاند سان نرڙ تان پگهر اگهندي چيو، ”ڀائي هيل وڏو خرابو ٿيندو!“

”تاهجي تہ نالي تان گهور وڃان مهاراج!.... پاڻ پڇيو پيا ورساري  جو؟“، مکي پريشان ٿيندي سوال کي ٻين لفظن ۾ ورجايو.

”اڙي، ٻڌءِ نہ! تہ هيل وڏو خرابو ٿيندو!“، چيتن داس تڙيءَ سان جواب ڏيندي منهن پٽ ڏانهن ڪندي چيو.

مکي ۽ سرپئنچ حيران ۽ پريشان ٿي موٽي ويا، پر چيلا سپ چڙي پيا، ”واه ڙي واه ٻگلا ڀڳت! پاڻ روڙو مهاراج آ، جو مکي توکان پڇي هيڪ تہ ٻڌائين ڏون!“

”آءُ ڪينئن ٻڌايان، پاڻ ڪي ٽپٽي جي ڪهڙي سڌ !؟..... پر پاهجو جواب آهي اهڙو، جو مهاراجي جو پرم رهجي ويندو “.

”ڪيئن!؟“، سين چيلن حيرانگيءَ مان پڇيس.

”اڙي مورک ٻڌو! جي مينهن وسيو تہ پوکون ٿينديون ... پوکون ٿينديون تہ پئسو ٿيندو.... پئسو ٿيندو تہ پيٽ پرائي ٿيندي ... پيٽ پرائي ٿيندي، تہ جهيڙ ا ٿيندا ... جهيڙا ٿيندا تہ خرابو ٿيندو!“

”پر جي وس نہ ٿي تہ؟“، چيلن ڦيرائي وري سوال ڪيس.

”جي وس نہ ٿي، ڏيهہ ڏڪاربو، ڏيهہ ڏڪاربو تہ مال مرندو، ماڙهو پاهہ ٿيندا ... مال مرندو ۽ ماڙهو پاهہ ٿيندا تہ ڪو چوريون ڪندو، ڪو سينا-زوريون !..ٻنهي صورتن ۾ جهيڙا ۽ فساد ٿيندا... جهيڙا ۽ فساد ٿيندا تہ خرابو ٿيندو!....“

”اي ٻيو! صحيح تو چئي ... پاڻ سمجهيو ڪو نہ!“، سيني چيلن گڏجي سندس عقل ۽ ٻُڌي جو اعتراف ڪيو ۽ انهيءَ بي بها نسخي ڪي رٽي ڇڏيو، تہ پاڻ وٽ هر صورت ۾ خرابو ئي ٿيٺو آهي.

# زندگي

سچ سوا ڪانو چڙهي آيو هيو. جاني، اسڪول وڃڻ ڪان گهہ گوت پئي ڪئي. ماڻهس زوري قميص ۽ سٿڻ پارائيندي پئي چيس، ”پيءُ وانگر هر هلائيندين ڇا؟... ڪن چاچن ۽ مامن وانگر ڏاندن جا پڇ جهليندين؟“

جانيءَ رينگٽ ڪيا تہ ڏاڏهنس، جنهن چاڏيءَ مان لسي پئي پيتي، تنهن زور سان رڙ ڪئي:

”او، پيءُ ۽ چاچا نہ قطاريس مائي!... مان پاڻهين تي وني وجانس، رڳو مڙسنهن ڪي چؤ تہ منجهند جو سنياري وني اچيس“.

ماڻهس مڙيئي سڙيئي بوت ۾ وارن کي تيل جا لينگها ڪييس. ڏندن پڳل قٽيءَ سان سينڊ ڏنس. پيرن ۾ پلاسٽڪ جي چئونپل وڌس، پوءِ ڪٽي ڪيس ڏاڏنهنس جي اڳيان بيهاريندي چيائين،”وني وڃ، پنهنجي ڪي!“

”مان نہ ويندس، سائين ماريندو!“، جاني ۽ ضد ڪيو.

”ڇو ماريندو مستر ابا؟ ... توکي ماري تہ ، مارئي جو ساھ نہ ڪيان! .. هي ڏس، مان تنهنجي مَستر لاءِ مکڻ بہ کنيون پئي هلان ... ڏئي چوندي مانس تہ ابا، منهنجي جانيڙي جو خيال ڪجانءِ . “

”اج ڇڏيس آئي!.... اج گهرُ ڪيو تئين، تہ نہ ويندو!“، پڻهس مانيءَ جو گرھ چباڙيندي مٿان لسيءَ جو ڍڪ پريندي چيو.

”ما کي خرچي بہ ڪونهي ملي“، جانيءَ بيو بهانو گهڙيو.

”اها ابا، ڪِينَ جو ڪنو چاڙهيون ويني آ..... الائي ڪاڏي تي ڪري..... هان وٺ، مان تي ڏِيان، پنهنجي ٻچڙي کي!“، ڏاڏنهس ٻچڪر ڏيندي، پوتيءَ جي پلوءَ مان ديگلو روپيہ چوڙي جانيءَ کي ڏنو. جاني اُتلائي پتلائي ڏسي ڪٽي پاسي واري کيسي ۾ وڌو. پوءِ جلدي ۾ صندل تي رکيل سليٽ، پوش قاتل پهرين درجي جو ڪتاب ۽ قرهي ڪٽي ڪچ ۾ ڪئي.

ماڻهنس، ڏاڏهنس کي هڪدم ناهوڪي موٽ ڏني، ”کهڙا پتهين لک آٽي ڏناهن، جو پيکن کي ڪارائي ڇڏيم!“

”جائي ڇيو اٿن، سچ چئي دشمني وهاءِ !.. ابا، هل تہ هلئون!“، هوءَ دبرندي جانيءَ کي

وٺي گهر ڪان ٻاهر نڪتي.
ڏاڏي ۽ پوٽو ڳوٺ ڪان ٻاهر نڪري، ٻنين جي وچ وارن ٻنن تي هلڻ لڳا. هوا ٻنين ۾ بيٺل نسريل سارين مٿان اول گهول پئي وئي. ميرانجهڙا ۽ اچا ٻڳهہ ٻني جي وٽ تان جهوت وجهيون ڪنهن جيت جٽيي جي تاڙ ۾ وينل هئا. جيڪي هنن ڪي ايندو ڏسي واري وَٽي سان اڏندا پئي ويا. هنن جي گذرڻ ڪانپوءِ لامارو ڏيئي ساڳي جاءِ تي وجي وينا. جاني، جيڪو پهريائين آهستي آهستي هلي رهيو هيو. سو ڏاڏيءَ ڪان بہ وکان اڳتي پئي هليو. ڏاڏهنس پويان چئونري ڪڇ ۾ ڪيون، وکون هٽندي جڻ گهلبي پئي آئي. چئونريءَ ۾ مکڻ جو چاٽو لسيءَ جي چلڪن ۾ ٻڏي تري رهيو هيو.
”ابا آهستي هل!..... مان بہ تہ پڄانءِ نہ!؟ “، ڏاڏنهس پنيان منٿ ڪندي چيس.
”تون بہ ڊڪندي اچ !“، جاني وراٽيس.
”مان ابا، هک مڙهي، ٻيو سنڌن ۾ سور، ٽيون ڏکن جي ڏڌيل ڪاٽي تي توسان پڄي سگهان!“
هلندي هلندي، اوچتو جانيءَ جي نظر ٻني جي وٽين تي ڦٽل ڳاهن جي مختلف گلن تي پئجي وئي. جيڪي پنهنجي وٽ آهر چٻر مان ڪر ڪنيون بينا هئا، تن ڪي ويهي پٽڻ لڳو.
”ابا، وري ڪهڙي جُوفي سان لڳين وئين؟ هسڪول ۾ دير ٿيندءِ، تہ ڳاٽي پڳو مستر ڪرئي نہ ڪاوڙ!“
”گل تو پٽيان!“
”ڇا ڪندين پٽَرِ، پنگوري ۽ ڦُلر جا گل!؟“
”تو ڪي ڳاڙهو ٽِڪو هٽي لال ڪنوار ڪندس، آئون تنهنجي نک ۾ پَٽَر جي گل جي نسبي بہ وجهندس!“
”هاٽي مان ڪوڳَ نوڳَ ڪي ڪهڙا سنج وجهندين؟“
”چوانءِ تو ويهہ!“، جانيءَ ضد ڪندي چولي جي دامن ڪان چڪي هيٺ ويهاريس، تہ ويهي رهي.
”ابا، ماٿهو، ڏسندا تہ ڇا چوندا؟“
”مَرجان ڏسن!“
”صفا ڏاڏهين تي ويو آ ضد ۾، ذري بہ نہ لاٿي تي... اهو بہ ائين ڪندو هو. پنهنجي هٿن سان سونيون نسبيون پارائيندو هيو، واليون وجهندو هيو. سيئي ڳاري پٽن جا ڪاچ

ڪيم، پوءِ بہ ڪائنياري تہ ڪجھ نہ ڪيم....هاءِ ڙي قسمت!“
هوءَ تڏو ساھ پري ڀنيءَ تي اوڪڙو ٿي ويني. جانيءَ ڀهريائين پٽر جي ڳل جي ڏاندين مان نڪتل ڳاڙهي پاٽيءَ سان نرڙ تي ٽِڪو ڪڍيس. پوءِ نڪ ۽ ڪنن جي سوراخن ۾ ڳل اٽڪائي انگل پورو ڪري اٿيو. ڏاڏهنس بہ آهستي آهستي سيئي ڳل لاهي ڪٽي پاسي واري ڳيدي ۾ وڌا.
هوءَ ڪجھ گھڙيون تہ يادن جي وڻ ويڙهيءَ ۾ وڪوڙجي وئي ۽ خاموشيءَ سان هلندي رهي.
”مان توسان نہ ڳالهائيندس!“، جانيءَ اوچتو ڪنڌ ورائي ڌمڪي ڏنس.
”وري چا تي رُنين ڏاڏهين وانگي!“، ڏاڏِهنس خيالن مان موٽ ڪائيندي پڇيو.
”منهنجي ڪڪڙ چو ڪني هيو، انهيءَ ڏينهن؟“
”ابا، اهو ڏائڻ ٽپيدار جو آيو، تہ پٺهين ڪٽي ڪني“.
”تو بہ نہ جهليس، نہ!؟“
”ابا مان پٺهين ڪي گھٽيو ڪِهرتان ڪيون .... ماٺهي وڏيءَ ڪي ڪير پڇي، پڪڙي ڪٽي هٿ ۾ ڏنائينس ... هچا پئي ماريي ٽپيدار ڪي، روز ٽينگريو بينو آ. پٺهين ڪٽت ۾ اڍائي جريب چا هن ڪنيا، هڪ نہ ٻئي ڏينهن ، جاڙا خان ڪتي ڪان بيهجانءِ!“
”تون نہ ڏين ها نہ!... هاٽي مان توسان نہ ڳالهائيندس!“
”بس ابا جي تون بہ نہ ڳالهائين، ان ڪان تہ پلو آ، مان مري وجان؟“
”پلي مري وڃ!“، جانيءَ ڪاوڙ ۾ وراٽيس.
”هائو ابا، هاٽي هرڪو مون مان تنگ آ... ماٺهين تہ پير پئي سوري تہ اڄ مري، سياٽو نہ ٿئي ... ٻئي ننڍا پٽ الله حياتي ڏين، تہ گوش ئي نہ تا ڏين تہ ڪا ماءُ آ.... پٺهين جا حال اِهي .... هڪڙو نندي پٽ جو سِر هيو، جنهن جي مون سان دل هئي... پوليس ري گناھ ڏاڙيل ڪري ماريس... ڪاتڙيون ڪيون پئي آيو جهنگ مان! “، وڏيڪ نہ چئي سگھي، اکيون پرجي آيس، ڳوڙها ڳلن تان لڪيرون ناهيندا، ڪاڏيءَ جي وٽين تان، ڦڙو ڦڙو ٿيندا سندس چولي جي دامن ۾ جذب ٿي ويا.
هوءَ وري دبرڻ لڳي، ”ماءُ جٽي پوءِ مري وڃي. نہ هوندي، نہ ڏک ڏسندي. گونهہ، مٽ ڌوئي، تاتي پالي وڏو ڪري.. وڏا ٿين تہ سڃاڻن ئي ڪو نہ، تہ ڪا ماءُ بہ آهي. تنهنجو آسرو هيو، تو بہ اڄ دل ڪي ڏڪو ڏنو...“
ڏاڏنهس روئٺهارڪي تي چوڻ لڳي، ”ڏاڏنهن مري مون ڪي اڪيلو ڪري ويو!“

هوءَ سڏڪندي پئي هلي، جاني ڪنهن خيال ۾ گم هيو. اوچتو جاني ڪجهہ سوچيندي پڇيس، ”تون مري ويندءِ، تہ توکي بہ مٽيءَ ۾ پوريندا ڏاڏي ؟“

”ها ابا، مون کي بہ مٽيءَ ۾ پوريندا.“

”ايذاءُ نہ ايندءِ؟“

”ابا مرڻ ڪانپوءِ ڪهڙا ايذاءُ .... جيئرو انسان آ تہ ايذاءَ ئي ايذاءَ آهن!“، ڏاڏهنس ٿڌو ۽ گهرو ساهہ ڪڍندي وراڻيو.

ٻنو جيڪو، ڳوٺ کان اولهہ اپر ٻنين وچان نڪتل سينڌ تي پئي هليو، تنهن گڙنگ واهہ تي اچي دنگ ڪيو هو. هاڻ ٻئي ڄڻا واهہ جي ڏاکڻي ڪَڙَ ونيون پئي هليا، تہ هلندي جانيءَ جي نظر، واهہ جي ڪڙئي تي ڦٽل ڪَنڊن ۽ سَرَن تي ويهندڙ ۽ اڏرندڙ رنگ برنگي پنيورين تي پئجي وئي. سليٽ ڦرهي ۽ ڪتاب کي ٻني تي سَٽي، ڪنهن جڙڏاند وانگر لڙي پيو.

”وري ايڏنهن ڪاڏي؟“، ڏاڏهنس رڙِ ڪئي.

”حجم تو پڪڙيان!“، جانيءَ جواب ڏيندي ڪارسري ٿلهي پنيوريءَ جي ڪڍ لڳو، تہ اوچتو ٿابو آيس، ڪري پيو ۽ روئڻ لڳو. ڏاڏهنس تڪڙ ۾ ٻني تي چئونري رکي ڀنيان ڀڳس. اٿاري ڪٽي سيني سان لاتس:

”ابا مان تو تان صدقو!.... ايڏنهن ڪاڏي پيو وڃي!؟“، پوٽي لاهي ميرو ٽيل ٻوٽ اگهيائينس، لٽا ڇنڊيائينس، ”بس منهنجا پنهل بس!..... صبح سان ئي ماٺهين ڏائڻ ڪروڌ ڪيو، تڏهن ڏڪ لڳئہ نہ! ... هي تہ ڏس ڪولي ماري وڌءِ!“

”ڪاٿي؟“، جاني سُڏڪندي ڪولي ڏسڻ لڳو، تہ سندس ڌيان ڏڪ تان هٽي ويو. ڏاڏيءَ جي نظر جانيءَ جي نڪ مان نڪتل سنگهہ جي ٽيٽي تي پئي جيڪو سون! سون! جي آواز سان هر اندر ۽ ٻاهر پئي ٿيو . ڏاڏهنس پوٽيءَ جي پلئہ سان چيٽي ٺاهي سنگهہ کي چڪي ٻاهر ڪڍيو ۽ ان سان گڏ اندر جو اوڳر پڻ، ”سئو دڦا رن کي ڇيو ٿم تہ ٻچڙي کي نيراني ماکي چٽاءِ! پر منهنجو ڪاٿي تي ٻڌي ڇيڪ!... آندا تہ مهنجا ٽا ڇڪجن، هن جي آڱوٺي کي سُور!“

اسڪول جي عمارت اچي سڻائي ٿي هئي. ڪين واهہ جي رڳو ٻنڌ ٽپڻي هئي.

”تڪڙ نہ ڪجانءِ اٽانگي ٻنڌ آ، مهنجا مور!“، ڏاڏيءَ جانيءَ کي هميشہ وانگر نصيحت ڪئي، پر جاني هميشہ وانگر نصيحت اڻ ٻڌي ڪري، تڪڙ ۾ ٽپي ويو.

”پيءُ وانگر اونترو آ!... پيران پير تون سئولي سڻائي ڪجانءِ! ... قلندر سهڻا، تون والي

واھر ٽجانءِ!... شاھہ گودڙيا!توکي پارت آ“، ڏڪندي ڏڪندي پير گڏ ڪندي ہنڌ ٽپي تہ شوڪارو پريائين، ”ھاءِ، ھاءِ! ھاٽي الله ڪٽي ماري، انھيءَ روز روز جي لُجھڪڻ ڪان.“
”ڏاڏي مان ڪڏھن مرندس؟“، جاني معصوميت مان پڇيس.
”چو ابا، خير گھر!؟“
”مان پيي تہ روز روز اسڪول تو وجان نہ!؟“، جانيءَ وراڻيو.
”نہ منھنجا راڻا، تون تہ ائين نہ چوندو ڪر! ... تنھنجي بدران ماٺھين ڏائڻ مري!...تنھنجي تيرنھن تالي نانھن مري ....پوءِ مان مران!.... الله ڪري تون پڙھي وڏو صاحب ٿئين.... ميندبون لائين... ونی آٽين... آڏڙو ٻيڙو ٿئين، اھل عيالَ وارو ٿئين...“
ٻئي ڳالھائيندا ٻولھائيندا ٻن ڪمرن واري اسڪول ۾ گھڙيا . ڪلاس ۾ پھتا تہ ماستر ھٿ ۾ لڪڻ جھليون سيڪاري رھيو ھيو: ”صاحب جيئڻ ئي اچي سيئي اُٿي زور سان چئجو، اسلام عليڪم!“
”او ابا، مستر!.... مان پنھنجي جانيئڙي کي ونی آئي آھيان!“، ڏاڏيءَ ماستر جي تيارين ۾ رخنو وڌو.
”ڪراڙي ھي وقت آ اسڪول ۾ ونی اچڻ جو .... چوڪري کي نہ پڙھائڻو ٿئو، تہ ڪٽي ٻڌايو تہ ڪيانس نالو“، ماستر ڏاڏيءَ تي ناراضگي ڏيکاريندي چيو.
”اڙي ابا، ڳپل پنڌ جو آ، ھي پتوئٽون ويچارو ، مان پوڙھي...... پنھنجي ڳوٺ جو ھسڪول وڏيري جي اوطاق نہ ٿئي ھا، تہ ائين دڙڪا ڏين ھا.!؟.... ابا الله توکي وڌائيندو!....... مان ھي تنھنجي لاءِ مکڻ بہ آندو آھي“، جانيءَ جي ڏاڏي ساھين ۾ ھيناھين مٿاھين ونندي ماستر جي اڳيان چونري جھلي. ماستر چئونري ۾ نظر وڌي تہ اڌ ڪلي جيترو چاٽو نظر آيس. ماستر ھڪدم مکڻ جيان نرم ٿي ويو، ”ماسي دل ۾ نہ ڪر... اڄ سپروائيزر اچڻو آھي، انھيءَ ڪري ڪڦڙ تال ۾ آھيون. اچي تہ جان ڇٽي ... پوءِ وري ساڳيا لاٽون ، ساڳيا چڳھہ. ڪڏھن ٻار نہ، تہ ڪڏھن اسان نہ!“، ماستر کلندي وراڻيو.
”اِھو شفر واشر ڪير آ، ابا؟“
”ماسي، اھو اسان جو صاحب آ.... اڄ تو وارو مکڻ وڏو ڪم ڪندو. باقي ھن ڳوٺ وارن ۾ تہ حياءُ ئي ڪونھي. پورا پنج سالَ اسڪول جي عمارت ۾ ڍور ٻڌئون، اسان کين اکر بہ نہ چيوسي!“، اھو چوندي ماستر چئونري ونی ڪٽي دريءَ ۾رکي.
”ھائو ابا، رِين مٿان ريان!..... مان تنھنجي لاءِ ٻيو مکڻ بہ آڻيندس، منھنجا لال! رڳو منھنجي جانيئڙي جي پارت ھجئي .“

”ماسي، روحل جي نہ!؟
”ابا، مان ڪيئن نالو وٺانس ... ان جو نالو تس.... منهنجو تہ رڳو جانيئڙو آ“، ڏاڏي شرمائيندي وراڻيو.
”ماسي، تون دلجاءِ ڪر!“
”ابا! چئونري واندائي پوءِ پڙهس ڪي ڏئي ڇڏجو،جنهن مهل اهو جانيئڙي ڪي ونڻ اچي“.
”هائو ماسي هائو، رڳو دعا ڪر تہ خير جو ڏينهن گذري!“
”ابا الله جي دعا تو!“، هوءَ چوندي هلڻ لڳي، تہ جانيءَ کي هڪدم خيال آيو، سڏ ڪيائينس:
”ڏاڏي!؟“
” جيءُ ڪيانءِ!“، ڏاڏيءَ ڪنڌ ڦيرائيندي جواب ڏنس.
”هيڏي تہ ڪن ڪر!“، جاني ڏاڏيءَ کي راز واري ڪا ڳالهہ ٻڌائڻ پئي چاهي.
ڏاڏي جهڪي جانيءَ جي وات آڏو ڪن جهليو.
”هاڻي نہ !..... رات بہ نہ!....سياڻي بہ نہ!...... جڏهن مان بابي جيڏو ٿي وڃان، پوءِ پلي مرجانءِ!“، جاني سڙٻاٽن ۾ چيس.
”ابا، هاڻي الله ڏينهن ڪٿائي تہ چڱو نہ!؟“
”چيومانءِ تہ نہ مرجانءِ!“، جانيءَ زور سان رڙ ڪندي چڻ نہ مرڻ جو حڪم ڏنس.
”هائو ابا، جيئن تو چيو!“، ڏاڏيءَ چڻ سندس حڪم اکين تي رکيو.
موٽندي جڏهن اٽانگي ٻنڌ ٽپڻ لڳي تہ پِيرَ سورڻ بہ وسري ويس. ڇپن تي مرڪ ۽ اکين ۾ زندگيءَ جي پرپر چمڪ هيس. ٽڪڙيون ٽڪڙيون وکون پئي کنيائين، چڻ جانيءَ جي لفظن ڪيس جوان جماڻ ڪري ڇڏيو هو.

# نئين راند

”رات باه چو ٻاري هُيوَ؟“
”مامڙا آيا ها!“
”مامڙن ڇا آندو هو؟“
”تيل ميٿ!“
”تيل ميٿ ۾ ڇاهيو؟“
”ڦٽي!“
”ڦٽي ۾ ڇا هيو؟“
”جونءَ!“
”جونءَ ۾ ڇا هيو؟“
”لِيکَ!“
”لِيکَ ۾ ڇا هو؟“
”ڄئي!“
”ٻچان سسٽهين جي تئي، ڪوسا ڪوسا هٿ ڏيڪار!“

ٻارڙا هٿن جون تريون مهٽينديِ هڪ ٻئي کي ڪوسا ڪوسا هٿ ڏيکاري رهيا هيا.

”اڙي مڙو ڪونہ تا،دلبر!؟ “، ڪرڙوڏ همراه جيڪو اَڃت ٿيو باهہ جي لپڪندڙ ڄيرن مٿان پير ۽ هٿ سيڪي رهيو هيو، تنهن سيني ڪان شرارتي ٻار کي دڙڪو ڏيندي چيو.

”ڏاڏا خيرا، ڪيڏي پوءِ سمهي تا پئون!“، دلبر جواب ڏنس.

”ابا، جهلين سڀي تنهنجي پلال واري پاٿاري خراب ڪري ڇڏيئون“، نوجوان عورت، ڪرڙوڏ همراه کي دانهن ڏيندي ٻڌايو.

”يلا، اهي اَواڄَ مڙندا!؟“

”ابا، تو مٿي تي چاڙهيو تن!“، نوجوان عورت ڪلندي وراڻيو.

”هائو، مائي قائمان هائو!.... مان مٿي تي چاڙهيو ٿمان! بس نہ!... تُنهن تي پئي آ، نہ تہ اهڙي ٻڌايانءِ!“

قائمان تئي تي تڪڙيو تڪڙيون مانيون وجهندي پئي ويئي، پورو ڪارو مانين جو پڇي تيار ٿيو هيو. جستي وڏو ديگڙو ٻوڙ جو اڳيئي ٽچڪي رهيو هيو.

”ماني تيار آ؟“، ھڪ قداور ڪوپي جوان لانديءَ ۾ داخل ٿيندي پڇيو.
”ھا تيار ٿي وئي آ“، قائمہ ٻڌايس.
”ڪٿي وڃان؟“
” ھا يلي!“، قائمہ وراڻيو.
ماني ڪٽي وڃڻ کان اڳ ڪروڙڍ ھمراه،نوجوان کي خبردار ڪندي چيو، ”ڪارائي جان ڇڏائجانءِ .... ڇئجانءِ تہ ٻيلي ڇُپاتا نڪري وڃو... نہ ڪتو ڏسي نہ ڀونڪي... ماڻھو مال ھجين تہ نہ ونجانِ، ڇئجان تہ اسان وٽ چانجوسي گھٽي آ... ڊگو ڊور ھجين تہ بہ محبت خروس وارين دڻين ڏانھن اماڻي ڇڏجانءِ.... جانب، سمدءِ نہ مان واري ڳالھہ؟.... متان ھلڪڙائپ ڪري جنجار ۾ وجھرائين....“
”ساھہ نہ وجئي، ابا!..... ٻڌايو مانءِ تہ مال ڪونھين، اجا شڪار تي وڃن پيا“، جانب ڪاوڙ ۾ وراڻيس.
”ساھہ جا سَڪا، منھن تہ پوءِ مان تو ڏيان نہ، اوھان تہ ڊونڊا ٿي لڪي ٿا وڃو.“، ڪَرِڙِوَڍِ ھمراه جانب تي ڪاوڙ ڪائيندي چيو. جانب مانيءَ جو ڪارو مٿي تي رکيو، ھٿ تي لٺي جو سينھو ناھي ان تي ٻوڙ جو ديڳڙو رکرائي ٻاھر نڪرڻ لڳو، تہ قائمہ اُٽي واري ٿالھہ ۾ پنھنجا ھٿ ڌوئيندي جڻ اَجاتي خوف وچان چيس، ”اڙي، جود ڪجانءِ متان ڪُپ ڪوڙي ويھي رھين.“
”ھائو ٻڌم! ھاڻي گھڻو مٿو نہ کاءُ، وڃڻ ڏي!“، جانب بيزاريءَ مان وراڻيس.
ٻارڙا جيڪي پاٽاريءَ جو پلال ھيٺ مٿي ڪري ڪنديري رھيا ھيا، تن کي ڏسندي ڪَرِڙِوَڍِ ھمراه ڌڌڪر پٽيندي چين، ”اڙي ھاڻي اٿو، تہ ھٽانوَ نہ ڪلا!“
ٻارڙا ڪِل وِل ڪندا ويڙھي جي گھرن ۾ پنھنجن پنھنجن ھنڌن ڏانھن وني پيگا، سواءِ دلبر جي، جيڪو ٽپو ڏيئي ڪرڙوڍ جي جھولي ۾ ويھي رھيو.
صبح جي اتر جي ھوا واڪا ڪندي واندين ۾ ڪاھي پئي ھئي. مڙد عورتون ٻُتان ۽ ٻُڪل ھنيون پنھنجن پنھنجن ڪمن ڪارن ۾ مشغول ھيا. ائين پوليس جون بہ جيپيون ڳاڏين جي چارن تان قرڙات ڪنديون، وانڍ جي اوطاق ۾ اچي پھتيون. اوطاق ۾ ڪرڙوڍ ھمراھ ڊلي ٽيل ڪٽ جي ٽانگھہ بيني پئي چڪي، دلبر ٻوڪي ٻڌيون پٽيل ڪنگو ٽارن سان بيني پئي ڪيڏيو.
”اڙي، وانڍ جو چڱو مڙس ڪيرآ؟“، صوبيدار جيپ مان لھڻ سٽ ڪڙڪي سان پڇيو.
ڪَرِڙِوَڍِ ٽانگھہ کي ڇڏي ساٽن مُنھان منھن تي ڪين ھٿ ڏنو.

”نالو؟“، صوبيدار ڪانئس پڇيو.
”خيرو!“
”خيرو، خيرو تون آ؟“، صوبيدار هينان ڪان متي تائين گهوريندي پڇيس.
”هائو!“، خيري ڇهپرن جي پچڙين کي تاءُ ڏيندي وراڻيو.
”واندي ۾رات ڪير آيا هئا؟“، صوبيدار پڇيس.
”ڌاڙيل!“
”ڌاڙيلن ڇا آندو هو؟“
”هٿيار، باروت ۽ گوليون!“
”ٻيو؟“
”ٻيو ڪجھ بہ نہ!“
”ڪهڙا ؟“
”رٻن وارن جو ٽولو!“
”انهن کي ماني بہ کارايئہ؟“
”هائو! .... اسان وٽ جڳ لَڪي ڇَتي ويندو آ“، خيري بغير ڪنهن هبڪ جي ٻڌايس.
”توکي خبر ناهي تہ ڌاڙيلن کي ماني کارائڻ ڪيترو ڏوه آ؟“، صوبيدار اکيون ڦوٽاريندي پڇيس.
”اهڙو مٺانگر هُئين تہ رات اچين ها! وٺين ها نہ اڳ؟“، خيري ڏنو تہ صوبيدار وڌندو ٿو وڃي ، سڌي ٻڌائڻ ۾ دير ئي نہ ڪيائينس.
”ٻچا رولي ڇڏيندو سانءِ، خيرا!“، صوبيدار دهمان ڪيس.
”پوءِ ڪن ڪولي ٻڌي ڇڏ، خيرو بلهذير بہ منهنجو نانءُ تي!“، خيري بہ دهمان سان دهمان ڪيس. جمعدار ڏٺو تہ ڳالھ وڃي ٿي وڌندي ، سو ڳالھہ کي ناهڻ لاءِ خيري جي ويجهو آيو،”ڪاڪا خيرا ٿورو هيڏي تہ آءُ!“
خيرو سريو، تہ جمعدار خيري کي ڳراٽري پائي ٿڌو ڪرڻ لڳو:
”خيرا، تون زماني جو ماڻهوآن، توکي چونڪي تي آيل نئين صاحب سان ائين تڪڙو ڳالهائڻ لائق نہ هو“،جمعدار ميار ڏيندي چيس.
”پوءِ جمعدار خانڻ، هنکي واجب هو ڇا، جو مان سان ائين ڳالهائي؟... رهي درياهہ يڪ، وجهي واڳن سان وير!....سمجهائينس!“، خيري بہ ميار جو جواب ميار سان ڏنس.
”اسان کي سڌس پئي، آيا سي تہ ڪاڪو خيرو ڪوسا ڪوسا نوٽ ڏيکاريندو تہ اسان

چئونڪي وارن جو سيءُ لهي پوندو.... ٻٽيادا ٻڌي چوڙي وارا آهيو، تهان ۾ اسان جون لڪ حجتون ۽ حصا آهن.“، جمعدار اشارن ڪناين ۾ پنهنجو مطلب سمجهايس.

”رب ڏسي پسي ٿو، تہ همراهہ لانگهائو ٿيا ها.... باقي ٿيو خير!“، خيري، جمعدار سان ٽٽو ٽيندي سنئين سڌي ڳالهہ ڪئي.

”پوءِ ائين خالي موٽائيندي ؟“، جمعدار نماڻائي سان چيس.

”در لنگهي آيا آهيو تہ ٻوهٽي ڪرايانو ٿو، باقي اجائي اميد نہ رکندا ڪيو!“،ايئن چئي خيرو گهر ويو. ويڙهي مان پٽ سٽ ڪري روپين جو هزار ڪٺو ڪري، جنهن پير تي ويوانهيءَ پير تي موٽي آيو.

”بس، اسان وٽ اهو اتوَ!“، خيري سئين سڌي ڳالهہ ڪين.

”اهو بہ گنج آ، چڱو سلام عليڪم!“، جمعدار پئسا وٺي صوبيدار کي ڏنا ۽ موڪلايو.

”ماليڪم سلام!“، خيري ڪنڌ ڌوڻيندي ائين سلام ورايو ڄڻ چيو هجين تہ، ’چڱو، هاڻي هلي پئو، تہ ڪو ڏسي نہ وٺيوَ‘.

اهو سڄو لقاءُ دلبر هٽن ۾ ڪنگو ٿارا جهليون ٻت ٻٽيو، اڇرج وچان ڪين ڏٺو پئي ۽ چيتاريو.

شام جو لوَن جا پاڇا ٻيٽا ٽيٽا ٽيندا پئي ويا. سياري جي سج اُلهي ڪانپوءِ ماحول ۾ چوڏاري ڏنڌڪار ۽ خُنڪار وڌي ويئي هئي. لانديءَ ۾ ٻاهہ جي ٻيڙ چوڌاري وڏڙا سڏڙا پير ۽ هٿ سيڪي رهيا هئا. ٻارڙن پاٿارين تي ليٽندي پيٽندي المستائيون پئي ڪيون.

اوچتو ڪنهن ٻار شِرُ ڪڍيو:

”ابا ، اڄو تہ مامڙن واري راند ڪيون!....“

هڪڙي ٻار چيو، ”رات ڪير آيا ها؟“

ٻئي چيو، ”مامڙا!“

دلبر وچ ۾ ڦڏو ڪري ٻيهي رهيو:

”هاڻي مامڙن واري راند ختم!“

”ٻارڙن چرڙات ڪندي حيرانيءَ مان پڇيس: ”چو!؟“

”هاڻي ٻي راند ڪيڏنداسين!“، دلبر جواب ڏنن.

”ڪهڙي؟“، سين ٻارن سوال ڪيس.

دلبر چوڻ لڳو، ”ابا ..... مان صوبيدار هوندس..... آئون پڇندس، رات ڪير آيا ها؟.... تهان چئجو، ڌاڙيل!... مان چوندس ڌاڙيلن ڇا آندو هو؟.... تهان چئجو، هٿيار، ٻاروت ۽

گوليون.. مان چوندس، ڪوسا ڪوسا نوٽ ڏيکاريو، نہ تہ تهان جا پچا تا روليون!.... پوءِ ابا، تهان مونکي ڪوسا ڪوسا نوٽ ڏيندءُ!“

”نہ ابا، نہ!“، ٻين ٻارن احتجاج ڪندي چيو.

”اڙي، هاڻي رات جو مامڙا ناهن ايندا!.... هاڻي تہ رات جو ڌاڙيل ايندا آهن ۽ ڏينهن جو وري پوليس ايندي آ“، دلبر ٻين ٻارن کي سمجهائيندي چيو.

”ايها سٺي راند ناهي!“، سيني ٻارن اهڙي راند نہ ڪيڏڻ جو اظهار ڪيو.

”جي ايها ناهي سٺي، تہ پو پلا ڏاڏا ۽ پوليس وارن اڄ اوطاق ۾، ايها راند ڇو ڪيڏي هئي؟“، دلبر صبوح جو وڏن جي ڪيڏيل راند بابت ٻڌائيندي، سيني کان سوال ڪيو.

”ها، ڏاڏا؟“، سيني ٻارن خيري کان سوال ڪيو، تہ خيري ڪنڌ ڌوڻي هائوڪر ڪئي.

اهو ٻڌي سين ٻارن راضپو ڏيکاريو، ”چڱو پلا، ايها راند تا ڪيڏون!“

پوءِ ٻارن نئين راند شروع ڪري ڏني:

”رات ڪير آيا ها“

”ڌاڙيل!“

”ڌاڙيلن ڇا آندو هو؟،

”هٿيار، بارود ۽ گوليون!“

قائم جنهن چلهہ ۾ وڏل ڦوڙاٽين کي اکيون ڇنڇهيون ڪري ڦوڪان پئي ڏنيون، تنهن منهن مٿي ڪري خيري کي چيو: ”ابا ٻڌين ٿو، ٻار ڇا تا چون؟ “

خيرو جيڪو گرم لوئيءَ ۾ پاڻ ويڙهيون سيڙهيون ڪروندڙو لڳو وينو هيو. تنهن زوردار ٺهڪ ڏيندي، پوءِ قائم ڏانهن منهن ڪندي وراڻيو: ”مائي قائمان! اڄ ننڍا سيان وڏا، ايئن تہ سکندا نہ!“

# نازڪ، ٿلهي ۽ سستي کل

وڏي شهر ۾، سرڪاري آفيسر وچ بازار ۾، سرڪاري گاڏي "نو پارڪنگ" واري جاءِ تي بيهاري هلڻ لڳو. هلندي هلندي پگهر ۾ شل ٿي ويو. پريشانيءَ منجهان، ماڻهن جي پيهه ۾ وات پٽيون پيئي هيڏانهن هوڏانهن ڏٺائين. آخر ڪار، روڊ جي پرئين پير ۾ ڪيس اهو دوڪان نظر اچي ويو، جنهن جي تلاش ۾ نڪتو هيو. روڊ پار ڪرڻ لاءِ پنهي پاسن ڏانهن نظر ڊوڙايائين. بي انتها رش هئي، بسين، رڪشائن، موٽر سائيڪلن، ڪارين ۽ جيپن جي قطارن ۾ دونهين منجهان، نيٺ ٽپڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. دوڪان تي چڱي ڀلي رش هئي. ڪائونٽر تي تيز ترار دڪاندارن اُڀئين پيرين گراهڪن کان پئسا پئي ورتا. دوڪان تان لهندڙ گراهڪ، مرد ۽ عورتون روح جي گهراين تائين ڪيس سرها ۽ مطمئن پئي نظر آيا، جڻ ڪين اطمينان جوڳي گهربل شيءِ ملي چڪي هئي. هو دڪان تي جيئن ئي چڙهيو، تہ دڪان تي بيٺل هڪ سيلز مين جي واپاري مرڪ ۽ آدرڀاءُ جي ورِ چڙهي ويو:

"اچو، اچو سر!.... ڇا گهرجي؟"

"کل!!....". هن ورڻيو.

"ڇاجي؟"، دوڪاندار پڇيو.

"بس، ڪا بہ سٺي کل هجي."

"کلون تہ سڀ سٺيون آهن".

"اهڙي نرم، نازڪ ۽ ٿلهي  کل ڏيکار، جيڪا وڏن صاحبن کي تحفي ۾ ڏيڻ جي ڏانو جي هجي."هن وراڻيو.

"سر، اسان وٽ تہ نانگ ۽ ٻلي کان وٺي لومڙ، ٻگهڙ، سره، گڊ، هرڻ ويندي شينهن جون کلون موجود آهن، سواءِ انساني کل جي... جيڪڏهن ان جي بہ رکڻ جي اجازت هجي ها، تہ هو گراهڪن کي هرگز مايوس نہ ڪن ها."

هن سيلزمين جي لفاظي کان متاثر ٿيڻ کان سواءِ، ڪيس سڌن لفظن ۾ چيو، "مون کي ڪنهن خاص جانور جي کل لاءِ تہ ناهي چيو ويو. پر ايترو ضرور چيو ويو آهي تہ، کل بهترين ۽ شايانِ شان هجڻ کپي."

"توهان کي ڪنهن چيو آهي؟"، سيلزمين پڇيو.

”صاحب جي، پرسنل اسسٽنٽ!“، هن وراڻيو.
”توهان ڪي واضع نموني پڇڻو هيو، تہ تحفو صاحب کي ڪپندو آهي يا بيگم صاحبہ کي.!...“
”اها ئي تہ منهنجي غلطي آهي، جنهن مون کي ڪشمڪش ۾ وجهي ڇڏيو آهي.“، هن وراڻيو.
”جيستائين اوهان ڪو فيصلو ڪريو، ايستائين مون کي اجازت ڏيو، تہ آءُ ڪنهن ٻئي گراهڪ کي ڇڏائي اچان“.
”ٻڌا!.... هيءَ ڪل ڪنهن جي آهي؟“، هن هڪ شو ڪيس ۾رکيل راڌن ۽ بلبن جي چمڪندڙ روشنيءَ ۾ اڇي کير جهڙي سفيد ڪل ڏانهن اشارو ڪندي، سيلزمين کي پنجڻ کان روڪي وڌو.
”اها توهان جي ڪم جي ناهي، سَرِ!“
”ڇو؟“
”اها سهي جي ڪل آهي،جيڪا عام ماڻهن جي پسند آهي“.
”واقعي، هتان جي عام ماڻهوءَ جي پسند جي ڪل آهي، وڏا ماڻهو سهي جي ڪل نٿا رکي سگهن!“، هو پٽڪيو هن کي لڳو  تہ سيلز مين رڳو چاپلوس نہ آهي، پر ان سان گڏ سمجهہ پريو بہ آهي .
”هيءَ ننڍڙي ۽ گري ڪل ڪهڙي جانور جي آهي؟“، هن پرسان واري  شو ڪيس ۾ جهاتي پائيندي پڇيو.
”ڳوهہ جي آهي. تمام سٺي ۽ بي عيب ڪل آهي. هن مان عورتاڻا پرس ٺهندا آهن“، سيلز مين جواب ڏنو.
”ڳوهہ جي ڪل ۽ بي عيب ڪل!؟“ هن بچان ڪائيندي حيرت وچان راءِ ڏني.
”سائين، اڄڪلهہ اها ڏاڍي پسند ڪئي وڃي ٿي. خاص ڪري بيگم صاحبائون انهيءَ جون ديوانيون آهن... توهان ضرور ونو... گهڻو ڪري تہ ’پي اي‘، بيگم صاحبہ جي فرمائش اوهان سان ڪئي هوندي ۽ اِهي پرسنل اسسٽنٽ، صاحبن جا گهٽ، ڳوهن جا... منهنجو مطلب آهي، بيگم صاحبائن جا وڌيڪ آهن“، سيلزمين پنهنجي آلي لڪڻ جهڙي زبان کي درست ڪندي چيو.
هن کي ڳالهہ ڪجهہ ڪجهہ دل سان لڳي، تہ سيلزمين ڪيس ٻين شو ڪيسن ڏانهن متوجهہ ڪندي سندس معلومات ۾ اضافو ڪرڻ لڳو، ”سائين، هيءَ لومڙي جي ڪل آهي،

خاص انگلينڊ مان گهرائي وئي آهي. اها بہ اڄڪلهہ بيگم صاحبائن ۾ ڏاڍي مقبول اٿو... هي ترڪيءَ جي ٻلين جون ڪلون!.... هي فلپائن جي چمڙن جون ۽ هي فرانسيسي ڏيڏرن جون .... اهي سڀيئي هن شهر جي امير ترين بيگم صاحبائن جي فرمائش تي گهرايل آهن.... انهن جي اڄڪلهہ وڏي هلت آهي... سمجهو ٿا نہ منهنجي ڳالهہ!؟"

"تون مون کي چرچائي ٿو لڳين"، هن سيلز مين کي ٽوڪيو، "ائين هجي ها تہ 'پي اي' ضرور ڪنهن نموني سان هدايت ڏئي ها".

"ٺيڪ، ٺيڪ ... آءُ سمجهي ويس تہ توهان کي وڏي صاحب لاءِ تحفو گهربل آهي... تہ پوءِ اچو تہ پرين شو ڪيسن ڏانهن ٿا هلئون ... بلڪل نئون ۽ تازو مال آيل آهي".

سيلز مين کيس بلڪل دڪان جي اندر ۽ آخري ڇيڙي تي اچي بيهاريو ۽ کيس ڏيکارڻ لڳو:

"سرِ، هي انهيءَ ساندي جي کل آهي، جيڪو تمام تيزيءَ سان رنگ بدلائيندو آهي. هن ۾ بہ ورائٽيون آهن، هڪڙي ديسي ۽ ٻي ولايتي.... "

"پر هيءَ تہ تمام ننڍڙي آهي."، هن اعتراض ڪندي چيو.

"ننڍڙي آهي، پر صاحبن جي پسند جي کل آهي، هن مان پاڳ وارا مرداڻا پرس ٺهندا آهن. سچ پڇو تہ اهڙا پرس صاحبن وٽ سدائين پريل رهن ٿا!..جو تہ ساندو اڄڪلهہ پاڳ جي علامت سمجهيو وڃي ٿو."

"مون کي مزو نہ آيو!"، هن کل تي غور ڪرڻ کانپوءِ چيو.

"خير آهي، تہ پوءِ پلا هيءَ ڏسو ڪُتي جي کل!؟"

"ڪتي جي کل!؟"، هن نڪ سڪوڙيندي چيو.

"هيءَ ڪا عام رولو ڪتي جي کل ناهي، سر!... امپورٽيڊ آهي .... وفاداري، ديانتداري ۽ بهادري جي نشاني ....اڄڪلهہ سرڪاري ملازم جي شان وٽان آهي!"

"هي ڪو يورپ ڏنو ٿي، جو ڪتي کي ايتري اهميت ملي... هتي، ڪتو ڪتو آهي. خبر ناهي، تون منهنجي گهُرجَ کي ڇو نہ ٿو سمجهين!؟"، هن بيزاري منجهان وراڻيو.

"چڱو سر، اوهان صرف ايترو ٻڌايو تہ توهان جي صاحب جي فطرت ڪهڙي جانور سان وڌيڪ ملندڙ جلندڙ آهي، بس پوءِ توهان ڇٽل آهيو.!.."، سيلزمين کانئس پڇيو.

"منهنجو صاحب!..."، هو سوچ ۾ ٻڏي ويو ۽ پوءِ چوڻ لڳو، "دراصل، آءُ اڃا تائين کيس سمجهي ناهيان سگهيو... نئون نئون آهيان ... چيو وڃي ٿو ، ڏاڍو خطرناڪ آهي... ڏنگي تہ بچڻ مشڪل .... ظاهر ۾ سندس نظر جي گهور ڏاڍي تيز ۽ چيندڙ آهي!".

”بس، بس! اهو ڪافي آهي، مان سمجهي ويس،سندس فطرت ڪي... منهنجي صلاح وٺو“، سيلزمين رازداري سان آواز کي آهستي ڪندي صلاح ڏيندي چيس، ”اوها نانگ جي کل وٺو.... اسان وٽ مصر جي ميوزم مان چورايل، فرعونن واري دور جي ڪاري نانگ جي ڪلاسيڪل کل پئي آهي... لاجواب آهي..... هن کي ڏسي اوهان جو صاحب لهر نہ هٽي تہ مون کي چئجو !....“

هاڻ هو منهنجي پيو، سيلزمين سندس پجڻ جون سڀ راهون بند ڪندي پئي ويو، هو راهہ جي تلاش ۾ ذهن تي زور ڏيڻ لڳو ۽ جڏهن ڪيس ياد آيو. تہ دهرائڻ لڳو:

”نرم، نازڪ ۽ ٿلهي کل!....’پي اي‘ ڪجهہ اهڙي ئي هدايت ڏني هئي، جڏهن تہ هيءَ بلڪل سنهڙي آهي.“

”تہ پوءِ هيءَ ڪٽو انڊين ٽائيگر جي، ٿلهي ۽ مضبوط کل! ... انڊيا مان خاص ڪري، اوهان جهڙن قدردانن جي ڪري اسمگل ٿي اچي ٿي!“.

انڊين ٽائيگر جي چمڪندڙ ۽ من موهيندڙ کل جي سحر ۾ اچي قيمت پڇي وينو:

”قيمت؟“

سيلزمين آرام سان ٻڌايس، ”صرف پنج لک روپيہ! “

ڳري رقم جو ٻڌي، هن جا ڪن نري ويا. پر هن جي ذهني پهچ ايتري بہ گهٽ ڪونہ هئي، جو هڪ سيلزمين ڪيس منجهائي وجهي. آخر تہ ’سي ايس ايس ٿيل هيس‘: چوڻ لڳو، ”اها مون کي ذاتي طور تي خبر آهي، تہ صاحب انڊيا جي سخت خلاف آهي ۽ اهڙي ملڪ جي شيءِ تحفي طور وٺڻ جو سوال ئي نٿو پيدا ٿئي“.

”اهو صرف ملڪي محبت جو ڏيکاءُ آهي. اوهان بسم الله ڪري ڪٽي وڃو!.. جي واپس ڪري تہ اها ساڳي کل موٽائي اچي مون کي منهن ۾ هٽجو“.

”نہ! ٻي ڪا ڏيکار. آءُ اڃا جونيئر آفيسر آهيان، منهنجي ڪيريئر جا اڃا پهريان سال آهن. بالا آفيسر جي ڪاوڙ جي رسڪ نٿو ڪٽي سگهان . هن کي تہ منهنجي اي سي آر بہ لکڻي آهي.“

”تہ پوءِ، توهان هيئن ڪيو، جو هيءَ کل ڪٽو!“ ،سليز مين هڪ بهترين سجيل شو ڪيس ۾ ٽنگيل کل ڏانهن اشارو ڪندي ٻڌايس، ”مهانگي ضرور آهي پر صاحبن جي ڊرائنگ رومس جو شان آهي. هي خوبصورت آمريڪن سوئر جي کل آهي!“

”سوئر جي کل!“، هن ڪان ذري گهٽ چرڪ نڪري ويو. چوڻ لڳو، ”صاحب، الحمد الله مسلمان آهي، کل وٺڻ تہ نهيو، ان جانور جي نالي ڪان بہ ڪيس نفرت هوندي آهي“.

”آمريڪا کان بہ؟“، سيلز مين سوال ڪيس.
”نہ سوئر کان!“، هن وراڻيو.
”توهان کي ان جانور جي عربي يا پنهنجي ٻولي ۾ نالي کڻڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي. بس ڏيڻ مهل توهان کي اهو چوڻو پوندو، تہ هي آمريڪن وائلڊ ٻور Amrican Wild Boar جي نرم، نازڪ ۽ ٿلهي کل آهي، ڏسجو تہ ڪيڏو نہ شاندار شرفِ قبوليت ملي ٿو.“
”پر هتي تہ، هن جانور کي ڪو ليڪيندو بہ ناهي ۽ تون؟....“
”سر، آءُ توهان کي ڪيئن سمجهايان تہ هتان جي سوئر ۽ آمريڪي سوئر ۾ زمين آسمان جو فرق آهي.“، سيلز مين ڪيس سمجهائيندي چيو.
”هن جي رقم؟“، هن ٻي چين تي ڪيس اڌ ۾ ڪٽيندي چيو.
”صرف ڇهہ لک روپيا!.... سو بہ توهان جي سر ڪان!.... نہ تہ هيءَ کل، ستن اٺن لکن ۾ بہ وڪامي آهي.“
”اهو کل ونڻ تہ نہ ٿيو، کل لهرائڻ ٿيو.“، آفيسر احتجاج واري انداز ۾ ڀڻڪيو، جيڪو سيلزمين چڱيءَ ريت ٻڌي ورتو.
”اهو تہ هتان جو عام اصول آهي، تہ ترقي ڪرڻ ۽ اڳتي وڌڻ لاءِ پهريائين کل لهرائڻي پوندي آهي ۽ پوءِ اهو ماڻهو ٻين ماڻهن جي کل لاهڻ جي اهل ٿي ويندو آهي. اوهان سمجهو چو نہ ٿا، تہ هيءَ لاڳت آهي“، سيلزمين معني خيز مشڪ چپن تي آڻيندي چيو.
هن کي لڳو تہ سيلزمين پهريائين دانشور هيو. پوءِ بک ۽ بيروزگاري ڪان مجبور ٿي، اهو ڌنڌو اختيارڪيو اٿائين. هن جي دل هيڪر چاهيو تہ سيلزمين کي جهڪي سلام ڪري. پر پوءِ پنهنجي حيثيت جو احساس ٿيس تہ شينهن مري تہ بہ ڍڪ نہ چري. تنهن ڪري سندس بيورو ڪريٽڪ سيٽ برقرار رهي.
”سچ تہ آءُ اها کل حال في الحال اَفورڊ نٿو ڪري سگهان... چا تون ڪا اهڙي سستي کل نٿو ڏيکاري سگهين، جنهن جي قيمت مناسب هجي؟“، هن سيلزمين کي گذارش واري انداز ۾ چيو.
ٻيون سر، ديسي کلون آهن. هرڻ جي، گڏ جي، سره جي، ڦاڙهي جي.... جيڪي دڪان جي وچ وارن شو ڪيسن ۾ پيون آهن“
هو دڪان جي وچ تي سُري اچي، ديسي کلون چتائي ڏسڻ لڳو ۽ منجهي پيو تہ ڪهڙي خريد ڪري يا نہ ڪري. آخرڪار، اهو فيصلو ڪيائين تہ اگهہ پار پڇي پوءِ فيصلو ڪندو.
”اهي گهٽي گهٽي جون آهن؟“،هن پڇيو.

”ٻن ٽن لکن جي درميان ۾ آهن!“، سيلزمين وراڻيو.
”تون جيئرن جانورن جا اگهہ ٿو ٻڌائين ڇا؟“، آفيسر حيرانگي وچان پڇيس.
”سر، ڪلون جيئرن جانورن کا مهانگيون ٿينديون آهن. سالم ڪل لاهڻ هڪ وڏو محنت طلب ڪم آهي.... جانورن کي ڏوڪي سان ڦاسائڻ، مارڻ ڪلڻ، تنهن کان پوءِ لوٽڻ، سڪائڻ، پريس ڪرڻ، وڪڻڻ ۽ ٽيڪس بچائڻ جا مرحلا الڳ آهن. ان مان اندازو لڳايو تہ ان ڌنڌي ۾ ڪيڏو نہ کڦڙتال آهي!؟“
هن کي لڳ تہ سيلز مين مچڙو آهي. هن ساڻس بحث ڪرڻ جي بجاءِ سنئين سڌي ڳالهہ ڪرڻ مناسب سمجهي، ”تون مون کي صفا سستيون ڪلون چو نہ ٿو ڏيکارين؟“
”سر،ناهي صرف معصوم ليلن ۽ ڇيلن جون هونديون آهن. جن مان قراقلي ۽ جناح ٽوپيون نهي سگهن ٿيون. اهي اوهان کي ڪنهن عام دڪان تان ملي وينديون. اسان اهڙيون سستيون شيون نہ رکندا آهيون!“. سيلزمين کي پورو پورو اندازو ٿي ويو هيو تہ هو ڪنگلن ۽ بيوقوف بيوروڪريٽن منجهان آهي، جيڪي رڳو پگهار جي سهاري تي هلندا آهن. تنهن ڪري هن ڪيس نهہ پهہ ۽ ڪجهہ سخت لهجي ۾ جواب ڏنو.
”نہ نہ!... هرويرو ايتري بہ سستي نہ هجي. منهنجو چوڻ آهي، ڪا اهڙي ڪل، جيڪا نرم نازڪ ٿلهي هجڻ سان گڏ، ڪنهن حد تائين سستي بہ هجي. جنهن مان وڏو صاحب چاهي تہ ڊرائنگ روم سجائي يا بيگم صاحبہ جي دل ڪري تہ سنو پرس ٺهرائي!“، ڪجهہ لچارو ٿي، هن ڪيس وضاحت سان سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي.
”تہ پوءِ اهڙي ڪل، اوهان جي پنهنجي ٿي سگهي ٿي!“، سيلزمين ڪيس وقت جو زيان سمجهندي. خار وچان گهوريندي هليو ويو.
جونيئر آفيسر سندس بدتميزي واري انداز تي بلڪل نہ چڙيو. هن جو هٿ ازخود ڪڇي، پنهنجي ٻانهن ۽ ڪنڌ تي ڦرڻ لڳو. ڪيس ائين محسوس ٿيو تہ سيلزمين، واقعي سؤ في صد صحيح ريمارڪس ڏنا هيا.

# باڙ

سچ جا ڪرٽا گھر جي اڱڻ تي بينل ٻير جي چوٽيءَ ڪي ڇهندي غائب ٿي رهيا هيا. سوچي سوچي آخر ساٿو تي ليٽي پيو هو. سمهڻ ئي حقي جو نڙ وات ۾ وجهي ڦوڪ پريائين، تہ خالي گڙ! گڙ! ڪانسواءِ ڪجهہ بہ نہ هو. هن زور سان ڦوڪ پري تہ تماڪ جي ڪچي ڦوڪ وجي نڙي ورتس، جڻ انهيءَ وقت حقو بہ ڪيس چيڙائي رهيو هو.
هي ڪو هرويرو حقي جو باڙي بہ نہ هو. پر چا ڪري، مڙس جڏهن ڪان جڏو ٿيو هو، تڏهن ڪان حقو جڻ سبيلي تي پيو هيس. حقو ۽ پاڻ پيا مڙيئي نيائيندا هيا. پر حقي جي ڦوڪ سندس اندر جي انهيءَ باڙ ڪي نہ ماري سگهندي هئي، جيڪا ڇهن مهينن ڪان وٺي سندس سيني ۾ سانڊيل هئي. نہ پٽهنس پاڻ هُرتڙائي ڪري، شاهہ اسماعيل جي ميلي تان موٽندي ڏاند گاڏي پڄائي ها، نہ شيخن جي ڳوٺ واري لاڙي تان گاڏي اونڌي ٿئي ها ۽ نہ ئي وري ڪاڪي جاڳڻ جي جنگهہ ڏڪجي ها. هر پڇڻ واري جو اهو خيال هيو تہ اهو ڏڪ ڪاڪي جي قست ۾ لڪيل هيو. پر ڪاڪي جاڳڻ جو پنهنجو خيال هيو تہ، ان ڏڪ ۾ قسمت جو هٿ گهٽ، پر علي بخش نظريل جو هٿ وڌيڪ هو. نہ علي بخش ميلي تي سندس گوبر ڏاندن ڪي جوه پائي رڙ ڪري چوي ها، ”اَئي!جاڳڻ ڏاند تہ واه جا ٿي!...“ ۽ نہ سندس ميلي جي موٽ اهڙي بڇڙي ٿئي ها . هن آئي وئي ۽ ننديري وڏيري ڪي اها دانهن ڏني هئي، تہ ڪيس علي بخش ڪان چٽي وٺي ڏيو.جي چٽي نٽا رکوس تہ گهٽ ۾ گهٽ ان جي بدلي ۾ سندس ڪڙي ڏنيبو. پر هر ڪنهن ڪن لاٽار ڪئي هئي يا هائو! هائو! جي دلاسي ۾ ڪيس رهائي ويو هو. ان ڪري اڪثر ٽڌا ساهہ پري چوندو هيو، ”بيني جو هر ڪو ئي آ، ڪرئي جو ڪوئي ڪونهي!“. دراصل ڳالهہ اها هئي تہ پٽهنس ۾ پاڻ وارا افعال ڪونہ هيس، نہ تہ چا علي بخش ۽ ڪيس منهن نہ ڏئي. ڪيس پنهنجي بي وسي جو احساس ستائيندو هيو. دل ئي دل پيو پڇرندي سوچيندو هيو، تہ جائي چيو اٿئون تہ ويني ڪوه ناهن ڪجندا. پنهنجن ڪرايل جهيڙن ڪي ياد ڪندي ٽڌا ساه پريندو هيو. اهڙن جهيڙن مان قادوءَ ۽ صادق وارو جهيڙو تہ مشهور هيو. ڳالهہ تہ ڪا وڏي بہ ڪونہ هئي.بس صادق جي گابي، قادوءَ جي ٻنيءَ مان ڊِڊي جي سارين جا ٻہ ٽي چڪ هنيا هيا. قادوءَ رڳو گابيءَ ڪي هڪ ڏاريندي واري گار ڏئي ۽ بہ لنيون هٽي باهر ڪڍيو هو، جيڪو هر ٻنيءَ جو مالڪ پرائي ڍور ڪي ڏيندو آهي. پر اها جاڳڻ جي حرفت هئي، جنهن

ٻنهي ڪي ايتري پساري پهچايو، جو ڪهاڙين جا ڦر اپا ۽ بندوقن جا منهن سڌا تي ويا هيا. پر ڳوٺ جا اهي بہ گهر تہ ڪونہ هيا، جن ڪي ساڙي هن پنهجا هٿ سيڪيا هيا. هن تہ ويڙهن ڪي ويڙهائي ازلي دشمن بڻائي ڇڏيو هو.

هاڻي ڪري تہ ڪيئن ڪري؟.. ڪهڙي چور ڪي چوي تہ چوري ڪر، ڪهڙي پاڳئي ڪي چوي تہ چور اچئي ٿو!..... نہ ڪو ٻڌڻ وارو، نہ ورائڻ وارو. جيئن پوءِ تيئن ساهي منجهائڻ سندس وس کان ٻاهر ٿيندي پئي وئي.

اڄوڪي شام، تہ سندس هيانوَ تي مڱ پئي ڏريا. شادي تہ سندس سئوٽ جي ننڍي پٽ جي هئي. پر صبح شام سهرن جا آواز، دهلن جا ڏڌڪاءِ ڪِل ڪلِ هن جي وجود ۾ ٽاڪوڙا پئي وڌا. جي ڏاڍ مڙسي ڪري ڪاٺ جي گهوڙيءَ جي سهاري هلي پيو، تہ سور سٽان ڏيئي ايري پئي پيس. جي منجهس سئوٽ جي ويڙهي ۾ پهچڻ جيتري بہ طاقت هجي ها، تہ دهل جي ڏڌڪي جي بجاءِ لنين جا سٽڪا هجن ها. سهرن جي بجاءِ گارين جا دسَ هجن ها.... لاچار ڪي ٻيو ڪهڙو آ، چار. چارو نہ سمجهي ويچارو لڳو وينو هيو. هن خار مان نڙ ڪي اچل ڏيئي رڙ ئي:

”او ٽُنڊي چوري! ڦل تہ ناهي ڏي، ڪاڏي مري وئينءَ؟“

جواب ڪجهہ بہ نہ مليس تہ ڪاوڙ مان ڪٽ تي ويٺي ويٺي چوڌاري اڱڻ تي نظر ڦيرايائين، ڪاريءَ وارا ڪک لڳا پيا هيا.

”ڏاڏن جي سهرن تان اڃا ڪونہ موٽي آ!..... لک لعنت جا پها ٻڌانس!“، هن دبرندي ننهن تي چوهہ چنديا. ڪٽ تان ڪاٺ جي گهوڙي سوڌو لهي ٽڙندو ٿاٻڙندو چلهہ تائين پهتو. چمٽو کڻي پوريل ٽانڊو ڪوٺي ڦل ڳوجهڻ لڳو. ڪوٺيندي ڪوٺيندي، اوچتو ڪاوڙ ۾ ڳتيل اڃا پرئون خوشيءَ منجهان هڪدم مٿي ڇڪجي آيس. سوچيندي سوچيندي ڳاڙهن ٽانڊن ۽ ڪِر سان پريل ڦل، ڳوءِ تي رکي مزي مزي سان ڦوڪان پرڻ لڳو. حقو ڇڪيندي ڇڪيندي هر هر سندس نظرون گهر جي وڏي در ڏانهن هليون پئي ويون، جيڪو اڌ ٻيڪڙيل هيو.

ٿوريءَ دير ڪانپوءِ در جو ٽاڪ چيڪٽ سان پاسيرو ٿيو. پٺهنس جنهن جي نيري قميص پگهر ۾ شل هئي، مٿي تي گاهہ جي ڀري کنيون، پويان جوڙو ڏاندن جو ڪاهيون اندر آيو. اڱڻ تي پهچڻ سان ئي ڀٻن تي زور ڏيئي ڀريءَ کي اڇلائي، ٻير جي پاڙ ۾ لڳل ڪُونرَ تي ڏاندن جي جوڙي سان اچي بيٺو. ڪونر ڏانهن ڏسي، ڪاڪي جاڳڻ ڏانهن ڏنائين، جيڪو وڏي اتساهہ سان ڪيس ڏسي رهيو هيو.

”ابا! چو ائين ڪونر خالي پيو آ؟“، هن پيءُ ڪان سوال ڪيو . جاڳڻ پٽ جي سوال جو اڳيئي نهيل نڪيل جواب ڏنو:
”شمن، وڏڙا چئي ويا آهن، تہ: ”سچ مرچان، ڪوڙ ڳڙ، پير پئسو، زال گر! پوءِ سائين جيئن پئي آڪي تيئن پيو ٺُر!“... سو ابا تنهنجو بہ ڏوه ڪونهي!“
”پيٽسان، اڄ بہ پٺارن ڻاپو ڪاڏو، اجا سهرن تان ڪا نہ موٽي آ ڇا؟“، شمن، پيءُ جي پيراندين ڪان ويهندي، ڪٿ تي پيل اڌوراٽو وجٽو هٽندي آهستگيءَ سان پڇيو:
”ساجهر چو موٽندي ؟.... ڪا مار، ڪو موچڙو، ڪا گار، ڪا دپ، ڪو دڙڪو؟..... چاڳلي ڪئي ٺئي، تہ پاڻ جاڻ!“
”ابا، هاٽي ياءُ جي شادي اٿس.... ڇا ڪيانس؟..... جهليانس، وڙهانس، ڪهاڙيون هٽانس؟... آخر تہ جوءِ آ، ڪو جانور تہ ڪونهي، جو ڪلي ۾ ٻڌي ڇڏيانس!“ شمن، پيءُ کي جواب ڏيندي تورو ڪهرو ٿي ويو.
”هائوڙي هائو، ان کي جوءِ چيئي تہ جڳ مَنو!....“
”يلا ابا، جوءِ ناهي؟“، شمن ڪلندي پيءُ ڪان پڇيو.
”اڙي جوءِ هجي ها پاڙي شهرن جا، تہ ائين پٺارا ڻاپو ڪائن ها ۽ هيءَ موتبر جي ڌيءُ وٺي ها سهرا چوندي.... ٻيو ڏينهن آ خدا جو، رنن جو راڙي مان پيٽ ئي نہ ٿو پرجي.... الائي ڪهڙي اها وري نئين رشم سهرن جي ڪڍي ٿئون، جيڪا ڪٿي ئي نہ ٿي“.
”يلا جيئن تون چوين، اونئين ئي ڪيان؟!“، پٽهنس هلڪي تلخي مان پڇيس.
”مان ڇا چوانءِ؟.... انڌو آ نٿو سمجهين؟ ... ماٺهين مرحيات ائين ڪري ها تہ هن وقت أڦٽ لڳي پئي هجي ها“، جاڳڻ ٿڌو ساهہ ڪٽي پنهنجي مرحيات زال کي ياد ڪرڻ لڳو،
”هئہ ڙي هي سدوري تنهنجي ڪا!.... واقعي جوءِ هُئيئن!.... اڄ ڪلهہ تہ ڪارنهن جا چٽا پيا هن ... اڙي، مجربو هو مانس تہ ائين ڪٽيندو هو مانس جيئن اٺ پٽڻ تي ڪٽبو آ! ... پر اهي وکت ئي ٻيا هيا .... ب....لي!“، هن لانڌ سان آخري لفظ چئي، نڙ مان زور سن ڦوڪ پريندي، ساڳئي وقت پٽ جو جائزو ورتو ۽ پوءِ وري ڳالهائڻ شروع ڪيائين:
”اهي وکت ئي ويا، جڏهن مڙسن ۾ مڙسيون هونديون هيون. جنهن بہ گهٽي يا سَير سان لنگهندو هوس، تہ پنهجيون رنا تہ ڇا، پرائيون بہ وات کي پتر ڏيئي ڇڏينديون هيون. هاٽي ڪاٿي آ مڙدن ۾ اها حشمت!؟. ماٺهين سدوري کي ڦڪي ٻوڙ چاڙهڻ تي جهلي جو ڪن واري ٿڦ هنيم تہ سڄي عمر لاءِ ٻوڙي ٿي وئي ... خدا جي قدرت آ ابا، ڪو تنهنجو بہ ڏوهہ ڪونهي، زمانو ئي پاڙ جي ترن جو ٿي ويو آ،هاٽي!....“

شمن ڪي پيءُ جي انهن آخري ڏيک ساڙي وڌو. هو سوچڻ لڳو، هو پاڙ جو ترو چا ۾ آهي؟..... جڏهن تہ پٺهنس ڪي بہ خبر هئي، تہ شمن ڪان چڱا پلا ڪاٽڪو ۽ تر جا قنڌار بہ ڪئہ ڪائيندا آهن.. پر سال، چوري ٿيل مينهن جنهن مڙسيءَ سان شمن موٽائي هئي ، تهن وڏيري غلام قادر ڪي بہ ڏندين آڱريون ڏئي ڇڏيون هيون ۽ چيو هئائين تہ، ”بيشڪ جوان آن!“ ... پر پٺهنس ڪي الائي چا ٿي وي هيو جو، تنهن ويني بچڙو پئي ڪيس. ان جي جاءِ تي پيو ڪو هجي ها تہ متي ۾ نايون هجنس ها.... هن رڳو ڪاوڙ ۾ ڪنڌ هيٺ ڪري، ڳپ لڳل پير پئي مهٽيا.

سهرن جو آواز اچا تائين وڏي زور ۽ شور سان ڪين ٻڌڻ ۾ اچي رهيو هيو.شمن ورانڊ ي ڏانهن نگاهہ ڊوڙائي، جتي گهگهہ اوندهہ لڳي پئي هئي، هن خار مان دبرند چيو:

”لڳي ٿو بتي بہ مون ڪي ٻارٽي پوندي، پاٽي بہ مون ڪي پرٽو پوندو!“

ڪاڪي جاڳڻ جو بند ٿيل وات وري ڪلي پيو، جڻ ڪيس گم ٿيل ڪڙي ملي وئي هجي:

” اڙي اهي حال ٿي تہ اڳنان سانجهڻ بہ ڪرٽي پوندئي!...تارو ٻهارو بہ ڪرٽو پوندئي!...“

پيءُ جو اهو زومائتو ڏڪ، شمن ڪان سَنو نہ ٿيو، تہ چئي وينو:

”ابا هريرو مَجُو ڏنو اتي چا!؟... اچي تہ اهڙا تو هَڏ ڳڏ پڃانس جو پاٽهي مذرا ڏيندي.“

”مذرا تو ورتا!؟...“، جاڳڻ طنزيہ انداز ۾ وراٽيو.

”ڏسجانءِ نہ اج!“، شمن لهجي ۾ سختي آڻي جڻ عهد ڪندي چيو. پٽ جو پڪو ارادو ڏسي، جاڳڻ ڪي آسرو ٿيو، تہ هن لهجي مان ڪؤڙاڻ ڪي ختم ڪري، هڪدم هينائين ورتي:

”اڙي وڏڙا چئي ويا آهن، تہ: ”رن ڪي رات جو ران سان ۽ ڏينهن جو موچڙي سان ٻڌل رکجي“... سچ آهي ڪن نہ!؟....

”آهي تہ ائين ابا!“، شمن وڏڙن جي چيل ڳالهہ ڪي مجيندي چيو.

”هيئن شابس!... ننگ پنهنجو ٿي، جهڙو ٻٽائيندينس، تهڙو ٻٽبو.... سڄي ڳالهہ پنهنجي هٿ وس آ! “

”ايئن تہ آهي!“، شمن وراٽيو.

”اڄڪلهہ ڏسين تو تہ: ’زمانو زهير لڳو پيو آ‘ ... هاٽي نہ اهي اڳي واريون محبت، نہ قربت! ... اج پاءُ پاءُ جي ننگ ۾ اکيون وجهي وينو آ.... اڙي شمن سچ آ يا ڪُوڙ آ؟.....“

”ها ابا، اڄڪلهہ ملڪ ٻري ويو آ!“، شمن پيءُ سان اتفاق ڪندي چيو.

”سياڻا چئي ويا آهن، تہ مڙس ڪي جوءِ لاءِ محبت دل ۾ هجي، باقي ٻاهرئون اٽندي

ويهندي ڪلو ڏيڪارجيس .... اصلي ان ليکي تي جيڪو هليو، تنهن ڪٽيو!“، جاڳڻ ڪنگهندي ڪنگهندي شمن کي آخري پاٽي پئي ڏنا، ته ايتري ۾ سبحان به در مان اچي منهن ڪڍيو.

”آئي تي چٽيهه لڪٽي!“، جاڳڻ پٽ کي جڻ بڇ ڏيندي چيو. شمن لئوٽو قيرائي جوءِ کي ڏٺو، جيڪا ڊيل جيان ٽلندي ۽ مشڪندي سندس پر ۾ اچي ٻيني ۽ ٻڌائڻ لڳي:

”اڄ ته دير تي وئي! ...ويچارن پٽارن ٿابو ڪاڌو هوندو! ..... پر مان به ڇا ڪيان ،امان به اصلي چئور وانگر چنبڙي تي پئي ته هي سهرو پاءُ لاءِ چئه ، هو چئه !... مان ڪونر جلد تي پريان... گاهه جي پري چوڙي، مال جي اڳيان وجهي تي اچان!“، سبحان جڻ غلطي تسليم ڪندي، تيزيءَ سان ڪم اڪلائڻ خاطر ڪونر کي پاٽي سان پرڻ لاءِ بالٽي ڪنئي، پر شمن ڪاوڙ وچان زال جي هٿن مان بالٽي ڪسي پري اڇلائي. هن سٽ ڏيئي پٽائين لٺ مَنهَ مان ڪڍي زال تي وسائڻ شروع ڪري ڏني. زوردار رڙين ۽ ڪيڪراٽن تي دهل جو ڌڌڪو بند تي ويو. اوچتو ئي اوچتو جاڳڻ جي گهر ۾ عورتن ۽ مردن جو هڪ وڏو هُنپ تي ويو. جاڳڻ کي ايئن محسوس ٿيو، جڻ ڪافي عرصي کان پوءِ سندس ٻاڙ مئي هئي.

# اندر جو آواز

هن ڪي اهي لفظ الائي ڪٿان ۽ ڪڏهن هٿ آيا هيا، تہ لفظن جو غلط استعمال دنيا جو وڏي ۾ وڏو ڏوهہ آهي. هن سودائيءَ ڪي عجيب خبط تي بيٺو هيو، تہ جيڪو ماڻهو سماج کي سڌارڻ ۽ بدلائڻ جي دعوا ڪن ٿا، تن کي لفظن جي غلط استعمال کان روڪجي. انهيءَ لاءِ سڀ کان پهريائين اُنهيءَ سياستدان ڏانهن گذارش ڪٽي ويو، جنهن جي گار ڏيڻ ڪانسواءِ ماني هضم نہ ٿيندي هئي. هن آهستگيءَ سان ڪيس عرض ڪيو،
”سائين، اوهان پهنجي مخالفن کي گاريون ڇو ڏيندا آهيو؟“
سياستدان ڏند ڪرٽيندي، ڪيس سمجهائڻ شروع ڪيو:
”بابا، گار سماج ۾ ڏني وڃي ٿي، نہ ڪي سماج کان ٻاهر ۽ انسان جيئن تہ سياسي جانور آهي، تنهنجي ڪري اهو گار ڏئي ٿو. گار بذاتِ خود هڪ احتجاج جو انداز آهي. ان انداز کي استعمال ڪرڻ هر انسان جو بنيادي حق آهي. سو ان بنياد تي مان پنهنجو بنيادي حق استعمال ڪيان ٿو.“
”پر سائين، گار تہ بدمزگي جو بنياد آهي. نفاق جي پاڙ آهي ۽ نفرت جو گهرآهي ۽ اتحاد جي لاءِ هاجيڪار آهي. ان کان وڏي ڳالهہ تہ لفظن جو...“
سياستدان هڪدم سندس ڳالهہ ڪٽيندي ڪيس چيڀيو، ”غلط استعمال آهي، دنيا جو وڏي ۾ وڏو ڏوهہ آهي. خبر آهي، انهيءَ لاف زنيءَ جي. دراصل اها هڪ پراڻي اخلاقيات آهي، جنهن جي هن دور ۾ ڪا ضرورت ڪونهي. تون ڇا ٿو چاهين تہ جيڪي سياسي يا نظرياتي مخالف آهن، تن کي سٺن لفظن سان ساراهيو وڃي!؟... هي دور درگذر جو ناهي، پر سِر جو جواب پٿر سان ڏيڻو آهي.“
هو بي دليو ٿي ٻاهر نڪتو. هاڻي هو انهيءَ اديب وٽ آيو هيو، جيڪو ٽيبل تي ڄنگهون رکيون، خلائن ۾ جهوت وجهيون، آڱرين ۾ سگريٽ جهليون، شايد ڪنهن اوکي ۽ تجريدي تخليق جي تلاش ۾ هيو. تنهنجي تخليقي تنهائيءَ ۾ مداخلت ڪندي عرض ڪيائين، ”سائين، توهان جي تخليقن ۾ عورت صرف جنسي ڪشش جو سامان ڇو هوند آهي ۽ ڇا اهو لفظن جو غلط استعمال نہ آهي؟“
اديب سگريٽ جو ڪچ هٽندي، گنڀيرتا سان ٻڌائڻ لڳو، ”در اصل، اوهان منهنجين تخليقن کي سمجهيو ئي ناهي ۽ ان ۾ توهان جو ڏوهہ بہ ڪونهي، ڇو تہ توهان پڙهو

گهٽ تا ۽ آءُ توهان جي سمجهه ۽ توقع کان لکان ٿو مٿي، تمام مٿي.....“
اديب سگريٽ جي ڦلي کي ڇنڊينڊي وري ڳالهائڻ شروع ڪيو، ”حقيقت ۾ آءٌ ان عورت کي هن سماج ۾ تخليق ڪرڻ چاهيان ٿو، جيڪا مڪمل حسن جو عڪس هجي. هر طرح سان ان کي رڳو پدمڻي يا ڪامڻي چئي جان نہ ڇڏايان. نہ سندس چال جي تشبيهہ مور جي ٽلڻ، هرڻ جي ڇُنگَ يا ڳنير ڳت سان ڏيڻ چاهيان ٿو. نہ وري سندس جوانيءَ کي ڪنهن سمرقند جي صوف يا انب جو ٽاريءَ ۾ پڪل ٽپڪي سان ڀيٽڻ گهران ٿو. منهنجي ذهن ۾ مختلف بالڪل مختلف تصور آهي، عورت جو: هن جي جسم جي بيهڪ وينس آف مائلو جي بت جهڙي، جنسي ڪشش ڪلوپيٽرا جيان ۽ مرڪڻ جو انداز مونا ليزا وارو ۽ پيش ڪش وينس آف اربينو جهڙو آهي. جيئن تہ مون سيڪس تي ستيانا ۽ شيخ نفزاوي، ڪانوني فرائڊ تائين سين کي پڙهيو آهي. سو پاڻ وٽ عورت جو تصور گليشيئر جهڙو نہ، پر جوالا مکيءَ جيان آهي. بس تون ائين کڻي سمجھ تہ دنيا جي ٽن مشهور اداڪارائن جينا لولو برجيدا، الزبيٿ ٽيلر ۽ راڪيل ويلچ کي جواني ڏيئي ملائي هڪ ڪيو وڃي. ڇاتا سمجهو اهڙي عورت جو تصور ۽ هجي بہ اُگهاڙي ؟.. لفظن ۾ اهڙي عورت جو تصور سيني جي ٽن ۾ تازائي آڻيندو. جيڪي زندگي جي نفسانفسي ۾ جمالياتي حسن کان محروم آهن، اهي بہ فريش ٿي ويندا.“
”ليڪن اهو عورت جو ماڊل تہ جنسي بي راه روي پيدا ڪندو ۽ عورت کي وڌيڪ غير محفوظ ڪندو. جڏهن تہ عورت انساني زندگي جي شروعات کان آخر تائين ياڳي پائيوار آهي. ان کي صرف جنسي تسڪين جو سامان بڻائڻ لفظن جو غلط استعمال نہ آهي؟“، هن پڇيس.
”۽ ائين بہ چئہ تہ دنيا جو وڏي ۾ وڏو ڏوهہ آهي. مون کي خبر آهي تہ اها پٿر جي دور جي بڪ، هڪ ڇڙواڳ فلسفي جي آهي. تنهنجي خيال ۾ آءُ پنهنجي تخليقن ۾ مرزا قليچ بيگ جي ناول ”زينت“ جهڙي عورت جو ڪردار پيش ڪيان يا وري ڪنهن ڪنگيءَ ورتل ڪولهياڻيءَ جو يا وڌ ۾ پريشان حال ماسترياڻيءَ جو: جيڪا پنهنجي ڪتنب کي سهارو ڏيندي ڏيندي، پنهنجي جواني ڪائي رهي هجي. اهو اڄ جو ڪيڏو نہ الميو آهي، تہ مون جهڙو جينئيس وقت کان اڳ پيدا ٿي پيو آهي... هاڻي هلي پئہ ، مٿو نہ کاءُ !.....وري نہ اها بڪ ورجائجان، نہ تہ مون کي گاريون ڏيڻ بہ ايندين آهن!“، اديب ڪاڙ ۾ ڳاڙهو پيلو ٿيندي وراڻيو.
ڪنهن حد تائين مايوسيءَ جوشڪار ٿيڻ ڪانپوءِ هن همت نہ هاري هئي. هلي آيو هيو

هڪ اهڙي شخص ڏانهن، جيڪو گهڻ-پاسائي شخصيت هيو. هو هڪ ئي وقت سياستدان، سماجي ماهر، دانشور، صحافي، محقق ۽ سماجي ورڪر هيو.
”سائين، اوهان پنهنجي اَنا ۾ ايڏا چو گم آهيو؟.... پاڻ کي هرويرو عقلِ ڪُل چو تا سڏيو؟... پاڻ کي صحيح ۽ ٻين کي غلط چو تا سمجهو؟..... اوهان کي جيڪڏهن ڪو سچ تو چئي، تہ چڙي تا پئوءِ ان شخص جي تذليل ڪندي دير ئي نٿا ڪيو، سو ڇو؟...... آخر اهو لفظن جو غلط استعمال ڪيستائين ڪندا رهندءُ؟...“
”مون کي تو سمجهائين !؟.... سو بہ انهيءَ کي جنهن رگويد ڪان وٺي زيند اوستا تائين پڙهيو هجي... عهد نامہ قديم ڪانوني فُرقان تائين ڳوڙهو مطالعو ڪيو هجي.......حي بن يقظان ڪان وٺي مجموعتہ البحرين کي سمجهيو هجي. دنيا جي وڏن وڏن اديبن ۽ عالمن کي پروڙيو هجي. ڪاش!.... زمين ڏري پوي ها ۽ آسمان ڦاٽي پوي ها، جنهن وقت تو جهڙو ابوجهل مون کي ”خودي“ ۽ ”انا “ جي باري ۾ درس ڏيندو هجي... اڙي، پڙهيو تي جارج ميڊ کي؟.... سي ايچ ڪُولي کي؟.... نتشي کي؟.. علامہ اقبال کي ؟..ٻڌي ڇڏ!....
جنهن ماڻهو ۾ خودي نہ هوندي، ان ۾ خود اعتمادي نہ هوندي. پاڻ خوديءَ جي سنائيءَ جا قائل آهيون. مثبت رويا رکندڙ آهيون. تو شايد خوديءَ جو مشهور مثال نہ ٻڌو آهي، جنهن ۾ مون جهڙي هڪ خوددار شخص چيو هيو، تہ سڄي دنيا ۾ سٺي ۾ سٺو ملڪ منهنجو آهي. سڄي ملڪ ۾ سٺي ۾ سٺو شهر منهنجو، سڄي شهر ۾ سٺي ۾ سٺو گهر منهنجو ۽ سڄي گهر ۾ سٺي ۾ سٺو ماڻهو مان آهيان.“
”سائين، اهو تہ پاڻ-پُٺو آهي. يلاءِ نتشي جي فوق البشر چا ڏنو دنيا کي ؟.... مان! مان! ڪرڻ وارا پنهنجي ئي خول ۾ ڇڙيون هٽي مري ويا ۽ قومن کي انفراديت پسنديءَ جو زهر ڏئي ويا. جنهن جي سزا سڄي دنيا جي قومن کي پوڳڻي پئي.. نتيجي ۾ بہ مهاڀاريون جنگيون ۽ نہ کٽندڙ ويڙهاند جو سلسو جاري وساري آهي....ڇا اهو لفظن جوغلط استعمال نہ آهي؟“
”بس، بس! مون کي نہ تاريخ پڙهاءِ ۽ نہ فلسفو سمجهاءِ. آءٌ تو کي ڪچيون گاريون ڏيان ها. پرجيئن تہ پنهنجا اخلاقيات تي بهترين ڪتاب پڙهيل آهن، تنهن ڪري توکي معاف تو ڪيان، نہ تہ!......“
هو ٽٽل دل سان ان شخصيت وٽ پهتو، جيڪو بيرو ڪريٽ هجڻ سان گڏ ٽيڪنوڪريٽ بہ هيو پنهنجي وڏي ڪرسي تي ويٺي ڪنهن اهڙي پاليسي يا پروگرام ناهڻ ۾ مصروف هيو. جنهن جي باري ۾ سندس خيال هيو تہ اها هتان جي ماڻهن جي تقدير بدلائي ڇڏيندو.

هو ڏڪندي ڏڪندي سندس ڪمري ۾ داخل ٿيو ڪيس اڪيلو ڏسي، وڏي ادب ۽ خوشامندي لهجي سان گذارش ڪيائين:

”اوهان جي اقبال جو ستارو بلند رهي. اوها جي علم ۽ ذهانت تي ڪو شڪ شبهو ڪونهي. اوهان سخت مقابلي وارو امتحان پاس ڪري هيءَ منزل ماڻي آهي. قومي ۽ بين الاقوامي تربيت گاهن مان تربيت ورتي آهي. بيشمار ڪانفرنسن ۽ سيمينارن ۾ ويا آهيو. مختلف وڏن ۽ اهم عهدن تي فائز رهيا آهيو. پر اوهان جون ڏنل پاليسيون ۽ پروگرام ناڪام ڇو ٿيندا آهن؟.... باوجود انهيءَ هام جي تہ، اهي پاليسيون ۽ پروگرام قوم جي تقدير بدلائي ڇڏيندا ...ڇا اهو لفظن جو غلط استعمال ناهي، جيڪو دنيا جو وڏي ۾ وڏو ڏوهہ آهي؟“

”آءٌ قطعي، ناڪامين جو ذميوار ناهيان. انهيءَ جا وڏي ۾ وڏا سبب آهن: سياسي عدم استحڪام ، سماجي انتشار، بين الاقوامي صورتحال، سرڪار ادارن ۾ هيٺين ملازمن جي عدم دلچسپي ۽ عام ماڻهن ۾ جاڳرتا جي گهٽتائي وغيره.“، هن نهيل نڪيل مختصر مگر جامع جواب ڏيندي پنهنجا پلاند آجا ڪرايا.

مگر هن مَيڄڙو ڪيس نہ ڇڏيو،چوڻ لڳو، ”سائين ائين تہ ناهي، تہ اوهان جيڪي مٿان ڪان هيٺ واري پهچ يعني Top to bottom approach جي اصول تحت پروگرام ناهيو ٿا، سي هوائي قلعہ ثابت ٿين ٿا؟“

”بي وقوف! هي ڪو سٽريل ملڪ آهي. جتان جا عام ماڻهون ايترا ذهين هجن جو اُهي تجويزن ڏين ۽ اسان هيٺان ڪان مٿي واري پهچ Bottofm to top Approch جي بنياد تي هلي پنهنجو وقت وڃايون؟“، هن سينو تاڻيندي جواب ڏنو.

”سائين صاحب، تہ پوءِ هيل تائين جيڪا قوت، وقت ۽ پئسي جو زيان ٿيو آهي ۽ ٿيندو رهندو. ان جو ذميوار ڪير آهي؟“

”ڪير بہ ناهي ،سواءِ ان ملڪي صورتحال جي ،جنهن ڪي اسين ڪجهہ بہ نہ ٿا ڪري سگهون ..... شايد تون منهنجي ديولپمينٽ پاليسين ۽ اسڪيمن جي ناڪامين بابت رپورٽ ناهي پڙهي. جيڪا آءُ آمريڪا ۾ گڏريل ڪانفرنس ۾ پڙهي هئي، ان جي اتي بہ ڏاڍي ساراهہ ٿي هئي“.

”پاليسيون ۽ پروگرام بہ اوهان ناهيو ۽ رد بہ اوهان ڪيو.... سائين منهنجا، اهو لفظن جو غلط استعمال ناهي، تہ ٻيو ڇا آهي؟“، هن ڪان سچ نڪري ويو.

”تو ڪي مون سان ائين بحث ڪرڻ جي جرئت ڪيئن ٿي!؟... لفظن جي غلط استعمال جا

ٻچا!...نڪري وڃ ھتان!...“ بيوروڪريٽ انتهائي غصي جو اظهار ڪندي ڪيس دڙڪا ڏئي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو.
هن کي خبر هئي تہ صاحبن جي دربار ۾ ان قسم جي ڳالهائڻ جي سخت منع ۽ بيهودگي هوندي آهي. تنهنڪري هن آفيس مان جلدي نڪري وڃڻ ۾ عافيت سمجهي.
هاڻ هو گهڻي حد تائين مايوس ٿي چڪو هو. پر پوءِ بہ آخري اُميد جي سهاري، هو هڪ پڙهيل ڳڙهيل ماڊرن نوجوان جي ڪمري ۾ پهتو هيو. جيڪو تيزي سان خط لکندو، ڳاڙهن پيلن لفافن ۾ وجهندو پئي ويو. هن سندس خط پڙهڻ ڪان پوءِ ڪيس ٽوڪيندي چيو، ”محبت جو اهو انداز لفظن جي غلط استعمال تي ٻڌل آهي ۽ لفظن جو غلط استعمال دنيا جو .......“
نوجوان سمجهندي تہ سندس مطلب ڇا آهي، سندس جملو ڪٽيندي وراڻيو، ”وڏي ۾ وڏو ڏوهہ آهي، ها نہ!؟.... آءٌ انهن ڇوڪرين کي دل جي گهراين سان، پيار ۽ محبت ۾ جيڪو لکيو آهي، تہ اي حسين نازنين !تون ڪلين تہ مڪڙيون ٽڙن.... تون هلين تہ وڻ ٽڻ ۽ پهاڙ سجدو ڪن..... آءٌ تنهنجي چوڻ تي آڪاش مان سج چنڊ تارا بہ لاهي سگهان ٿو..... بس منهنجي صرف اها خواهش آهي تہ تون منهنجي من مندر جي ديوي هجين ۽ آءٌ تنهنجو شيواڪاري.... هاڻ اها تنهنجي مرضي آهي تہ آءٌ ائين نہ لکان؟“
”بلڪل صحيح، ڇو تہ اهو لفظن جو وڏاءُ ۽ نسورو ڪوڙ آهي. اوهان جهڙن ذهين نوجوانن کي زيب نٿو ڏئي تہ لفظن جي غلط استعمال ذريعي، پنهنجي هم نفس سان دوکو ڪن“
”واه ڙي واه، ڏاها!... تنهنجي مرضي آهي تہ آءٌ پنهنجين محبوبائن کي هيئن لکان، تہ اي حسينہ! تون مڪمل هوموسيپين آهين.... تنهنجي کوپڙي پُوري پني، جنهن جي ماپ تيرنهن سئو ٽيهونجاهہ ڪيوبڪ سينٽي ميٽر ڪان گهٽ ناهي..... تنهجي هڏائين پڃري ۾ ڪا کوٽ ڪونهي، پورو بہ سؤ سورنهن هڏن تي مشتمل آهي..... جنهن ۾ ڪيئلشم جي ڪابہ ڪمي ڪونهي..... تنهنجا ڦڦڙ، بڪيون، جيراء آندا ، تري ۽ دل سئو في صد صحيح آهن.... تنهنجي انٽيلجنس ڪوالٽي جو نمبر بہ سئو پنجاهہ آهي...... جيئن تہ تون هڪ ستو ٻن ٽنگن تي هلندڙ ماده جانور آهين..... ان ڪري آءُ توکي پسند ڪيان ٿو...... سچائي اها آهي تہ توکان اڳ ٻن ٽن ٻين ڇوڪرين کي بہ ان بنياد تي پسند ڪري چڪو آهيان ....... پوءِ ڇا ٿو سمجهين تہ اهي حسين ڇوڪريون مون کي حقيقت پسند سمجهي منهنجي خطن جو جواب ڏينديون ۽ منهنجي سائينٽفڪ اپروچ کي پسند ڪندي، مون

سان محبت جو اظھار ڪنديون ..... ائين نہ!؟“، نوجوان طنزيہ انداز ۾ جواب ڏيندي پڇيس.
”ھرگز، اھو منھنجو مطلب نہ ھيو پر..“، ھن سمجھائڻ جي ڪوشش ڪندي ڪيس پنھنجو نقطئہ نظر دليلن سان ٻڌائڻ پئي گھريو؛ پر نوجوان توائي باز ھيو، ڪيس وڏيڪ ٻڌي نہ سگھيو:
”خبردار! جو ھڪ لفظ بہ ڪڍيو تي!.... انھيءَ ڪان اڳ، جو تون منھنجي ھٿن ۾ مري وڃي، ڀلائي ان ۾ تي تہ ڀڄي وڃ! “
ھن مرڻ ڪان ، ڀڄڻ مناسب سمجھيو. پر ڪڏھن ڪڏھن پنھنجي عادت ڪان مجبور تي موٽ ڪائيندو آھي. ڪنھن نہ ڪنھن جي ڪن  يا دل ۾ گھري آواز ڏيندو آھي:
”لفظن جو غلط استعمال ، دنيا جو وڏي ۾ وڏو ڏوھ آھي!“،پر ماڻھو سمجھندي بہ تہ اھو سندن ئي اندر جو آواز آھي، ڪن لاتار ڪري ڇڏيندا آھن.

# دوزخ جو ترو

اتر سنڌ ۾، ٺاڪ منجهند جو، آرهڙ ۾ گرم جهولو ايئن پئي لڳو ڄڻ دوزخ جو در کلي ويو هيو. اُين شاهہ جي درگاہ کان ٻاهر ڪجهہ ماڻهو ڪٻڙن ۾ ٻيرن جي ڇانون هيٺان اولڙ ڳاهہ جيان ڪنڌريا پيا هيا ۽ ڪافي ماڻهو ساڄي، ڪاٻي نهيل مسافر خانن ۾ ڪافين ۾، گهري ننڊ ۾ ستل هيا. ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن ڪير پياڪ ٻار جي ريهات ان خاموشيءَ ۾ خلل پئي وڌو، پر ٻُبي جي ڇڪڙ ان کي بہ خاموش پئي ڪري ڇڏيو.
ايڏي سانت سانت ۽ چپ چپات واري ماحول ۾ ٻن ماڻهن جي اکين مان ننڊ ڪوهين ڏورهئي. هڪ مجاور جي، جيڪو روضي اندر ڪنهن وڏي ويچار يا وظيفي ۾ غرق هيو. رکي رکي ڪنهن سُرمائي رنگ جي ڪبوتر جي ڦڙ! ڦڙ! يا پکي جي هلڪي چخ چخ! ڪانسواءِ روضي اندر هڪ پر اسرار خاموشي ڇانيل هئي. ٻي ننڊ حرام هئي تہ شمل جي جيڪا مسافر خاني جي ڪچي پڪي نهيل ڪونيءَ ۾ رلهيءَ سان گڏ ڄڻ وڇائي پئي هئي. ڪن پهرن ڪانوني ڇت واري پکي جي پرن ۾ سندس جهوت هئي. پکو سنها چيڪٽ ڪندي، ڪنهن مست مواليءَ وانگر مٿانئس جهومي رهيو هيو.
اڄ هوءَ ڪنهن وڏي تپ ۾ هئي. هُنَ جون سوچون پکي جي پرن جيان آهستي آهستي ڦيرا پائي رهيون هيون .هوءَ دل ئي دل ۾ڇئي رهي هئي،” آخر ڪيستائين، ڪيس ٻي اولاد تي رهٽو پوندو ۽ سندس ڪُک سائي نہ ٿيندي ؟“. هن سوچيندي پنهنجو پاڻ کان هڪ سوال ڪيو، ”ايسيتائين جيسيتائين هو نہ مرندو؟.... پوءِ بہ خبر ناهي، الائي ڇا؟ ... الائي ياڻرن جي درن تي ياڄاين جا اوڙاپا سهندي مران يا وري قسمت ۾ ڪو ٻيو نڪر جهڙو مرد لکيل هجي، جيئن هاڻي لڳل آهي!...“ هوءَ سوالن ۽ جوابن جي ڄار ۾ ڦاسندي وئي، ”ان ڏينهن بہ تہ هٿ پير نري ويا هيس، اکيون وڃي ڇت ۾ لڳيون هيس. سيپئي مِٽ پيڄڻ جي بهاني مٿان ائين مڙيا هيس، جيئن ڍونڍ تي ڳجهون . هيڏانهن هو مري تہ هوڏانهن هو وارثي ڪنس“.
ائين سوچ ڊگهي ٿيندي، ڪيس ماضيءَ ۾ ڪٽي وئي، ”ابي امان بہ ڏسي وائسي ڪٽي باھ ۾ اڇليو هيو. اڌ رنگي سان اتڪائي ڇيو هئائون ، اَن پلي ذات پلي ... چورو چنو آ،پر مال ملڪيت وارو آ.... راڄ ڪندينئن!“ پوءِ پاڻ ئي راءِ ڏيندي چيائين،”هونهہ! راڄ تي ڪيان يا عذاب تي سهان! “

هن جي اندر جا پيون حسرتون بہ ڪري موڙي اُٿيون هيون، جن سندس اندرين ڦٽن کي کولي وڌو هو، ”ٻارنهن سال خدا جا ٿيا آهن، اولاد لاءِ سڪندي، ڪو آسرو نہ هجيم ها!..... ڪيڏانہ حيلا هلايا اٿم. اهي دايو مايون، حاذق حڪيم، پير فقير، ٻيبيون، جوڳين جا ڏارا، ڦيٽان، ڦارون...... رڳو ڪوڙو آسرو مليو!“

هن ٽڏا ساهہ پريندي پرسان ستل ماءُ ڪي ڏٺو، جيڪا گهري ننڊ ۾ ڦڙهہ لڳي پئي هئي. هن جون سوچون اجان سندس اندر ۾ اڌ وسايل چوچڙين جيان دکي رهيو هيون، ”ان ڏينهن هُن بہ تہ چيو هيو، تہ اڙي! ڪو وارث پيدا ڪري وجهين ها، نپٽي آئٽي! منهنجا مائٽ تہ ملڪيت ۾ ٻلي جيان تاڙ وجهيون وينا تي؛ مان مُئي ڪانپوءِ پل بہ ترسڻ نہ ڏيندءِ گهر ۾... چا چوانس، تہ تو ۾ جو مڙسي ڪونهي تہ ان ۾ منهنجو ڏوهہ!..... چپ ڪئي هيم تہ ويتر اچر چرچي ۾ پيو، تہ هاڻي ٻي شادي تہ ڪيانءِ، تو مان تہ ڪجهہ نہ ٿيو!...... پوءِ مان بہ منهن لائي چئي ڏنو مانس تہ وارو ڪر؛ مان بہ ڏسان تہ اُها چڱي رنَ ڏيديءَ تي ڇٽڪار ڪرڻ واري سان ڪيئن ٿي نيائي؟.... پوءِ تہ شڪي ٿي اڪيون هيٺ ڪري چيو هيائين، اڙي! مان تہ ڪجهہ ڏينهن جو مهمان آهيان؛ پوءِ تون جاڻ ۽ تنهنجي قسمت جاڻي!....هن جا اهي اکر تہ اندر ۾ وڍ وجهندا آهن. الله حياتي ڏئيس، جهڙو تهڙو بہ منهنجي لاءِ تہ ڇپر ڇانو آهي!“

هن ستل ماءُ کي ڏٺو تہ ويتر سندس اندر ٺهڪڻ لڳو، ”هاڻي هيءَ بہ ماءُ آ... ويني ابتا سبتا ڏس ڏي تہ هينئن ڪر، هونئن ڪر!... مون ڪان تہ نہ ٿيندو ائين!“. هن ستل ماءُ کي نفرت سان ڏٺو، جيڪا اجا ٻي سڌ لڳي پئي هئي. هن سندس ڏنل ڏسن کي ياد ڪرڻ شروع ڪيو، ”چئي ٿي، جيئن تيئن ڪري وارث پيدا ڪر! نہ تہ نہ رهنديئن مئن ۾، نہ جيئرن ۾... سڀ ڪجهہ سمجهان ٿي تہ حرامي ٻار ڄڻيان تہ جيئن هن جو پلو ٿئي. پوءِ مون کي چَڪي پٽي، پٽن کي ڏيندي رهي. پر هن ويچاريءَ جو بہ ڪهڙو ڏوهہ. جوان هئي تہ مڙس اڳيان مجبور، پوڙهي ٿي تہ پٽن اڳيان لاچار. مڙيئي مڙدن جي آ سرسي هن دنيا ۾.... هاڻي هي وري نئون ڏس مليو آ اپن سرڪار جو، جيڪ سڪا تو ساوا ڪري..... الائي ڪيئن تو ڪري؟“، هوءَ دليل ويڙهائيندي منجهي پئي ۽ اندر ئي اندر جڪ ڪائڻ لڳي:

”صبح بہ، تہ اپن سرڪار جي مجاور ساڳيا ئي ٽِڪسات ٻڌايا، چئي ست ڏينهن ڪبڙ پيءُ!.. درگاهہ جي مٽي منائي ڪري ڪاءُ!... ساندهہ ست مهينا درگاهہ تي نذرانو ڏئي وڃ!..... ڪهڙي نئين ڳالهہ ڪيائين جيڪا مون نہ ٻڌي هئي. اها خبر هجيم ها تہ اچان ئي نہ ها.

پر مڙئي مون واري ماءُ جو ڪٿي سائين جي درگاه جي ساراھ ڪئي، تہ منھنجي مڙس بہ ڪٿي ڇيڏڪ هنيو، تہ وڃ متان ڪا واھر ٿي پئي!..“

هاڻ هوءَ سوچيندي سوچيندي پاسا ورائي ٽڪجي پئي هئي ۽ پوءِ بيزاري مان اٿي، بيڪڙيل دروازو کولي ٻاھر ڏٺائين. جھولي جي سَٽڪي ڪيس احساس ڏياريو تہ ٻاھر قھر جو ڪاڙھو لڳو پيو آھي، پر پوءِ بہ ھن جي اندر جي ڪاڙھي کان ڇڻ گھٽو گھٽ ھيو.

هوءَ اوچتو ڪنھن اٽل ارادي سان پيرن ۾ چپل ڪري، منھن تي پلئہ ڏئي درگاه ڏانھن ھلڻ لڳي. درگاھ جي چائنٺ تي جتي لاھي، صحن تي پھتي تہ صحن جي تتل ٽوڀيءَ جھڙن گرم سرن ڪيس روضي ڏانھن ڊوڙڻ تي مجبور ڪري وڌو. هوءَ ڊوڙندي ڊوڙندي جڏھن روضي ۾ داخل ٿي تہ سندس پير درگاھ ٻاھران لنگرخانہ جي ڪنھن روٽ جيان پچي چڪا ھيا. هوءَ ڪن پل تہ روضي جي اندر ڪاشِيءَ جي سرن واري فرش مٿان، پيرن جون ترين رڳڙيندي رھي ۽ سھڪندي رھي. انھيءَ سڄي عمل دوران روضي اندر ويٺل مجاور پنھنجو منھن مونن مان ڪڍي ، سندس ظاھر ۽ باطن ڪي  گھرين نظرن سان توري چڪو ھو ۽ پوءِ ظاھر ۾وري ڪنڌ جھڪائي ڇڻ مراقبي ۾ ھليو ويو. ھن جڏھن روضي اندر ٿڌي ڇانو، پکي جي ھوا، گلن ۽ اگر بتين جي نڪ ۾ گھرندڙ تيز خوشبوءِ ۾ ساھ پٽي ورتو تہ منھن ۽ ڪنڌ تان رئي جي پلئہ سان پگھر اگھندي ھلڪي ڪنگھڪر ڪيائين . مجاور منھن مونن مان ڪڍي ڪنڌ مٿي ڪري ڪيس ڳاڙھين خماريل اکين سان ڏٺو تہ ھن ڪيس نماڻائي سان عرض ڪيو:

”فقير سائين، ھڪڙو عرض ڪٿي آئي آھيان!؟ “

”چئو بابا!“، مجاور ڪيس سنجيدگيءَ سان جواب ڏنو.

”فقير سائين، اين سرڪار کي تون ئي حجت ڪري چئہ، تہ مونکي الله جي دربار مان پٽ وني ڏي؟“. مجاور پنھجي ڪيس ڪيل چيروين ڏاڙھيءَ ۾ ھٿن سان ڦٽي ڪندي ڪيس سمجھايو، ”بابا! جيئن صبح جو توکي چيم تہ، تون مرشد کي سنيالي وچي اونئن ئي ڪر، مرشد ڪندو تہ ٻيڙا پار ٿي ويندءِ .....پاڻھي ھڪڙي ڏينھن ھتي اچي پُٽڙي جي جھنڊ لھرائي وينديءَ“

پر ان آٿت ڪيس ڪا بہ دلجاءِ نہ ڏني. ھن ھڪ ھڪاٽي واري انداز ۾ ڪنھن ضدي ٻار وانگر چيس، ”فقير! اھي ڪبڙ ڏبڙ بہ گھڻا ڪاڏا آھن، تہ اھي مِٿيون بہ گھٽيون ڦڪيون آھن. ھاٽي ڳالھ ڪر ھڪڙي، پٽ وني ڏيندين يا نہ!؟“

سندس، انھيءَ ضد واري انداز تي مجاور، جھٽ ڪن خاموش ٿي ويو ۽ پوءِ وڏي ٽڏائپ

سان ڪيس سمجهائيندي چيائين، ”بابا حجت ناهي ڪبي، مالڪن کي عرض ڪبو آ. “
پر شمل ڪنهن انتهائي ننڍ ٻارجيان رڙ ڪيس، ”پر فقير، هاڻي ها ڪر يا نه ڪر!..
وڏيڪ نه ٻڌنديسانءِ!“
مجاور پنهنجي بردباري جو ڀرم رکندي، ڪيس آهستگيءَ سان سمجهايو، ”بابا! ٻڌو نه ٿي
ته، حجت ناهي هوت سان منهنجي ٻانهپ جي ٻولي!“
”فقير! مان ائين نه ويندس جيسين، ها نه ڪندين“، ائين چئي، هوءَ مجاور جي سامهون
ڪنهن ننڍ ٻار جيان، چڙيون هٽڻ واري اندازمرويهي رهي. سندس وڏين وڏين اکين ۾
آيل پاڻي ۽ سندس چهري تي ٻي وسيءَ جي ريکائن جڻ مجاورکي مشڪل ۾ وجهي
ڇڏيو. مجاور هڪ وڏو گهرو ساهه کڻندي ۽ ڪجهه گهڙيون غور ڪندي، سندس اڳيان
هڪ راز فاش ڪري وينو:
”تون ته مائي ماري وڌو!... اِهن سرڪار طرفان مونکي ته هن سال رڳو هڪڙي پٽ ڏيڻ
جي اجازت مليل آهي.... هتي ته هزارين سوالي. فقير ڏٽي بخش وجي ته ڪاڏي وجي؟!“،
مجاور ڏٽي بخش پنهنجي پريشاني ظاهر ڪندي، ٿڌو ساهه ڀريندي وري منهن مونن ۾
هٽي ڇڏيو.
شمل جي اکين ۾ هڪدم ننڍڙي ٻار جو تصور اچي ويو، جيڪو سندس گود ۾
هونگڙيون ڏئي رهيو هيو. هوءَ ويتر اتاولي ٿي وئي:
”وارو ڪر فقير، اهو ٻار مونکي وٺي ڏي. هي پيرين ٿي پوانءِ!“، شمل سندس پيرن تي
هٿ رکندي ليلائيندي چيو. مجاور ڏٽي بخش هڪدم منهن مٿي ڪري سندس وڏن وارن
تي هٿ ڦيرائي رحم ڪائيندي وراڻيو:
”اٽ مائي اٽ! وڏي ڪا قسمت واري آ“، ائين چئي هن پاتل ڪاري الفي جي سڄي
پاسي واري کيسي مان ست رنگا ڌاڳا ڪڍيا. جنهن کي ست ڳنڍيون ڏيئي اپن شاهه جي
مزار سان گهندي ۽ پوءِ شمل کي هٿ ۾ ڏيندي ڪيس سختي سان هدايت ڪئي:
”مائي هان وٺ، هي چيلهه سان ٻڌي هر سومر تي مڙس ڏي وڃجانءِ.... سورنهن سومر
لاڳيتا... گسائٽو نه آ... سمجهيئي يا اجا ڪولي سمجهايانءِ!“
شمل ڌاڳو وٺندي، شرم کان ڪنڌ جهڪائيندي جهيٽي آواز ۾ چيو:
”فقير، مڙس ته منهنجو عليلڙو آ....... ڀلا سومر ضروري آ ڇا؟“
”ها نه، بابا! ائين ڪرڻو ضروري آهي!“، مجاور ’ضروري‘ تي زور ڏيندي وراڻيو.
”جي نه ٿي سگهي ته پوءِ!؟“، شمل هٻڪندي ۽ جملي کي ڪائيندي چيو.

مجاور، سندس مونجهڪاري مان اندازو لڳائي چڪو هو، تہ هوءَ اجا فقيري رازن ڪان اڻواقف آهي. پوءِ سندس مشڪل پاڻ ئي حل ڪندي چيائين، ”مائي، درگاھ تي هر سومر جو، اسان وٽ حاضري پرجاڻءِ، پوءِ ڪٽي اھا ڊوٽي بہ اسان ڏينداسين: مڙئي تنھنجو بلو تہ ڪرڻو آهي نہ! “

مجارو جي انهيءَ جملن، شمل جا ڪن ناري چڙيا. هن کي ائين لڳو، چڻ زندگي دوزخ جو ترو آهي، جنهن مان نڪرڻ جي ڪا واھ ئي ڪونهي ...........

# ٽيون سبب

اصلي سبب؟.....
مسبب السباب ڪي معلوم. پر الحاج رئيس جان محمد جي خيال ۾، مدرسي جي اجڙڻ جا ٻہ سبب ٿي پئي سگهيا . هڪ تہ اهي اڳيان استاد نہ رهيا، جن کي علم سان عشق هيو ۽ ٻيو نہ وري اهي طالب جن کي علم سان محبت هئي. هاڻي هيا بہ تہ استاد نانءُ جا، جن کي عالم ٿيڻ جو اشتياق گهٽ ،ڪين رڳومرڻو پرڻو ڪائيندڙ ملان ٿيڻ جو شوق وڌي ويو هو. طالب بہ اڻ گهڙيا ڪاٺ ۽ ڪتيءُ ڪل وارا ڪي اوستي محمد ۽ ڳڙهي خيري جا ٻروچ تہ ڪي خضدار جا بروهي. جن کي پڙهائڻ ائين هيو، جيئن ڪاري ڪلر ۾ ڪٽڪ پوکڻ.
رئيس جون اکيون تر ٿي ويندون هيون، جڏهن پورن ٽن ايڪڙن جي مدرسي ۾ ٽيهارو کن طالب مس ڏسندو هيو. ڪڏهن تہ اتر سنڌ ۾ ڳوٺ غازي خان جو مدرسو چئي ڪٽي بس ڪيو. ناظره، حفظ، فارسي، عربي، فقہ و تفسير، حديث ويندي علم ميراث بہ پڙهايو ويندو هيو. پر جڏهن کان فارسيءُ جو استاد بہ ڇڏي ڀڄي ويو هيو، تہ رئيس کي ائين لڳو تہ ڄڻ خانداني مدرسو اجڙيو کي اجڙيو.باقي وڃي ناظره ۽ حفظ بچيو هيو. ناظره مولوي عبدالحليم پنجن سالن کان پڙهائيندو ايندو هو. سندس ايتري ٽڪڻ جو سبب قناعت پسندي هئي يا ٽن آساني. حافظ شمس الدين ٽن سالن کان حفظ ڪرائيندو هو. جيتوڻيڪ حافظ جو طالبن تي ڏنڊو ڪٽي پڙهائڻ مشهور هيو، پر اهو بہ هُلايل هيو تہ حافظ ڪجهہ بد عادتو بہ آهي. ان ڪري بداچا بدنام برا واري محاوري بہ ڪيس رهڻ تي مجبور ڪري وڌو هو، نہ تہ اڄڪلهہ علت المشائخ واري اوٽائي پوٽائي ڪٿي ناهي.
فارسيءَ جي استاد ڪانسواءِ رئيس کي مدرسو ٻُسو پئي لڳو. رئيس پاڻ انهيءَ مدرسي ۾ پڙهيو هو. مدرسي جاواوج اکين ڏٺو هيائين. فارسيءَ جو تہ عاشق هيو. گلستان بوستان کان وٺي ، يوسف زليخا، مثنوي شريف مولانا ۽ مامقيما تائين پڙهيل هو. ان ڪري فارسيءَ جي استادن جو قدردان هو. پر خبر ناهي ڇو فارسيءَ جا استاد سندس مدرسي ۾ ٻن ٽن مهينن کان وڌيڪ ٽڪاءُ نہ ڪري سگهندا هيا. رئيس هڪ ڏينهن جوش ۾ اچي جماعت آڏو انجام اقرار ڪري ڳوٺان نڪتو، تہ جيستائين مدرسي جي لاءِ فارسيءَ جي استاد جو بندوبست نہ ڪندو، تيستائين ڳوٺ نہ ورندو.

ٿيو بہ ائين، موٽيو تہ سرخرو ٿي، ساٽس هڪ خوبرو گڏ هيو. عشاءِ جي نماز ڪان پوءِ رئيس ، جماعت آڏو سندس تعارف ڪرائڻ لڳو،"سائين جن جو اسم شريف سعد الله خان آهي. پاڻ اصل مٽياري شريف جي پرپاسي رهن ٿا. پنهنجي ملاقات ساڻن، سائين ڏنل شاه جي مدرسي ۾ ٿي .پهرين ملاقات ۾سندس ننڍي وهي ڪي ڏسي، مان تہ ائين سمجهيو تہ وڌ ۾ ڪريمہ، نامہ حق، پندنامہ، يا گلستان بوستان پڙهيو هوندو. پر جڏهن 'مامقيما' جي ڳالهہ ڪيائين، تہ مان بہ آزمودي خاطر 'مامقيما' مان پهرئين سٽ پڙهي:
مامقيمانِ ڪوئي دلداريم؟
تہ استاد سعد الله هڪدم بي سٽ پڙهي: رخ بہ دنيا ودين نمي آريم.
مان اتي شعر جي پنجين سٽ پڙهي، تہ ڏسان چا ٿو چئي؟
بہ چشمانِ دل مبين جز دوست؟
تہ هن نهہ پهہ جواب ڏنو: هر چہ بيني بدان ڪہ مظهر اوست!
اتي مان بي اختيار ٿي، اتي سندس ڪنڌ تي چمي ڏني ۽ چيم، تہ بيشڪ تون اهو گوهرِ يڪتہ آهين، جنهن جي مونکي تلاش هئي. هل، هلي منهنجي مدرسي کي آباد ڪر. پهريائين تہ استاد سعدالله اُسگس ۽ نٽ نٽاءَ ڪيو، تہ اتر جي سخت موسم ۾ ماڻهن ۾ جالي نہ سگهندس. پر پوءِ جڏهن فارسي واري پهاڪي تحت يقين ڏياريومانس، تہ 'پنج انگشت برادرند، برابر نيستند' يعني ياڙن جون بہ پنجئين آڱريون برابر ناهن هونديون. الله ۽ الله جو حبيب ڪندو تہ تنهنجي دل لڳي ويندي، باقي جيڪو وظيفو طلبيندي، سو توکي ملندو...."
انهيءَ سڄي تعارف دوران استاد سعد الله جو ڪنڌ هيٺ هيو. شرمائيندي ڪنڌ مٿي ڪنيائين تہ سڄي جماعت ڪيس هينان ڪان مٿي ائين ڏٺو، جيئن ڪنهن وهڙي کي ڳُرن ڪانوني سڱن تائين جاچجي. جيئن چئبو آهي تہ جُوءِ جي خبر ڳابن مان پوندي آهي. تيئن اتراڌين، استاد جي ڳر مان اندازو پئي هنيو تہ ڪنهن چڱي جُوءِ جو پليل جوان آهي. ڪٽڪ رنگو، پريل ڳل، مٿان وري پوري پني نهندڙ سونهاري، چيروين اکين ۾ حيا ۽ لڄ الڳ. مٿي تي ڪير جهڙي اڇي ململ جي دستار. جي رئيس سندس ڳورو تعارف نہ ڪرائي تہ ڪير پت ڪري ها، تہ هي ڳڀور بہ ڪو استاد آهي.
"جي آيا، پلي آيا... استاد صحب!.... اساڏي سر دا سائين اي!"، جماعتن مان سرائي خداداد پنهنجي ٿلهن شيشن واري عينڪ کي نيڪ ڪندي، بلب جي روشنيءَ ۾ استاد جو گهرائيءَ سان جائزو وٺندي چيو.

رئيس وري ڪنگهي ڪڙڪي، سڄي جماعت کي هدايت ڪئي:
”بابا، سڄي جماعت کي پارت تي ڪجي، تہ استاد جو خاص خيال رکن. ائين نہ ٿئي تہ اتراڏين کي گلارو ڪري وجهو... اڳيئي لاڙ ۽ وچولي وارن کي گهٽيون شڪايتون آهن“.
”انشا الله !... ڪا شڪاس نہ ٿيندي، رئيس !.... استاد، ائين نہ سمجهي تہ ڪو مزمان آ، پر ايئن سمجهي تہ پنهنجي گهر وينو آ.“، جماعت پاران اڳ اڳ ڪندي، ڪمدار الهورائي گرمجوشيءَ سان آجيان ڪندي چيو؛ جنهن استاد جي ڪتابي چهري کي مخصوص اتراڏي انداز ۾ ڪافي دير ڪانوڻي پئي تڪيو.
مولوي عبدالحليم روايتي انداز ۾، رئيس کي يقين ڏياريو: ”رئيس! الله کي پارت آ...باقي اسان وسان نہ گهٽائيندا سي!“
حافظ شمس الدين تہ رئيس کي بالڪل پڪو آسرو ڏنو،“ استاد سعدالله جي هر طرح سان خدمت ٿيندي...او، اصلي جيئن چوندو !“
ٻن ٽن ڏيهاڙن ۾، استاد سعد الله کي مدرسي جي حالتِ زار جو اندازو ٿي ويو: طالبن جي نشست و برخواست ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ مان تہ منجهن اخلاقِ حميده اٽي ۾ لوڻ برابر آهي. سندس مشاهدي موجب شاگرد ادب آموختہ ڪيئن ٿين، جڏهن تہ استادن جي حالت اها هئي، جو مولوي عبدالحليم اول درجي جو آرسي ۽ ڪاهل هيو. جڏهن تہ حافظ شمس الدين، خدا سندس شڪل شبيهہ تي پنهنجو ڪرم ڪري، چڙو چاندڻ هئڻ جي باوجود بہ، منجهس وضوءَ ڪانسواءِ وهنجڻ جي عادت الاماشي هئي. سونهاري اهڙي اونهاري اٽيي ۽ وچڙيل، جو ڪرڙي هڪ دفعو گهڙي وڃي تہ وري نڪري نہ سگهي. پري کان سندس بدن مان تاڪرو ٻڪر واري ڇٽ ڪنيون پئي ايندي هئي. هن ان ڪري دل ئي دل ۾ فيصلو ڪيو تہ طالبن کي اخلاقِ ذميمہ مان آجو ڪرائجي. ان ڪري پهريون هفتو تہ هن ويهي طالبن کي اهو سمجهايو، تہ صفائي اڌ ايمان آهي. ڪين نشست و برخواست جا ادب آداب ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ جا طريقا سمجهايا.
جمعي جي ڏينهن، جڏهن طالبن فجر جي نماز ڪانپوءِ استاد جي چوڻ تي نم، ڪبڙ ۽ مساڳ سان پنهنجا ڏند مهتي سهتي اڇا ڪيا. ڳچيءَ، سيني، نوڙين، مُرن ۽ پيرن جي مَرُ؛ سروڻن سان رڳڙي رڳڙي صاف ڪئي. ڌوتل پوتل ڪپڙا پهري جمعي جي نماز کان اڳ استاد سعدالله جي حجري ۾ اچي وينا، تہ استاد کي پنهنجين ئي نظرن تي يقين نہ پئي آيو، تہ اهي ساڳيا طالب هيا، کي ٻيا. ڪيس ائين لڳو ڄڻ صدف جو سينو چيري گوهر ٻاهر نڪري آيا هجن. طالبن جي سرمي ۾ ٽٻ ٽيل اکين جي اٽين ۽ ٽيل ۾ جرڪندڙ

رخسارن ۾ سندس نظرون اٽڪي پئي پيون. پهريون دفعو دل ٿي دل ۾ انهيءَ هلايل ڳالهه کي رد ڪري ڇڏيائين تہ اتر ۾ رڳو، ڪو جن پوت رهندا آهن.
مٿئين طبقي وارا طالب، جن جي عمر اندازن چوڏنهن ڪان ويهن سالن تائين هئي. جيڪي پهريائين ڏني نہ وٽندا هيا. سي سڀ تراش خراش ڪان پوءِ آهستي آهستي مثلِ الماس، پکراج، مرجان، موتي، زمرد ۽ زرقون ٿيندا ويا، سواءِ هڪ ٻن طالبن جي.
سيني طالبن ۾ وري جيڪو مثل ياقوتِ احمر پئي لڳو، سو هيو لعل جان. جهڙو نالو تهڙا گڻ هيس، بنهہ اسم با مسمي. لعل جان جي عمر چوڏنهن سال، الف قد، صاف رنگ، نرگسي اکيون، ابرو ڪمان، بيني صراحي، مٿان وري آواز ۾ ميناج جڻ لحنِ دائودي. مولود يا نعت پڙهائي تہ بدن مان سيسراٽيون ڪڍي ڇڏي، ڳالهائي تہ صراحي جي قُل!قُل!... اهي سيئي ڳالهيون استاد سعد الله کي متوجهہ ڪنديون ۽ موهينديون ويون. پهريائين چگڙو، پوءِ چگو ۽ آخر ۾ سندس لاءِ خورشيدِ درخشان ٿي پيو. گردانن جي حوالي سان فارسيءَ جي فعل شناسي، ”ڪُشتم ڪُشتيم، ڪُشتي ڪُشتيد، ڪُشت ڪُشتند!“ ڪندي، جڏهن صراحيدار گردن مٿي ڪٽي، نرگسِ شهلا جهڙين اکڙين ساڻ نهاريندو هو: تہ استاد جو مرغِ دل اڏ ڪنو ٿي چاتيءَ ۾ چڙهيون هٽڻ لڳندو هيو. هر روز رات جو اڪيلائي ۾ استاد کي مرغِ دل جي منديءَ کي عقل جا ٽانڪا هٽي ڳنڍڻو ۽ سمجهائڻو پوندو هيو، تہ ائين نہ ٿئي جو هو فارسيءَ جي انهيءَ مشهور چوٽي جيان ٿي وڃي، ’آمدم، ثواب ڪنم، ڪباب شدم‘. جيئن جيئن دلِ نادان کي جهلڻ لڳو، تيئن ڪنچا ٽاڻ وڏڻ لڳس. جيئن سمجهائڻ لڳو، تيئن ضد ڪرڻ لڳس. جيئن لوپڻ لڳو، تيئن جهيڙڻ لڳس. آخر بي چئي دل جي چوڻ تي لعل جان اڳيان دل جي ڳالهہ زبان تي آڻڻ جي ڪوشش ڪيائين. پر حيا، لڄ ۽ خوف ڪري زبان مان هڪ اکر بہ نہ اکلي سگهيس. اهو بہ دل ۾ آيس تہ آسان سنڌيءَ ۾ اشتياق نامو لکي ڪيس هٿ ۾ ڏئي، پر دل نہ جهلي سگهيو، تہ متان اهو اشتياق نامو رقيب رو سياهن وٽان ٿيندو، رئيس وٽ نہ پهچي وڃي. هونئن بہ ڪيس پليءَ پت احساس هيو، تہ اهڙي ياقوتِ احمر کي هٿ ڪرڻ لاءِ رستم و سهراب جهڙي دل ڪپي، جيڪا وٽس نہ هئي. آخر ڪار دليل ڊوڙائي اهو فيصلو ڪري ورتائين، تہ جيڪا ڳالهہ سولي سنڌيءَ ۾ نٿو ڪري سگهي، سا فارسيءَ جي محابي سمجهائي سگهي ٿو. چو تہ ڪيس استادن جو اهو ٻڌايل هيو تہ سنڌي ٻولي اهڙي صاف ۽ سڌي آهي، جنهن ۾ چندٻ ڪاري هينان نٿو لکي سگهي.
پوءِ ماٺهن ڏنو تہ استاد سعد الله ڏينهن رات ڪري ڏنو هيو، فارسي سيکارڻ. اهڙي لائي

ٻاري ڏنائين جو پهرين مهيني ۾ پهلي فارسي، دعايو، ٽوائيو ۽ ڪريما مدرسي جا طالب ائين رٽي ويا، جيئن بنگالي طوطا ڇهہ ئي ڪلما ياد ڪري وجن. مدرسي ۾ هر سُو فارسيءَ جي ”تيون! ..تيون“ لڳي پئي هوندي هئي. ڳوٺ جا ماڻهو حيران تہ انهن اڳ اهڙو استاد ڏٺو نہ ٻڌو. رئيس تہ هونئي فارسيءَ جي استادن جو قدردان هيو. اهڙي محنت ڏنائين تہ خصوصي قربت ۽ توجهہ الڳ ڏيڻ شروع ڪيائينس. پوءِ تہ استاد سعدالله جي محنت ضرب المثل ٿي پئي، مدرسي جي مولوي ۽ حافظ لاءِ عذاب ٿي پئي.

استاد سعد الله جي محنت جو جڏهن ڪچهري ۾ ذڪر ٿيندو هو، تہ مولوي ۽ حافظ کي ندامت ۽ شرمساري ٿيندي هئي. ڪچهري ۾ آيو ويو، عمومن رئيس کي چوندو هيو تہ، ”رئيس! استاد باڪمال آندو ٿي... اسان کي تہ اهو پئہ آهي، تہ جي استاد سال کن رهيو تہ اوهان جو سڄو ڳوٺ سنڌيءَ بدران فارسي ڳالهائيندو وتندو.“

”انشاالله! اوهانجي زبان مبارڪ ٿيندي!“، رئيس فخر مان ڪنڌ مٿي ڪري وراڻيندو هو.

رئيس جي غير حاضري ۾وري سرائي ۽ ڪمدار، وچ ڪچهري ۾وينا، استاد سعد الله جي تعريف جا ڏُڪڙ وڄائيندا هئا، جي سرائي هٽندو هو، تہ ڪمدار ڪٽندو هو.

”استاد صاحب!... هيرا ئي هيرا... اِهندا ترڻ، اهندا ٻهڻ، اهندا الاوڻ، اهندا مسڪاوڻ، ميڪون ايڏا وڻندا اي، ڪي دل ڪريندي اي ڪہ اهنڪو اپڻي سيني نال چائي رکان....“

”سرائي هاڻي تنهنجي وهي آ، هيرن کي سيني سان لائڻ جي؟“، جيڪڏهن ڪنهن ڪچهري ۾ ٽوڪيس تہ سرائي چڙي پوندو هيو:

”تيڪون کهڙي خبر، چليا!.... استاد، پارس ئي پارس، سَجي تہ سون ڪر چوڙي... الهورايا، ڪن مين غلط اکيندا آن؟“

ڪمدار الهواريو بہ گهٽ نہ ڪندو هيو، ”استاد ڏيکارڻ جو ڳيروٽو آ... باقي الله حياتي ڏيس، پڙهائي جا اهڙا پانور ٿس، جو مان جهڙي ڳوڏ کي بہ پڙهائي تہ اهڙو ڪتابي ٿي وڃان، جو هارين کي سڄو ڏينهن فارسيءَ ۾ وينو ٽڪ ٻُجوڪيان“.

استاد سعد الله خان، ٻنهي جي دل ۾ نہ ڪندو هو. چو تہ ڪيس ايترو اندازو هيو تہ ٻئي ڦڙٻاٽي آهن ۽ عمر جي ان حصي ۾ آهن: جنهن ۾ جواني نانگ وانگر نڪري ويندي آهي ۽ پوڙهاپ ان جو پئي ليڪو پٽيندي آهي. پر هن جي اندر جي ڪنڊ ۾ ڪو لڪل خوف تڏهن ڪر ڪٽي اٿندو هو. جڏهن حافظ شمس الدين ڪنهن جماعتي سان ڳالهائيندي ڳالهائيندي، هن کي ڏسي پنهنجي ڏاڙهيءَ کي پريشانيءَ مروٽا ڏيڻ شروع ڪندو هو.

ان وقت ڪيس خيال ٿيندو هو، تہ حافظ جي دل ۾ ڪا اَلا بلا ضرور آهي. پر پوءِ ان ڳالهہ کي ايترو وزن بہ نہ ڏيندو هو. اهو سمجهندي تہ تازو رئيس جان محمد مدرسي ۾ طالبن کي سنڀالڻ جي ذميواري ڪيس سونپي هئي.شايد اها ذميواري کڻڻ لاءِ رئيس کي پارت سفارت ڪرائيندو هجي. باقي هن تہ ان ذميواري کڻڻ وقت ڪا بہ دلچسپي نہ ڏيکاري هئي، رهندو تنائڻ جي ڪوشش ڪندي، رئيس کي چيو هيائين:

”رئيس! مولوي عبدالرحيم صاحب جي هوندي، آءٌ ذميواري کڻڻ جو پاڻ کي اهل نہ ٿو سمجهان !“

رئيس کيس سمجهائيندي چيو هو، ”دراصل، مولوي صاحب پاڻ انهيءَ ذميواري کان دستبردار ٿيڻ گهري ٿو. چو تہ ويچاري کي بہ زالون ۽ ولر ٻارن جو آهي ۽ رهي بہ مدرسي کان ٻاهر ٿو. ڪانئس طالب سنڀاليو نہ ٿا سنڀالجن. ان ڪري مولوي صاحب کي رڳو رڏي پڪي واري معاملي جي نظرداري ڪانسواءِ باقي ذميوارين کان آجو ڪيون ٿا.“

هن وري ٻيو عذر ڏنو هو، ”رئيس! حافظ شمس الدين مون کان وڌيڪ عمر رسيده ۽ تجربيڪار آهي، بهتر اهو نہ ٿيندو تہ اها ذميواري ان کي ڏني وڃي؟ “

”حافظ صاحب کي ان ڪري ذميواري نہ ٿو سونپيان جو ان کي رڳو ڏندو ڦيرائڻ اچي، باقي طالبن کي ڪيئن پيار ۽ محبت سان اٿڻ ويهڻ جي تميز سيکارجي، ان هنر کان اڻواقف آهي. تنهنجيءَ پلي روش ۽ رويي ڪري تہ مدرسي جي طالبن ۾ سراسر اڏ جيتري واڌ ٿي آهي. سچي ترڙ ۾ تنهنجي تعريف هلي ٿي.“، ان دليل ڏيڻ کان پوءِ رئيس متانئس زور ڀريندي چيو هو:

”استاد سعد الله خان، مان هن مدرسي کي باقاعده پنهنجي والد بزرگوار جي زماني وارو ادب گاه ڏسڻ گهران ٿو. اُميد آهي اوهان انڪار نہ ڪندئو، باقي اهو منهنجو سخن آهي تہ جيڪو توهان وظيفو چوندئو، اهو ئي اوهان کي ملندو.“

جيئن تہ رئيس جان محمد ڳالهائڻ لاءِ ڪا گنجائش نہ ڇڏي هئي، تنهنڪري اها ذميواري کيس کڻڻي پئجي وئي. استاد سعد الله کي مٿين ۽ وچئين طبقي وارن طالبن کي تہ سنڀالڻ ۾ ڏکيائي ڪو نہ پئي ٿي. پر ٽئين طبقي جي چيچ ٻاچ يعني معصوم طالبن کي سنڀالڻ ۾ ڏکيائي ضرور ٿيندي هئي. جيڪي اڪثر رات جو اڪيلائي ۾ پنهنجي ماءُ پيءُ ۽ مائٽن کي ساري روئيندا هئا.

استاد سعد الله خان، جيڪو پهريائين مدرسي جي ڏاکڻي ڪنڊ ۾، الڳ ٿلڳ حجري ۾ رهندو هيو. سو ڦري وچ مدرسي واري ڪمري ۾ ٿي وينو ۽ حافظ شمس الدين سندس

جاءِ تي. سندس ڪمري سان لڳو لڳ، ڪاپي ۽ ساڄي وڏن ڪمرن ۾ ٻي ۽ ٽين طبقي وارا سائيڪو ڪن طالب رهندا هيا. طالبن جي سمهڻ کان اڳ، استاد ڪين اخلاق ۽ تهذيب تي هڪ ننڍڙو خطبو ڏيئي، ڪين شب بخير چئي، پنهنجي ڪمري ۾ وڃي ويهندو هيو. جتي سندس شب بيداري شروع ٿي ويندي هئي. اهو سوچي پيو ڪڙهندو هو، تہ جنهن تي مفتون آهي، ان کي سندس حال جي خبر ڪونهي. جي خبر آهي تہ وري احساس ڪونهي. اها ڪيڏي نہ ستم ظريفي آهي. جيڪو سندس درد جي دوا آهي، سو ڪائنس ڏھ پندرنهن قدم بہ پرتي ناهي. پهريون دفعو ڪيس احساس ٿيو هو، تہ ويجهو هوندي بہ ڏور چا ٿيندو آهي؟

استاد سعد الله، جيڪو بہ مهينا اڳ ڪچي جي ماچ ڪاڏل ڊور جيان پاسا هٽي پيو هلندو هيو. سو اهڙي لاٽ ڪري ويو، جڻ ياڳ ناڙيءَ جي ٻکن ۾ پاه ٿيل وهٽ هجي. گهٽن ڳوٺ وارن ايئن پئي سمجهيو تہ شايد پرديسي کي هتان جو پاڻي پيٽ نہ پيوآهي . پر اها خبر تہ هڪ استاد سعد الله کي ۽ ٻي ان سميع و بصيرکي هئي؛ جنهن جي آڏو آڏيءَ جو ويهي اِلاهون ڪندي، ڏکيون ڏکيون دعائون گهرندو هيو. جن جو خاتمو وڃي حافظ جي ان شعر تي ٿيندو هيو:

حافظ وظيفہ تو، دعا گفتن است وبس

در بند آمباش، کہ نشنيتد يا شنيتد

(اي حافظ! تنهنجو ڪم رڳو دعا گهرڻ آهي ۽ بس ان ۾ نہ پئہ تہ هن ٻُڌي يا نہ ٻُڌي)

طالبن جڏهن صيغہ هائي زبان فارسي ۽ گردانن ۾ گهٽي حد تائي عبور حاصل ڪري ورتو، تہ استاد سعد الله هڪ ڏينهن سندن پاڻي ڪچڻ خاطر، فارسيءَ جو هڪ شعر طالبن اڳيان پڙهيو:

ما وتو از يڪ گلستانيم، از ما رو متاب

قدرت قادر ترا گل ڪرد، مارا ڪرد خار

پوءِ طالبن ڏانهن ڏسندي، ڪين للڪاريائين، "ڪير آ، جيڪو ان شعر جي آسان سنڌيءَ ۾ صحيح معني ڪندو ۽ پاڻ ملهائيندو؟"

هن جي حيرت جي حد نہ رهي، جڏهن سپ کان پهريائين لعل جان جا لبِ لعلين، جيڪي تکي مساڳ جي ڪري ريٽانهان ٿي پيا ها، کلي پيا:

"استاد، جي اجازت هجي تہ ان جي معني مان ڪيان!؟"

"بالڪل، اجازت آهي!"، استاد سعدالله کُليءَ دل سان وراٽيو.

اجازت ملڻ ڪانپوءِ لعل جان شعر جي معني ڪرڻ لڳو:
”مان ۽ تون هڪ باغ مان آهيون، تنهنڪري مون کان منهن نہ موڙ. قادر جي قدرت تو ڪي گل ۽ مون کي ڪنڊو بڻايو آ .“
استاد سعد الله خوشيءَ وچان داد ڏيندي ايترا دفعا تہ واه! واه! سبحان الله! جو ورد ڪيو، جو هڙني طالبن کي سندس بي خودي ۽ بي اختياري تي حيرانگي لڳي. پر حقيقت اها هئي تہ استاد اهو داد لعل جان کي نہ، پر پنهنجي سَڪارتي محنت کي پئي ڏنو. پهريون پيرو مايوسيءَ جي بحر مان، ڪيس اُميدن جو ساحل نظر آيو ۽ آسرو ٿيس تہ اهو ڏينهن ڏور ناهي، جنهن ڏينهن تي هو هجر ۽ فراق جي عذاب کان آجو ٿي، وصال کي ويجهو پوندو. پوءِ سندس هر روز، روزِ عيد ٿيندي ۽ هر رات شب برات......
اهو پوءِ استاد جو معمول ٿي ويو، تہ هر روز هو ڪو نہ ڪو شعر طالبن اڳيان رکندو هو ۽ ڪوشش ڪري ان جي معني لعل جان کان ڪرائيندو هيو، تہ جيئن لعل جان اشارن ڪناين ۾ سندس دل جي درد کي سمجهي وٺي. پر اڳيان بہ اتراڏي معشوق هيو، جيڪو معني ڪرڻ کان پوءِ بہ نظامي گنجوي جي مشهور شعر جو اهو بند بڻجي ويندو هيو. جنهن ۾ معشوق جي اک جي پڪائي جو بيان فرمايل آهي:
مارا بہ غمزه ڪشتہ، قضا را بهانہ ساخت
خود سوئي ما نہ ديد، حيا را بهانہ ساخت
(مون کي ادائن سان ڪهي، قضا کي بهانو تو بڻائي
هاسڪار نہ ڏسي ڪري، حيا کي بهانو تو بڻائي)
طالب جڏهن فارسي مان سنڌي ڪرڻ ۾ پڙ تي ويا تہ رئيس جان محمد جي خاص الخاص هدايت تي، استاد سعدالله هڪ نئون مرحلو شروع ڪرائي ڏنو، يعني سنڌيءَ مان فارسي ڪرڻ جو.
رئيس جان محمد جڏهن بہ اهڙي چٽا پيٽي ڪندي طالبن کي ڏسندو هيو تہ ڪيس پنهنجو نديپڻ ۽ شفيق استاد مرحوم ومغفور مولانا درمحمد خاراني ياد اچي ويندو هو. جنهن جو ذڪر، رئيس شدومد سان جماعت آڏو پيو ڪندو رهندو هو . ڪيترين اهڙيون ڳالهيون ٻڌائيندو هيو، جنهن ۾ سندس هم جماعت طالب سنڌيءَ مان غلط فارسي ڪرڻ ڪري استاد جي عتاب جو شڪار ٿيندا هيا.
معمول مطابق مدرسي جي دالان ۾سنڌيءَ مان فارسي ڪرڻ جي مشق هلي رهي هئي. استاد سعد الله جيڪو نندي استنجا ڪرڻ لاءِ ٻاهر نڪتل هيو. وَٽ ڪرڻ کان فارغ ٿي

جڏهن موٽيو پئي آيو، تہ اوچتو ڪنهن ناخلف جي آواز ڪيس چرڪائي وڌو جيڪو ٻبانگ دهل چئي رهيو هو:
”استاد جو چيلو وهريو آهي، جيڪو ان جي فارسي ڪري ڏيکاري تہ انعام ڏيانس!“
”انعام ۾ ڇا ملندو؟“، ٻين طالبن ٿهڪ ڏيندي ڪانئس پڇيو.
” گهڻو ڪجهہ ملندو، رڳو توهان ڪري ڏيکاريو!“
پوءِ هڪ ٻي ناخلف طالب ان جي فارسي ڪرڻ شروع ڪئي:
”بزءُ استاد.... “، استاد سعدالله وڏيڪ نہ ٻڌي سگهيو. هڪدم انهن نامعقولن کي روڪڻ لاءِ اندر ٽپي پيو:
”خاموش، بي ادب!... گستاخ!....“، استاد ڌمڪي آميز رڙ ڪندي کين روڪيو.
سڀني طالبن تي سڪتو طاري ٿي ويو. استاد ڪاوڙ ۾ ٻنهي بد ڪلام طالبن رحيم بخش ۽ الهداد کي گهوريندي ٻيد جيان لرزي رهيو هو ۽ سوچيو پئي تہ طالبن جي اٺ مسيت تي چاڙهڻ جهڙي شرارت تہ برداشت ڪري سگهجي ٿي. پر هيئن اخلاق جا ليڪا لتاڙڻ ۽ استاد جي نانءَ تي ٺوڪ يا مخول ڪرڻ واري حرڪت ناقابل برداشت آهي. هن ڪجهہ ساعتن لاءِ، ٻين طالبن کي دالان مان ٻاهر وڃڻ لاءِ چيو ۽ پوءِ خطاڪار طالبن سان سخت انداز ۾ مخاطب ٿيو:
”مون تہ ائين سمجهيو هيو تہ اوهين صرف بُزءِ اخفش وانگر بيوقوف ۽ ناسمجهہ آهيو. پر هاڻ خبر پئي تہ اوهين بد گو ۽ بد تميز بہ آهيو ۽ يقينن ٻيو ڪجهہ بہ ...“
الهداد ۽ رحيم بخش ٻئي ڪيس ڪنڌ هيٺ ڪيون ٻڌي رهيا ها.
رحيم بخش همٿ ڪان ڪم وٺندي عاجزيءَ سان چيو:
”استاد صاحب، اوهان ئي تہ ٻڌايو هيو تہ ’بشر جايزالخطا است‘ يعني انسان خطا جو گهر آهي. خدا جي واسطي، اسان جي خطا معاف ٿئي!“
انهيءَ عرضداشت جو استاد مٿان ڪو بہ اثر نہ پيو، اٿلندو استاد ڪاوڙ ۾ورراٽيو:
”ڇا مان اوهان کي ناهي ٻڌايو، تہ خطا لاءِ سزا جو حڪم آهي ۽ ان خطا جي سزا اوهان کي رئيس پاڻهين ڏيندو!“
اها ڳالهہ ٻڌي، ٻئي طالب ڏڄي ويا. کين اندازو هيو تہ اهڙي گستاخي واري ڳالهہ ٻڌڻ کان پوءِ رئيس کين مدرسي مان، ٻنان دستاربندي جي ڪيڻ ۾ دير ئي نہ ڪندو. الهداد ۽ رحيم بخش، ٻئي ڄڻا آزين نيزارين سهاري اِلاهون ٻِلاهون ڪرڻ لڳا. پهريان الهداد هٿ ادب جا ٻڌي عرض ڪيو، ”استادِ محترم، اوهان اهو بہ تہ سيکاريو آهي، تہ ننڍن کان

خطائون وڏن ڪان عطائون، سو اوهان جي عطائن جا طلبگار آهيون؟“... پر استاد جيڪو باه جي مچ تي رکيل ديگ جيان تپي چڪو هيو، سو ٺڏو ئي نه پئي ٿيو. اهو ڏسي رحيم بخش دهلجي ويو، تنهن اوچتو پاڻ کي استاد جي پيرن تي ڇڏيندي چيو، ”سائين، اوهان کي لعل جان جو قسم!... بس هي پيرو خطا معاف ٿئي!“
استاد سعدالله ڪان اوچتو چرڪ نڪر ويو. ڪيس ائين لڳو ڄڻ سندس پيرن هيٺان زمين نڪري وئي هجي. هن ته ائين سمجهيو هو ته سندس عشق جي پاپور، ڪرامن ڪاتبين کي به نه هوندي، پر هنن نامعقولن کي ڪيئن پئجي وئي؟... هو اجا حيرت ۾ هيو ته الهداد به ساڳي ڪار ڪئي ۽ چوڻ لڳو:
”جيڪڏهن اوهان معاف ڪندئو ته انشاءَ الله، اوهان جي هجر جي مهجوري چند ڏينهن ۾ ختم ٿي ويندي!“
هاڻي ته استاد سعدالله، سراپا عجب جي نشاني بڻجي ٻنهي کي تڪڻ لڳو ۽ جن طالبن کي هو چاچول باز ۽ ڪند ذهن سمجهندو هو، سي ته وڏا حرفتي ۽ رمز شناس نڪتا. استاد چند گهڙيون ته خاموش رهيو ۽ پوءِ پريرو بيٺل طالبن کي واپس اچڻ لاءِ سڏ ڪيائين. طالب جڏهن واپس آيا ته اهو ڏسي ڪين حيرت ٿي ته استاد سعدالله، جنهن پهريائين ويڙهي ڏاند جيان تارا ايا ڪيا ها، سو ڪنهن پوسل ۾ ليٽيل مينهن جيان ٺڏو ٿي چڪو هو. تنهن ڦوڪڻ هٽندي رڳو ايتري تنبيهه ڪئي، ”سزا ڏيڻ ڪان معاف ڪرڻ بهتر آهي، ان ڪري اوهانکي معاف ڪيان ٿو، پر انهيءَ شرط سان ته آئنده ’خوش زبان باش، در امان باش‘ جي اصول تي هلندئو!“
رحيم بخش ۽ الهداد توبهن ڪندي ڪنن تي هٿ رکيا ۽ واعدو ڪيو. پوءِ ايئن لڳو ته ڳالهه آئي وئي. پر ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ مدرسي جي طالبن استاد سعدالله ۾ هڪ عجيب تبديلي ڏٺي؛ ته استاد جيڪو الهداد ۽ رحيم بخش تي سندن ڪاهليءَ جي ڪري جٽ ڦٽ پيو ڪندو هيو تن کي درگذر جي دائري ۾ آڻي ڇڏيو هيائين. نه صرف ايترو پر پهرن جا پهر پنهنجي ڪمري ۾ ويهاري ساڻن جُهڻ پُڻ به پئي ڪيائين.
حقيقت حال به اها هئي ته استاد سعدالله هاڻي رحيم بخش ۽ الهداد سان دل جو حال اورڻ لڳو هو، انهيءَ شرط سان ته راز راز رهي ۽ ڪنهن به صورت ۾ سندس عشق، مشڪ نه بڻجي وائرجي. ٻنهي ڄڻن قسم کڻي ساڻس قول واقرار ڪيو هو ته سندس رازِ عشق راز ئي رهندو، فاش نه ٿيندو. ٻئي ڄڻا سندس همراز ۽ حال محرم بڻجي چڪا هيا. روز ٻئي نامه بر بڻجي ڪيس روزِ وصلت جي واعدن جا آسرا ڏيندا هيا. ڪڏهن ڪڏهن

استاد ڪي ٻنهي طالبن جي ’امروز و فردا‘ وارن واعدن تي شڪ بہ ٿيندو هو ۽ ڪيس لڳندو هو تہ انجامي ڪوڙا آهن. پر ڪيس اهو بہ احساس هيو تہ اتراڌي معشوق، لاڙ يا وچولي جي معشوق جيان نرم کُو ۽ نرم دل ڪونهي جو هڪ اڌ نياپي ۾ پاڻ هاري ويهي. اهو تہ جهولن جي سٽيل سخت جان چيلاڻي مثل آهي. جيڪو عشق جي لُڪن ۾ اجا بہ وڌيڪ خطرناڪ ٿي ويندو آهي. جڏهن تہ لعل جان ڪو جهڙو تهڙو معشوق نہ هو. منجهس حافظ ۽ خيام جي معشوقن واريون هڙيئي خصوصيتون ۽ خصلتون يعني ناز وادا، شوخي، سنگدلي، بي پرواهي ۽ جورو جفا موجود هيون. تنهنڪري وصل جي ايتري تڪڙي آرزو ڪرڻ اجائي هئي. پر ڇا ڪري، انتظار بي قرار، لب زرد ۽ آه سرد وارين ڪيفيتن ڪي؟............

آخر اهو ڏينهن اچي ويو، جنهن جو ڪيس اعتبار نہ پئي آيو. جڏهن رحيم بخش ۽ الهداد ڪيس مبارڪون ڏيندي، انتهائي رازداري ۾ خوشخبري ٻڌائي هئي، تہ اڄ رات جو لعل جان ملاقاتِ وصل لاءِ صفا راضي پازي ٿي ويو آهي.استاد سعدالله ڪي فارسيءَ جو اهو پهاڪو هڪدم ياد اچي ويو، صبر تلخ است وليڪن بهره شيرين دارد (صبر تلخ آهي، ليڪن ان جو ڦل منو آهي). از خود سندس تن تنبورو ۽ رڳون رباب ٿي ويون. ڪيس يقين ٿيڻ لڳو تہ سندس دل جو درمان ٿيڻ وارو آهي. هن نهايت رازداري واري انداز ۾ آهستگيءَ سان پڇيو، ”منزلِ وصل ڪٿي هوندي؟“

ٻنهي نامہ برن سڙٻاٽن ۾وراڻيو، ”مدرسي جي پٺ ۾ .... ڦتل ڪوه جي پر سان..... جتي وڏن ڪٻرن جا جُهنڊ پاڻ ۾ امبل چمبل آهن!“

”۽ ساعتِ وصل ؟“، هن پنهنجي اندر جي شادمانيءَ ڪي لڪائيندي، سرگوشي واري انداز ۾ ٻيو سوال پڇيو.

”پوري هڪ وڳي رات جو، جڏهن هئو مئو ٿري ويندو آهي“، رحيم بخش وراڻيو.

”آءٌ پوري وقت تي رسي ويندس. بس ان سنگِ پارس کي چئجو تہ انتظار نہ ڪرائي، جو انتظار جي هڪ هڪ گهڙي عاشقن لاءِ قيامتِ صغري مثل هوندي آهي.“، هن بليغ انداز ۾ ڪين پارت ڪندي وراڻيو.

”پڪ سمجهو تہ اوهان جو محبوب، اوهان جو منتظر هوندو، بس اوهان رڳو پوري وقت تي پهچڻ جي زحمت فرمائجو.“، الهداد ڪيس پڪ ڏيندي، تاڪيد پڻ ڪري ڇڏي.

سياري جي سرد رات ۾، استاد سعدالله جي رڳ رڳ ۽ نس نس ۾ خون ڊوڙي رهيو هيو. ڪيس ائين پئي لڳو تہ سوزِ عشق ۾ ڄڻ سڄي دنيا تپي ڳاڙهي ٿي وئي آهي. هن

چابي واري ويسٽرن گهڙي تي هر هر نظر پئي وڃي، جنهن جا پرنور ريڊيم لڳل ڪانٽا، آهستي آهستي سندس صبر آزما گهڙين کي ڳڻيندي اڳتي پئي وڌيا. جڏهن انهن رات جو پورو هڪ ڏيڪاريو تہ هو پير پير ۾ ڏئي، وڏي احتياط سان ٽري لوئي جي ٻڪل هٽي ڪمري مان ٻاهر نڪتو. تہ سياري جي اوٽڻيهين اونداهيءَ ۾، چرخ بي پير (بي پيري آسمان) تي وڪريل تارن جا ميڙ چڻ سلطاني شاهد ٻڌجي ڪيس ڏسي رهيا هيا. هن ڪين ڏسندي سوچيو، ڪاش! اڄ اهي شاهدِ حال بہ سياه بادلن جي اوٽ ۾ هجن ها تہ بهتر ٿئي ها. هن هڪ نظر ان ڪمري ڏانهن بہ ڊوڙائي، جتي سندس رقيبِ روسياه، حافظ شمس الدين لت ڏيون ستو پيو هو. پوءِ هوش ڪي پنتي اڇلي، جوشِ عشق ۾ قتل ڪوه ڏانهن ٻرانگهون هٽندي روانو ٿيو. هر طرف خاموشيءَ جو راڄ هيو، رکي رکي ڪنهن ڪتي جي يونڪ ٻڌڻ ۾ پئي آئي،جيڪا بہ هن کي بي وقتي ۽ اجائي پئي لڳي. هوڏڙڪندڙدل سان هلندو هلندو قتل ڪوه جي پرسان اچي پهتو هيو. گهاٽن ڪبڙن هينان ٻِب اونداه ڪي ڏسي هڪ پيرو تہ سندس دل ۾ هٽ ڪتو ۽ هول پيدا ٿيو، پرعشق جي تقاضا ۽ وصل جي شديد آرزوڪيس اڳتي وڌڻ تي مجبور ڪري وڌو. هن کي فارسي جي اهو مشهور پهاڪو ياد آيو، تہ ’مرد بايد ڪہ هراسان نہ شود، مشڪلي نيست ڪہ آسان نہ شود‘ (مڙس ماڻهوءَ کي هرگز ڊڄڻ نہ گهرجي، دنيا ۾ڪا اهڙي مشڪل ناهي جيڪا آسان نہ ٿئي). پوءِ هن دل ٻڌي پهرين، ٻي ۽ ٽين وک کٽي مردِ ميدان ٻڌجي اندر گهڙيو. گهڙڻ شرط ڪاري ٻاٽ ڪيس ايئن وڪوڙي وئي، جيئن بڪايل اجگر، ڪنهن شڪار کي جهٽ هٽي سوگهو ڪري ڇڏي. ان ڪاري ٻاٽ ۾ هو گهٽو ٿڙيو ڦٿڙيو ۽ ڇڏا! ڇڏا! ڪندي هٿ پير هنيا، پر هن محسوس ڪيو تہ چڻ هو ڪنهن آهني شڪنجي ۾ اچي ويو آهي. ڪجھ دير تائين گهاٽن ڪبڙن هينان سندس پرپور مزاحمت ۽ ڪشمڪش جي ڪري چنگهڻ، سهڪڻ ۽ سڪل پنن جي ڪڙڪڻ جا آواز ٿيندا رهيا. جڏهن ڪيس فارسيءَ جي اها مشهور چوٽي ياد اچي وئي، ’آمدن بہ ارادت، رفتن بہ اجازت‘ تہ پوءِ هن جي اها مزاحمت بہ ختم ٿي وئي ...............

وڏي اَسر جو، جڏهن ڪبڙن جي اونداهي ڪيس اوڳاڇيو تہ استاد سعدالله جي ورڻ جو منظر باب السماءُ (تارن جي ميڙ) حيرت ۽ عجب وچان پئي تڪيو. استاد جي پيشاني عرق آلود ۽ دستار ڳچيءَ ۾ قاتل هئي. گوڏا رهڙيل ۽ جان ۾ رڦٽي هيس. هلندي هلندي پير پئي وچڙيس. مدرسي ڏانهن ورندي، خوف وچان پنتي شڪ پئي هنيائين..........

فجر جي نماز تي، رئيس جان محمد، استاد سعد الله کي غير حاضر ڏٺو، تہ ڪيس ڪجھ

اُٺ جُهڻ تي پئي. رئيس سوچيو، شايد گهٽي پڙهڻ ۽ پڙهائڻ ڪري ڪيس گهري ننڍ اچي وئي آ يا وري سندس دشمنن جي طبعيت ناساز آهي. نماز ڪان پوءِ اندر جي اُڌڪي کي ختم ڪرڻ لاءِ رئيس جان محمد اتي اچي، سندس ڪمري ۾ جهاتي هنئين: ڏنائين تہ ڪاريءَ وارا ڪک، نہ استاد نہ استاد جو سامان. البت هڪ چٺي تڏي تي، سندس هٿ اکرن سان پئي هئي. هن ڪٺي پڙهي، جنهن تي لکيل هو:

”الحاج رئيس جان محمد،

السلام عليڪم!

خيريت طرفين مطلوب

مطلب احوال تہ، آءٌ پنهنجي وطن وڃان پيو. افسوس، جو اوهان جي ملڪ ۾ جالي نہ سگهيس. ڳالهايو ٻولهايو بخشجو.

خيرانديش

استاد سعد الله خان.“

الحاج رئيس جان محمد جا تاڪ لڳي ويا. ڪيس سمجهہ ۾ ڪجهہ بہ نہ آيو تہ آخر سبب ڪهڙو هيو، جو نہ موڪلائڻ نہ توڪلائڻ، ائين الله توهر!؟.........................

# اسرندڙ زندگي نسرندڙ پيڙا

”ياسمين!... يا!.... سي!“
”پريزنٽ ميڊم!“، هڪ ڇوڪري پنئين بئنچ تان ڪچي ننڊ مان ڇرڪ ڀريندي چيو. ڪلاس ۾ وينل سڀ ڇوڪريون کلڻ لڳيون.
”هي پڙهين جو گهر ناهي... نهي ويهه!.... حساب سمجهيئه؟“، ڪلاس ٽيچر دڙڪو ڏيندي پڇيس.
” جي !...مِس!؟ “، هن ها ۽ نه جي وچ واري ورندي ڏني.
”ٻڌاءِ؟“
هوءَ اباتجي بيهي رهي. سندس چوري پڪڙجي پئي. ذهني طور سزا کائڻ لاءِ تيا ٿي وئي، ته اوچتو رسيس جو گهنڊ وڳو. سڀئي ڇوڪريون رڙيون ۽ سنهيون چيٽاڪون ڪنديون، ڪلاس روم مان نڪري ويون. ڪلاس ٽيچر به چاڪ جو آخري ٽوٽو خار مان اڇلي ٻاهر هلي وئي. هوءَ ڊيسڪ تي ويٺي رهي ۽ اندر ئي اندر ۾ اُبرڻ لڳي:
”ياسمين ته مهنجو جڻ نالو ئي ناهي... هتي به ياسي ... پاڙي ۾ به ياسي... گهر ۾ به ياسي ... شڪر ٿيو اهو نياڳو گهنڊ وڳو، نه ته مار پڪي هئي، اڄ!... ڇا ڪري ها، مِس وڌ ۾ وڌ به چاٽا يا چوٽيءَ کان ڇڪ؟.... هونئن به هاڻي مار کائي پڪي ٿي وئي آهيان..... ڪڏهن فيءَ تي مار، ڪڏهن ڪتابن تي، ته ڪڏهن هوم ورڪ تي... اهي حساب ته ماريا سمجهه ۾ اچن ئي ڪونه ٿا.“
ياسمين بورڊ کي گهورڻ شروع ڪيو، جنهن تي لکيل هيو:
وراثتي سرشتو
هڪ ماڻهو پنهنجي وفات تي٣٥٠٠٠ روپيا ملڪيت ڇڏي. وارثن ۾ هڪ زال، هڪ پٽ ۽ ٻه نياڻيون ڇڏيائين. جيڪڏهن زال کي ٨/١ حصو ۽ پٽ کي ڌيءَ کان ٻيڻو حصو ملي ٿو، ته هر هڪ جو حصو لهو.
هن جي چپن تي طنزيه مشڪ اچي وئي. هوءَ وري ڊبرڻ لڳي:
”ڪنهن کي ڪهڙو متي ۾ سور پيو آ، جو اهڙا حساب ويهي پيجي... پلي اهي پيجن جن جا پيئر هجن شاهوڪار، آفيسر، دوڪاندار،سيٺ.... منهنجو پيءُ ته هيروئني آ... اسان کي ته گهر ۾ ڪجهه به ڪونهي .... اسان ته رهندا به اوڌر تي ناني ملان وارن جي جاءِ ۾

آهيون... “
ياسمين گهرو ٺٺو ساهہ کڻي آرس ڀڳو. اندر جي ٻاڦ ذهن جي بند ٿيل کُنيءَ جي ڍڪڻ سان ڄڻ ٽڪرائجڻ لڳي:
”ڏاڍي ٿڪجي پوان ٿي، نہ ڏينهن جو ننڊ، نہ رات جو ... ڪلاس ۾ ننڊ نہ ڪندس تہ ٻيو ڪاٿي ڪندس؟..... اسڪول کان پوءِ ڇٻي مٿي تي، سٺو گهٽيءَ ۾،پوءِ هوڪا شروع: ٽافيون وٺو! سگُر وٺو!..... ڪاڪا دوڪاندار تہ اهڙا ساڙ سڙيا، جو دڪانن جي پر ۾ ويهڻ ئي نہ ڏين... ويهان بہ وڃي گٽر جي مٿان... پاڙي جا ڇورا اهڙا حرامي ۽ بي شرم جو هاسڪار نڪاءُ ڪٽي گٽر ۾ پيند ڪرائن، سڄيون ٽافيون ۽ پاپڙ خراب.....امان چوندي آ، ڇوري! تون هاٽي ڪني تي پئين آ، گاريون تي ڪدين... پلا جيڪي ڇوڪريون گهٽين ۾ شيون وڪڻنديون، اهي گاريون نہ سکنديون تہ قرآن پڙهنديون!؟ .... انهن گارين سان تہ ڇورن ڪي سٺو ڪندي آهيان. اهڙا ڪنا، ذليل، جو هڪڙي ڏينهن ناليءَ مان ڏيڏر ڪڍي منهنجي ڇٻيءَ ۾ ڪٽي اڇليون: مان تہ پوءَ کان وٺي پڳس گهٽيءَ ۾ ... موٽيم تہ هڪڙ ڪٽمنڙو بہ ڪونہ، هڪڙي ٽافي بہ ڪو نہ .. گهر جي موچڙن جي پوءَ کان اهڙيون اهڙيون تہ ڪچيون گاريون ڏنيون مانِ، جو سڄي گهٽي ڪٽي مٿي تي ڪنيم .تڏهن وڃي دوڪانن تي ٻيئنل ڪاڪن، ڏانئڻ کان پادر هٽي شيءِ موٽرائي ڏني... توبهن! الله جو ڏوهہ بہ نٿو ٿين، ويچارن ڏيڏرن کي ڪڍي انهن کي سروٽا هٽندا آهن... منهنجي ناني مليا‌ٽي چوندي آ، جيڪو ڏيڏرن کي ماريندو، تنهنجي مينهن ٿيي پوندي آ، پر جن کي مينهن ئي نہ هجي تہ پوءِ!؟....“
هن ٺٺو ساهہ کڻي بورڊ تان نظرون هٽائيندي، منهن تي آيل پگهر کي مٿي تي رکيل ميرانجهڙي لينگهڙيءَ سان اگهندي پڪي ڏانهن ڏٺو، جيڪو وچ تي قرڙات ڪري هلي رهيو هيو. هن پکي تي ڳالهائڻ شروع ڪيو:
”مون کي تہ اهو ٻاهہ لڳو پکو لڳي ئي نہ ٿو ... پنين بئنچن وارين غريب ڇوڪرين کي اهو پکو ڪاڏهن لڳندو؟.... مان تہ وري جڏي بہ آهيان، تہ ڏُڏي بہ ... پڙهان بہ تہ ڪيئن پڙهان، هجي واندڪائي تہ پڙهان بہ نہ؟ .... سچ لتي جو شيءِ وڪٽي گهر موٽان تہ امان جا دڙڪا، اڄ وري گهٽ پئسا؟.... جڏهن ڇِتي تي چوندي آهيانس، پلا ان ۾ منهنجو ڪهڙو ڏوهہ ، ٻار شيون وٺن بہ تہ نہ !؟.... تڏهن وڃي بس ڪندي آ........اڃا اهوڪم ڪٽي تہ چون ، تہ فلاڻن جي گهران الله ناڻ‌ءَ جي ماني وٺي اچ!.... ماني اڃا مس وٺي اچان تہ چون، هوٽل تان ادڙي لاءِ ڪير وٺي اچ! ....جيستائين ڪاڪو هوٽل وارو ڪير ڏيندو آ، تي وي ڏسي

وڻندي آهيان ... هڪڙي ڏينهن خبرن واري ڪاڪي ٽي وي ۾ اهڙا ڪوڙ هنيا، اهڙا ڪوڙ هنيا، جو الا منهنجي توبهن!.... چئي پيو، بہ ٽي منڻ پوليس وارن هيروئن پڪڙي آ....سڀ ڪوڙ!.... اسان جي پاڙي ۾ ڪاڪو پوليس وارو پاڻ هيروئن وڪڻندو آ، تہ پيئندو بہ آ!..... امان ٻڌائيندي آ ،تنهنجي پيءُ کي بہ ان مئي ڪري خراب ڪيو، نہ تہ سرڪاري آفيس ۾ چڱي ڀلي پٽيوالي ڪندو هيو.... مون کي تہ ٽي وي ۾ خبرن واري مائي ڏاڍي وڻندي آ... ڪنن ۾ ڪيڏا نہ سنا والا پيل هوندا اٿس!.... مان بہ وڏي ٿي ٽي وي واري مائي ٿيندس!....خبرون پڙهندي هر هر مرڪندس...... پر امان چوندي آهي، تہ چوري تون وڏي ٿي ماسترياڻي ٿجانءِ، پنهنجو پيٽ تہ چڱيءَ طرح پالجانءِ...... پر هرويرو بہ ماسترياڻي چو ٿيان ؟چو غريب ٻارن کي چپاٽون هڻان، ٻئنچن تي بيهاريان، ڀِٽان جهليان؟ ....... تڏهن تہ ان ڏينهن هڪڙي مِس ٻي مِس کي چيو پئي، الائي ٻارن جون ڀِٽان ٿيون لڳن، جو شادي ئي نٿي ٿئي... پر جي ماسترياڻي ٿيس بہ سهي، تہ عربي ٽيچر ٿيندس. بس ان وانگر ننڊ ڪندس، رڳو ننڊ!......“

ياسمين کي ڪليل دريءَ مان آيل ٻاهرين هوا جي جهُلڪي ڪجھ فرحت ڏني، تہ ٿورو اٿي دريءَ مان آرسيلن نيٽن سان جهاتي پائي ڏٺائين: ٻاهر ڪجھ ڇوڪريون شيون ڪائي ۽ ڪي راند ڪري رهيون هيون. انهن کي ڏسندي ڪيس پنهنجيون مجبوريون آڏو اچڻ لڳيون:

”مان تہ انهن مئين سان ڪيڏي بہ نہ ٿي سگهان، ڪيڏان تہ چونپل ڇڃڻ جو پئو ... انهن ڏانٽين کي تہ بوٽ هن نہ !..... اڳي دفعي جڏهن نپي راند ڪندي هڪڙي چونپل جي ڪهي ڇجي پئي هئي، تہ امان هڏ گڏ پچي ڇڏيا هئا.. نہ ڪنهن سان ڪيڏي ٿي سگهان ، نہ ڪجھ خرچي ٿي سگهان.... اهي ڇوريون اهڙيون چٽيون آهن، جو پرسان بيهانِ تہ چون، آئي اَٿوَ هيروئني جي ڌيءَ ... دل ۾ چوندي آهيان، الله هيروئني ڪيو اٿس، ڪو توهان ڪيو ٿس يا توهان جي پيءُ ڪيو اٿس!.....“

ياسمين وري اچي پنهنجي ڊيسڪ تي ويٺي ۽ پاڻ تي سوچڻ لڳي:

”منهنجي دل بہ الائي ڪيئن آ، الائي ڪهڙيون ڪهڙيون ڳالهيون سوچيندي آ!؟... اهڙا اهڙا سوال ڪندي آ.... مثال الله ڪنهن کي هيروئني چو ٿو ڪري، تہ ڪنهن کي آفيسر، تہ ڪنهن کي شاهوڪار،تہ ڪنهن کي صفا غريب!؟..... مان اها ڳالهہ هڪ دفعي ناني ملياڻي کان پڇي هئي، تہ نڪ کي موڙو ڏيندي چيائين، الائي مائي؟ ... پوءِ ٻيو سوال ڪيومانس تہ پوءِ ڀلا الله قيامت ۾ پڇاڻو چو ٿو ڪري؟ .... تہ چيائين ڌيءُ ڌڻ اهڙا

سوال نہ ڪندي آهي ... پڇيو مانس، چو؟.....تہ چيائين، ماڻهو ڪافر تي ويندو آهي..... پڇيومانس، ڪافر ڀلا شاهوڪار ٿيندا آهن؟.... چيائين ها!.... مون چيو، پوءِ مان بہ ڪافر ٿيندس! ... مون کي ڪٺي گهروڙي بجو ڏيندي چيائين، هي تہ وٺُ! ...مون کي اها ڳالهہ سمجهہ ۾ ناهي ايندي، تہ وڏا پنهنجن ٻارن کي هرويرو ٻُجا ڇو ڏيندا آهن؟.... ان ڪري تہ جيئن اهي پاڻ کان ننڍن کي ڏين ... تڏهن تہ مان بہ پنهنجي ننڍي ڀيڻ عابيءَ کي منهن سان لائي بجا ڏيندي آهيان ... آهي بہ ترڙ نياڳي ندوري... چانهہ تي ڪروڌ، مانيءَ تي ڪروڌ... پيٽر آ، پيٽر! ... امان چوندي آ تہ سندس پيٽ ۾ ڪينئان آهن... سڄي رات مون کي بہ ننڊ ڪرڻ ناهي ڏيندي.... ڏانئڻ وني دانهون ڪندي آهي، تہ کٽ تي ڪوليون چڙهي آيون آهن. سڪل ۽ سنهيون ڪوليون اهڙا تہ چڪ پائينديون آهن، جو جسم تي ربڙ ٿي پوندا آهن. ڀلا اهي ڪِوليون شاهوڪارن جي گهرن ۾ ڇو نہ ٿيون وڃن؟........ پر شاهوڪارن جي گهرن ۾ بہ تہ شاهوڪار ڪِوليون رهنديون هونديون. اُهي ڪِوليون تہ اهڙين سڄين ڪِولين کي پنهنجن ٻرن جي درن تي بيهڻ بہ نہ ڇڏينديون هونديون، جيئن اسان جا شاهوڪار مائٽ اسان کي ڏسي پنهنجا در بند ڪري ڇڏيندا آهن. ... بکين جي گهرن ۾ تہ ڪِوليون بہ بکيون، تہ مچر بہ بکيا، تہ ڪرڙيون بہ بکيون، تہ سڀ بکيا!....“

ياسمين جو ڌيان هٽي ان ڇوڪريءَ ڏانهن تي ويو، جيڪا رسيس بند ٿيڻ کان اڳ ڪلاس ۾ داخل ٿي هئي. ان کي ڏسي دل ئي دل ۾ تبصرو ڪرڻ شروع ڪري ڏنائين:

”آئي، ٿاپا ڪائي، سلمان سِڪٽي!.... غريب موچيءَ جي ڌيءَ ... ليپي ڪيسي ۾ روپيو بہ ڪونہ .... ٻيون ڪائينديون هونديون، هيءَ پئي ڏسندي ۽ سڪندي ...... شرم بہ ڪو نہ ٿو اچيس ... مان تہ چوندي آهيان، ائين روز روز سِڪي مرڻ کان ماڻهو هڪ دفعو مري وڃي تہ ڇگو آ... الله ڪري، تہ مان بہ جلدي مري وڃان، تہ جيئن منهنجو روح بہ اڏامي!.... پر اڏامندو الائي ڪيئن؟... الائي لغڙ وانگر!؟... الائي هوائي جهاز وانگر ؟..... الائي ڪانوَ يا ڪبوتر وانگر.... جيئن بہ اڏامي، منهنجو روح تہ شهر جا چڪر هٽي، بيڪرين مان پيسٽريون کڻي ڪائي ، باغن جي گسڪٽين تي گسڪي، جهولن تي مزا وٺي پوءِ مٿي ويندو .... آسمان تي بہ ڪائڻ لاءِ ڪجهہ هجي الائي نہ !؟....“

سلمان تي تبصرو ڪندي ،ياسمين روحن بابت سوچڻ لڳي:

”ان ڏينهن امان چئي پئي، تہ روحن کي بک ناهي لڳندي .... نہ لڳي تہ پوءِ الله جي ماني، مئن جي نالي تي ماڻهو ڇو ڏيندا آهن ؟....ڀلا روحن ويچارن کي جو آسمان تي ڪجهہ نہ ملندو هوندو، تڏهن تہ بک ۾ نيهان ڪائي هيٺ لهي ايندا هوندا نہ!؟ ... مون کي تہ هاٽي

پنھنجي بڪئي پيءَ ڪان ڏاڍو پيئو ٿيندو آھي،روزانو چتائي پيو ڏسندو آھي.... ھڪڙي دفعي امان چيس، ياسي، ھاڻي چھون تي پڙھي ؛ جاڻ اُڏي ساماڻي، ڪيئن شيءِ وڪڻڻ لاءِ ٻاھر ويھاريانس؟.. تون ويھندو ڪر!...تہ موت ۾ چيائين، رڳو اُره انبورجنس تہ پئسن تي وڪڻندو مانس...رنگ ۽ نقش سنا ٿس، پلو اگھُ ڪندي!.....پوءِ تہ امان ڏاڍيون گاريون ڏنس،نہ چڙيائينس نندي ۽ وڏي.....چا واقعي مون ڪي بہ پنھنجو پيءُ ائين وڪڻندو، جيئن مان ٿافيون ۽ پاپڙ وڪڻندي آھيان؟..... پوءِ ماڻھو مون ڪي بہ پاپڙن ۽ ٿافين وانگر چٻاڙي ڪائي ويندا!؟............................“

گھنڊ لڳڻ سان رسيس ختم ٿي، چوڪريون پڄنديون اچي ڪلاس روم ۾ وينيون. سندن جسم مان نڪرندڙ پگھر بانس ۽ واتن مان نڪرندڙ چولن، چاٽن، ٿافين جي گڏيل خوشبوءِ سڄي ڪلاس ۾ پکڙجي وئي. آھستي آھستي ياسمين جي اکين جا ڇپر ڳرا ٿيندا ويا ۽ ھوءَ جھوٽڻ لڳي.

# ڪلچرل ڪهاڻي جو جائزو

## چندر ڪيسواڻي

انفرميشن ايج جي اڄوڪي دور جتي سماج اندر رهڻي ڪهڻي جي ڍنگ ۽ روين ۾ تيزي سان تبديلي آندي آهي. تتي ترقي پذيري ۽ وسعتن جي اثرن سماج جيان ادب جي مختلف صنفن، فارميٽ ۽ اظهار جي ڏانءُ کي بہ توڙي تبديلي واري اڻ تر دور مان گذارڻ شروع ڪيو آهي. ماضي واري روايت جي پاسيداريءَ ۾ تخليق ٿيندڙ سنڌي ڪهاڻي، جيڪا فن ۽ موضوع جي بنياد تي اڪثر ڪهاڻيڪار هٿان يڪسانيت ۽ ورجاءُ جو شڪار ٿي آهي. اڄوڪي دور جي خاصيتن ۽ سرگرمي ۾ گهٽو پنتي رهجي ويئي آهي. پراڻي ڪهاڻي جو فارميٽ ۽ تاجي پيتو چتاپيتي جي اڄوڪي دور ۾ ڪو گهٽو ڪارگر نہ رهيو آهي. ان جي پيٽ ۾ اڄوڪي سرجندڙ مختصر سنڌي ڪهاڻي فن ۽ فڪر جي علمي تجربن، ٽيڪنڪ توڻي اسلوب جي بنياد تي سرجندڙ نئين ڪهاڻي جي طور تي آڏو آئي آهي، جيڪا نوجوان ڪهاڻيڪار هٿان موضوع توڻي اٽت جي ٿيندڙ نون تجربن وسيلي گهٽو اڳتي نڪري ويئي آهي. نوجوان ڪهاڻيڪار پنهنجي غير معمولي تخليقي انفراديت کي نئين ڪهاڻي جي تت ۾ شامل ڪيو آهي. جنهنڪري هي صنف مشاهداتي سگهہ ۽ موضوعاتي نواڻ جو اهڃاڻ هوندي، پنهنجي وقت ۽ ماحول سان سلهاڙيل، عصري شعور جي هڪ وڏي ڪئنواس تي پکڙجي ويئي آهي. نئين ٿهيءَ جي نوجوان ڪهاڻيڪار نہ رڳو زندگي جي تبديل ٿيندڙ حقيقتن ۽ مصروفيتن، تجربن جو ڪهاڻي اندر ادراڪ ڪيو آهي. پر سماج جي گوناگون مسئلن، رواج ۽ ڪيفيتن سان جڙندڙ موضوع ۽ ڪردار ڪٽي ڪهاڻين ۾ وائڪا ڪيا آهن. اهوئي سبب آهي جو معروضي ماحول جي پس منظر ۾ تخليق ٿيندڙ نئين ڪهاڻي پنهنجي پر ۾ اڄوڪين تقاضائن جي گهرج پٽاندڙ زندگي جي طرفداري واري رويي کي نمايان ڪندي نظر ٿي اچي. زندگي جي پرجهلو روين ۽ سرگرمي واريون اهڙيون ئي ڪي ڪهاڻيون نوجوان ڪهاڻيڪار ”منظور ڪوهيار“ جي ڪهاڻي ڪتاب ”سچ لهڻ ڪانپوءِ بہ ....“ ۾ پڻ ملن ٿيون. جيتوڻيڪ منظور جي ڪتاب ۾ آيل هي ڪهاڻيون سندس شروعاتي مشق جو حصو آهن. پر هن پنهنجي پر ۾ ڪهاڻين اندر سادگي ۽ سچائي جو احساس وڏي

خصوصيتن سان اوتيو آهي. هن پنهنجن ڪهاڻين جو بنياد واقعن ۽ خيال جي زور تي اڏيو آهي. جنهنڪري هن پاڻ جيڪو تاثر معاشري جي جاري زندگي مان ماڻيو آهي. اهو جيئن جو تيئن پڙهندڙ جي اندر تائين لاهڻ ۾ بہ ڪامياب ٿيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو زندگي کي گهرائي سان ڏسڻ، سمجهڻ ۽ چيد ڪرڻ جو فڪري رويو هن جي ڪهاڻين ۾ نمايان ادبي قدر جي طور تي اڀري آيو آهي. توڙي جو ڪتاب جون ڪيتريون ڪهاڻيون پنهنجي اٽت، موضوع توڙي ٽيڪنڪ جي آڌار تي روايتي سانچن ۾ فٽ ٿيل نظر اچن ٿيون. پر بدحالي، ظلم ۽ جبر هٿان ستيل هيٺين وچولي طبقي جي ڪردارن جي اپاريل شڪلين وسيلي، هو پنهنجي ڪهاڻين اندر جدت ۽ نواڻ جون شخصي ڪوششون ڪندي ضرور نظر اچي ٿو. هن جا سوڍو، سچيڏنو، ميرو ۽ سومر جهڙا تخليق ڪيل تاثراتي ڪردار نهايت ڪرا ۽ بي جوڙ ڪردار آهن. جيڪي زندگي جي مختلف وکريل روين جو عڪس هوندي ڪهاڻين اندر موضوعاتي وسعت جو ڪارڻ بہ بڻيا آهن. منظور پنهنجي ڪجهہ ڪهاڻين ۾ ڪن نون موضوعن کي بہ ڇهيو آهي. سندس ڪهاڻين ”ساڏ“، ”ناستڪ“ ۽ ”سچ لهڻ ڪان پوءِ بہ“ جا مرڪزي خيال ۽ موضوع اڇوتا هوندي اڳ ڪڏهن سنڌي ڪهاڻي جو حصو نہ بڻيا آهن. هن جون ڪهاڻيون سنڌيت جي پس منظر ۾ پيدا ٿيندڙ ثقافتي موضوعن وسيلي وڏي دردمندي، گهرائي ۽ اتساه سان سرججي آڏو آيون آهن. هن پنهنجي ڪهاڻين ۾ نيٺ اترئين لهجي، چوڻين ۽ پهاڪن جو بہ شاندار استعمال ڪيو آهي، جنهن ڪري هر ڪهاڻي فطري انداز ۾ پنهنجي ماحول ۽ ٻولي سان سلهاڙجي بيان ٿي آهي.

ڪتاب جي پهرين ڪهاڻي” عالي جناب جو استقبال“ گهڻي سادي ۽ بيانيہ انداز ۾ لکيل ڪهاڻي آهي. ڪهاڻي جو پلاٽ سنڌ اندر اينگهجندڙ اهو سياسي ڪلچر آهي. جنهن وسيلي بيوس ماڻهن کي ٻاندي بڻائي سياسي جلسن ۾ آندو ويندو آهي. ڪهاڻي جو هي پلاٽ سياسي ڪلچر ۽ عوام جي سوچ وچ ۾ پيدا ٿيل وٿي جي نقطي تي جڙيو آهي. ڪهاڻي ۾ رياستي ڏاڍ ۽ دٻاءُ کي طنز وسيلي وائکو ڪيو ويو آهي. منظور ڪهاڻي ۾ هڪ هنڌ ميونسپالٽي وارن ڀنگين کي پگهار نہ ملڻ ڪري سندن ممڪن نتيجن کي وائکو ڪندي لکي ٿو تہ” پورت لاءِ عورتن کي شهر جي شريف ۽ لفنگن سان بغير امتياز جي واسطو رکڻو پوندو“ جيتوڻيڪ ڪهاڻي اندر ڪردار نتيجو پڙهندڙ پاڻ اخذ ڪندو آهي. پر Between The Lines حالتن جي ردعمل ڪري پلاٽ اندر جڙندڙ ”بين السطور“

هن ڪهاڻي ۾ ڪهاڻيڪار پاڻ اهڙي نتيجي طرف اشارو ڪري غير ضروري وڏاءَ کان ڪم ورتو آهي. جنهن ڪري ڪهاڻي جي فني دلچسپي متاثر ٿي آهي. ڪهاڻي جا هڙيئي ڪردار ڪهاڻيڪار جي ڏنل هڪ نہ ٻئي تشبيهن واري اجائي ردعمل جو شڪار بہ ٿيا آهن. جنهنڪري انهن جي فطري بيهڪ ۽ ڪرائپ گهٽي متاثر ٿي آهي. پر ڪهاڻي جو لهجو بہ وڏاءُ جو شڪار ٿي ويو آهي. ڪهاڻي "انصاف" ريئلسٽڪ اپيروچ رکندڙ پُر اثر ڪهاڻي آهي. جيڪا وڏيرڪي سماج جي روايتي جڪڙ ۾ بي وسي تي وَس وارن جي زور جو ڏس ڏيئي ٿي. هنري مشاهدي جي زور تي لکيل هن ڪهاڻي جا ڪردار ۽ پلاٽ پنهنجي پَر ۾ چٽا ۽ فني وزن رکندڙ آهن. جيڪي ڪهاڻيڪار جي ڳوناڻي زندگي سان عملي ويجهڙائپ جو ڏس ڏين ٿا. مختصر فريم ۾ لکيل هي ڪهاڻي سنڌي جي شاهڪار ڪهاڻي آهي. ڪهاڻي "آمين ثم آمين" دعائن جي ٻڻ بنياد ۽ تاريخ بابت لکيل احوال آهي. جيڪو ڪهاڻي جي فن توڻي جوڙجڪ جي ابتڙ فقط نثري ڪالم جي خاصيت رکي ٿو. ڪهاڻيڪار هن ڪهاڻي ۾ پنهنجي مرضي پٽاندڙ سوچ ۽ نڪتہ نظر کي ترجيح ڏيندي ڏگهن جملن ۾ گهٽي منجهائيندڙ تمهيد ٻڌي آهي. جنهنڪري ڪهاڻي جو فني پوراءُ مرڪزي خيال، ڪردارن جو وجود ۽ چرپر ناپيد هوندي پورو مواد ڳورو ٻڌجي پيو آهي.

ڪهاڻي "ساڃ" ڪلچرل پس منظر رکندڙ هڪ انوکي ۽ شاندار ڪهاڻي آهي. جيڪا عام ماڻهو اندر ڌرمي عقيدي جي پس منظر ۾ ٿيندڙ نڳي، تضاد ۽ موقعي پرستي ڪري پيدا ٿيندڙ ذهني اذيت ۽ ڪشمڪش جي پس منظر ۾ لکي ويئي آهي. اوڏن جي وسندي مان ڦٽندڙ هن ڪهاڻي جو ماحول، ڊائيلاگ ۽ منظر وڏي فن ۽ ڪريگري وسيلي اٽيا ويا آهن. ڪهاڻي جو مرڪزي ڪردار هڪ ڏوهاري اوڏ "سوڍو" آهي. جيڪو پيءُ جي مُئي پڄاڻان مذهبي رسمن جي پوراءُ واري تعليم ۽ سکيا کان متاثر ٿي، براين جي پر چڏي، وڃي چڱاين جي راه وٺي ٿو. ماضي ۾ براين جو انبار رکندڙ هي ڪردار ماضي جو حساب ڏيڻ بنا، فقط حال جي چڱاين وسيلي سماج اندر مڃتا ۽ قبوليت جي گهر ڪري ٿو. هو ماضي جي براين جي نتيجن کان بي پرواه پنهنجي سرگرمي کي جاري رکي ٿو. ماضي جي هڙني ڪيل سندس ڏوهن کان متاثر ماڻهن پاران ڌرم ۽ چڱاين جو واسطو وجهي ڪيس سچي ڪرايو وڃي ٿو. جنهنڪري هن جي زندگي ۾ ڏوهن جي باس ڪري پوڳنائن ۽ ڪشمڪش جو اڻ ڪٽ دٻاءُ شروع ٿي وڃي ٿو. هو ان دٻاءَ مان نجات ماڻڻ لاءِ چڱاين کي برحق سمجهڻ خاطر پنهنجي گرو ڏانهن وڃي ٿو. پر گرو موقعي پرستي جو ڏيک

ڏيندي ڏڪار وچان ڪيس ڪڍي چڏي ٿو. ڪردار (سوڍو) چڱائي جي رستي ڪي اجايو سمجهندي نراسائي جو شڪار ٿي غشي جي ور چڙهي وڃي ٿو. پوري ڪهاڻي ۾ اوڏن جي ثقافتي ٻولي، لاڳاپيل محاوري، چوڻين ۽ پهاڪن جو خوبصورت ۽ ڀي مثال استعمال ڪيو ويو آهي. ڪهاڻي جا هڙيئي ڪردار بيهڪ توڙي جوڙ جي حوالي سان حقيقي ماحول رکندڙ پختا ۽ اصلوڪي شڪل ۾ وائڪا ٿيا آهن. منظور جي هي ڪهاڻي سنڌي جي وڻندڙ ۽ فني ڪهاڻي آهي.

ڪتاب جي طويل ٽائيٽل ڪهاڻي "سچ لهڻ ڪان پوءِ بہ" لاجواب ڪهاڻي آهي. جيڪا موهن جي دڙي جي تهذيب ۽ تاريخ کي ٻي سمجهي ۽ اڻ ڄاڻائي سان ڊفائين ڪندڙ مختلف فڪري روين جي پس منظر ۾ لکي وئي آهي. ڪهاڻي ۾ تهذيبي تشريح جا مختلف فڪري رويا سماج جي مک ماڻهن جي سيگمينٽس وسيلي پڌرا ڪيا ويا آهن. جيڪي پنهنجي پر ۾ تهذيبي بي قدري ۽ لاتعلقي جو شڪار ٿيل آهن. ڪهاڻي جو مک ڪردار "سچيڏنو" دڙي ۽ استوپا جو نسبتن گهٽ پڙهيل پر ڏيرج وند سائيٽ اٽينڊنٽ آهي. جيڪو پاڻ دڙي جي بچاءُ ۽ تهذيبي شناس جي ڳٽتي ۾ ورتل آهي. ڪهاڻي جو هي ڪردار گهڻو باشعور آهي. جيڪو سنڌو جي ڪپ تي پيدا ٿيندڙ ڪلچرل اسپرٽ ڪٽي جوان ٿيو آهي. ڪردار موهن جي دڙي جي سندرتا ۽ ماضي جي ڪهاڻي پنهنجي ڏاڏي واتان سندس هنج ۾ ويهي ٻڌي آهي. ڪهاڻي پٽاندڙ جيڏو هيو شهر، تهڙا هيا ماڻهو منهن مهانڊي وارا، متان وري هيو راجا ڪوڏيو ۽ بختاور.... مونهين جي هاڪ هئي ديسن ڪان ماڻهو مونهين کي ڏسڻ ايندا هيا. سڌون پيا ڪندا هيا تہ شهر ۾ رهجي. شهر ۾ رهڻ لاءِ منٽ ميڙ ٿيندي هئي. جي پارت سفارش تي راءِ راضي ٿيس تہ پوءِ پلو ٿيو رهڻ واري جو. راڄ وارا ڪٽي جيءَ ۾ جايون ڏيندس. قوڙيون ڪري پيا گهر ٺهرائيندس. ڏنتي جو ڏٽي ڪندس. ڏسندي ڏسندي اهو بہ مونهي جو ٿي ويندو هيو ۽ مونهو ان جو....." موهن جي دڙي جي اجاڙ ۽ تباهي بابت ڪردار "سچيڏنو" ڏاڙيلن ۽ پوليس هٿان پنهنجي ڪچي جي گهرن جي تباهي پارن حالتن سان ڀيٽ ڪندي چوي ٿو تہ " متان ائين ٿيو هجي، انهي وقت بہ ڏاڍن ڏاڍ ڪيو هجي ۽ زوراورين."

سچيڏنو پنهنجي اهري آئيڊيل سوچ وسيلي موهن جي دڙي جي تباهي ۽ بربادي کي ڏسي ۽ سمجهي ٿو. ڪهاڻي اندر ڪيس اها تقاضا ڪندي ڏيکاريو ويو آهي تہ هر ايندڙ

ويندڙ سياح سندس ئي اک ۽ سوچ پٽاندڙ موهن جي دڙي کي ڏسي ۽ سمجهي. ڪهاڻيڪار دڙي تي ايندڙ سنڌي سماج جي مختلف حلقن جي چوندڊ ماڻهن جهڙوڪ استاد، ڪاليجي شاگرد، پوليس عملدار، عام ڳوناڻا، مذهبي عالم، بيوروڪريٽ ۽ جج وسيلي سندن نڪتہ نظر پٽاندڙ دڙي جي تباهي ۽ سيپتا واريون مختلف روايتون بيان ڪيون آهن. هر ماڻهو جي بيان ڪيل روايت پنهنجي زور تي بيٺل آهي.ڪردار سچيڏنو دڙي هي تباهي بابت پنهنجي خيال جي ابتڙ بيان ٽيبدڙ اهڙين ڪهاڻين ڪي ماڻهن جي اڻ ڄاڻائي، فڪري ابوجهائپ ۽ بي سمجهي سان پيٽي ٿو. پڙهيل ڳڙهيل پر بي شناس ماڻهن ۽ اڻ پڙهيل پر باشناس (سچيڏنو) ماڻهو وچ ۾ پنهنجي تهذيب بابت ڄاڻ ۽ قدرن جو اهو تضاد ئي هن ڪهاڻي جو مرڪزي احساس آهي. جيڪو سچيڏني وسيلي بي علمي ۽ جهالت وارن روين آڏو پختي شعور جي شڪل ۾ ڪڙو ڪيو ويو آهي. ڪهاڻي جو ڪلائمڪس ڪنهن روايتي تضاد يا تصوراتي ڪيفيت جي ابتڙ ڪردار جي جذبن جي تائيد واري تاثر، جنهن هيٺ ڪردار پنهنجي اندر جي سچائي ڳي عمل جي سچائي ۾ تبديل ڪندي دڙي جي ناه نوڪ ۾ داٻن دڙڪن باوجود وري جنبي وجي ٿو، تي ٿئي ٿي. هي موضوعاتي حوالي سان سنڌي ڪهاڻي جو نرالو ۽ نئون ڍنگ آهي. جيڪو اثر ڇڏيندڙ احساس وسيلي گهڙيو ويو آهي. ڪهاڻي "ورجاءُ" هڪ پرتوٽائيپ ڪهاڻي آهي. جاڪا موضوع جي بنياد تي اڳ سنڌي ڪهاڻي اندر گهڻو ورجائجي چڪي آهي. ڪهاڻي جو مک ڪردار هڪ "عورت" آهي. جاڪي خاندان ۽ حالتن جي دٻاءُ تي وئيشيا بڻجي ويئي آهي. ڪهاڻي ۾ سندس اهڙي حالت جو ذميدار مڙس، پٽهس ۽ پٽ ڪي ڏيکاريو ويو آهي. جيڪي خانداني طور تي ان ڌنڌي سان واڳيل آهن. وئشيا پنهنجي اڪيلي ڌيءَ ڪي ان ڌنڌي کان پاسيرو رکڻ لاءِ گهڻا جتن ڪري ٿي. پر پٽ سندس غير حاضري ۾ پنهنجي ڀيڻ ڪي چڪلي تي چڙي ٿو اچي. ڪهاڻي ۾ مڪالمن، تشبيهن ۽ منظرن جو نهڪندڙ ۽ خوبصورت استعمال ڪيو ويو آهي. توٽي جو ڪهاڻي جو نئين ديسي ڍنگ ۽ ماحول ۾ لکيل آهي. پر ڪهاڻي جو انت يا پڄاڻي بنہ جڙتو ۽ روايتي انداز ۾ ڪئي پيئي آهي. جنهنڪري ڪهاڻي جو تاثر انت ۾ جهڪو ٿي، تصور ۽ روايت جي ور چڙهي ويو آهي. "ناستڪ" وزندار مشاهدي ۽ احساس جي زور تي لکيل ڪري ڪهاڻي آهي. جيڪا هندن جي سماج وهنوار ۽ نفسيات ۾ پاهي لکي پيئي آهي. ڪهاڻي جو ماحول موزون زبان، محاوري ۽ منظر نهاري وسيلي وڏي خوبصورتي سان اڏيو ويو آها. ڪهاڻيڪار حد درجي ڪمال تائين ان سوچ جي گهرائي ۽ تاجي پاتي ڪي وائڪو ڪيو

آهي. جيڪو هندن جي ڪرت ۽ ريتن رسمن جو بنيادي نقطو آهي. جاڻ ۽ لياقت جي وڏي تناسب سان لکيل منظور جي ها ڪهاڻي واقعي حقيقت نهاري جو هڪ شاهڪار مثال آهي. جنهن جو ماحول گروگرنٿ ۽ گيتا جي سلوڪن وسيليگهڻو دلچسپ ۽ وڻندڙ بڻجي پيو آهي. ڪهاڻي جو پورو مرڪزي خيال هڪ جيئري احساس جو نماءُ آهي. جيڪو پڙهندڙن جي اندر ڳي ڇهي ٿو.

سنڌ اندر لساني بنيادن تي پيدا ٿيل هاڻوڪي نسلي ورهاست سماجي طور تي گهڻو هاجو رسايو آهي. جنهنڪري رواجي ماڻهپو، شائستگي ۽ محبتن جا قدر نفرتن جي ور چڙهي وڃيئجي ويا آهن. نسلي ڇڪتاڻ جي ان ٻوهي ۾ ڪيترن ئي خاندانن ڪان سواءِ گهڻا سياڻا سيبتا ۽ هوشمند ماڻهو پڻ ٻري ويا آهن. ڪهاڻي ”سياڻن جي شهر ۾ پاڳل ماڻهو“ بہ ان ذهين نوجوان جي وارتا آهي. جيڪو پنهنجي سوچ ۽ ان جي تبليغ ڪري ڪراچي ۾ ماريو وڃي ٿو. ڪهاڻي جو هي ڪردار گهڻو پختو ۽ باشعور آهي. جيڪو ڪهاڻي ۾ هڪ هنڌ چوي ٿو تہ ” جڻ محبت جون حدون محدود ۽ نفرت جون حدون لا محدود ٿينديون ٿيون وڃن. ماڻهن خوابن جي واپارين جي چوڻ تي، پاڻ ڪي ڪوه مان ڪٽي ڪڏ ۾ اڇلڻ لاءِ آتا آهن. زندگي جي هر شعبي ۾ جڻ انتماعي خودڪشي پئي عئي. نفرت ڪنهن بي بها نسخي جيان آهي. جنهن جي ڪري نوجوان نسل جڻ سائنائيڊ زهر جهڙو موت مارنسل تي چڪو آهي. جنهن کي موت سان ايڏي محبت آهي. جيڏي ڪنهن کي زندگي سان هجي.“ هن ڪهاڻي جو پس منظر انساني رشتن جو احترام ۽ مجتا جي گهر ڪندڙ خيال آهي. جيڪو چڱين وسيلي ماڻهپي کي وڌائڻ جو حوصلو اپاري ٿو. ڪهاڻي اٽت توٽي اسلوب جي آڌار تي لکيل هڪ مڪمل ڪهاڻي آهي. پڇاڙڪي پونجي جي آسري ۾ ماءُ جي مرڻ واري انتظار جو خيال لوڪ ڪهاڻين جو پراڻو نصيحت آموز موضوع آهي. جيڪو اسانجي اڄوڪي قومي نفسيات جو نہ حصو بنجي چڪوآهي. ڪهاڻي ”وٺيل رئو“ ڳوناٽي نفسيات ۽ توهم پرستي جي اهڙي اظهار واري سادي ڪهاڻي آهي. جاڪا ماءُ جي موت بابت اولاد جي غير رواجي روين واري مرڪزي خيال تي ٻڌل آهي.

ڪهاڻي ”نئين راند“ ۽ ”زندگي“ محض پوراءُ ۾ لکيل ڪهاڻيون آهن جيڪي سوڙهي مرڪزي خيال ڪري فني طور تي مڪمل شڪل ۾ وائڪيون تي نہ سگهيون آهن. ٻنهي

ڪھاڻين جو ڪلائميڪس پنھنجي خيال سان فطري ڳانڍاپي بجاءِ ڪھاڻيڪار سان ڳنڍيل محسوس ٿئي ٿو. جنھن ڪري ڪھاڻين اندر پيدا ٿيندڙ ڪردارن جي مجموعي چرپر ۽ پس منظر وچائجي خيال کي محدود ڪرڻ جو ڪارڻ بڻيا آھن. ڪھاڻي ”ٽيون سبب“ ڪتاب جي منفرد ۽ پختي ڪھاڻي آھي. جيڪا خيال جي وھڪري واري ڪيفيت ۾ لکي ويئي آھي. ڪھاڻي پنھنجي ماحول سان سھڻن تشبيھن ۽ محاورن جي وسعت وسيلي جڙي بيان ٿي آھي.ڪھاڻي جو مرڪزي خيال مدرسي جو ماحول ۽ان سان لاڳاپيل استادن اندر پيدا ٿيندڙ جنسي لاڙن وارو مزاج آھي. جاڪو خوبصورت شاگردن تائين رسائي جي چڪ رکي ٿو. منظور جي ھي ڪھاڻي رواني ۾ ڪليل نھايت نفيس ۽ جيئري ڪھاڻي آھي. جيڪا پس منظر ۾ زندگي جي غيرصحتمند جنسي لاڙن کي طنزيہ انداز ۾ وائکو ڪري ٿي.

# تعارف

نالو: منظور حسين
ولديت: ولايت خان
قلمي نالو: منظور ڪوهيار
جنم ڀومي: لاهوري محلا لاڙڪاڻو
پيدائش جي تاريخ: ٢ جون ١٩٥۵
تعليم: ايم اي سوشيالاجي سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو
:ايل ايل بي گورنمينٽ لا ڪاليج لاڙڪاڻو
:پوسٽ گريجويٽ ڊپلوما اِن هائوسنگ، پلاننگ اينڊ بلڊنگ هالينڊ

**ڇپيل ڪتاب:**

١. سچ لهڻ ڪان پوءِ بہ (مختصر ڪهاڻين جو مجموعہ سال ١٩٩۵)
٢. فراق جي منزل (صوفي ڪهاڻين جو مجموعہ سال ٢٠٠٧)
٣. فڪر ڦرهي هٿ ۾ (تاريخي، سياسي ۽ سماجي ڪالم سال ٢٠٠٨)
۴. سچا ڪوڙا رشتہ (مختصر ڪهاڻين جو مجموعہ سال ٢٠٠٩)
۵. ڪي ڪي ماڻهو وديا ساگر (شخصي خاڪا ۽ تاثر سال ٢٠١٠)
٦. پئونرن جي انتظار ۾ (مختصر مختصر ڪهاڻيون سال ٢٠١٢)
٧. راڄ ڪرتهہ (اسٽيج آرٽ ڊرامہ سال ٢٠١٣)

لکيل ٽي وي ڊرامہ

١. ”تپش“ ڊرامہ سيريل (موضوع : معاشري ۾ اڻسهپ ۽ حسد جون اره زورايون) سال ٢٠٠٣، پيشڪش KTN
٢. ”رواج“ ڊرامہ سيريل (موضوع: ڳوٺاڻي سماج ۾ پراڻن رسمن ۽ رواجن ۾ ڦاٿل ماڻهو) سال ٢٠٠۴ پيشڪش KTN

٣. ”مسٽر سنڌي“ ڊرامہ سيريز (موضوع: ٻارن جي حوالي سان نصيحت آموزءِ سبق آموز نقطہ) سال ٢٠٠٤ پيشڪش KTN

٤. ”عالي ۽ لالي“ ڊرامہ سيريز (موضوع: سنڌ جي ماڻن، مڪانن، شهرن، درياهہ ۽ ثقافت تي ڊاڪومينٽري ڊرامہ) سال ٢٠٠٥ پيشڪش سنڌ ٽي وي چينل

٥. ”روش“ ڊرامہ سيريل (موضوع: پريمي جوڙن جي مسئلي تي طائرانہ نظر) سال ٢٠٠٥ پيشڪش KTN

٦. ”سياست“ ڊرامہ سيريل (موضوع: سياست جي نالي تي ٽيندڙ منفي روين ۽ ڏوهہ) سال ٢٠٠٦ پيشڪش سنڌ ٽي وي چينل.

٧. ”وفائون منتظر آهن“ ڊرامہ سيريل( موضوع: ڳوناڻي زندگيءَ جا عام مسئلا ۽ انهن ڪي حل ڪرڻ لاءِ مثبت ۽ منفي روين جي وچور)سال ٢٠٠٧ پيشڪش KTN

٨. ”ڪارا ڪڪر“ سوپ سيريل ( موضوع: جاگيردارانہ قدرن تحت ڏوهن جي سرپرستي ڪندڙڪردار ) ٢٠٠٨ پيشڪش KTN

٩. ”سچا ڪوڙا رشتہ“ سولو ڊرامہ (موضوع: ويجهن ۽ سڳن رشتن جي بي حسي) سال.......پيشڪش KTN

١٠. ”ريهرسل“ سولو ڊرامہ (موضوع: عام فنڪارن جا مسئلا ۽ پريشانيون.) سال..... پيشڪش KTN

١١. ”زندگي“ سولوڊرامہ (رشتن جي محبت ۽ قرباني وارا مثبت جذبا) سال...پيشڪش سنڌ ٽي وي چينل.

١٢. ”وٿيل رئو“ سولو ڊرامہ (خاندان ۾محبت، نفرت ۽ بيحسي جي رويا ۽ ايرندڙ احساس) سال..... پيشڪش سنڌ ٽي وي چينل.

## اسٽيج ڊراما

١ پريميڪا (پيشڪش ”مئسيج گروپ ۽ لبرل فورم لاڙڪاڻو“، سال ١٩٩٩ ii پيشڪش مئسيج گروپ ۽ هولي فيسٽوئل آرگنائيزر ايڊوڪيٽ ڪلپناديوي لاڙڪاڻو، هدايتڪار ممتاز ابڙو(٢٠٠١)

٢ بادشاھ سلامت (پيشڪش ”مئسيج گروپ ۽ لبرل فورم لاڙڪاڻو، هدايتڪار ممتاز ابڙو، سال ١٩٩٩)

٣ فرنگي (پيشڪش ”مئسيج گروپ ۽ لبرل فورم لاڙڪاڻو“، هدايتڪار ممتاز ابڙو، سال ١٩٩٩)

٤ ديسي حاڪم (پيشڪش ”مئسيج گروپ ۽ لبرل فورم لاڙڪاڻو“، هدايت ڪار ممتاز ابڙو، سال ١٩٩٩ )

٥ ريهرسل (پيشڪش” مئسيج گروپ لاڙڪاڻو“، هدايت ڪار ممتاز ابڙو سال ٢٠٠٢)

٦ آواز (پيپلز ڪلچرل ونگ لاڙڪاڻو، هدايتڪار ستار ڪهاوڙ، سال ٢١جون٢٠٠٦)

٧ نظريہ ضرورت (لکيل)

٨ سياسي سوداگر (لکيل)

٩ شاھ بهارو (لکيل)

١٠ پوجيہ راج (لکيل)

١١ جهڪر مها ڏاهو (لکيل )

١٢ رسمن جي انگاس تي (لکيل)